

شاهڪار لکڻين جي چونڊ

ماهوار

# ڪرزما

ڊائجسٽ

دميتري مينڊلف، ظفر ڪاظمي، انور پيرزادو

● شيطاني جنت ● هابيل ۽ قابيل ● جنت ارم ● مادام بوواري

امر جليل، حليم بروهي، ريٽا شهاڻي، الطاف شيخ، آسڪر وائلڊ، عمر خيام، شيخ اياز، حسن منصور

شاھڪار لکڻين جي چونڊ

ماهوار

# ڪرزما ڊائجسٽ

جلد ڇهون، شمارو اٺون، فيبروري 2007ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي)

ڊاڪٽر خالد نوراني

مئنيجنگ ڊائريڪٽر

ايس. لعل آهوجا

ايڊيٽر (اعزازي)

الطاف ملڪاڻي

ايڊيٽوريل بورڊ

عرفان نوراني　　سوڀجهرو سنڌي

مقصود قاضي　　ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ

ٽائيٽل ڊزائين : راڻو ميگهواڙ

ڪمپيوٽر لي آئوٽ : ساجن سنڌي

سورج پرنٽرس، 7- ربي چيمبر،
سامهون چائنيز ريسٽورينٽ، حيدرآباد
0333-2608528

پتو:

1. پوسٽ باڪس بر 2810، جنرل پوسٽ آفيس، ڪراچي
2. 507، برهاني سينٽر، فاران هوٽل جي سامهون، صدر، حيدرآباد
3. بنگلو نمبر D-121/B بلاڪ پنجون، ڪلفٽن ڪراچي

موبائيل: 0300-9370259، 0333-2745033

E.mail: krizamadigest@yahoo.com
Website: www.krizma.com.

قيمت : 30 روپيا

ساليانو في: 300 روپيا

هيءُ ڊائجسٽ پبلشر مير محمد نورانيءَ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

☆ پنهنجي پاران 13
☆ ڪرزما پوسٽ 14
☆ ٺهڪ ٺائير 18
☆ ڪتابن تي تبصرو 20
**جيون ڪٿا:**
☆ خالد بن وليد 21
ڊاڪٽر نور ناز جهتيال
**ڏيهي ادب:**
☆ جڏهن مان نہ هوندس 35
امر جليل
☆ مزاحيہ جنتري 66
حليم بروهي
☆ غائب 78
حسن منصور
☆ آتت جا گل 82
مشتاق پرڳڙي
☆ هڪ منظر 92
سليم چنا
☆ واهہ ڙي منهنجا نصيب واهہ!!! 95
عرفان نوراني
**پرڏيهي سنڌي ادب:**
☆ سپ منهنجو ڏوهہ 102
ريٽا شهاڻي
**پرڏيهي ادب:**
☆ آخرڪار 109
گبريل گارشيا مارڪيز / فاروق حسن
☆ ڏوهي 112
خشونت سنگهہ / محمد عامر
☆ دل ۽ دنيا 118
آسڪروائلڊ / نعيم شيخ

**سفرنامو:**
☆ دهليءَ جو درشن 125
الطاف شيخ
**سلسليوار ناول:**
☆ شيطاني جنت 144
ڊاڪٽر منظور ميمڻ
☆ هابيل ۽ قابيل 155
جيفري آرچر / نصر الله عباسي
**مذهبي شخصيت:**
☆ جنت اِرم 176
محبوب علي سمون
**پيراسائيڪولاجي:**
☆ موت جي مشاهدي جون حالتون 192
خالد نوراني
**تاريخ ساز شخصيت:**
☆ دميتري مينڊلف 210
☆ ظفر ڪاظميءَ جي وڇوڙي تي تاثرات 229
مرتب: سليم چنا
☆ هڪ شاعر: انور پيرزادو 239
☆ شاعري: 244
عمر خيام جون رباعيون،شيخ اياز، سيد پناھ شاھ، امين اڏيرائي، محبوب مصور سومرو، مير محمد نوتڪاڻي، سهيل جميل پٺو، مجيب سنڌي، غلام آدرش، راحم صديقي، ابوبڪر آزاد چنو، اظهر ٻانيڻ، واحد سوز ملاح، اختر علي ڪيريو
**تاريخي ناول:**
☆ مادام بوواري 253
گستاوُ فلوبيئر / گلزار علي ولياڻي

# پنهنجي نفرت کي برف تي لکو

"جيڪڏهن خدا مون کي ٻيهر زندگي ڏني ته مان جيڪي سوچيان ٿو، اهو چوڻ بدران جيڪي مان چوان ٿو، ان جي باري ۾ سوچيندس. مان ڪنهن به شيءِ جو قدر سندس قيمت سبب نه پر ان جي بامعنيٰ هئڻ سبب ڪندس. مان ننڊ ٿوري ڪندس ۽ اوجاڳي ۾ خواب لهندس ڇو ته مون ڄاتي ورتو آهي ته هر ان منٽ ۾ جڏهن اسين اکيون بند ڪيون ٿا ته اسين پورا سٺ سيڪنڊ روشني کان محروم رهون ٿا. جڏهن ٻيا بيهي رهندا، تڏهن به مان هلندو رهندس. جڏهن ٻيا سمهي پوندا، مان جاڳندو رهندس. جڏهن ٻيا ڳالهائيندا ته مان ٻڌندس، مان سٺا سٺا چاڪليٽ کائيندس. جيڪڏهن خدا مون کي ٻيهر زندگي ڏني ته مان سٺا سٺا ڪپڙا پائيندس. اُس جي تپش نه رڳو پنهنجي جسم پر پنهنجي روح تائين به پهچائيندس.

اي خدا! جڏهن مان غمگين ٿيندس ته پنهنجي نفرت کي برف تي لکندس ۽ سج اڀرڻ جو انتظار ڪندس ته جيئن برف سان گڏ منهنجي نفرت به پگهرجي پاڻيءَ ۾ وهي وڃي. مان وان گوگ (Van Gogh) وانگر تارن تي نظر لکندس ۽ چنڊ لاءِ پيار جا گيت ڳائيندس. مان پنهنجي ڳوڙهن سان گلابن جي آبياري ڪندس ۽ ڪنڊن جو درد ۽ گلابي پتين جو چهاءُ محسوس ڪندس. اي منهنجا خدا! مون کي ٻيهر زندگي ملي ته مان ڪوئي اهڙو ڏينهن نه گذاريندس جو مان ماڻهن کي اهو پيغام نه ڏيان ته مون کي انهن سان پيار آهي. مان هر مرد ۽ هر عورت کي ٻڌائيندس ته هو مون کي محبوب آهي. مان پيار سان پيار ڪندس. مان ماڻهن کي ٻڌائيندس ته هو اهو غلط ٿا سمجهن ته جڏهن هو پوڙها ٿي ٿا وڃن ته محبت نٿا ڪري سگهن. هو نٿا ڄاڻن ته جڏهن هو محبت ڪرڻ ڇڏي ٿا ڏين ته پوڙها ٿي ٿا وڃن.

مان ٻارن کي اڏامڻ لاءِ پَرَ ڏيندس ته جيئن هو پاڻ اڏامڻ جي ڪوشش ڪن. مان پوڙهن کي ٻڌائيندس ته موت پوڙهاپ سان نٿو اچي پر سڀ ڪجهه وسارڻ سان ٿو اچي.

اي انسان! مون توکان گهڻو ڪجهه سکيو آهي.

مون اهو سکيو آهي ته هرڪوئي جبل جي چوٽيءَ تي رهڻ چاهي ٿو ۽ اهو نٿو ڄاڻي ته اصل خوشي ان ڳالهه ۾ آهي ته ڪير چوٽيءَ تي پهچي ڪيئن ٿو. مون اهو به ڄاڻي ورتو آهي ته جڏهن ڪو نئون ڄاول ٻارُ پنهنجي پيءُ جي آڱر پڪڙي ٿو ته هو پنهنجي پيءُ کي هميشه لاءِ پنهنجي محبت ۾ قيد ڪري ڇڏي ٿو. مون اهو به ڄاتي ورتو آهي ته انسان کي هيٺ فقط ان وقت نهارڻ گهرجي جڏهن ڪيس ڪنهن ٻئي انسان کي مٿي اٿارڻو هجي.

اي انسانو! مون اوهان کان گهڻو ڪجهه سکيو آهي پر سچ اهو آهي ته جيڪڏهن مان اهو سڀ ڪجهه سيني ۾ سانڍي مري وڃان ته اهو بدقسمتي وارو موت هوندو."

(گارشيا مارڪيز جي الوداعي پيغام کي پنهنجي پاران طور پيش ڪري رهيا آهيون.)

ساٿ سلامت ـ سنڌ سلامت

# ڪرزما پوسٽ

■ ڪرزما جنوري 2007ع تي جڏهن منهنجي نظر پئي تہ حيران ٿي ويس. ايڏي وڏي تبديلي، سچ پچو تہ دل خوش ٿي وئي. ٽائيٽل پيج تي ڏنل تصوير جيڪا هڪ پينٽنگ هئي. تمام ڳهٽي دل کي وڻي. نئين اسٽائيل ۽ نئين سوچ سان نئين سال جي شروعات ۾ نڪتل ڪرزما ڏاڍو پسند آيو. منهنجي دعا آهي تہ شال ڪرزما لڪ ترقيون ڪري.

**- ايم جليس، ميرپورخاص**

■ ڪرزما جنوري 2007ع جي پرچي لاءِ ڏاڍو انتظار ڪيم. مس مس وڃي 22 جنوريءَ تي مليو. يقين ڪيو تہ طويل انتظار جا ٿڪ لهي ويا. ڇا تہ پينٽنگ ٽائيٽل پيج تي ڏنل هئي. دل خوش ٿي ويئي. جيڪر ان پينٽنگ جي جاءِ تي سنڌ جي عظيم ادبي ماڻهن جون تصويرون ڏنيون وڃن تہ اصل واهہ واهہ ٿي وڃي. هن ڀيري سيئي ڪهاڻيون لاجواب هيون. پر سڀ کان وڌيڪ مزو سنڌي ڪلاسڪ ادب جي ڪهاڻي محمد ڳاڏيءَ واري ڏنو. رقاصہ راڻي، ڪارل مارڪس، حضرت خالد بن وليد رضہ، حضرت يوشع عليہ الاسلام جي باري ۾ معلومات ڏيئي اوهان اسان جون دليون ڪٽي ورتيون آهن. هن دفعي شاعري بہ سٺي هئي. شال ڪرزما ائين ترقي ڪندو رهي.

**- ذوالفقار جعفر، سچل ڳوٺ ڪراچي**

■ ڪرزما ڊسمبر 2007ع جون سيئي ڪهاڻيون جاندار هيون. جن تمام ڳهٽو موهيو انهن ۾ امرجليل، ريٽاشاهاڻي، پرويز ۽ نرتن نوشاد شامل آهن. جن جون ڪهاڻيون پڙهي مزو اچي ٿو. ترجمي واريون ڪهاڻيون، ناول ۽ مذهبي ڪهاڻيون بہ شاندار ڏيندا آهيو. ان لاءِ ڪرزما سٽ کي مبارڪباد. **- ايس. نديم، ميرپورخاص**

■ ڪرزما جنوري 2007ع جو پرچو مليو. ڏاڍي حيرت ٿي. هيءُ پرچو مڪمل تبديل هو. مون کي سڀ کان وڌيڪ خوشي شاعريءَ واري سيڪشن کي ڏسي ڪري ٿي. شيخ اياز، علامہ اقبال جي ترجمو ڪيل شاعري، ريٽا شهاڻي، مارگريٽ واڪر جي شاعري واقعي لاجواب هئي.

**- ضمير گولائي، شهدادڪوٽ**

■ گذريل ڊسمبر واري ڪرزما پرچي ۾ تمام ڳهٽيون ترجمي واريون ڪهاڻيون ڏنيون ويون هيون. پر جنوري 2007ع ۾ ترجمي واريون ڪهاڻيون گهٽ هيون. نوان نوان ليکڪ ۽ ليکڪائون ڪرزما ۾ متعارف ٿي رهيا آهن. مان بہ اوهان کي پنهنجي ڪاوش "زندگي مون کي ماريو" موڪليان پيو اميد تہ شايع ڪندا.

**- حسين ٽيپو، دادو**

✍ ادا، توهان جي ڪهاڻي نثري ٽيم کي موڪلي ويئي آهي. معياري هوندي تہ ڇاپي ڇپجي ويندي. (ادارو)

■ ڪرزما جنوري 2007ع ۾، توهان ٽائيٽل جي بيڪ پيج تي ڪئلينڊر ڏيئي تمام ڀلو ڪم ڪيو آهي. توهان پاران ڏنل اهو ڪئلينڊر تحفي طور دوست کي

ڪنڌ پاسي ۾ جڳهه ضرور ڏيندا. ۽ ها ڪرزما جي تعريف ڪجي ته ان ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمي ڪانهه آهي، مشورو ضرور ضرور ڏيندس ته. هن ۾ شاعريءَ جا صفحا وڌايا وڃن ته اڃا بهتر ٿيندو. باقي سڀ سلسلا بهترين آهن. جيتري تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي، خاص ڪري پرڏيهي ادب وارو سلسلو ته پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

**امتياز حسين نوحپوٽو**

✍ ياءِ ڊائجسٽ کي پسند ڪرڻ لاءِ مهرباني. ادارو

■ جيئن ته ڪجهه مجبورين تحت مون آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر جا شمارا ڪونه ورتا هئا، جيڪي مون عيد جي ٽئين ڏينهن يعنيٰ 3 جنوري تي خريد ڪيا، وقت جي تنگي ڪارڻ اهي پڙهي به نه سگهيو آهيان بهرحال پهرين فرصت ۾ انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. في الحال پنهنجي ڪجهه شاعري موڪلي رهيو آهيان اميد ته هر دفعي وانگي هن دفعي به اسان لاءِ ڪرزما جا دروازا کليل هوندا، باقي هڪ ڪهاڻي تياريءَ هيٺ آهي. مڪمل ٿيڻ تي ضرور موڪليندس.

وقار احمد هانيي، جيڪب آباد.

■ مون جڏهن پهريون ڀيرو هاڪر جي پاڪر ۾ من موهيندڙ رسالو "ڪرزما" ڏٺو ته يڪدم تنهن کان معائني طور وٺي نظر ڦيرايم ته "ڪرزما" جي هر ڪنڌ، هر پاسو هر پنو، هر صفحو، هر جملو، ۽ هر اکر، پڙهڻ وڃان هو. مون ڪتاب جي گهريل قيمت ادا ڪري گهر اچي جڏهن مڪمل رسالو پڙهيو ته سچ پچو دل باغ بهار ٿي وئي هن ۾ سنيون، سنيون، لکڻيون پنهنجو مٽ پاڻ هيون، انهيءَ ڏينهن کان وٺي هيءُ منڙو رسالو هر مهيني وٺي پڙهندو آهيان. اميد ساري پهريون مواد ۽ خط لکي رهيو آهيان، اميد ته دل جي ڪنهن ڪنڌ ۾ جڳهه ڏيندا ته احسان ٿيندا.

**وفا سليم چنڊائي، سڄاول**

✍ ياءِ ڪرزما کي پسند ڪرڻ لاءِ مهرباني، مواد معياري هوندو ته ضرور شايع ڪبو. (ادارو)

■ آگسٽ کان وٺي مسلسل پنهنجي شاعري موڪليندو رهان ٿو، ڏک ٿو ٿئي جو هن وقت تائين ڪوبه شعر شايع نه ٿيو. صحيح ناهي جو هر مهيني ڊائجيسٽ هٿ ۾ هجيءِ پڙهندو رهان پر پنهنجي موڪليل شعرن کي ياد ڪري لڙڪ اگهندو رها.

**قلندر باجڪاڻي، ڪنڊڪوٽ**

✍ ياءِ توهان پنهنجي شاعري پرسان واري ڪنهن ڄاڻو ۽ سينيئر شاعر کان اصلاح ڪراءِ موڪليو ته بهتر ٿيندو.

**باقي دوستن جا نالا جن جا خط دير سان پهچڻ سبب شامل نه ٿي سگهيا.**

سارنگ علي سهتو، مخدوم بلاول دادو، منظور سولنگي لاڙڪاڻو، اختر رند ڪراچي، نجم حيدر، دوڙ نوابشاهه، شاهه مجيب احمداڻي گهوٽڪي، اصغر نائڪ ملتان، جميل احمد سرڪي جيڪب آباد، شفيق، فهيم ميمڻ هالا، احمد نواز ڦليلي حيدرآباد، ماجد ٿهيم جوهي، وفا شعار ميهڙ، هاشم پنهور خيرپورناٿن شاهه، حميد ابڙو ڪراچي، سهيل سمون حيدرآباد، خاڪن ابڙو شڪارپور ۽ ٻيا.

# ٽهڪ ٽائيم

☺ هڪ شخص سيلون تي ڏاڙهي لهرائي رهيو هو تہ هن حجام کان پڇيو تہ: ”ڀاءُ توهان ڪڏهن گڏهہ جي ڏاڙهي لاٿي آهي؟“

حجم جواب ڏنو تہ: ”پهريون ڀيرو لاهي رهيو آهيان.“

☺ هڪ همراهہ مٺائيءَ جي دڪان تي ويو. مٺائيءَ واري کي چيائين تہ: ”ڏهہ ڪلو گلاب جامن، جليبيون، رس گلا، برفي ۽ بوندي وغيره تور ۽ هاڻي انهن کي پوري مڪس ڪري پوءِ مون کي هڪ رپئي جي ڏي.“

☺ هڪ همراهہ پهريون دفعو جهاز ۾ چڙهيو. جڏهن جهاز مٿي اڏامڻ شروع ڪيو تہ رڙ ڪندي پائليٽ کي چيائين ”ڊرائيور پلا جهاز ۾ تيل تہ فل ڀرايو اٿو نہ؟“

پائليٽ حيرت مان: ”جي ها! پر ڇو؟“

همراهہ: ”اهو ان ڪري تہ متان جهاز مان تيل اڌ ۾ ختم ٿي وڃي ۽ اسان سڀني کي وري ڌڪو لڳائڻو پوي.“

☺ هڪ ٻوڙي مائي ٻي ٻوڙي مائيءَ کي چيو تہ: ”ادي چا جو گوڙ آهي.“

ٻيءَ چيو. ”ادي دال جو ٻوڙ آهي.“

☺ هڪ همراهہ ڊاڪٽر وٽ ويو. ڊاڪٽر طبيعت ڏسي دوا ڏنس تہ همراهہ ڊاڪٽر کي چيو ”سائين چا کاوان چا نہ“ ڊاڪٽر چيس: ”منهنجي فيس کان علاوه هر شيءِ کائي سگهين ٿو.“

☺ استاد شاگرد کي: ”آئون توکي چوان تہ آئون ڏاڍو خوبصورت آهيان تہ اهو ڪهڙو زمان هوندو.“

شاگرد: ”سائين زمان ڪوڙ هوندو.“

☺ هڪ همراهہ دوڪاندار ڏي ويو. دوڪاندار کي چيائين: ”دوڪاندار ڀاءُ ليڊيز ۾ هڪ سينڊل ڏيکار.“ دوڪاندار چيس تہ: ”ڪهڙي ماپ جو هجي.“ همراهہ وراڻيو: ”دوڪاندار“ مون وٽ ڪا ماپ نہ آهي. باقي ٻنيءَ تي لڳل سينڊل جي ماپ ڏسي وٺ.

هڪ چور چوري ڪرڻ لاءِ جيئن ئي ڪنهن گهر جو تالو ڀڳو تہ گهر ڌڻي پهچي ويو. چور گهبرائجي ويو. گهر ڌڻي سندس پٺي ٺپري چيو تہ ”تالي ڀڃي ڏيڻ جي مهرباني. مون کان چابي گم ٿي وئي آهي.“

☺ هڪ شڪاري شاديءَ جي رات پنهنجي زال کي ٻڌايو تہ ”هيءَ تصوير مون آفريڪا جي جهنگل ۾ ٻن باندرن سان گڏجي ڪڍرائي هئي: زال نماڻي ٿي چيو: ”توهان هنن ٻنهي مان ڪهڙا آهيو.“

☺ استاد شاگرد کي: ”چيرمين ڪنهن کي چوندا آهن.“

# ڪتابن تي تبصرو

ڪتاب جو نالو: **تاريخ مٽياري** مؤلف: مقصود احمد قاضي

سائز: ڊيمي قيمت: 350

حاصل ڪرڻ جا هنڌ: رحمانيه ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد.

ڀٽائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد.

مٽياري شهر کي 2005ع ۾ نئين قائم ڪيل مٽياري ضلعي جو هيڊڪوارٽر مقرر ڪيو ويو آهي. هيءُ شهر ست اٺ سؤ سال قديم آهي ۽ جيترو قديم آهي، اوترو ئي علمي پسمنظر به رکي ٿو. مٽياري شهر ۾ پيدا ٿيندڙ عالمن مان مخدوم محمد عثمان، ان جو فرزند مخدوم عبدالڪريم سنڌ جي عالمن جي استادي سلسلي ۾ وڏو مقام رکن ٿا. آخوند قاضي عزيز الله به مٽياري شهر جو هو، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي قرآن شريف ترجمي جي صورت ۾ ڏنو. هيءُ شهر آخوند محمد بچل جي به جنم ڀومي آهي، جيڪو آخري ٽالپر فرمانروا مير نصير جو استاد، اتاليق ۽ وزير هو. ڪو اڪب السعادات جو مصنف قاضي هدايت الله مشتاق به هن شهر جو ڄائو هو، جنهن سنڌي ادب کي انشاءِ جي فن سان آراسته ڪيو. پير غلام مجدد سرهندي به هن ئي شهر جو هو، جنهن جو نالو خلافت تحريڪ ۾ مشهور ٿيو. هن ئي شهر ۾ بي شمار بزرگ ٿي گذريا، جن جو روحاني فيض اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. انهن ۾ خاص ڪري حضرت سخي رڪن الدين رح قابل ذڪر آهي، جيڪو مخدوم بلاول جي سلسلي ۾ داخل آهي. شاهه لطيف جهڙي عظيم صوفي شاعر جو مربي سخي هاشم شاهه رح به مٽياري شهر جو هو. انهن سڀني بزرگن جي حياتي جو احوال ۽ علمي ڪارنامن جو تفصيل سنڌي ڪتابن ۾ ڇڙوڇڙ انداز ۾ ملي ٿو، جنهن ۾ به ڪيترن هنڌن تي اوڻايون محسوس ٿين ٿيون. مقصود احمد قاضي جو ڪتاب "تاريخ مٽياري" ان سلسلي ۾ هڪ اهم دستاويز طور سامهون آيو آهي، جنهن ۾ انهن بزرگن جي سوانح ۽ علمي ڪارنامن بابت منصل معلومات ڏيڻ سان گڏ سندس شخصيتن بابت پيدا ٿيل غلط فهمين کي به دور ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. اڳاٽن ۽ هاڻوڪن شاعرن جو شعري ذخيرو به هن ڪتاب ۾ مهيا ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ جديد دور جي مشهور شخصيتن، سياستدانن، سماجي ڪارڪنن ۽ سماج جي ٻين اهم شعبن جي حوالي سان ڪجهه معروف ڊاڪٽرن ۽ استادن جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ شهر لاءِ ثقافتي حيثيت رکندڙ اجرڪ، ماني ۽ ڪاٺ جي هڪ منفرد ڊش نان پيالي جو به ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ مٽياريءَ جي قديم ۽ جديد لائبريرين جو به ذڪر موجود آهي. هن ڪتاب ۾ نئين قائم ٿيل مٽياري ضلعي جي يونٽن، يوسيز، ديهن وغيره جي باري ۾ معلومات به شامل آهي. هن ئي ڪتاب ۾ مختلف ذاتين جي شجرن جي حوالي سان ڪافي اهم رڪارڊ محفوظ ڪيو ويو آهي. ڏنو وڃي ته هيءُ ڪتاب مٽياريءَ جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي خواهشمندن جي لاءِ بجا طور تي هڪ ريفرنس بڪ چئي سگهجي ٿو. جيڪو تاريخ جي مطالعي سان دلچسپي رکندڙن توڙي تحقيق ڪندڙن کي ڏاڍو ڪم ڏئي سگهي ٿو.



خالد بن وليد رضہ جو شمار دنيا جي انهن چند فاتحن ۾ ٿئي ٿو. جنهن آڏو ڪنهن بہ علائقي کي فتح ڪرڻ مشڪل نہ هو. سندس فتح ڪيل علائقن جون سرحدون ايتري قدر تہ وسيع هيون جو ان جو حساب لڳائڻ بہ مشڪل هو. هيءُ دنيا جو اهو واحد شخص هو جنهن جي شهيد ٿيڻ تي حضرت عمر فاروق رضہ پاڻ مسلمانن کي چيو هو تہ اهي هن لاءِ ڳوڙها پلي ڳاڙين.

# خالد بن وليد رضہ

## ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

### اسلامي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي فاتح جو احوال

**خالد** بن وليد عڪرمہ جانثار هئڻ جي جوش ۾ پنهنجي فوج کي حرڪت ۾ آندو. اهائي هن جي غلطي هئي. هن کي مسيلمہ جي طاقت جو اندازو نہ هو ۽ هو هن سان وڙهڻ لڳو ۽ شڪست کاڌائين. پشيمان ٿي حضرت ابوبڪر

کي خط لکيائين. حضرت ابوبکر کيس اهڙو جواب ڏنو، جيکو هن جي اميد جي خلاف هو. مون کي شکل نہ ڏيکارجانءِ. هنن حالتن ۾ موٽڻ سان رڳو قوم جا ارادا ڪمزور ٿيندا. پنهنجو سپاهہ وٺي حذيفہ جي مدد ڪرڻ عمان وڃ. جيئن ئي حذيفہ پنهنجو ڪم پورو ڪري عرفجہ جي امداد لاءِ مهري جيان وڃ ۽ ان کان پوءِ مهاجر جي مدد لاءِ يمن وڃ. جيسين تون آئينده آزمائش ۾ پورو نہ لهندين، مان توسان نہ ڳالهائيندس. شڪست جي رسوائي ۽ خليفي جي لفظن جي سختي جو ارمان دل ۾ کڻي عڪرمہ پنهنجي فوج ساڻ ڪري يمامہ ڇڏي عمان ڏانهن روانو ٿيو. عڪرمہ جي رسوائيءَ کان پوءِ هڪ ئي هستي هئي، جيڪا مسلمانن جو مان مٽائهون ڪري سگهي پئي. دربار خلافت مان ٻيهر سڏ ٿيو. خالد بن وليد هڪ دفعو ٻيهر حضرت ابوبکر جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. کيس مسيلمہ جي طاقت ٽوڙڻ جو فرض ادا ڪرڻ لاءِ چيو ويو. مالک بن نويره جي قتل جو الزام ان طرح ڌوئي سگهجي ٿو. هن ان اعزاز کي سيني سان لاتو ۽ بطاح پهتو. جتي سندن پراڻو سپاهہ سندس منتظر هو. مديني منوره ۾ پڙهي ڏيڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جيڪي ماڻهو جنگي هٿيارن سان گڏ جنگ جي ميدان ۾ جهاد لاءِ وڃڻ ٿا چاهين، اهي حضرت خالد بن وليد رضہ جي فوج ۾ اچي شامل ٿين.

حضرت خالد رضہ بطاح پهتو مس تہ انصار ۽ مهاجرن جا قافلا بہ پهچي ويا. خالد ٻانهون کولي کين آڌرڀاءُ ڪيو ۽ ان لشڪر کي فخر ۽ خوشيءَ مان وٺي يمامہ ڏانهن روانو ٿيو. پاڻ يمامہ اجا نہ پهتو هو. رستي جا فاصلا اجا وچ ۾ هئا جو جاسوسن جا گهوڙا ڊوڙندي اها خبر کڻي آيا تہ ڪوڙ نبوت جي دعويدار جون فوجون عقربا جي ميدان ۾ حنيفہ واديءَ جي ڏاکڻي ڪناري ترسيل آهن. جتان يمامہ ويندڙ رستو آهي. خالد جاسوسن جي اطلاع جي روشنيءَ ۾ اولهہ بدران اتر ڏانهن وڌيو ۽ اهڙي اوچي ڏرتيءَ تي پهتو، جتان سڄي ميدان مان عقربا کي ڏسي سگهي. مسيلمہ، عقربا جي ميدان ۾ چاليهہ هزار سپاهين سان گڏ جنگ لاءِ تيار بيٺو هو. عڪرمہ جي هار هن جو رت وڌائي ڇڏيو هو. هن کي پڪ هئي تہ هو خالد کي بہ مزو چکائيندو. جيئن هو عڪرمہ کي چکائي چڪو آهي. هو پنهنجن سپاهين سان مخاطب هو. اي بنو حنيفہ! اڄ پنهنجي عزت ۽ شان لاءِ جنگ ڪيو. جي توهان شڪست کاڌي تہ دشمن توهان جي عورتن کي ٻانهيون بڻائي ڇڏيندا ۽ هنن جي بيحرمتي ڪندا. پنهنجي عورتن جي تحفظ لاءِ وڙهو. خالد جو منصوبو ائين هو تہ جنگ شروع ٿيندي ئي حملو ڪري دشمن کي پٺڻ تي مجبور ڪندو. هن جي جارحاڻي ڪارروائيءَ جو ڪو

للڪار ڪئي. مان الوليد جو پٽ خالد بن وليد آهيان. ڇا توهان مان ڪو اهڙو آهي، جيڪو مون سان مقابلو ڪري. خالد سمجهي رهيو هو ته ان للڪار جي جواب ۾ مسيلمه پاڻ ايندو. پوءِ يا ته مان رهندس يا مسيلمه. هزارن جو رت وهڻ کان بهتر آهي ته فيصلو هڪدم ٿئي. سندس نظرون مسيلمه کي ڳولي رهيون هيون. ان جي صف مان هڪ ماڻهو ٻاهر نڪتو. سيف الله نفرت مان هن ڏانهن نهاريو ۽ هن کي گهليندو هن جي صفن ۾ پري تائين هليو ويو هن جو مٿو ڪلهي کان ڌار ڪري ڌرتيءَ تي رکيو. ڪو ٻيو آهي، جيڪو وليد جي پٽ سان مقابلو ڪري؟ دشمن جي صفن مان هڪ ٻيو بهادر ظاهر ٿيو. خالد جي تلوار ان جو به اهو ئي حشر ڪيو. ڪيترا بهادر هڪ هڪ ٿي سامهون ايندا رهيا. خالد هر حريف کي ٺڪاڻي لڳائيندو رهيو. هو مسيلمه ڏانهن وڌندو رهيو. هاڻ هو ايڏو ويجهو هو جو رڙ ڪرڻ کان سواءِ ڳالهائي سگهيو پئي. اسان سان سمجهوتو ڪرڻ تي راضي ٿي وڃو. تون ڪهڙا شرط قبول ڪندين؟ مسيلمه نبي هئڻ جي دعويٰ ڪندو هو. هن پنهنجو مٿو ائين هڪ پاسي ڦيريو ڄڻ ويجهو بيٺل ڪنهن ماڻهوءَ سان ڳالهائيندو هجي. ڪنهن غيبي وجود سان ڳالهائيندو هجي. مون کي الهام ٿيو آهي ته توسان ڪو سمجهوتو نه ڪيان. خالد ڀڙيائين ٿي هن کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪري چڪو هو. سمجهوتي جو بهانو ته هن کي ويجهو اچڻ لاءِ هو. هاڻ هو تلوار هيٺان هو. خالد تڪڙ ۾ هن تي حملو ڪيو، پر هو به هوشيار هو. هن مٿو هڪ پاسي ڪيو ۽ ڊوڙندو پنهنجن محافظن جي وچ ۾ هليو ويو. هو سپني سامهون خالد آڏو پڳو هو. ان شرمناڪ فرار کي سندس ساٿي ڏسي رهيا هئا ۽ هو پڇي رهيا هئا ته اها فتح ڪٿي آهي، جنهن جو پاڻ واعدو ڪيو هئائين. هاڻ هو به اهو جواب ڏئي رهيو هو ته جنگ ڪندا رهو. آخري وقت تائين وڙهو، پر هاڻ هن جي ڳالهين ۾ اهو اثر نه هو. هن جي لشڪر تي هن جي بزدليءَ جو اثر پيو هو. هاڻ هو وڙهي ضرور رهيا هئا، پر پهرين جهڙو حوصلو نه رهيو هو. خالد جي جنگي مهارت هن جي ڪمزوري کي ڳولي ورتو هو. پاڻ مسلمانن کي سڄي طاقت سان حملو ڪرڻ جو حڪم ڏنو. مسلمانن جي سپهه سالارن مسيلمه کي پٺڻ تي مجبور ڪيو. ان منظر هنن ۾ نئون جوش پيدا ڪيو. ان ولولي سان وڙهيا جو فتح جا آثار ڇٽا هئا. هو پنتي پٺڻ لڳا. مسلمانن جا حوصلا وڌيا ۽ پوءِ هنن جو محاذ ٽٽي وکري پيو.

يا بنو حنيفه! باغ ۾ هليا وڃو. جلدي ڪيو باغ ۾ وڃو. هڪ آواز آيو. مسيلمه جو سپهه سالار رڙيون ڪري رهيو هو. پر هاڻ بيچيني وڌي وئي

هئي. ڪو ڪنهن جو آواز نہ ٻڌي رهيو هو. مشڪل سان ڪجهہ هزار سپاهي باغ ڏانهن ڊوڙيا. مسيلمہ بہ هنن سان گڏ هو. مسلمانن پري تائين ڀڄندڙن جو پيڇو ڪيو. جيڪو ڪين مليو ان کي ڪپي ڇڏيائون. پيڇو ڪري موٽيا تہ قلعي جو باغ وارو در بند هو. باغ جي وڏين پٿين مسيلمہ کي پناهہ ڏني هئي.

فتح ٿي وئي هئي، پر مسيلمہ پنهنجن ساٿين سان گڏ باغ ۾ پناهہ ورتي هئي. اوچيون پٿيون هن جي حفاظت ڪري رهيون هيون. خالد، مسيلمہ کي قتل يا گرفتار ڪرڻ کان سواءِ ان فتح کي فتح مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. منجهند ٿي وئي هئي. ٿوري دير کان پوءِ شام ۽ پوءِ اونداهي ٿيڻ واري هئي. خالد کي تڪڙ هئي. اونداهيءَ ٿيڻ کان اڳ ڪنهن بہ طرح باغ ۾ داخل ٿئي. ڪا اٽڪل نہ ٿي سجهي. آخر هڪ اصحابي سڳوري پنهنجو پاڻ پيش ڪري چيو مون کي ڪٽي پٽ مٿان باغ اندر اڇليو. ساٿي انڪار ڪري رهيا هئا ۽ هو زور پري رهيو هو. آخر سندن ساٿين ڪلهن تي ڪٽي پٽ تي چاڙهيو ۽ هو باغ اندر هليو ويو. در ڪليو ۽ مسلمانن جو لشڪر ٻوڏ جيان اندر هليو ويو. ڪافر سوچي بہ نہ ٿي سگهيا تہ مسلمانن ائين اندر داخل ٿيندا ۽ هنن جو تعداد بہ گهٽ هو. ڏين تان ڦرندڙن جا لاش ڍير ٿي ويا. مسيلمہ شڪست مڃڻ لاءِ تيار نہ هو.

هو پاڻ بہ ميدان ۾ لهي پيو. هن کي خبر هئي تہ خالد ڪيس معاف نہ ڪندو. ان لاءِ هو مرڻ لاءِ تيار ٿي وڙهي رهيو هو. هن جي بهادري ڌاد ڏيڻ جهڙي هئي. مسلمانن جو رت هن جي تلوار مان وهي رهيو هو. هي هڪ ديو هو. جنهن جي طاقت ٽوڙڻ ڏکي هئي. ان مان بہ صاف ظاهر هو تہ هن جا عقيدتمند هن جي مرڻ کان پوءِ هٿ روڪيندا. عقيدتمند بہ پڪو پهہ ڪري چڪا هئا تہ مرندي مري ويندا، هٿ نہ روڪيندا. رت ايڏو وهيو جو باغ جي زمين گپ وانگر ٿي وئي هئي. حضرت امير حمزي رضہ جو قاتل وحشي بن حرب، جيڪو اسلام قبولي چڪو هو. ان مهل حضرت خالد جي جهنڊي هيٺ جهاد ۾ حصو ورتو هئائين. هو تاڙ ۾ هو تہ هو باغ جي در ويجهو بيٺو هو. مسيلمہ جي نظر هن تي پئي. هن جي ذهن ۾ احد جي محترم شهيد حضرت امير حمزي رضہ جي تصوير ڦرڻ لڳي. ان قتل جو ازالو ائين ٿي سگهي ٿو تہ هو مسيلمہ ڪذاب کي قتل ڪري ڇڏي. هن جي ٻرڇي تي پڪڙ مضبوط ٿي وئي. هن هوريان هوريان سرڻ شروع ڪيو. هن فاصلي کي نظر ۾ رکندي ٻرڇيءَ کي هن ڏانهن اڇليو. ٻرڇي مسيلمہ جي پيٽ مان آرپار ٿي وئي. ڪوڙو نبي ڪري ترڇڻ لڳو. ان مهل هڪ اصحابي ابودجانہ اڳتي وڌي هن جي سسي تلوار سان ڌڙ کان جدا ڪئي.

هڪ ڏين تان ڦرندڙ رڙ ڪئي، مسيلمہ مارجي ويو. پوءِ هنن جي آواز سان سڄو باغ گونجيو. هاڻ هو فقط مسلمانن جي تلوار هيٺ هئا. هاڻ جنگ نہ قتل عام ٿي رهيو هو. مسلمانن جو لشڪر ايڏو ٿڪجي پيو هو جو تلوار ڪڍڻ جي همت نہ هئي. هاڻ قتل ڪرڻ لاءِ ڪير بہ نہ بچيو هو. هر مسلمان ايڏو ٿڪجي پيو هو جنهن ڪي جتي وٺيو، اتي سمهي پيو. صبح جو اٿي خالد جنگ جي ميدان جو چڪر هنيو. لاشن ڪان سواءِ ڪجھ بہ نہ بچيو هو. هڪ اهڙي فتح نصيب ٿي هئي، جنهن ۾ شڪست کائڻ وارن کي ڀڄڻ جو موقعو نہ مليو هو. سڀ جا سڀ موت جو کاڄ بڻجي ويا هئا. مسيلمہ جو فتنو ايڏو موتمار هو ان جي باھ سڄي عرب کي وڪوڙي وجي ها، پر سيف الله جي حڪمت خداداد ڪيس هميشہ لاءِ وسائي ڇڏيو. دين تان ڦرندڙ خلاف اها فتح بہ خالد کي حاصل ٿي. خالد عزم ڪيو هو تہ دين تان ڦرندڙن جي جادوءَ کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيندو. پاڻ فوج کي فقط بہ ڏينهن ڏنا ۽ مختلف دستن ۾ ورهائي آسپاس جي علائقن ۾ موڪلي ڇڏيو ۽ پاڻ يمامہ ۾ ترسي پيو. اهي دستا ڳوٺن ۾ پکڙجي ويا. پڇندڙن کي ڳولي ڳولي ڪڍيو ويو. هزارين مقابلو ڪندي مارجي ويا. هزارين قيدي ٿي ويا. جن پيهر مسلمان ٿيڻ جو عهد ڪيو. الله اڪبر! فقط هڪ هستيءَ جي بهادريءَ عرب جي ڌرتيءَ کي فتني کان پاڪ ڪيو. خالد بن وليد اڃا يمامہ ۾ هو جو کين خليفي حضرت ابوبڪر رضہ جو خط مليو. عراق ڏانهن وڌو. ابلہ جي علائقي ۾ ڪارروائي ڪيو. فامين ۽ هنن جي هيٺين علائقن ۾ رهندڙن خلاف جنگ ڪيو. توهان جي منزل حرا آهي.

خليفي اهو بہ لکيو هو تہ انهن ماڻهن کي ان جنگ ۾ شامل ڪريو. جيڪي دين خلاف ماڻهن سان جنگ وڙهيا آهن ۽ نبي ڪريم صلعم جي وفات کان پوءِ دين اسلام تي ثابت قدم رهيا آهن. جيڪو پنهنجي گهر وڃڻ گهري، ان کي وڃڻ ڏي. اهو ڪو عام حڪم نہ هو. حضرت ابوبڪر رضہ عظيم الشان شهنشاهيءَ خلاف قدم کڻي رهيا هئا. جن کان سڄي دنيا خوف ڪائيندي هئي. اهو پنهنجي زماني جي عروج جي لحاظ کان لاثاني هو. فارسي لشڪر طاقتور جنگي لشڪر هو. هي لشڪر بهترين جنگي سامان سان ليس هو. هي لوهہ ڪڙين جي زرهہ پائيندا هئا. مٿي تي لوهي ٽوپلو پائيندا هئا. ٽنگن کي محفوظ رکڻ لاءِ ڊگها بوٽ پائيندا هئا. عام جنگ ۾ ڪنهن کي بہ اڳتي اچڻ نہ ڏيندا هئا. باقي تيزيءَ سان حرڪت ۾ سڄي سامان سان ائين ڪري نہ ٿي سگهيا. هنن جي اها ڪمزوري هئي، جنهن مان خالد فائدو وٺي سگهيو پئي نہ تہ هنن ۾ ۽ فارسي لشڪر ۾ ڪو جوڙ نہ هو.

خالد بن وليد انهن سڀني ڳالهين تي غور ڪرڻ کان پوءِ خليفي جي ٻي هدايت تي عمل ڪيو. پنهنجي سپاهين کي فارسي لشڪر تي حملو ڪرڻ لاءِ چيو ۽ هو نتيجو ڏسي پريشان ٿي ويا. هن جا هزارين سپاهي فوج ڇڏي جتان آيا هئا اوڏانهن هليا ويا. يمامہ جي جنگ لاءِ اهو تعداد تيرنهن هزار هو. هاڻ فقط ٻہ هزار سپاهي بچيا هئا. هن پريشان ٿي خليفي کي خط لکيو ۽ عرض ڪيو تہ جلدي فوج موڪليو. ان خط جو جواب اچڻ تائين خالد پنهنجي سپاهين کي يمامہ جي علائقي ۽ عرب جي سڄي ڏاکڻي پاسي ڊگهي جنگ لاءِ جهاد جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو. هي گهوڙا ڊوڙائيندا رهيا ۽ جانباز هزارن جي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا. خالد جي نالي ۾ اهڙي ڪشش هئي جو جنگ جو پنهنجو پاڻ هن ڏانهن اچي رهيا هئا. هن جي لشڪر ۾ شامل ٿيڻ جو مطلب فتح ڪانسواءِ ڪجهہ نہ هو. ڪجهہ ڏينهن ۾ ڏهہ هزار سپاهين جي لشڪر خالد سان گڏ جنگ لاءِ تيار هو. ان وچ ۾ ڏکڻ اوير ۾ عرب جي چئن اهم سردارن اٺ هزار سپاهين سان گڏ خليفي جي حڪم تي هنن جي مدد لاءِ اچي رهيا هئا. پاڻ انهن سردارن کي لکيائون تہ هو پنهنجن سپاهين سان گڏ ابلہ جي علائقي ۾ هنن سان ملن اچي. هاڻي خالد کي وڏي تياري ڪري يمامہ مان نڪرڻو هو. وڃڻ کان اڳ هن سرحدي علائقي جي حاڪم هرمز کي خط لکڻ ضروري سمجهيو. جو تہ ڪيس

اتان لنگهي عراق وڃڻو هو. اسلام قبول ڪر ۽ زنده رهڻ ٿو گهرين تہ جزيو ادا ڪر. تون ۽ تنهنجا ماڻهو اسان جي پناهہ ۾ هوندا. نہ تہ انجام جو ذميوار پاڻ هوندين، ڇو تہ مان پاڻ سان گڏ اهڙا ماڻهو ڪٺي پيو اچان، جن کي موت ايڏي پياري شيءِ لڳندو آهي، جيئن توکي تنهنجي زندگي. خالد يمامہ وڃڻ کان اڳ پنهنجي ذهن ۾ هڪ تصور ٺاهيو. جي ضرورت پئي تہ پاڻ هرمز جي فوج سان ٻہ مقابلو ڪندو. فتح جو دارومدار سپاهين جي بهادريءَ کان وڌ سپهہ سالار جي ڪامياب پلاننگ تي هوندو آهي. ان جنگ جي اهميت اجا ٻہ وڌي وئي هئي. سٺي پلاننگ ڪانسواءِ ۽ بنا طاقت جي فارسي فوج کي شڪست ڏيڻ ممڪن نہ هو. هو ڄاڻندو هو تہ فارسي سپاهي تکڙو حرڪت ناهن ڪري سگهندا ۽ ڪوبہ ڊگهو سفر ڪين ٿڪائي سگهي ٿو. هن دشمن جي ان ڪمزوريءَ جو فائدو وٺڻ جو منصوبو ٺاهيو. ابلہ ڏانهن ٻہ رستا ويندا هئا. هڪ ڪاظمہ مان ۽ ٻيو حضير مان. خالد کي پڪ هئي تہ هرمز اهو ئي سوچيندو تہ مسلمان ڪاظمہ مان لنگهندا ۽ هو ان مطابق بچاءِ جو منصوبو ٺاهيندو. خالد، هرمز کي دوکو ڏيڻ لاءِ فيصلو ڪيو هو تہ اتر اولهہ ڏانهن ابلہ ويندو. رستي ۾ حضرت ابوبڪر جي موڪليل فوج ملي وئي. ارڙهن هزارن جو لشڪر حضير ڏانهن روانو ٿيو. هرمز ڪاظمہ پهچي ويو. هن کي اطلاع مليو تہ مسلمان حضرر

پهچي رهيا آهن. هن پنهنجي فوج کي جنگ لاءِ حڪم ڏنو. ايڏو ڳرو سامان ڪٺي فوج ان سفر تي رواني ٿي. حضير پهچي ڪين مسلمانن جو نالو نشان نہ مليو. هو اجا پريشان ٻہ نہ ٿي سگهيو هو جو هن جي خابروءَ اطلاع ڏنو تہ خالد، ڪاظمہ هليو ويو. فارسين ڀيهر سامان سنڀاريو ۽ ڪاظمہ روانا ٿيا. هاڻ تڪڙو ڪين پهچڻو هو. متان مسلمان اتان هلي ابلہ نہ پهچي وڃن. خالد جي ڪامياب منصوبي سان فارسي فوج ڪاظمہ پهتي تہ ٿڪ کان چور هئي. ان سان گڏ هرمز کي بہ گهڻ وڌ ڳالهائي رهي هئي. جنهن ڪين ان مصيبت ۾ وڌو هو. ٻئي لشڪر جڏهن آمهون سامهون ٿيا تہ هرمز هٿ ۾ اگهاڙي تلوار جهلي گهوڙي تي چڙهي ميدان ۾ آيو. هو ڪاوڙ ۾ هو. هن جون اکيون ڳاڙهيون هيون. هن للڪار ڪري چيو، هو بہ ائين ڪري، خلق خدا جو ناحق رت وهائڻ مان ڪهڙو فائدو. پاڻ ٻئي جنگ ڪري فيصلو ٿا ڪريون. مان فتح حاصل ڪيان تہ تون منهنجي فرمانبرداري ڪندين ۽ مان هارائي وڃان تہ ايراني فوج بنا مقابلي تنهنجي فرمانبرداري ڪندي. تلوار ۽ ڍال سان ٻنهي جو مقابلو شروع ٿي ويو. ٻنهي ڇمي ڪري مقابلو ڪيو. هرمز اوچتو تلوار ڦٽي ڪئي ۽ هن صلاح ڏني تہ خالد بہ پنهنجي تلوار پري رکي ملهہ وڙهي. هرمز ديو جهڙو طاقتور هو. هن جي مقابلي ۾ خالد رضہ ڏٻرو هو. هو سمجهي ويو تہ ملهہ ذريعي هو ڪيس شڪست ڏيندو. خالد بنا هٻڪ جي تلوار اڇلائي ۽ باز جيان جهٽ هڻي هرمز کي ڳچيءَ کان پڪڙيو ۽ مهارت سان ٽنگ اٽڪائي ڪيرائي وڌو. هڪ خونخوار فارسي اڳتي وڌي خالد کي قتل ڪرڻ چاهيو. قعناع بن عمرو نهايت بهادر نوجوان هو. هو تڪڙو اڳتي وڌيو ۽ فارسين مان ڪيترن جو سسيون وڍي هيٺ ڪيرايون. ايتري دير ۾ خالد جو خنجر هرمز جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري چڪو هو. هو گهڙي تي ٽپ ڏئي ويٺو ۽ اسلامي لشڪر کي عام حملي جو حڪم ڏنو. اسلامي لشڪر جي دل ۾ هن جون ٻئي ٻانهون تڪڙو ميدان پار ڪري فارسي فوج تي ٽٽي پيا. هرمز هنن جي اکين آڏو قتل ٿي ويو هو. هاڻ هو ڪنهن لاءِ وڙهن ها. ٿوري دير ڇمي وڙهيا پوءِ لاتعداد لاش ڇڏي ڀڄي ويا. ٻيو ڏينهن زخمين جي عيادت ۽ مال غنيمت، هٿيار، ڪپڙا گڏ ڪندي گذريو. هرمز جو تاج، جنهن جي قيمت هڪ لک اشرفيون هيون، جنگي قائدن مطابق حضرت خالد بن وليد کي مليو. مال غنيمت جو پنجون حصو مديني موڪليو ويو. انتظامي معاملن مان واندو ٿي هو پنهنجي لشڪر کي وٺي اوٻر طرف روانو ٿيو. رستي ۾ قاصد ڪيس ٻڌايو تہ اهواز جو گورنر قارن، هرمز جي شڪست جو بدلو وٺڻ لاءِ مدائن مان روانو ٿي چڪو آهي. هن جو رخ ابلہ ڏانهن آهي. هڪ وڏو لشڪر هن سان گڏ آهي. اهو اطلاع ملندي ئي حضرت

ويا. جيڪي نہ ڀڄي سگهيا، اهي فقط لاش هئا. ايرانين جي ڀڄندي ئي مسلمان سپاهي هنن پٺيان ڊوڙيا. ڊوڙندي ڊوڙندي هنن خالد جو آواز ٻڌو. هنن کي قتل نہ ڪجو، زنده وٺي اچو. ڀڄندڙ سپاهي حيره ڏانهن ڊوڙي رهيا هئا. ٿوري دير ۾ هنن کي رڍن ٻڪرين جيان هڪليندا وٺي آيا هئا. هنن سڀني کي درياءَ تي وٺي وڃو. اهڙي طرح قتل ڪيو جو ڌڙ خشڪيءَ تي هجي ۽ مٿو درياءَ حوالي هجي. خالد جو حڪم جاري ٿيندي ئي قتل عام شروع ٿي ويو. جيترا گرفتار ٿيا هئا، زندگيءَ کان آزاد ٿي ويا. رات گذري وئي. ٻيو ڏينهن گذري ويو. ان کان اڳئين ڏينهن بہ اهو سلسلو جاري رهيو. خالد پنهنجو عهد پورو ڪري رهيو هو. هو درياءَ کي هنن جي رت مان وهندي ڏسڻ چاهيندو هو. جڏهن ٽئين ڏينهن آخري ماڻهو بہ قتل ٿي ويو، خالد جي ڪاوڙ جو تسلسل هن جي آفيسرن جي هڪ گروهہ اهو چئي ٽوڙيو توهان هن ڌرتيءَ جي سڀ ماڻهن کي قتل ڪيو تہ بہ رت هن درياءَ ۾ ايسين نہ وهندو، جيسين هن جي پاڻيءَ مٿان بند ٻڌل آهي. دريا جو پاڻي ڇڏايو، توهان جو واعدو پورو ٿي ويندو.

خالد حڪم ڏنو تہ بند کوليو وڃي. جڏهن بند کوليو ويو تہ جتي ڪٿن ۾ رت گڏ هو، وهڻ لڳو ۽ هي درياءَ رت جو درياءَ بڻجي ويو. خالد پنهنجو واعدو پورو ڪيو. اهو قتل ڏسڻ ۾ عام قتل هو، پر فارس جي طاقت ٽوڙڻ لاءِ ضروري هو. ان لاءِ فارس هڪ جنگ مان ڀڄي ٻي جنگ وڙهڻ لاءِ آيا هئا. انهن فوجن کي شڪست ڏيڻ جو امڪان فقط ان صورت ۾ هو جو ڪنهن بہ طرح فارس کي هڪ جنگ مان ڀڄي ٻيءَ ۾ وڃڻ جو موقعو نہ ڏجي. هنن سڄي لشڪر کي تباهہ ڪري اهو ڪم ڪيو. ان عمل سان مسلمانن جي دهشت پري پري تائين پکڙجي وئي. وڏا وڏا بهادر خالد جو نالو ٻڌي ڏڪي ويندا هئا. مسلمانن سان مقابلو ڪرڻ موت برابر سمجهڻ لڳا. جڏهن خالد ليس پهچي ويجهي شهر مخيشيا ويجهو پهتو، اهو قلعي بند شهر سچ ۾ وڪوڙيل هو. مسلمانن جي اچڻ جي خبر ٻڌي دشمن اهو شهر خالي ڪري ڇڏيو هو. شهر جي آبادي ڳوٺن ۾ هلي وئي هئي. دڪان شين سان ڀريل هئا. وڏين وڏين جاين ۾ شين جا ڍير لڳل هئا. پر اتي ڪوبہ آدمزاد نہ هو. خالد شهر تي قبضو ڪري مال غنيمت گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن ڦريل سامان جا ڍير رود رستن تي گڏ ٿيا تہ صحراءِ عرب جي سادن ۽ جنگجو عربن جون اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون. امخيشيا جو شمار عراق جي عظيم شهر ۾ ٿيندو هو. اهو شهر پکيڙ، خوشحالي ۽ بازارن جي لحاظ کان حيره جي برابر هو. دستور موجب

گڏ ڪيل مال جي پنجن حصن مان چار حصا سپاهين ۾ ورهايا ويا. پنجون حصو اسلامي ملڪ مديني موڪليو ويو. عراق جي محافظ تان مال جا ڍير اچي رهيا هئا. ملڪي مال ۾ خالد جي فتح واڌارو ڪري رهي هئي. امخيشيا مان اينڊڙ دولت ڏاڍي گهڻي هئي.. ان مال غنيمت کي ڏسي حضرت ابوبڪر رضي حيران ٿي ويو ۽ بي اختيار ٿي چيائين اي قريش! توهان جي شينهن هڪ ٻئي شهر تي حملو ڪيو ۽ ان تي غالب ٿيو. عورتون خالد جهڙو پٽ نه ڄڻينديون. هاڻ حضرت خالد بن وليد جي منزل حيره سندس سامهون هئي. هو رستي جون رڪاوٽون ٽوڙيندو امخيشيا تائين پهتو. هي ناممڪن سفر هن رت جو درياءَ اڪري پار ڪيو هو. هن عظيم سالار جي ڪري اسلام جو پيغام عراق تائين پهچي ويو. ماڻهو اهو سمجهڻ تي مجبور ٿي ويا ته مذهب اسلام ۾ ڪا ڳالهه ضرور آهي جو مسلمان جيڏانهن به وڃن ٿا، فتح هنن آڏو هٿ ٻڌي بيٺي هوندي آهي. خالد بن وليد فتح جي ضمانت بنجي ويو هو. هاڻ اسان حيرن ويجهو پهتا آهيون. خالد بن وليد پنهنجن آفيسرن کي چيو. هي شهر فرات درياءَ جي الهندي ڪناري تي آهي. ان لاءِ اسان کي ساموندي سفر ڪرڻو پوندو. حيره ۾ فوج آخري ڪوشش ڪري دل کولي وڙهندي. ان لاءِ اسان کي پوري تياري ڪرڻي پوندي. مون کي پڪ ته آهي ته هو مقابلو نه ڪندا. پوءِ به مون فيصلو ڪيو آهي ته ٿوري اڳتي هلي اسان ٻيڙيون ڇڏي خشڪيءَ جو سفر ڪنداسين.

ائين ڪرڻو آهي ته اسان هتان ڪان ئي جو نه خشڪيءَ وارو سفر ڪيون، ساموندي سفر ۾ به خطرو آهي.

منهنجو مقصد دشمن کي اونداهيءَ ۾ رکڻ آهي. هو اهو سمجهندا ته اسان ٻيڙيءَ ذريعي سفر ڪنداسين. هنن جا جاسوس به اهو اطلاع ڏيندا. اسان اوچتو خشڪي واري پاسي کان هنن تي حملو ڪنداسين. هنن جي شڪست لازمي آهي. سيني ان ڳالهه کي مڃيو. خالد علائقائي مهاڻن کي گهرايو. جيڪي هاٽي سندس پوئلڳ هئا ۽ پنهنجو منصوبو هنن کي سمجهايو. از ادبه حاڪم حيره وٽ اها خبر پهچي وئي هئي. مسلمان لشڪر اٽڻ جي تياري ڪري رهيا آهن. خبر نه به پهچي ها ته هنن لاءِ اندازو ڪرڻ ڏکيو نه هو ته مسلمانن جا وڌندڙ قدم حيره ضرور پهچندا.

امر جليل

# جڏهن ماڻ نه هوندس

*زهره جون اکيون رت ۾ رليل اچ ڪان آتي هرڻيءَ جي اکين وانگر وياڪل ٿي ويون. هوءَ جتي جوانيءَ ۾ مڙس جي جدائيءَ جو جوڳ سهي ويئي هئي، پنهنجو هيڏو سارو غم برداشت ڪري ويئي هئي، منهنجو غم ڏسي بيچين ٿي پيئي. زبان سان جيتوڻيڪ ڪجھ نه ڪڇيائين، پر مون سندس نگاهن ۾ پنهنجي غم جو اولڙو ڏسي ورتو.*

## ڪھوڙن ۾ گھوڙن جيئن ٽورا ڏينهڙا

**پڄاڻي:**
ڦاسي گهاٽ جي ڪال ڪوٺڙيءَ جو لوهي در کليو. جيلر اندر آيو. مون گوڏن مان منهن ڪڍي ڏانهس نهاريو.

جيلر چيو، "اڪيلو هڪ بيحد ضعيف ۽ ڪراڙي عورت آئي هئي. مان سمجهان ٿو هوءَ تنهنجي ماءُ هئي. تنهنجي لاءِ هيءُ ڪاغذ ڏيئي ويئي

آهي.“

جيلر ڪاغذ منهنجي هٿ ۾ ڏنو.

مون ڪاغذ کوليو. لکيل هو،

”گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.“

جيلر کان پڇيم، ”اڄوڪو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن آهي نه.“

وراڻيائين، ”اڄ اڌ رات کان پوءِ ڪنهن به وقت توکي ڦاهي ڏيئي ڇڏيندا.“

”مان پنهنجي حياتيءَ جون آخري گهڙيون لکندي گذارڻ چاهيان ٿو.“ پڇيومانس، ”مون کي لکڻ جي اجازت آهي؟“

”ها،“ جيلر جواب ڏنو. ”پر اعتراض جوڳي تحرير جي نه.“

جيلر مونکي لکڻ جي اجازت ڏيئي هليو ويو. مون سوچيو، پکيءَ وانگر اڏامي ويندڙ، ۽ درياهه وانگر وهندڙ وقت کي مان روڪي نه سگهندس، پوئين پهر تائين ساهه جي سلسلي جو حساب رکي نه سگهندس، انت ڏانهن آخري سفر، منهنجي ساهه جي هڪ هڪ ساعت محدود ڪري ڇڏي آهي. دم ٽوڙيندڙ ساعتن ۾ مان پنهنجي مڪمل آتم ڪهاڻي لکي نه سگهندس، مان فقط آتم ڪهاڻيءَ کي ڦاهيءَ تائين پهچائڻ جي هڪ ڪهاڻي لکندس.

**ڦاهيءَ جي ڪهاڻي:**

ڪمري جي در کي وٺي ٿي. مون منهن ورائي نه ڏٺو. سوچيم، ”ڪيري هومز“ هوٽل جو ڇوڪرو هوندو، ۽ چانهه جي ٽري رکي هليو ويندو.

مون لاهور ۾ بيڊن روڊ جي لبرٽي بلڊنگ جي ٻي ماڙ تي فليٽ نمبر اٺين ۾ اچي پناهه ورتي هئي. لبرٽي بلڊنگ جي سامهون ”ڪيري هومز“ هوٽل هئي، جنهن جو ڇوڪرو رانجهو صبح جو سويل منهنجي لاءِ چانهه ۽ تازي اخبار کڻي ايندو هو. مان پنهنجي فليٽ جو در اسر ويل کولي ڇڏيندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو بي اطميناني ۽ پريشانيءَ سبب رات جي ڪنهن پهر اک کلي ويندي هئي، ۽ مان قديم پلنگ تان اٿي، ٻاهريون در کولي، موٽي اچي ڪنڌ هيٺان ٻانهون ڏيئي ليٽي پوندو هوس. ڪڏهن ڪا گهڙي اهڙي به ايندي هئي جو ننڊ کٽي ويندي هئي، نه ته اڪثر اٺيهين اونداهيءَ جهڙي رات ۾ اکيون وجهي ڇڏيندو هوس، تانجو اچي پرهه ڦٽندي هئي، ۽ سج جا پهريان ڪرڻا پڙدن مان ڇڻندا ڪمري ۾ ڪاهي پوندا هئا. ٿوري دير کان پوءِ رانجهو چانهه ۽ اخبار کڻي ايندو هو، ۽ چانهه جي ٽري رکي پٻن تي هلندو هليو ويندو هو.

در جو طاق ڇيڄاٽ ڪري کلي پيو. مون منهن ورائي نه ڏٺو.

اها اجگر جهڙي رات مون ڪمري جي اوندهه سان اکيون اٽڪائي گذاري ڇڏي هئي. طرحين طرحين جا خيال ۽ وهم ذهن کي وڪوڙيندا ۽ پيڙيندا رهيا هئا. پاسا ورائيندي سنڌ سنڌ ساٽو ٿي

سگھندو آهين،“ هوءَ بيچين ٿي پيئي. منهنجو هٿ پنهنجي هٿن ۾ قابو ڪندي پڇيائين، ”اهو ڪهڙو فڪر آهي، ڪهڙو غم آهي جيڪو توکي سمهڻ نہ ٿو ڏئي.“

”ڪو بہ نہ.“ منهن ٻئي پاسي ڪندي چيم، ”ڪوبہ نہ.“

”ڳالهہ ٻڌ.“ زهره مون کي ڪلهي کان وٺي پاڻ ڏانهن ڪندي چيو، ”گذريل هڪ مهيني جي ملاقات ۾ مان سمجهي نہ سگھي آهيان، تہ آخر اهو ڪهڙو غم آهي جيڪو توکي اندر ئي اندر کائيندو رهي ٿو. تون ٻڌائين ڇو نہ ٿو؟“

مون زهره جي شفاف ڪارين ڪجلين اکين ۾ نهاريو. دل چاهيو تہ ٻڌائي ڇڏيانس تہ جڏهن اندر اتاولو هوندو آهي، تڏهن ننڊ نيڻن کان تياڳ ڏيندي آهي. اسين مگَ ٿر جي ملڪ سنڌ ديس جا واسي ائين ئي ويراڳ جي وروٺهن هوندا آهيون. دل گھريو تہ ڪيس پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيان. ڪائنس ڪجهہ نہ لڪايان. ڪيس ٻڌائي تہ مان لاکي ڦلاڻيءَ ۽ هيمون ڪالاڻيءَ جو ٻيو جنم آهيان.

”تون ٻڌائين ڇو نٿو.“ زهره ٻيهر پڇيو، ”آخر اهو ڪهڙو غم آهي جيڪو توکي اندر ئي اندر کائيندو رهي ٿو؟“

آهہ منهنجي ساهہ سان وچڙي پيئي. فقط ايترو چئي سگھيم، ”مون کي ڪوبہ غم نہ آهي، زهره.“

”تہ پوءِ بيچين ڇو رهندو آهين؟“

هن مون کي ٻارن وانگر سمجهائيندي چيو، ”ڏس، پنهنجي مونجهاري جو ذڪر جڏهن ٻين سان ڪبو آهي نہ، تڏهن دل تان بوجهہ لهي ويندو آهي.“

ان وقت ”ڪيري هومز“ هوٽل جو ڇوڪرو رانجهو چانهہ جي ٽري ۽ اخبار کڻي آيو. ٽري ٽيبل تي رکندي چيائين، ”چون ٿا تہ رات ذوالفقار علي ڀٽي کي گرفتار ڪيو اٿائون.“

چيومانس، ”تون ڊوڙ پائي هڪ ٻي چانهہ بہ کڻي اچ.“

”نہ نہ،“ زهره جي سڏ تي رانجهو بيهي رهيو. زهره چيو، ”مان پنهنجي فليٽ مان چانهہ ٿي گھرائي وٺان.“

”مون کي خبر آهي تہ تنهنجي بورچياڻي چانهہ سٺي ٺاهيندي آهي. پر هن وقت تون منهنجي فليٽ ۾ آهين.“ مون رانجهي کي چيو، ”وڃ. ڊوڙ پائي هڪ چانهہ کڻي اچ.“

زهره آرام سان ڪرسي ڇڪي پلنگ جي پاسي ۾ ويهي رهي. ڪاڏيءَ هيٺان هٿ ڏيئي هوءَ ٽڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.

پڇيومانس، ”ڇا پيئي ڏسين؟“

چيائين، ”تون منهنجي لاءِ ڳجهارت ٿي پيو آهين. ۽... ۽ ....“ هن جملو پورو نہ ڪيو. خاموش ٿي ويئي.

”ڇڏ زهره.“

”۽، ۽ هڪڙي ڏينهن...“

”زهره!“

”۽ هڪڙي ڏينهن، جيئن اجنبين وانگر آيو آهين، تيئن اجنبين وانگر

هليو ويندين.“

”زهره.“ مان سٽ ڏيئي ويهي رهيس ڪرسيءَ جي ٻانهن تان زهره جو هٿ ڪٽي پنهنجن هٿن ۾ جهليم. چيم، ”ڪيئن ٿي چوين ته مان توکي ٻڌائڻ ڪان سواءِ هليو ويندس. مان...“ آواز اوپرو لڳم. جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنم.

هن منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو. اکيون بند ڪري ڇڏيائين. پوءِ پاڻ سنڀالي، ڏڍو ساهه ڪٽي چيائين، ”تنهنجي اچڻ کان پوءِ پانيان ٿي، دل ۾ ڇڻ اڳ جهڙي اڪيلائي نه رهي آهي.“

”وقت وفا ڪئي جيڪڏهن، مان پنهنجي زندگيءَ سان تنهنجين اڪيلاين کي خريد ڪندس.“ آهستي چيم، ”بس، وقت وفا ڪئي جيڪڏهن.“

هن منهنجين اکين ۾ اکيون وجهي ڇڏيون. ڇڻ منهنجي اندر جو ٿوهه پي ورتائين. چيائين، ”ته پوءِ مون کان لڪائين ڇو ٿو؟“

”ڇا.“

”پنهنجو غم. پنهنجي پريشاني.“

مان خاموش رهيس.

پڇيائين، ”پيسن جي تنگي ته نه اٿئي.“

”نه.“

”حجاب ته نٿو ڪرين؟“

”مان لڪنو جو نه آهيان.“

هن ٽهڪ ڏنو. پوءِ گنڀير ٿيندي چيائين، ”خانيوال کان منهنجو مني آرڊر آيو آهي. ڪجهه پيسا ڏيانءِ؟“

”نه“ وراڻيم، ”ڪيري هومز“ جو بل لاهڻ جيترا پيسا ۽ ڪجهه بچت اجا مون وٽ آهي. ضرورت پئي ته تنهنجي قرض ۾ مبتلا ٿيندس.“

چيائين، ”ڪيري هومز“ جو سمورو بل مون ڏيئي ڇڏيو آهي.“

”ڏيئي ڇڏيئه!“

”ها.“

”توکي ائين ڪرڻ نه گهربو هو، زهره.“

”ڇو؟“

مان ڪيس جواب ڏيئي نه سگهيس.

گهڙي ڪن خيالن ۾ گم رهڻ کان پوءِ عجيب سوال پڇيائين، ”تون ڪنهن سان محبت ته نه ڪندو آهين؟“

مون سندس اکين ۾ نهاريو. چيم، ”ها.“

”ته پوءِ شايد سچي سچي رات ان عورت جي ياد ۾ جاڳندو آهين.“

”ڪنهن حد تائين.“

”هوءَ به تو سان محبت ڪندي آهي؟“

”ڇئي نٿو سگهان.“

”هوءَ ڪنهن ٻئي مرد سان محبت ڪندي آهي؟“

”شايد.“

”اهو ته ڪو جواب ڪونهي.“ زهره چيو، ”پر مرد کي ڪڏهن به ڪنهن اهڙي عورت سان محبت ڪرڻ نه گهرجي، جيڪا ٻئي ڪنهن مرد سان محبت ڪندي هجي.“

”مان به دراصل ان خيال جو آهيان، زهره.“ وراڻيم، ”پر دل کي جيڪڏهن عقل هجي ها ته، پوءِ محبت پرڏيهي واپار ٿي پوي ها.“

زهره جي گلابي چپن تي مرڪ ليئو پائي ورتو. پڇيائين، "ڀلا ٻڌاءِ ته اها عورت ڪٿي آهي."

دل ۾ آيو ته ٻڌايانس ته اها عورت تون آهين زهره، تون... جيڪا منهنجي ساهه وانگر مونکي ويجهو هوندي به مون کان پري آهين، منهنجي ٿي نه سگهي آهين. اها عورت تون آهين زهره، جنهن سان حالتن جي اهڙي وراڪي تي مليو آهيان جتي منهنجي پنهنجي زندگي، پنهنجي نه رهي آهي. اها عورت تون آهين زهره، جنهن جي دل ۾ ڪنهن ٻئي مرد جي ياد منهنجي پيار تي پابندي وجهي ڇڏي آهي.

دل جو چيو زبان تي نه آيو. فقط چيم، "اهو پڇي ڇا ڪندينءَ."

هڪدم پڇيائين، "ڇا مان ايترو حق به نٿي رکان."

"نه نه، ائين ناهي." هٻڪندي چيم، "ڳالهه هن ريت آهي ته، ته...."

ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. جملو پورو ڪري نه سگهيم، اڌ ۾ ڇڏي ڏنم.

چيائين، "مون کان لڪائين ٿو."

منهنجن چپن تي سياري جي شام جهڙي اداس مرڪ لئو پائي ورتو. پاڻ کي عجيب ڪشمڪش ۾ جڪڙيل محسوس ڪيم. گذريل ڇهن، پنجن هفتن جي ملاقات ۾ زهره سان اندر جو حال اوري نه سگهيو هوم. ڪيس پنهنجو همدرد محسوس ڪرڻ کان پوءِ به پنهنجي آتم ڪٿا ٻڌائي نه سگهيو هوم. شروعات ۾ زهره کي سليس سنڌي ڳالهائيندي ۽ پنهنجي ويجهو ٿيندي ڏسي مان اول ڇرڪيو هوس، ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن ڪانئس پڇيو هوم، "پنجابڻ آهين نه؟" جواب ڏنو هئائين، "هڏ، چم، ماس سميت پنجابڻ آهيان." تڏهن ڪانئس ورائي پڇيو هوم، "ته پوءِ سنڌي ڳالهائڻ ڪٿان سکي آهين؟" ٻڌايو هئائين، "تنهنجي سنڌ جو چپو چپو ڏٺو اٿم. ورهين جا ورهيه اتي رهي آهيان. منهنجن مائٽن کي انگريزن طرفان سانگهڙ ۾ زمينون مليل آهن." ڪٽ ڪائيندي پنهنجي ساءِ چيو هوم، "سانگهڙ، انگريز سامراجين جي سرڪش حرن جي لاشن تي اڏيل پنهنجن وفادار خادمن ۽ غلامن لاءِ جاگير!" مون سمجهيو هو زهره منهنجو گفتو ٻڌي مون کان نفرت ڪندي. پر هن ساڳي نوعءَ ۾ مون کان پڇيو هو، "تون ڪير آهين. لاهور ۾ ڇا ڪرڻ آيو آهين." مون فقط ايترو وراڻيو هو، پڪ ڇاڻ ته فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي هر دلعزيز حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ نه آيو آهيان." هن کلي ڏنو هو. هن اڪثر ورجائي ورجائي مون کان منهنجي باري ۾ پڇيو هو ۽ مون هر دفعي ڪيس ٽاري ڇڏيو هو.

منکر هوندي به اهو اعتبار ڪري ويٺو هوس ته لوح محفوظ جي ليک جي ڪا ويک هئي، جنهن حياتي هڪ محور تي آڻي بيهاري ڇڏي هئي. مان زهره سان اهو اظهار ڪندي ڪندي رهجي ويو هئس ته، زهره هيءُ جو مون کي وطن ۾ بي وطن ٿيڻو پيو آهي، ۽ هيءُ جو مون کي سنڌ جا ڇانورا ڇڏي

پنجاب جي چناب جو پاڻي پيئڻو پيو آهي، سو سڀ بي معنيٰ نہ آهي. شايد تنهنجي منهنجي زندگيءَ جا دائرا ازل جي اوٽ ۾ هڪٻئي سان جڪڙجي ويا آهن. جيڪي ڪجهہ تو سان وهيو واپريو آهي، ۽ جيڪي ڪجهہ مون سان ٿي گذريو آهي ۽ گذري رهيو آهي، سو فقط ان لاءِ ٿيو آهي تہ جيئن پاڻ هيئي زندگيءَ ۽ موت جي اڪيوٽ ۾ ڪجهہ دير لاءِ ملي، هڪٻئي ڪي چاٽي سجاٽي هميشہ لاءِ ڌار ٿي وڃون. پر مان، جنم جنم جو سودائي، زهره سان اندر جو حال اوري نہ سگهيو هوس. ڪيس دل چيري ڏيکاري نہ سگهيو هوس.

"ڪهڙن پورن ۾ پئجي ويو آهين؟"

زهره جو آواز ڪن پيو. خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. پڇيائين، "ڇا پيو سوچين؟"

وراڻيم "منهنجي حصي ۾ وهمن جي دنيا آئي آهي زهره."

چيائين، "جنهن ڇوڪريءَ کي چاهين ٿو، تنهن کي بہ پنهنجن وهمن سان پريشان ڪندو هوندين."

مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. اتاولي اندر ڪي آٿت نہ آيو. تڏهن چيم، "مان جنهن ڇوڪريءَ کي روح جي گهراين مان چاهيندو آهيان، تنهن ڇوڪريءَ جي دل ۾ ڪنهن ٻئي مرد جي ياد جون سرحدون نڪتل آهن. مان ڪيس ويجهو هوندي بہ هن لاءِ اوپرو آهيان، اجنبي آهيان. هوءَ منهنجن وهمن ڪان آزاد آهي."

زهره اک ڇنڀڻ بنا مون ڏانهن ڏسندي رهي. حيرت ڪارين ڪجلين اکين مان ليئا پائڻ لڳس.

آهستي چيم، "مان هڪ نہ هڪ ڏينهن ڪانئس پري هليو ويندس، مرندو مري ويندس، پر سندس دل جا دروازا منهنجي محبت لاءِ بند رهندا."

ان وقت رانجهو چانهہ کڻي آيو. اکين ۾ چمڪو هوس. چانهہ جي ٽري رکندي چيائين، "افواهہ ناهي. اصل سچي ڳالهہ آهي. ذوالفقار علي ڀٽي کي رات گرفتار ڪيو اٿائون."

زهره ٽري مان هڪدم اخبار کڻي ورتي. مون ڪانئس اخبار وٺندي چيو، "جيڪڏهن اها خبر سچي آهي، تہ پوءِ ان اخبار ۾ هرگز نہ هوندي. اڄ ڪلهہ جون اخبارون پڪوڙن جي پڙن ۽ مسافريءَ ۾ بوٽ ويڙهڻ جي ڪم اينديون آهن." رانجهي کي چيم، "تون وڃ رانجها، وڃي موج ڪر."

رانجهو هليو ويو.

زهره چانهہ ٺاهيندي پڇيو، "هينئر ڇا ٿيندو."

"جيڪي ٿيندو آيو آهي."

"ڇا ٿيندو آيو آهي؟"

"سرڪش سرويچ ڌرتيءَ کي رت جو ريج ڏيندا."

"ڀٽي لاءِ؟"

"نہ، آزاديءَ لاءِ." مون بالڪونيءَ کان ٻاهر پولار ۾ نهاريندي جهونگاريو:

"سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان، مٽي ماٿي لايان.

ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين توکي

وس پڄي تہ جيڪر تنهنجو غم وراهي وٺان زهره.“

”منهنجا ڪيترا غم وراهي وٺندين.“ زهره ڪنبندڙ آواز ۾ ڳالهايو. ”منهنجيءَ حياتيءَ جو پل پل غم آهي.“

سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيم، ”اڳاٽو چيم هوم نہ زهره، جيڪڏهن وقت وفا ڪئي، تہ پوءِ مان تنهنجن غمن جو پنهنجي زندگيءَ سان سودو ڪندس. بس وقت وفا ڪئي جيڪڏهن.“

هن منهن مٿي ڪري مون ڏانهن ڏٺو. اسين ڪجهہ دير تائين هڪٻئي ڏانهن ڏسندا رهياسين.

ڪرسيءَ تان اٿندي چيائين، ”اڄ شام ٽوڪي بي- آر- بي نهر وٽ اهو هنڌ ڏيکارڻ هلنديمانءِ جتي منهنجو خالد شهيد ٿيو هو.“ اندر ۾ اونده جو احساس ٿيم. چيم، ”ءِ اتان موٽندي شاليمار هلنداسين.“

هن ڪجهہ حيرت مان مون ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”اوچتو شاليمار جو خيال ڪيئن آيئہ؟“

”توئي تہ ڪالهہ ٻڌايو هو تہ اڄ شاليمار ۾ بجليءَ جي بلبن سان چراغان ڪندا.“

”ها، اڄ رات شاليمار ۾ مغلن جي ياد تازي ڪئي ويندي. اڄ چنڊ آهي نہ.“

”اڄ چنڊ آهي نہ.“

”ها، اڄ چنڊ آهي.“ زهره پڇيو. ”پر تو اچرج جو ڪاڏو.“

”اتفاق هوندو.“

”تون لڪائين ٿو.“

”يقين ڪر. ڪجهہ بہ ڪونهي زهره.“

”مان نہ مڃيندس.“ هن ضد ڪيو.

”چنڊ جو لفظ ٻڌي تو تعجب ڪاڏو هو.“

”هڪ بيوقوف جوتشيءَ جي ڳالهہ دل تي تري آئي هئي.“

پنهنجي وهمن تي کلندي چيم، ”جوتش جي حساب موجب مون کي چنڊ رات مرڻو آهي.“

”چنڊ رات!“

”ها، چنڊ رات.“

”پر...“

”ڪا بہ چنڊ رات، اهو ضروري ناهي تہ اها چنڊ رات، جنهن رات مون کي مرڻو آهي، سا اڄوڪي چنڊ رات هجي.“

زهره پريشان ٿيندي چيو. ”چرچا تہ نٿو ڪرين.“

”جيستائين چنڊ رات مرندس نہ، تيستائين مان پاڻ جوتشيءَ جي اڳڪٿيءَ کي چرچو سمجهندس،“ مون زهره ڏانهن ڏسندي وراڻيو.

”تہ پوءِ... تہ پوءِ.“

مون کي کل آئي. چيم، ”ءِ خبر اٿئي زهره! جوتشي صاحب چيو هو مونکي عام رواجي موت نہ ايندو. مان رائيفل جي گولين سان ماريو ويندس، يا ڦاهيءَ چڙهندس.“

زهره جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي. چيائين، ”تون پنهنجي ماءُ ڏانهن

۽ پنهنجي سنڌ ديس ڏانهن موٽي ڇو نٿو وڃين. هتي ڇا ڪرڻ آيو آهين."

ڪوڙو ڦوڙو آواز ڳورو ڪندي چيم. "مان فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي هر دل عزيز حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ آيو آهيان."

زهره جي چپن تي مرڪ نہ آئي، هن گنڀير لهجي ۾ چيو. "نہ نہ. اڄ ڪيڏانهن بہ نہ هلنداسين."

"مان اڄ بي- آر- بي نهر وٽ اهو هنڌ ضرور ڏسندس جتي خالد شهيد ٿيو هو." چيم، "۽ اتان موٽندي شاليمار هلنداسين."

"منهنجي دل نٿي مڃي." زهره چيو.

"دل جي ڳالهين ۾ نہ ايندي ڪر، زهره. دل انسان کي برغلائڻ کان سواءِ ڪجهہ نہ ڪندي چيم. "اڄ شاليمار ضرور هلنداسين. جڏهن اندر ۾ اونده جو احساس وڌي ويندو آهي، تڏهن ٻاهريون روشنيون اکين کي ٻانءِ پونديون آهن."

هن جواب نہ ڏنو.

مون ٻوسٽ محسوس ڪندي ڳالهايو. "اڄ منهنجي اندر ۾ اونده آهي... گگهہ اونده آهي. پاڻ شاليمار ضرور هلنداسين. تاريخ جي تهن مان شايد ڪو ترورو راهہ روشن ڪري ڇڏي."

زهره جون اکيون رڻ ۾ رليل اڄ کان آتي هرڻيءَ جي اکين وانگر وياڪل ٿي ويون. هوءَ جتي جوانيءَ ۾ مڙس جي جدائيءَ جو جوڳ سهي ويئي هئي، پنهنجو هيڏو سارو غم برداشت ڪري ويئي هئي، منهنجو غم ڏسي بيچين ٿي پيئي. زبان سان جيتوڻيڪ ڪجهہ نہ ڪڇيائين، پر مون سندس نگاهن ۾ پنهنجي غم جو اولڙو ڏسي ورتو. اهو شايد ان ڪري ٿي رهيو هو، جو هن اڻ سڌي طرح منهنجين مجبورين ۽ مايوسين ۾ اضافو ڪيو هو. سندس قرب مون کي برغلائيندو هو. ۽ اهو ئي سبب هو جو رت جي راند ۾ زهره مون کي مسافر وانگر ملي، ورهين جي وصال جو فريب ڪائي ويٺو هوس.

هوءَ منهنجي اڳيان هٽي ويئي. چيائين، "مان بہ عجيب بيوقوف عورت آهيان. پنهنجا ڏک سور اوري توکي اداس ڪري ڇڏيم."

"مان ڏکن جي ڏيهہ جو واسي آهيان." وراڻيم، "سک ملندا تہ مري ويندس."

ٿورو مرڪي چيائين، "تون ڇريو آهين."

"ڇرين جي چاهت ۾ جنون هوندو آهي." چيم، "اسين جنهن کي چاهيون تنهن لاءِ ڦتڪي ڇاڻون، ڀٽڪي ڇاڻون، مري مات ٿيڻ ڇاڻون. اسان سنڌين جي محبت ۽ نفرت جو ڪو انت ڪونهي."

ڪمري مان ٻاهر وڃڻ لاءِ در تائين هلي ويئي. در وٽان منهن ورائي چيائين، "سيالڪوٽ کان منهنجو مامون آيو آهي. مان ٿوري دير کان پوءِ ملڻ لاءِ هلي ويندس. تون منجهند جو ڪٿي هوندين؟"

"لاهور جي رستن تي رلندو

رهيا آهن. شايد چوڪرن جو جلوس پهچڻ وارو آهي."

مون ڪي خاموش ڏسي رانجهو مايوس ٿيو. ويندي ويندي چيائين، "سائين، اڄ جلوس ڏسڻ وٽان هوندو!"

جنهن ڏينهن مان حيدرآباد مان لاهور لاءِ فرار ٿي رهيو هوس، تنهن ڏينهن سنڌي اديبن ۽ شاعرن پوسٽ ۽ پابندين خلاف آواز اٿارڻ لاءِ جلوس ڪڍيو هو. لوڊنگ ٽرڪ، جنهن ۾ مان پوليس ۽ سي- آءِ - ڊي کان لڪي ڇپي رٿيل پروگرام موجب لاهور روانو ٿي رهيو هوس، سا ٽرڪ حيدرچوڪ گاڏي کاتي وٽ پاسو وٺي بيهي رهي هئي. مون سامان تان تالتري مٿي ڪري ٻاهر نهاريو هو. سامهون اورينٽ هوٽل وٽان جلوس لنگهي رهيو هو. سرويچن جي هٿن ۾ "پلي ڪارڊ" هئا، جن تي مختلف نعرا لکيل هئا. جيئن جيئن جلوس ٽرڪ کي ويجهو آيو هو، تيئن تيئن منهنجيون اکيون لڙڪن سان ٽمٽار ٿي ويون هيون. دل چاهيو هو ٽرڪ مان ٽپو ڏيئي نڪري وڃان، ۽ جن جو آهيان ۽ جن لاءِ آهيان، تن ويڙهيچن سان وڃي ملان... پوءِ پل ته مري مات ٿيان. هوش تڏهن آيو هوم جڏهن ٽرڪ جي لالي ڪلينر چيو هو، "او خانه خراب، ٻاڻ سان گڏ اسان کي به مارائيندين. لڪي ويهه." مان تالتريءَ جي هيٺان سامان وٽ ويهي رهيو هوس. ٽرڪ شهر مان نڪري ويئي هئي. هالا وٽ يوسف مليو هو. سمورو بندوبست هن ئي ڪيو هو. مون کي چاٻي ڏيندي چيو هئائين، "بيڊن روڊ تي لبرٽي بلڊنگ جي ٻي ماڙ تي فليٽ نمبر اٺين جي چاٻي اٿئي. جيڪڏهن خبرداريءَ سان رهندين، ۽ پنهنجي باري ۾ ڪنهن کي ڪجهه به نه ٻڌائيندين ته بلڪل محفوظ هوندين. جيئن ئي توکي جينيوا پهچائڻ جو بندوبست ٿي ويندو، مان هڪدم لاهور هليو ايندس."

گوڙ ۽ نعرن جو آواز ڪن تي پيم. خيالن جي چار مان نڪري آيم. اٿي بالڪونيءَ ۾ اچي بيٺس. مال روڊ ۽ بيڊن روڊ جي چوواٽي تي گورنمينٽ ڪاليج، ميو ڪاليج، اسلاميه ڪاليج ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ جا بليزر پاتل شاگرد بيٺا هئا. هو ڇڙ وڇڙ ٽولن ۾ بيٺا هئا ۽ آمريت ۽ ايوب خان خلاف نعرا هڻي رهيا هئا. سخت جوش ۽ جنون ۾ هئا. سندن ٽولا رستي روڪ ڪري بيهي رهيا. مال روڊ جي آمدورفت بلڪل بند ٿي ويئي. بيڊن روڊ تي تماشائين جو هجوم وڌندو ويو. هجوم ۾ سرگوشيون ۽ سس پس ٿيڻ لڳي، هرهڪ شخص جي نگاهه مال روڊ تي بيٺل شاگردن تي هئي. ماحول چڪتاڻ ۾ وٺيو ويو. مون محسوس ڪيو، ڄڻ انساني آتش فشان ڦاٽڻ تي هو. ڌرتيءَ جي هنج ۾ ڪو زبردست زلزلو پاسا ورائي رهيو هو.

تڏهن اوچتو مون کي زهره جو خيال آيو. سوچيم، هن هل هنگامي ۾ ڪيس ٻاهر وڃڻ نه گهرجي هڪدم بالڪونيءَ مان هيٺ ٻاهر اچي، زهره جي فليٽ جو در ڪڙڪايم. زهره جو فليٽ منهنجي

فليٽ جي بلڪل سامهون هو. هوءَ اتي هڪ ڪراڙي بورچياڻيءَ سان اڪيلي سر رهندي هئي.

ڪجهه دير تائين جڏهن در نه کليو، تڏهن ٻيهر در ڪڙڪايم. در زهره جي بورچياڻيءَ کوليو. عادت موجب مون کي دعائون ڏنائين. ڪانئس پڇيم، "زهره ڪٿي آهي؟" چيائين "سيالڪوٽ مان مامون آيو اٿس. ڪيس ملڻ ويئي آهي."

"هلي ويئي!" مون پنهنجي ساءِ چيو.

پڇيائين، "ڇو؟ نه وڃي ها ڇا."

وراڻيم، "مان سمجهان ٿو لاهور ۾ فساد ٿيڻ وارو آهي."

ڪراڙيءَ جي ڇاڙي لٽڪي پيئي. منهن جا گهنج ڇتا ٿي پيس.

مان پنهنجي ڪمري تي موٽي آيس. رکي رکي زهره جو خيال ذهن کي پريشان ڪرڻ لڳو. سوچيم، هيٺ لهي وڃان، ڪيس ڳوليان. تلاش ڪريان، پر ڪٿي! ممڪن آهي انارڪليءَ ڏانهن هلي ويئي هجي! زهره جي غلطيءَ جو پورو پورو احساس تڏهن ٿيم جڏهن مال روڊ تان ايندڙ آوازن جو زور وڌي ويو.

هڪدم ڪپڙا مٽائي ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي جيئن ئي منهن ورايم ته مون کان ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو.

يوسف بيٺو هو. سچو، وارن کان پيرن تائين مٽيءَ ۾ اٽيو پيو هو. ڪجهه دير تائين هڪٻئي کي ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيوسين. بيتاب ٿي پڇيومانس، "مون کي جينيوا لاءِ ڪڏهن روانو ٿيڻو آهي، يوسف."

منهنجي ٻانهن مان نڪرندي چيائين، "پروگرام ۾ ٿوري ڦير گهير ٿي آهي."

هن جي ڏاڙهي وڌيل هئي. اکيون ڏرا ڏيئي ويون هئس. هالا وٽ جڏهن مون کي ٻيڊن روڊ جي فليٽ جون چاٻيون ڏنيون هئائين، تڏهن ڪڙو تڙو هو. مهيني، سوا کان پوءِ ڏٺومانس ته ورهين جو جهونو نظر آيو.

"پروگرام ۾ ٿوري ڦيرگهير ٿي آهي." سگريٽ دکائي، دونهون ڦڦڙن ۾ لاهي، موٽائي ٻاهر ڪڍيائين. پوءِ چيائين، "تون جينيوا نه ويندين."

"ڇو." مون سخت حيرت وچان پڇيو.

"تنهنجي باري ۾ آر-سي-ڊي ملڪن جي انٽيليجنس کي هتان جي پوليس چڱيءَ طرح آگاهه ڪيو آهي." يوسف چيو، "تنهنجو يورپ تائين پيڇو ڪيو ويندو." •

منهنجي دل ٻڇي پيئي.

يوسف چيو، "تنهنجي بدران رشيد بخاري جينيوا ويندو." منهنجي منهن مان شايد ملولائي ظاهر ٿي پئي هئي، جو يوسف چيو، "دل نه لاهه. تحريڪ جو ڪم آهي. اسان کي پنهنجو ماٿو هر حال ۾ اقوام متحده جي انساني حقن واري ڏينهن جي اجلاس کان اڳ جينيوا پهچائڻو آهي." پوءِ نرڙ ۾ گنڊ پئجي ويس. چيائين، "تون پاڪستان جي سرحد ٽپڻ شرط مارجي وڃين ها. تون پاڻ سمجهي سگهين ٿو ته اسان

جي آواز جو ۽ نمائيندي جو انساني حقن واري اجلاس لاءِ جينيوا ۾ پهچڻ ڪيترو نہ ضروري آهي. جيستائين اسين دنيا جو ڌيان سنڌين سان ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافين ڏانهن نہ ڇڪائينداسين تيستائين انڌير جي گهاٽي ۾ پيڙجندا رهنداسين.“

اميدن جو آسمان پچي پري ڪري پيو. سنڌ جو آواز اقوام متحده جي ايوان تائين پهچائڻ جو خواب ٽٽي پيو. پر پوءِ دل کي اهو چئي سرچايم، تہ جيڪڏهن مان نٿو وڃان، تہ منهنجي بدران بيو ڪو وڃي رهيو آهي... شخص کان وڏيڪ تحريڪ اهم آهي.

سوچيم، رشيد ڪيڏو نہ خوشنصيب آهي جو سنڌ جي تاريخ ۾ بلڪل نئين باب جو اضافو ڪري پاڻ کي هميشہ لاءِ غير فاني ڪري رهيو آهي.

مون يوسف کان پڇيو، ”سنگتي ساٿي ڪيئن آهن.“

وراڻيائين، ”سڀني يارن سر سان ڪفن ٻڌو آهي، ۽ پنهنجو صليب پنهنجن ڪلهن تي کڻي ظلم سان جنگ جوٽڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري پيا آهن. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ يارن سنڌ جي نئين نسل کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائي وڌو آهي.“

يوسف ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو خاموش ٿي ويو. مون ڏانهن چتائي ڏسڻ لڳو. پڇيومانس، ”ائين چو ٿو ڏسين.“

چيائين، ”تون موت جي منهن ۾ آهين.“

وراڻيم، ”ڪا نئين ڳالهہ ڪر.“

”سچي پاڪستان جي پوليس ۽ انٽيليجنس کي تنهنجي باري ۾ سختيءَ سان خبردار ڪيو ويو آهي. توکي اقوام متحده تائين پهچڻ کان روڪڻ لاءِ کين وڏا اختيار ڏنا ويا آهن. ممڪن آهي، توئي ڏسڻ شرط شوٽ ڪري ڇڏين.“ يوسف مون ڏانهن وڌي آيو. چيائين، ”اسين ان تعاقب جو پورو پورو فائدو وٺنداسين. ڊڪٽيٽر جي سموري مشينري تنهنجي تلاش ۾ سرگردان هوندي، ۽ ان وچ ۾ رشيد بخاري سرحد پار ڪري جينيوا ڏانهن هليو ويندو.“

چيم، ”مون کي خوشي آهي تہ مان جيڪڏهن سڌي طرح نہ، تہ گهٽ گهٽ اڻسڌي طرح تہ سنڌ جي ڪم اچي رهيو آهيان.“

• يوسف چيو، ”هرهڪ صالح سپوت کي سڌي طرح، يا اڻسڌيءَ طرح سنڌ جي ڪم اچڻو آهي.“

پڇيومانس، ”في الحال مون کي ڇا ڪرڻو آهي.“

”تو کي هر حال ۾ سرحد پار ڪري هتان پڄي وڃڻو آهي.“

چيائين، ”هتان هڪدم هليو وڃ. پاڪستان جي چپي چپ تي تنهنجي لاءِ موت آهي.“

مان سوچ ۾ پئجي ويس. دل اڌمن جي ڪن ۾ ولوڙجي ويئي. ڏک وچان چيم، ”مان ڪهڙو نہ بدنصيب آهيان. يوسف. اڄ جڏهن سنڌ سڏ ڪيو آهي ۽ سر ڏيئي سرخرو ٿيڻ جو وقت آيو آهي،

مان سڌ ورائڻ بدران وطن کان پڳو ٿو وڃان.“

يوسف مون کي ڪلهن کان وٺندي چيو، ”آمريت جو قلعو ڪيرائڻ ڪو سولو ڪم نہ آهي. ڪجهہ دوستن کي سنڌ جي مفاد لاءِ جلاوطن ٿي ڪم ڪرڻو پوندو.“

مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. يوسف منهنجي پاسي ۾ اچي ويٺو. منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين، ”توکي ضرور ڏک ٿيو هوندو، پر اسان کي پنهنجو ماڻهو انساني حقن واري اجلاس ۾ ضرور پهچائڻو آهي.“

يوسف منهنجي پاسي مان هٽي ويو. ڪمري جي وچ ۾ وڃي ويٺو. مون ڏانهن پٺ هئس. ڳالهايائين، ”اسين انساني حقن جي اداري آڏو ايوب آمر جي حڪومت جي ڊينگو ڊيري ڪنداسين. ڪشميرين ۽ فلسطين جي حقن لاءِ هاءِ گهوڙا ڪندڙ نوڪرشاهي حڪومت جو ٻهروپ جڳ کي ڏيکارينداسين. اسين دنيا کي ٻڌائينداسين تہ هي اٿو ڪوڙ جا ڪوٽ ڪٿي دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ وارا سنگدل، جيڪي پاڻ کي سچي زمين جي مظلومن جا همدرد سڏائين ٿا، پر جن ظالمن ۽ قاتلن جي قيدخانن ۾ سنڌي قوم سڪرات ۾ سڏڪي رهي آهي. موجود حالتن ۾ سنڌي قوم جو نئون نسل پنهنجن وڏن جي فيصلي جو پابند نہ رهندو.“

اوچتو ٻاهران ايندڙ گوڙ جو آواز وڌي ويو. آوازن سان گڏ ٽيئر گئس جي گولن هلڻ جو آواز آيو. مان بالڪونيءَ ڏانهن وڌي ويس. يوسف هڪدم مون کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. چيائين، ”بيوقوف نہ ٿيءُ. سي آءِ ڊي ۽ پوليس جا ماڻهو تنهنجي ڳولا ۾ لاهور پهچي ويا آهن.“

”پر تو تہ چيو هو هيءُ فليٽ بلڪل محفوظ آهي،“ يوسف ڏانهن ڏسندي چيم.

”آمر جي عمارت ۾ شگاف پيو آهي. هن ڪامورڪي لوڏ وطن پرستن جي ڳولا ۾ ڇڏي ڏني آهي.“ يوسف واچ ۾ وقت ڏسندي چيو، ”دير نہ ڪر. هل. مان سبزيءَ منڊيءَ وٽ هڪ لوڊنگ ٽرڪ واري کي اڌ ڪلاڪ لاءِ بيهاري آيو آهيان. هو توکي پشاور کان پاڪستان جي سرحد ٽپائي ڇڏيندو.“

مان بالڪونيءَ جي در جي چوڪاٺ وٽ بيهي رهيس. دل ۽ دماغ پاڻ ۾ وڙهي پيا. ڇهين حس ذهن کي موت جي پڪ ڏياري ڇڏي. دل مبهم خيالن جي سوريءَ تي لٽڪي پيئي. پريشانين جو اڻ کٽ سلسلو بيچين روح جي تهن ۾ لهي ويو. دل چاهيو تہ ٻين ماڙ تان ٽپو ڏيئي، هڪ پل ۾ سيني عذابن جو انت آڻي ڇڏيان... جيڪا ڪهاڻي عبرتناڪ پڇاڙيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي، تنهن جو انجام اکين سان ڏسڻ کان اڳ اکيون پوري ڇڏيان.

”هڪ هڪ گهڙي تنهنجي لاءِ موت برابر آهي.“ يوسف چيو، ”جلد ڪر. هل.“

”يوسف.“ مون پريل آواز ۾ چيو،

"يوسف مون موت کي ايتري ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي، جو هيئنر موت ۽ موت جو تصور منهنجي لاءِ اجنبي نه رهيو آهي."

"ڳالهه ٻڌ." يوسف پنهنجي مٺ منهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪندي چيو. "هن شهر لاهور ۾ هڪ قلعو آهي، جتي قيدين کي اهڙا اهڙا جسماني عذاب ڏيندا آهن جن جو مثال انسان ذات جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي."

"مون کي خبر آهي، يوسف." مون آهستي وراڻيو. "تون فڪر نه ڪر. هليو وڃ. پل نه تاريخ جي هن خوني دور ۾ ستم ۽ صبر جو معرڪو ماضيءَ جي ڪنهن ڪهاڻيءَ کي جيئرو ڪري ڇڏي. تون هليو وڃ يوسف."

"بيوقوف نه ٿيءُ."

"تون هليو وڃ، يوسف."

اوچتو مال روڊ تي ماڻهن ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويو. آواز آسمان تائين پهچي ويو. هجوم جي پاڇ جو ڳوڙ ماحول ۾ واڇٽ ڪرڻ لڳو. ٽيئر گيس شيل هڪ ٻئي جي ڪڍ هلڻ لڳا.

يوسف چيو. "فساد جو پورو فائدو کڻ. پهچي وڃ."

چيم. "اڄوڪي رات مان لاهور ۾ رهندس. سياڻي جا ٻاڪ سياڻي سان."

يوسف حيرت مان مون ڏانهن ڏٺو. چيائين. "تنهنجي ڪا ڪل ٽڙيل نه ناهي؟ اڙي تون رات جي ڳالهه ٿو ڪرين! هن شهر ۾ رهندين ته شام تائين مارجي ويندين."

"مان حياتيءَ جي جنهن دوُر مان گذري رهيو آهيان يوسف، تنهن ۾ مون زندگيءَ ۽ موت جي اڪيوٽ ڏٺي آهي."

ڪوٽ پائيندي چيم. "مان نه مرندس."

پڇيائين. "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

ڪيس جواب نه ڏنم.

وراڻي پڇيائين. "عورت جو چڪر نه ناهي."

مان خاموش رهيس.

چيائين. "الاءِ ڇو دنيا جا سڀئي وطن پرست رومانٽڪ هوندا آهن."

"ڇو جو ڌرتيءَ ۽ عورت ۾ بنيادي مشابهت آهي."

"ڪهڙي؟"

وراڻيم. "ڌرتيءَ ۽ عورت ۾ بنيادي مشابهت اها آهي، جو ٻيئي پنهنجن سرويچن جي رت جو سيندور سينڌ ۾ وجهي قيامت تائين سندن شهادت جي ياد تازي رکنديون آهن."

يوسف منهنجي سامهون اچي بيٺو. چيائين. "مان توکي ٻاهر وڃڻ نه ڏيندس."

"مان موٽي ايندس يوسف."

"تون مري ويندين."

"مان نه مرندس."

"تون مري ويندين. مونکي پڪ آهي، اڄ تون مري ويندين."

"يوسف." مون ڪيس پنهنجي اڳيان هٽائيندي چيو. "هڪڙي جوتشيءَ مون کي ٻڌايو هو ته مان ڇنڇر ڏينهن مرندس. ۽ اڄ ڇنڇر آهي."

يوسف ڪجهه ڪاوڙ منجهان چيو. "شايد جوتشيءَ جو چيو سچ ٿي پوي."

"مون کي جوتش آزمائڻ ڏي

يوسف." ٻاهرين در ڏانهن ويندي چيم، "اڄوڪي رات بچي ويس تہ سياڻي پاڻهيئي جلاوطن ٿي ويندس."

لبرٽي بلڊنگ جي ڏاڪڻ لهندي محسوس ڪيم تہ مان زندگيءَ ۾ پيهر وري ڪڏهن سنڌ جا چانورا ڏسي نہ سگهندس. الاءِ ڪيئن اهو خيال دل ۾ جاڳي اٿيو تہ انقلابي تحريڪن جا پهريان جلاوطن جيئري وطن نہ ورندا آهن. سوچيم، تہ اڄ رات کان پوءِ مان نہ فقط وطن کان وڇڙي ويندس، پر پنهنجي پهرين محبت جو لاش پنهنجن ڪلهن تي کڻي پرديس ۾ پنڌ ڪندو رهندس. منهنجي زندگيءَ جو باقي حصو روپوش رهندي گذري ويندو. وطن ورڻ جو انتظار وقت جي ڪوري ۾ ڪامندر رک ٿي ويندو. پڪ ٿي ويم تہ مان حياتيءَ جي هن دور ۾ وطن ۽ عورت جو پيار وڃائي ويهندس.

اندر مان آهہ اڀري... نہ نہ، مان نيپولين نہ آهيان.

بيدن روڊ ماڻهن سان سٿيو پيو هو. مان پيهہ مان واٽون ڪندو، ڌڪبو ۽ ڌڪيندو مال روڊ تائين هليو آيس. پوليس وارن شاگردن کي ٽولٽن مارڪيٽ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو. ٽولٽن مارڪيٽ جي پسگردائيءَ ۾ شاگردن گهٽين ۽ گهٽن تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ اتان پوليس تي پٿر اڇلائي رهيا هئا. پوليس وارن ٽرڪن جي پوئتان پناهہ ورتي هئي. جتان شاگردن تي ٽيئر گيس جا گولا هلائي رهيا هئا. ڪجهہ شاگرد آلين ڪوٽين ۾ ٽيئر گيس جا گولا جهٽيندا، اک ڇنڀ ۾ پوليس تي ورائي رهيا هئا. سڄو ماحول جيتوڻيڪ دونهاٽيل هو ۽ هرڪو اکين مان وهندڙ پاڻي اگهي رهيو هو، پر تنهن هوندي بہ هزارين ماڻهو مال روڊ ۽ بيڊن روڊ جي چوواٽي تان پوليس ۽ شاگردن جي ويڙهہ ڏسي رهيا هئا.

مان هوٽل انڊس ڏانهن هليو آيس. ان طرف هجوم ڇڊو هو. انڊس جي ڪنڊ ۾ ويهي گرم گرم ڪافي نڙيءَ ۾ لاٿم. ڦڦڙن ۾ چڻ ساهہ پيو. تڏهن محسوس ڪيم تہ ٻاهر سيءَ ڪجهہ سرس هو. ڪافيءَ جو ٻيو ڪوپ پيئڻ کان پوءِ لڱن مان سيسڙاٽ ڊرو ٿيو.

ذهن گوڙ ۽ گهمسان، نڪاون ۽ آوازن کان جڏهن آجو ٿيو تڏهن اندر اٿلي پيو. خيالن ۽ وهمن جا سلسلا وير وانگر منهنجي وجود کي ورائيندا ويا. هيڪلائي بنواس محسوس ٿيڻ لڳي. رام ۽ سيتا جي ياد دل تي تري آئي. سوچيم، زندگيءَ ۾ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ وڃائڻو بہ پوندو آهي. ها، مان بہ وڃائي رهيو آهيان پنهنجي امڙ، وطن ۽ زهره جو قرب. پر سڀڪجهہ وڃائڻ کان پوءِ مونکي ڇا ملندو! وطن جي آزادي! ڇا ان مبهم تمنا جي تڪميل منهنجي مختصر حياتيءَ ۾ ممڪن آهي؟ ماضيءَ جي ڌنڌلڪن مان پڙلاءُ ٻڌم، تہ انقلابي تحريڪن جي شروعات ڪندڙ، ٿهر جي ڪوٽ جي فقط هڪ سر سوري سگهندا آهن. هو جدوجهد جي ابتدا ڪندا آهن. انتها ايندڙ نسل جي انقلابين جي ڪا

موٽي آيا. پيري ادب سان چيو. ”مال روڊ تي گڙٻڙ وڌي ويئي آهي. اسين هوٽل بند پيا ڪريون.“

بل ڏيئي ”اندس“ مان ٻاهر نڪري آيس. وقت ڏنم منجهند جو هڪ ٿي رهيو هو. اس ۾ ماڻهن جي پيهه سبب سيءُ گهٽ ٿي ويو هو. ٽيئر گئس جو دونهون اکين ۾ چيڀ لڳو. مون رمال ڪڍي اکين تي رکيو. ٽولنٽن مارڪيٽ وٽ پوليس ۽ شاگردن جي ويڙهه هلي رهي هئي. ٽيئرگيس جي گولن جا ٺڪاءَ ٿي رهيا هئا. شاگردن جي پٿربازيءَ سان گهرن، دڪانن، موٽرن ۽ بسن جا شيشا چور ٿي رهيا هئا.

مال روڊ جا دڪان ذري گهٽ بند هئا. ڪن دڪانن جا اڌ طاق کليل هئا. جن مان دڪانن جا سيلزمين ڳاٽ ڪڍي ٽولنٽن مارڪيٽ ڏانهن نهاري رهيا هئا.

مان الفلاح بلڊنگ ڏانهن هلڻ لڳس. ماڻهن جي کلهي گس هجوم ۾ هڪ مان ئي هوس جنهن جي پٺ ٽولنٽن مارڪيٽ ڏانهن هئي ۽ انسانن جو سمنڊ جهاڳيندو الفلاح ڏانهن وڌندو پي ويس. ”ڪشمير شال هائوس“ کان ”ليڊيز ڪارنر“ تائين رنگارنگي ڪپڙن واريون پنجابي ڇوڪريون ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي بيٺيون هيون ۽ نعرا هڻي رهيون هيون. سندن هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا جن تي مختلف نعرا لکيل هئا. ان هنڌ ماڻهن جي پيهه گهٽي هئي. الفلاح بلڊنگ تي پوليس جو زبردست پهرو هو. لوهي ٽوپلن وارا سپاهي هٿن ۾ سنگينون لڳل رائيفلون جهلي بيٺا هئا. ۽ خونخوار نظرن سان راهگيرن ڏانهن ڏسي رهيا هئا.

”الفلاح“ ڏانهن وڌندي مان هڪ پل لاءِ بيٺس. رائيفلون ۽ رائيفلن ۾ لڳل سنگينون ڏسي پنهنجي بدن ۾ سيسراٽ محسوس ڪيم. ائين پئي ڀانيم، ڄڻ ته منهنجي جسم ۾ رائيفلن ۾ سنگينن جي وچ ۾ ڪو نظر نه ايندڙ سنبنڌ هو، لاڳاپو هو، تعلق هو.

”ڇا پيو ڪرين؟“ هڪ صوبيدار سخت کهري آواز ۾ پڇيو.

مون ڏانهس ڏسندي فقط هڪ لفظ چيو. ”جي.“

”هتي ڇو بيٺو آهين؟“

”ڇو؟“

”منهنجي سوال جو جواب ڏي. هتي ڇو بيٺو آهين؟“

”بيٽريڪس ڏانهن وڃڻو اٿم.“

”اهو (گار) بيٽريڪس وري ڇاهي؟“

مون بيٽريڪس ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ”هو جيڪو ڪنڊ وارو ڪتابن جو دڪان آهي نه، تنهن جو نالو بيٽريڪس آهي.“

صوبيدار مون کي هٿ لائي ڦوليو. جڏهن پڪ ٿي ويس ته منهنجي ور ۾ ائٽم بم لڪل نه هو، تڏهن مون کي دڪان ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏنائين.

زهره اڳواٽ دڪان تي بيٺي هئي. مون کي ڏسڻ شرط مون تائين هلي آئي. فڪرمند پئي ڏٺي. پڇيائين، ”صوبيدار توکي ڇو روڪيو هو.“

بيڊ جو لڪڻ پنهنجي ڪلف لڳل پتلون سان هٽندي ڪنگهڪار ڪئي. زهره پڇيو، "اسان جي ملڪ مان پوليس کي ختم ڪيو وڃي تہ جيڪر ڇا ٿي پوي."

"ڇا وري ڇا!" مون صوبيدار ڏانهن ڏسندي چيو، "چوريون، خون، ڌاڙا، بدمعاشيون جيڪر هڪدم ختم ٿي وڃن."

زهره جي چپن تہ مرڪ تري آئي. اسين الفلاح جي حدن مان نڪري وياسين. ٻئي ڪجهہ دير خاموش هلندا رهياسين.

زهره چيو، "لڪشمي چوڪ وٽان ٽيڪسي ملي ويندي."

"ٽانگي ۾ هلنداسين، زهره."

وراڻيم، "پل تہ اڄ وقت جون محدود گهڙيون اينگهجي وڃن."

"ڇو اينگهجي وڃن؟" زهره منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو. چيم، "دل چاهي ٿي تہ زندگيءَ جي هلندڙ هڪ هڪ ساعت صدي ٿي پوي، ۽ اها ساعت تنهنجي ويجهو گذاري ڇڏيان. ۽ پوءِ جڏهن هتان هليو وڃان، تڏهن پاڻ سان اهو وهم کڻي وڃان تہ تون مون سان آهين، مون وٽ آهين."

زهره هلندي هلندي بيهي رهي. پاسي مان ڦري منهنجي سامهون اچي بيٺي. پڇيائين، "ڪٿي تون مون سان محبت تہ نٿو ڪرين."

مون کي پنهنجي مرڪ جي ڪوڙاڻ محسوس ٿي. چيم، "لڪشمي چوڪ وٽان ٽانگو ملي ويندو."

چيائين، "منهنجي ڳالهہ نہ لنواءِ."

"ڪهڙي ڳالهہ."

"اهائي، تہ ڪٿي تون مونسان محبت تہ نٿو ڪرين."

"مان فقط ايترو ڄاڻان ٿو."

وراڻيم، "تہ مان جنهن عورت سان محبت ڪندو آهيان، تنهن عورت جي دل ۾ ڪنهن ٻئي مرد جي ياد جون سرحدون نڪتل آهن."

ائين منهن ڦيريائين ڄڻ مون کان منهن تي اسري آيل تاثر پيو لڪيائين. مونکان وک کن اڳيرو ٿي هلڻ لڳي.

لڪشمي چوڪ وٽ فساد جا آثار نہ هئا. ٽانگو ڪري بي-آر-بي نهر ڏانهن روانا ٿياسين. ڳپل وقت ٻئي خاموش ويٺا هئاسين.

زهره کي چيم، "ڪجهہ ڳالهاءِ نہ زهره."

تڏو ساهہ کڻي چيائين، "ڇا ڳالهايان."

چيم، "اهو بہ مون کي ٻڌائڻو پوندو ڇا؟"

پوءِ" جڏهن ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن ڳالهہ جو منڍ نہ مليس، تڏهن پڇيائين، "ماني ڪاڏي اٿئي."

"اڄ اجاين ڳالهين ۾ وقت نہ وڃائيندس." وراڻيم، "اڄ اڄ تہ اهڙيون ڳالهيون ڪريون زهره، جيڪي آئينده زندگيءَ ۾ نہ تون وساري سگهين، ۽ نہ مان."

غور سان مون ڏانهن ڏسندي چيائين، "اڄ تون اهو ناهين جيڪو روز هوندو آهين."

مون کي کل آئي. پڇيومانس، "اڄ

منهنجي مٿي تي سڱ نڪري آيا آهن ڇا؟“

”چرچي ۾ ڳالھ نہ ٽار.“

”ڇا جي ڳالھ.“

”ھاٿي ايڏو پورڙو بہ ناھين.“

”تہ سچ پچ ٻڌايانءِ.“

”جي مرضي پوئي تہ.“

”تہ ٻڌ.“ مون آواز ڳورو ڪندي چيو، ”عزيز ھم وطنو، ايوب خان جي جاءِ تي مان اسلامي جمھوريہ پاڪستان جو صدر ٿيڻ وارو آھيان.“

”ھونھ.“ زھره خفي ٿي ويئي. چيائين، ”مان بہ ڪا صفا بيوقوف آھيان. ڀلا مون کي کھڙو حق ٿو پهچي جو توکان تنھنجين ذاتي ڳالھين جي باري ۾ ڪجھ پڇان!“

”زھره.“ مون سندس اداس اکين ۾ ڏسندي چيو، ”دنيا ۾ فقط بہ عورتون آھن جن کان مان ڪجھ لڪائي نہ سگھندو آھيان. انھن مان ھڪ تون آھين، ٻي منھنجي ماءُ.“

”اجايون ڳالھيون نہ ڪر.“ پڇيائين، ”جڏھن کان لاھور آيو آھين، تڏھن کان ڪڏھن ڀلجي بہ پنھنجي ماءُ کي خط لکيو اٿئي.“

”مون ضرورت محسوس نہ ڪئي.“

”تون ڪھڙي قسم جو پٽ آھين. ماءُ کي خط لکڻ لاءِ بہ ضرورت محسوس ڪبي آھي!“

مون پنھنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ محسوس ڪئي. چيم، ”امڙ مون کي ھلڻ وقت خدا حافظ نہ چيو ھو، زھره.“

”خدا حافظ نہ چيو ھئائين توکي!“ حيرت مان پڇيائين. ورائيم، ”خدا حافظ کان ڪجھ وڌيڪ چيو ھئائين.“

پڇيائين، ”خدا حافظ کان وڌيڪ ھڪ ماءُ پنھنجي پٽ کي ٻيو ڇا چئي سگھندي. جنگ تي موڪلڻ مھل بہ ماءُ پنھنجي پٽ کي خدا حافظ چوندي آھي.“

کيس ٻڌايم، ”پر سرڪش سنڌين جون مائرون موڪلائڻ مھل ’خدا حافظ‘ چوڻ کي بزدليءَ جي علامت سمجھنديون آھن.“

پڇيائين، ”تہ پوءِ سنڌي مائرون پنھنجن پٽن کي الوداع ڪيئن ڪنديون آھن.“

جواب ڏنم، ”الوداع ڪرڻ مھل سنڌي مائرون پنھنجن پٽن کي چونديون آھن: گھوڙن ۽ گھوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينھڙا، ڪڏھن منجھ ڪوٽن ڪڏھن واھي رڻ جا.“

”مان پنھنجي ڪند ذھن سان توکي ڪڏھن بہ سمجھي نہ سگھنديس.“ ھن جھيڻي آواز ۾ چيو، ”تون ڪير آھين. لاھور ۾ ڇا ڪرڻ آيو آھين! مان توکي سمجھي نہ سگھنديس.“

”ڇا ڪندينءَ مون کي سمجھي.“ آواز ۾ درد جو احساس ٿيم. چيم، ”سمجھجانءِ، زندگيءَ جي سفر ۾ ھڪ مسافر ساھي پٽڻ لاءِ ترسيو ھو، ھليو ويو.“

”مون کي خبر آھي.“ زھره جي لھجي ۾ لوچ ھئي. چيائين، ”مون کي خبر آھي، تہ ھڪ ڏينھن تون ھليو ويندين.“

دل جهلي، منهن هٿي پاسي ڪندي چيو، "منهنجي وڃڻ جي ويل اچي وئي آهي، زهره."

زهره ڦتڪي، ڦيرو ڪائي، مون کي ڪلهي کان وٺي منهنجو منهن پاڻ ڏانهن ڪري ڇڏيو. پتليون پٽر ٿي ويس. خالي نگاهن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. مون محسوس ڪيو، جيڪڏهن اسين ٽانگي ۾ نه هجون ها، اڪيلا هجون ها ته هوءَ مون کي ڀاڪر ۾ ڀري روئي پوي ها. ضبط ڪندي غمناڪ لهجي ۾ فقط ايترو چيائين، "تون هليو ويندين."

سندس ان هڪ جملي ۾ سچي دنيا جو درد هو، ڏک هو. اهو هڪ جملو سندس صدمي جو شاهد هو. ان وقت مان اهو سمجهي نه سگهيس ته شهيد مڙس جي ياد جو مندر من ۾ کڻي هلڻ واري عورت منهنجي لاءِ ايتريقدر بيچين ڇو ٿي پيئي! مون اوپري، اجنبي شخص لاءِ ان حد تائين بيڪل ڇو ٿي پيئي جو مان گهڙي کن لاءِ اهو سوچڻ تي مجبور ٿي پيس ته ڇڻ سندس من ۾ خالد جي ياد جو مندر مسمار ٿي ويو. هڪ لحظي لاءِ وهم ورائي ويو. ته اهي سرحدون جن کي مان اڪري نه سگهيو هوس، آخري ملاقات ۾ پار ڪري زهره جي هيڪلي دل ۾ داخل ٿي ويو هوس. پر غلط فهمي يا خوشفهميءَ وارو پل اک ڇنڀ ۾ گذري ويو.

آهستي چيم، "مون کي پنهنجي خالد جون ڳالهيون ٻڌاءِ."

"ڇا ٻڌايانءِ."

"خالد جي حب الوطنيءَ جي باري ۾ ٻڌاءِ."

"هو وطن لاءِ مرڻ کي موت جي معراج سمجهندو هو."

"نيڪ سمجهندو هو تنهنجو خالد."

وراڻيم، "پر زهره، ڪجهه انسان وطن لاءِ اهڙي نموني سر جو نذرانو ڏيندا آهن، جو سندن موت معراج کان مٿي ٿي ويندو آهي."

زهره ڪجهه حيرت ۽ ڪجهه اداسائيءَ واري نگاهه سان مون ڏانهن ڏٺو. ڄڻ منهنجي ڳالهه تي يقين نه پئي آيس. فقط ايترو چيائين، "ائين ورِي ڪيئن هوندو."

چيم، "اهي ڌرتيءَ جا لال يونيفارم نه پائيندا آهن. هر مهيني پگهار نه وٺندا آهن. سندن ياد ۾ سيمنٽ جا سهڻا يادگار ڪڙا نه ڪيا ويندا آهن. هو، جڏهن ڌرتي ماءُ جو سڏ ٿيندو اٿن، تڏهن سر جو صدقو ڏيئي حب الوطنيءَ جي تاريخ پنهنجي رت سان لکي ڇڏيندا آهن."

زهره ٽڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. مون ڏانهن ائين ڏسڻ لڳي ڄڻ مون کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ٽانگو شهر کان پري نڪري آيو هو. رستي جي ٻنهي پاسن کان ٿوهر هئا. ٿوهرن کان پر پرتو زمين جي مٿاڇري تي ساوڪ جي سائي چادر وڇايل هئي.

ٽانگي واري بيڙي دکائي ڪش هنيو. هو ويڪري هانءَ وارو ڪراڙو قداور مڙس هو. ٽانگو جهاڪن ۾

سگهيس. ڪيس آٿت ڏيڻ لاءِ مون وٽ
لفظ نہ هئا. ڪيس هنجون هاريندي ڏسي
سوچيم هيءَ عورت نڪاح جي ٻن ٻولن
۾ ٻڌل نہ آهي... هن عورت کي
پنهنجي شهيد مڙس سان عشق آهي.
مان سٽن جنمن ۾ بہ خالد جي ياد زهره
جي دل مان ترڙي نہ سگهندس.

سندس ڪلهي تي هٿ رکندي
چيم، "زهره، دل جي درد لاءِ اکيون آب
حيات بخشي سگهن ها، تہ جيڪر دنيا
مان غم موڪلائي وڃي ها. نہ روءُ
زهره، نہ روءُ."

ٽانگي وارو ٽانگو ڇڏي، ٻيڙي
ڇڪيندو ڪندين ڏانهن هليو ويو.

زهره پنهنجو منهن منهنجي سيني
۾ لڪائي ڇڏيو. سندس روڪيل
روڪيل سڏڪا منهنجي روح مان پار
ٿيندا ويا.

چيم، "زهره، پنهنجي ڏک جو
ڏونگر مون کي ڏيئي ڇڏ. اڄ رات کان
منهنجي زندگيءَ جو جيڪو سفر شروع
ٿيندو، تنهن ۾ اهو ڏونگر مان ڏيهان
کڻي سگهندس."

هوءَ مون کان پري ٿي بيٺي. آلين
اکين سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي.
ڪجهہ نہ چيائين. رئي جي ڪنڊ سان
اکيون اگهي ٽانگي ۾ چڙهي ويٺي.
مان پرسان وڃي ويٺومانس.

ٽانگي وارو ڪندين وٽان موٽي
آيو. پڇيائين، "ڪيڏانهن هلان."

چيم، "بيدن روڊ."

زهره پريل آواز ۾ پڇيو، "ڇو."

"تون ذهني طرح پريشان آهين."

وراڻيم، "منهنجو خيال آهي. پاڻ فليٽ
تي موٽي هلون."

ٿڌو ساهہ کڻي پڇيائين، "۽ پوءِ."
جواب ڏيڻ کان اڳ ڏانهس ڏٺم،
"۽ پوءِ مان هليو ويندس."

جيئن ڪنڌي ڪليءَ ۾ اٽڪي پوي
۽ بيان کان ٻاهر ايذاءُ ڏئي، تيئن ڪو
لفظ زهره جي ترڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. لڇي
هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين. پوءِ پريل
آواز ۾ ڳالهايائين، "ڇا اهو ممڪن
ناهي تہ شاليمار کان ٿيندا هلون."

ڳجهارت جي ڳنڍ ۾ پيچ پئجي
ويو. مقدر جو مام عميق ٿي ويو.
سوچيم، اڄ دل جو غوراب غلطفهميءَ
جي ڪن ۾ غرق ٿي ويندو. دل کي
سمجهايم تہ جنهن عورت کي صبح
شام خالد جي وائي وات آهي، سان
مون سان هرگز محبت ڪري نہ
سگهندي.

هينئر، هن وقت جيڪي ڪجهہ
رونما ٿي رهيو آهي، سو نظر جو دوکو
آهي... سرت سمجهہ جو فريب آهي.
اهو عذاب فقط منهنجي نصيب جي
ڪتبي تي لکجي ويو آهي، تہ مان
حياتيءَ جي آخري دور ۾ ڪنهن اهڙي
عورت سان محبت ڪيان جنهن جي دل
۾ منهنجي لاءِ جاءِ نہ آهي.

مون کي خاموش ڏسي، زهره بيحد
اداس لهجي ۾ چيو، "الفلاح وٽ چيو
هو نہ، تہ اڄ جيڪر زندگيءَ جي هڪ
هڪ ساعت صدي ٿي پوي."

"ها، چيو هوم. پر ان وقت اهو نہ
سوچيو هوم، تہ اسان جهڙن انسانن جي

## حليم بروهي

مون کي هڪڙي چوڪري وڻندي هئي، پر مون جي ويجهو وڃڻ جو چانس وغيره نه مليو. پنجيهن سالن کان پوءِ مون ان چوڪريءَ کي گذريل مهيني ڏٺو ته مان ڏڄي ويس. اها چوڪري اهڙي ٿلهي مائي بڻجي وئي هئي جو ڪا مينهن به ڏسيس ته اچرج ۾ پئجي ڪنڌ ورائي پيهر ڏسيس. مون هڪدم اتي ئي سجدو ڪري خدا جو شڪر ادا ڪيو جنهن اهڙي خوفناڪ محبوبه کان مون کي بچايو هو، ته ايتري ۾ هڪڙو غيبي آواز آيو ته ”اي انسان، سجدي مان اٿي ڏس ته اها ٿلهي مائي به سجدي ۾ ڪري خدا جو شڪر ادا ڪري رهي آهي جنهن ڪيس تو جهڙي سنهڙي، سڪل، مٺل ۽ سيپڪ جهڙي محبوب کان پناهه ۾ رکيو!“

# مزاحيه جنتري

**طنز و مزاح سان مالا مال ليکڪ جون سانڍڻ جهڙيون لکڻيون**

## چکن ڪارن سوپ ٺاهڻ

**جينٽلمين** عورتن کي چکن ڪارن سوپ ٺاهڻ جو شونق هوندو آهي، پر جينٽلمين عورتن کي چکن ڪارن سوپ ٺاهڻ لاءِ ريسيپي هٿ ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي.

وڏي مشڪل سان هڪڙي چيني بورچيءَ کان مون چکن ڪارن سوپ جي هي ريسيپي هٿ ڪئي آهي جا مان جينٽلمين عورتن لاءِ پيش ڪريان ٿو ته جيئن بورچي خاني ۾ وندريل هجن ۽ پنهنجن جينٽلمين مڙسن لاءِ مٿي جو سور نه ٿين.

چکن ڪارن سوپ ٺاهڻ لاءِ هي شيون کپن. هڪڙو ڪڪڙ جيڪو مٺل به هجي ۽ ڪٺل به هجي، اڌ ڪلو ڪڻڪ، ٻه ڪلو پاڻي، هڪ ديڳڙو، هڪ سائيڪل ۽ هڪڙو ڊرائيور يا



مالهي جيڪو سائيڪل هلائڻ ڄاڻندو هجي.

پهرين ڪڪڙ ۽ پاڻي ديڳڙي ۾ وجهي باهه تي چاڙهي ڇڏجي ۽ جيسين ڪجهه ٿئي يا جيسين ڪڪڙ رڙيون ڪري تيسين پاڻ بيٺي بيٺي ڪٽڪ ڊوئي صاف ڪري وٺجي. پوءِ اها ڪٽڪ به ان ديڳڙي ۾ وجهي ڍڪ ڏيئي مٿان بار رکي ڇڏجي ته جيئن ديڳڙي مان ٻاڦ ٻاهر نه نڪري. بلڪ بهتر ٿيندو جي ڍڪ تي پاڻ چڙهي ويهي رهجي ۽ جي گرم لڳي ته اوڪڙون ٿي ويهجي. اڌ ڪلاڪ اٿين ديڳڙي جي ڍڪ تي ويٺو رهجي ۽ پوءِ ديڳڙي تان لهي آهستي آهستي ڍڪ کولي ڏسجي ته ڪڪڙ ڪهڙي حال ۾ آهي ۽ جينٽلمين عورت جي مڙس وانگي پاڙي ٿي پيجي ته نه ويو آهي. جينٽلمين عورت ڏسندي ته ڪڪڙ به سندس مڙس وانگي ٺي اچا به ديڳڙي



۾ ٺي پيو هوندو ۽ مڙسس وانگي ٺي ڪجهه ڳري ڪجهه سڙي ويو هوندو. پوءِ ديڳڙي ۾ اڌ ڪلو کير وجهجي ۽ ٽپ ڏيئي وري ديڳڙي تي چڙهي ويهي رهجي پر پهرين ديڳڙي تي ڍڪڻ رکي پوءِ ديڳڙي تي ٽپ ڏيئي ويهجي نه ته ديڳڙي تي ڍڪڻ رکڻ وساري سڌو ديڳڙي تي ٽپ ڏيڻ سان جينٽلمين عورت پاڻ به ديڳڙي اندر ڪڪڙ سان گڏ هوندي ۽ ڪڪڙ يا ته اينجاءِ ڪندو يا جينٽلمين عورت جي پنهنجي مڙس وانگي رڙيون ڪندي ديڳڙي مان نڪري پيجي ويندو. پنجن ڏهن منٽن کان پوءِ ديڳڙي جي ڍڪ تان لهي ديڳڙي جو ڍڪ لاهي ڏسبو ته ديڳڙي اندر گند ٿي چڪو هوندو جو کير ڦاٽي ويو هوندو ۽ ڪڪڙ سڙي ويو هوندو. پوءِ جينٽلمين عورت کي گهرجي ته هڪدم بورچي خاني جي پوئين در کان مالهي يا ڊرائيور کي سڏي چئي ته

سائيڪل تي ڊوڙ پائي ڪنهن چائنيز هوٽل تان ڇڪن ڪارن سوپ جا ٻه پيالا وٺي ٽڪرو اچي ته جيئن صاحب کي خبر نه پئي ته مير صاحب بورچي خاني ۾ کهڙو گند ڪيو آهي.

## آسماني نڪاءُ

**ڇوڪرات** واري زماني ۾ مون کي هڪڙي ڇوڪري وڻندي هئي، پر هن جي ويجهو وڃڻ جو چانس وغيره نه مليو. سو اهو رومانس هڪ طرفو ئي پئدا ٿي، جنهن کي اردو ۾ چئبو آهي ته هڪ طرفو ئي پروان چڙهي، وري جنهن کي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي ته هڪ طرفوئي ختم به ٿي ويو. شايد پنجٽيهن سالن کان پوءِ مون ان ڇوڪريءَ کي گذريل مهيني ڏٺو ته مان ڏڇي ويس. اها ڇوڪري اهڙي ٿلهي مائي بنجي وئي هئي جو ڪا مينهن به ڏسيس ته اچرج ۾ پئجي ڪنڌ ورائي ٻيهر ڏسيس. مون هڪدم اتي ئي سجدو ڪري خدا جو شڪر ادا ڪيو جنهن اهڙي خوفناڪ محبوبه کان مون کي بچايو هو. ته ايتري ۾ هڪڙو غئبي آواز آيو ته "اي انسان، سجدي مان اٿي ڏس ته اها ٿلهي مائي به سجدي ۾ ڪري خدا جو شڪر ادا ڪري رهي آهي جنهن ڪيس تو جهڙي سنهڙي، سڪل، مٺل ۽ سيپڪ جهڙي محبوب کان پناهه ۾ رکيو!"

## صوبيداري

**اسان** سنڌ جي صوبيدارن جون ٻه عادتون اهڙيون آهن جن ڪري هو سڌو بهشت ۾ ويندا. هڪڙي عادت هي آهي ته جنهن صوبيدار جي حد ۾ ريلوي اسٽيشن هوندي سو صوبيدار ٽرين اچڻ وقت اسٽيشن جي پليٽفارم تي ٽرين جي زناني ڊٻي سامهون بيهي سڄو وقت پنهنجيون اکيون ان ڊٻي ۾ ڪپائي پنهنجيون مڇون مروٽيندو رهندو ۽ فقط تڏهن ان زناني ڊٻي ۽ پنهنجي مڇن جي جند ڇڏيندو، جڏهن اها ٽرين هلڻ شروع ڪري سندس اکين کان صاف ٽري ويندي. ۽ ٻي عادت هي آهي ته جنهن صوبيدار جي حد اندر ريلوي اسٽيشن نه هوندي سو شام جو سج لهندي ئي ٿاڻي اڳيان ڪرسي رکي رستي تان لنگهندڙ عورتن کي گهوري پيو ڏسندو ۽ پنهنجي ڪنهن خاص چمچي کان پيو پڇندو ته "هيءُ ڪير آهي؟" ۽ "هوءَ ڪير هئي؟"

حيدرآباد جي ڪئنٽونمينٽ ٿاڻي جي حد ۾ ريلوي اسٽيشن نه آهي، سو مان شام جي وقت ٿاڻي اڳيان ڪرسيءَ تي ويهي سامهون واري گهٽيءَ ڏانهن منهن ڪيو خلاءَ ۾ ڏسي رهيو هئس ته مون ڏٺو ته انهيءَ گهٽيءَ مان سامهون اهو بوهرو ڇوڪرو اچي رهيو هو جيڪو پهرئين نمبر جو سائيڪل چور هو ۽ جنهن سائيڪلون چوري ڪري سڄي صدر علائقي جي ماڻهن کي تپايو هو.

هي بوهرو ڇوڪرو ويهن ٻاويهن سالن جو نوجوان هو ۽ صدر علائقي جي سيني ماڻهن کي خبر هئي تہ هو سائيڪلون چوري ڪري وڪڻندو آهي، پر هن کڏهن بہ سزا نہ کاڌي هئي ڇو تہ هو ڪڏهن بہ چوري ڪندي سڳ سوڌو جهليو نہ ويو هو. هن ڇوڪري کي پري کان ايندو ڏسي مان هن جي چالاڪين ۽ پنهنجي بيوسيءَ تي سوچڻ لڳس. سڄي جهان کي خبر هئي تہ صدر جي علائقي مان سائيڪلون اهوئي چورائيندو آهي، پر هو اهڙو حرامي هو جو لنگهندو سدائين ٿاڻي جي سامهون کان هو ۽ ٿاڻي اڳيان لنگهندي مون ڏانهن ڏسي کلي مون کي سلام ڪندي اڳتي لنگهي ويندو هو. سو ڪيس پري کان ايندو ڏسي مان سندس چالاڪين ۽ پنهنجي بيوسيءَ جي باري ۾ سوچڻ لڳس.

جن مهربان پڙهندڙن حيدرآباد جو ڪئنٽونمينٽ ٿاڻو ڏٺو آهي تن "مهربان هوٽل" بہ ضرور ڏٺي هوندي جا ٿاڻي جي سامهون ٿورڙو اوير پاسي آهي. اها "مهربان هوٽل" هڪڙي ايراني نالي شهرزاد جي آهي جنهن جي عادت هئي "مهربان" چوڻ. هو ڳالهائيندو ئي "ها مهربان" ۽ "نہ مهربان" ڪري هو. ٻل ونڻ وقت چوندو هو تہ "مهربان توتي چار ربيا آهن" ۽ پئسا موٽائڻ وقت چوندو هو تہ "مهربان هي تنهنجا بہ ربيا واپس." سلام مهربان، وعليڪم سلام مهربان، ويهو مهربان، ڇگو مهربان، پئسا ڏيو مهربان، پئسا ونو مهربان، ڪندي ڪندي اهو شهرزاد "مهربان" نالي سان سڃڻ لڳو ۽ سندس هوٽل جنهن جو اصل نالو ڪيفي برطانيہ هو سا "مهربان هوٽل" سڏجڻ لڳي ۽ آخر مهربان سيٺ ان هوٽل جو نالو ڦيرائي مهربان هوٽل رکي ڇڏيو. جنهن زماني جي مان ڳالهہ پيو ڪريان تنهن زماني ۾ مهربان هوٽل اڃا ڪيفي برطانيہ هئي ۽ ان هوٽل ۾ شام وقت ڪاري موري واري ڪاليج جا شاگرد پنهنجون سائيڪلون هوٽل جي درن پرسان بيهاري پاڻ اندر ويهي چانهہ پيئندا هئا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. انهيءَ هوٽل جو وڏو در تہ صدر بازار واري وڏي روڊ تي آهي، پر ٻہ در ان رستي تي آهن جيڪو ٿاڻي اڳيان لنگهي ٿو.

مان سامهون ڳهٽيءَ مان ٿاڻي ڏانهن ايندڙ بوهري ڇوڪري کي ڏسي هن جي چالاڪين ۽ پنهنجي بيوسيءَ تي سوچي رهيو هئس تہ منهنجي نظر ٿورو هٽي مهربان هوٽل جي انهن ٻن درن تي پئي جيڪي ٿاڻي جي سامهون ٿورڙو اوير پاسي هئا. انهن درن اڳيان چار ڇهہ سائيڪلون رکيل هيون جيڪي انهن ڪاليجي شاگردن جون هيون جيڪي شام جو اتي ويهڻ جا عادي هئا ۽ جيڪي گهڻو ڪري سپيئي وڏن آفيسرن جا پٽ هئا.

جيئن اوچتو ننڍڙو ۽ تڪڙو پيشاب اچي، تيئن اوچتو مون کي هڪڙو ننڍڙو ۽ تڪڙو خيال آيو. مون ڏٺو تہ بوهرو ڇوڪرو ڳهٽيءَ ۾ اڃا ڪجهہ پرتي هو ۽ لڏندو لمندو آهستي آهستي اچي

رهيو هو. ان گهٽيءَ مان ايندڙ جي نظر مهريان هوٽل جي درن تي نہ پئجي سگهندي آهي، پر ٽن چئن منٽن اندر اهو بوهرو ڇوڪرو ٽاٽي جي ويجهو اچي مون کي سلام ڪري جڏهن پنهنجي ساڄي پاسي ايرندي ڦري ها تہ هوٽل جي انهن درن اڳيان لنگهي ها جن اڳيان شاگردن جون سائيڪلون بيٺل هيون. مون هڪدم هڪڙي سپاهيءَ کي اشاري سان پاڻ ڏي سڏي چيو تہ آهستي آهستي وڃي هوٽل جي درن اڳيان بيٺل سائيڪلن مان هڪڙي سائيڪل اهڙي طرح ڪٽي اچو جو اندر ويٺلن کي سڌ نہ پوي. اهو سپاهي پنهنجي عام چال هلندي هوٽل جي در پرسان لنگهندي اتي بيٺل سائيڪلن مان هڪڙي نئين ريلي سائيڪل هٿنبل کان جهلي ڦيرائي مونڏانهن اڻين وريو جو اندر در وٽ ئي ويٺل شاگردن کي خبر ئي نہ پئي. ايتري ۾ اهو بوهرو ڇوڪرو بہ گهٽي لتاڙي مون کي سلام ڪري اڳتي وڌڻ لڳو تہ مون کيس سڏ ڪري چيو تہ "هيڏانهن اچ." بوهرو مشڪندو مون ڏانهن هليو آيو تہ سپاهي بہ سائيڪل کي هٿنبل کان جهلي مون وٽ پهتو. مون سپاهيءَ جي هٿ واري سائيڪل ڏانهن اشارو ڪندي بوهري کي چيو تہ "هي سائيڪل وٺي اڏام ۽ هيرآباد ۾ فلاڻي پان واري کان منهنجن سگريٽن جو ڪارٽن وٺي ٻن منٽن اندر موٽي اچ." بوهرو "حاضر صاحب" چئي سپاهيءَ کان سائيڪل وٺي لانگ ورائي سائيڪل تي ويهي چار ڇهہ ٽڪرا پيڊل هڻي اچا مهريان هوٽل جي انهن درن اڳيان لنگهيو جتان اها سائيڪل ڪنيل هئي تہ منهنجي اشاري تي منهنجي سپاهيءَ هڪدم رڙ ڪئي تہ "جهليوس، جهليوس، سائيڪل ڪنيو ٿو وڃي!" سپاهي تہ ڊوڙي پهتس، پر تنهن کان اڳ هوٽل ۾ ويٺل شاگرد بہ ٻاهر نڪري آيا ۽ بوهريءَ کي جهلي ورتائون ۽ اوچتو انهن مان هڪڙي رڙ ڪئي تہ "اڙي! اها سائيڪل تہ منهنجي آهي!" بوهرو ڇوڪرو اهڙو منجهي پيو ۽ گهٻرائجي ويو جو وڦلڻ لڳو تہ "مان صوبيدار صاحب جا سگريٽ وٺڻ پئي ويس" پر شاگردن ٺڦڙون نونشا هڻي منهن سڄائي ڇڏيس.

پوءِ ڪيس هليو جنهن ۾ پنج ڇهہ ڪاليجي شاگرد، جيڪي عزت وارن وڏن آفيسرن جو اولاد هئا، چوريءَ جا اکين ڏٺا شاهد هئا جن پاڻ جوابدار کي چوريءَ جي سائيڪل ڪٽي ٽڪڙو ويندو ڏسي پاڻ پنهنجن هٿن سان ڇوڪري کي سائيڪل سميت جهليو هو. ائين اهو بوهرو ڇوڪرو پورا ٽي سال جيل ڪاٽي ويو، ۽ مان روز باقائدي شام وقت ٽاٽي اڳيان ڪرسي رکي سامهون رستي تان لنگهندڙ عورتن جي باري ۾ پنهنجي ڪنهن چمچي سپاهيءَ کان پڇندو رهيس تہ "هيءَ ڪير آهي؟" ۽ "هوءَ ڪير هئي؟"

# بي ايمان

(1)

منهنجين نالائقين ۾ بيهودگي ۽ بدتميزي جو ايليمينٽ گهٽو هوندو هو. هڪڙي ڀيري بابا چيو ته "اڳتي هلي جو توهان ڀائر لوفرن ۽ غنڊن وانگي هي جاءِ وڪڻي ڇڏيو، تنهنڪري مون سوچيو آهي ته مان هي جاءِ وڪڻي ڇڏيان." مون چيو ته "ها، چو ته اسان ڀائر اڳتي هلي لوفرن ۽ غنڊن وانگي هي جاءِ وڪڻي ڇڏينداسين، تنهنڪري اوهان هينئر ئي لوفرن ۽ غنڊن وانگي هي جاءِ وڪڻي ڇڏيو."

(2)

هڪڙي رات مان ٻين ادائي لڳي رات جو گهر آيس. بابا در کوليندي پڇيو ته "ڪٿان پيو اچين؟" مان جواب ڏيڻ بدران پنهنجي ڪمري ڏانهن کسڪڻ لڳس، پر بابا چيو ته "مان پڇان ٿو ته هن وقت ڪٿان پيو اچين؟" مون وٽ جواب نه هو، سو چيومانس ته "اوهان کي هونئن ئي سمجهڻ گهرجي ته رات جي ادائي وڳي جو آيو آهيان سو ڪنهن مسجد کان نه پيو اچان، ۽ اوهان کي اهڙو سوال ئي نه پڇڻ گهرجي، جنهن جو جواب ڏيڻ بيهودگي هجي."

(3)

هونئن مان عاليشان قسم جو نالائق فرزند ارجمند هئس. سڀرب قسم جو بدلحاظ ۽ بلڪل بي ايمان. جڏهن مان بلڪل ننڍو هئس تڏهن مون کي وڏن مان ڪي "ٻنيا" يعني واڻيو چوندا هئا جو منهنجا وار گهاٽا هوندا هئا ۽ واڻين واري چوٽيءَ جي جاءِ تي آيا بيهندا هئا. اڄڪلهه انهيءَ ساڳي جاءِ تي گنج آهي، جنهن کي مون اجا "دل سان تسليم" نه ڪيو آهي.

(4)

هڪڙي عورت جڏهن به ملندي هئي ته ڪڏهن چوندي هئي ته "مون کي تنهنجي زال وڻندي آهي." ته ڪڏهن چوندي هئي ته "تنهنجي زال ڏاڍي سٺي آهي،" ته ڪڏهن چوندي هئي ته "تنهنجي زال ڏاڍي پياري آهي." سو هڪڙي ڏينهن پڇيومانس ته "مان به توکي وڻان ٿو يا نه؟" جواب جي مون کي اڳيئي خبر هئي جو هن مائيءَ اجا ڏاڪڻ جا ڏاڪا پئي رکيا ۽ مان اڳيئي ڇت تي پهچي چڪو هئس. منهنجو تير نشاني تي لڳو. هن مائيءَ مون سان ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏنو.

(5)

مونکي هڪڙو واقعو ياد ٿو اچي جيڪو منهنجي زندگيءَ ۾ گهٽو اڳتي ٿيو. ٿيو ائين جو هڪڙي شام اوچتو ئي اوچتو آسمان ۾ ڳوڙ ٿيو ۽ ڪارا ڪارا ڀوائتا ڪڪر اوچتو اولهه کان نمودار ٿي سڄي آسمان تي ڇانئجي ويا ۽ سڄي ڪايا کي ٽپ اونده ۾ وڪوڙي ويا. مان چئني پاسي گهوري ڏسڻ لڳس ته ڪارن ڪڪرن مان اوچتو هڪڙو خوفناڪ جن ظاهر ٿيو ۽ مون کي ڳڙڪائڻ لاءِ مون ڏي وڌڻ لڳو.

منهنجو هاڻ ڦاٽڻ لڳو. ۽ مان ڦاٽل اکين سان جن کي ڏسڻ لڳس، ۽ پوءِ مون ڏٺو تہ اها منهنجي زال هئي جنهن کي مون خوامخواهہ جن سمجهيو هو جيتوڻيڪ جن هرويرو ايترو خوفناڪ نہ هوندو آهي. خير، سو مون ڪهڙي ڳالهہ پئي ڪئي؟

(6)

منهنجي گهر ۾ سنگل فيز لائيٽ هئي جنهن تي ٽي. وي ڪڏهن هلندو هو تہ ڪڏهن نہ هلندو هو ۽ ٻئي ٽئين ڏينهن بجلي ضرور هلي ويندي هئي، سو مون ڊبل فيز ورتو تہ جيئن ٽي. وي چڱو هلي ۽ جي هڪڙو فيز بند ٿئي تہ ٻيو فيز هلندو رهي. پر مون ڏٺو تہ ڊبل فيز هوندي بہ ٻئي ٽئين ڏينهن سڄي پاڙي سان گڏ اسان جي بجلي بہ هلي ويندي هئي. سو مون هڪڙو ننڍڙو جنريٽر ورتو تہ جيئن بجلي وڃڻ تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ پکو ۽ بہ چار بلب هلائي سگهجن. پوءِ مون هڪڙي ننڍڙي ٿرمل پاور اسٽيشن ورتي تہ جيئن سڄو شهر اونده هجي تہ بہ منهنجي گهر ۾ بجلي هجي. پوءِ مون هڪڙي ننڍڙي گڊو بئراج بہ ورتي تہ جيئن سڄي صوبي ۾ اونده هجي پر منهنجي گهر ۾ بجلي هجي. اڄ مان هڪڙو ننڍڙو تربيلا بند بہ وٺي آيو آهيان تہ جي سڄي ملڪ ۾ بجلي فيل ٿئي تہ بہ منهنجي گهر ۾ روشني هجي.

(7)

پهرين ٻڌم تہ غلام علي جي ڌيءُ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪندي نوڪري ڇڏي گهر اچي ويٺي آهي، پوءِ ٻڌم تہ محمد بخش جي ڌيءُ بہ ڪم ڪرڻ کان نابري واري ڊاڪٽري ڇڏي گهر اچي ويٺي آهي، ۽ اڄ ٻڌو اٿم تہ رحمت الله جي ٻکين بہ ڪم ڪرڻ کان اوچتو جواب ڏيئي ڇڏيو آهي. آخر هنن نياڻين کي ٿيو ڇا آهي جو ڪم ڪندي ڪندي اوچتو ئي اوچتو ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏين؟

(8)

مون کي اهو ڏکهو رسو گهرجي جيڪو الله ڪجهہ ماڻهن کي ڏيندو آهي.

(9)

منهنجي هڪڙي دوست سعودي عرب مان مون لاءِ سلام موڪليا جي ايئرپورٽ تي ڪسٽم وارن جهلي ورتا جو چيائون تہ "اهو بئنڊ آرٽيڪل آهي." آخر رشوت وغيره ڏيئي مون سلام ڇڏايا ۽ دوست کي لکي اماڻيم تہ آئنده جي سلام موڪلڻا هجنس تہ ڪنهن حاجيءَ هٿان اماڻي تہ لڪائي ڪٽي اچي، يا وري جڏهن پاڻ اچي تہ پاڻ سان پرسنل بئگيج ۾ ڪٽي اچي.

(10)

جو تہ مون کي خبر نہ هئي تہ 1983ع ڌاري راقم الحروف (يعني ممتاز مهر) پنهنجي اوسر ۾ لکندو تہ "حليم بروهي 1965ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو." تنهنڪري راقم الحروف (يعني مون) 1967 ڌاري انگريزيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو جنهن سان راقم الحروف (يعني ممتاز مهر) جي اوسر جو ڪوبہ تعلق نہ آهي ۽ فقط 1969ع ڌاري مون

(يعني راقم الحروف) سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو جنهن سان راقم الحروف يعني ممتاز مهر جو هر ڪو تعلق آهي. جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها تہ ممتاز مهر (يعني ميم ميم) 1983ع ۾ پنهنجي اوسر ۾ لکندو تہ "حليم بروهي يعني راقم الحروف 1965 ڌاري لکڻ شروع ڪيو." تہ مون يعني راقم الحروف يقينن 1965 ڌاري ئي سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪري ڇڏيو هجي ها.

پر دوستن ۽ ساٿين جي وچ ۾ چار پنج سال هيڏانهن يا هوڏانهن ٿي وڃڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، ۽ پوءِ اها تواريخ ڪهڙي ڪم جي جنهن ۾ سن ۽ سال بہ هجن ۽ اهي غلط بہ نہ هجن!

(11)

ذاتي تجربي کي ڪهاڻي جو روپ ۽ نالو ڏيڻ ليکڪ بنجڻ، بدديانتي کان علاوه گڏهہ پائي بہ آهي. مون پنهنجي ڪنهن بہ ڪهاڻي ۾ مون پنهنجو ڪوبہ ذاتي تجربو نہ ڏنو آهي. ڪجهہ پڙهندڙن جو خيال آهي تہ مون پنهنجين ڪهاڻين ۾ پنهنجي "زال" جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي. اها غلط فهمي فقط ان ڪري آهي جو هڪڙو تہ منهنجو لکڻ جو انداز ئي ڪجهہ اهڙو ڦڏو آهي جو مان پراين زالن کي بہ پنهنجي زال سمجهي لکي ويندو آهيان، ٻيو تہ مان گهڻو ڪري "مان" واري زمان ۾ لکندو آهيان، ۽ ٽيون تہ فقط ڪو گڏهہ قسم جو اديب ئي پنهنجي ڪهاڻين ۾ پنهنجين محبوبائن بدران پنهنجي زال کي جڳهہ ڏيندو. ليکڪ وٽ فقط سنڌس ڪهاڻيون ئي تہ هڪ ذريعو هونديون آهن محبوبائن تائين سندس محبت جو پيغام پهچائڻ لاءِ، ۽ جيڪڏهن مان پنهنجو هي هڪڙو ذريعو بہ پنهنجين محبوبائن بدران پنهنجي زال تي ضايع ڪري ڇڏيان تہ مان عاليشان قسم جو خچر چئبس.

(12)

هڪڙو صاحب پهريون ڀيرو مون سان مليو ۽ چيائين تہ "مان هڪڙي انگريز سان مليس جنهن مون کي مڃايو آهي تہ گوشت کائڻ چڱو ناهي، سو مان گوشت کائڻ ڇڏي رهيو آهيان. اوهان جو ڇا خيال آهي؟" چيومانس تہ "گوشت کائڻ بيشڪ ڇڏي ڏي، پر پوءِ جيڪي ٻار توکي ٿين سي سمجهجئين تہ ٻاڙي وارن جا آهن." هو صاحب بلڪل ڪنفيوز ٿي ويو، ۽ ٻئي ڏينهن فون ڪري ٻڌايائين تہ "مون گوشت نہ کائڻ واري فيصلي تان هٿ کڻي ڇڏيو آهي."

## ٻار پالڻ

نوٽ: هن مضمون ۾ اسان ٽن مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

پهريون مسئلو: ٻار ڪيئن پالجي.

ٻيو مسئلو: ٻار کي ڪيئن پالي وڏو ڪجي.

ٽيون مسئلو: ٻار کي ڪيئن پلجي نندو ٿيڻ کان روڪجي.

چوٿون مسئلو: اڳيئي پليل ٻار کي
کيئن وڏيڪ پالجي، ۽
پنجون مسئلو: پنجن مسئلن کي کيئن
گهٽائي پهرين مسئلي تي
بيهارجي.

عورتن کي ٻار پالڻ بابت ڪجهه سمجهائڻ ائين آهي جيئن سج کي ميڻ بتي يا ٽارچ يا لالٽين ڏيکارڻ. تنهنڪري هن مضمون کي فقط مردن لاءِ محدود سمجهيو وڃي (اسان پهرين لکيو هو ته "هن مرد کي فقط مضمونن تائين محدود سمجهيو وڃي." پر اسان جلد غلطي جهلي سڌي درست ڪئي.) عورتن کي ٻار پالڻ بابت ڪاٻه بي ڳالهه سمجهائڻ اجايو آهي، ڇو ته هرڪا عورت پنهنجو پاڻ ماهر امراض پوشيده آهي، جو اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ڏينهن نماز پڙهڻ کان انڪار ڪندي چوندي آهي ته: "حڪم ڪونهي." ۽ اسان مرد وري بيوقوفن وانگر پڇي ويهندا آهيون ته "ڪنهن جو ڪم ڪونهي؟" اسان ڏٺو آهي ته آزموديگار حضرات (حضرتن جو جمع آهي، جيئن حسرتن جو جمع حسرات آهي، يا جيئن آزموديگار وري گارين جو جمع آهي. جڏهن سقوط ڍاڪا ٿيو هو، تڏهن اسان فقط ايترو سمجهيو هو ته ڍاڪا شهر کي ڪجهه ٿي ويو آهي. شادي شده حضرات کي گهرجي ته ڏينهن ۾ پنج ڀيرا تجديد ميثاق ڪن (۽ ڏينهن ۾ پنج ڀيرا تجديد ميثاق جي معنيٰ ڪنهن ڊڪشنري ۾ ڏسن.) اسان جو خيال آهي ته اسان هن پئراگراف ۾ پنهنجي اصل مقصد کان (معنيٰ مقصد حقيقي کان) هٽي ويا آهيون. تنهنڪري اسان هي پئراگراف دوباره (ٻه ۽ ٻارنهن) ٿا لکون.

اسان ڏٺو آهي ته جڏهن ڪا عورت اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ڏينهن نماز پڙهڻ کان نابري واري الل الا (ابول الا مان نڪتل آهي) اعلان ڪندي آهي ته "حڪم ڪونهي." تڏهن تجربيڪار مرد ٻه ڪياڙي ڪنهندا رهجي ويندا آهن (تفاوت فقط ايترو هوندو آهي ته ناتجربيڪار مرد پنهنجي ڪياڙي ڪنهندا رهجي ويندا آهن ۽ تجربيڪار مرد وري عورت جي ڪياڙي ڪنهندا رهجي ويندا آهن.) پاڻ لاءِ نوٽ: عورتن جي ڪياڙي بابت وڏو ۽ وسيع مضمون لکڻو آهي. نوٽ ختم پئسا هضم. پاڻ لاءِ ٻيو نوٽ: هاضمي جون گوريون وٺيون آهن.

ٻار ٻن قسمن جا ڄمندا آهن: هڪڙا نر ٻيا مادي ٻار. نر ٻار ڄمڻ تي تمام گهڻي واهه واهه ٿيندي آهي ۽ مادي ٻار ڄمڻ تي تمام گهڻي يو يو ٿيندي آهي. نر ٻار ڄمڻ تي ڀيءُ کي گلن ڦلن ۽ وڻن ٽارين سان سينگاري، اهڙي ئي سينگاريل گهوڙي تي ويهاري، بينڊ باجن دهلن شهناين سان اهڙو ته زبردست جلوس ڪڍيو ويندو آهي جو ڳوناٽن يا شهر واسين کي سمجهه ۾ ئي نه ايندو آهي ته نر ٻار گهوڙي تي ويٺل مرد کي ڄائو آهي، يا مرد هيٺ مرد جهڙي ئي سينگاريل گهوڙي کي ڄائو آهي. مٿان وري شهنائيون غضب

ڪنديون آهن. جو شهنائين جي آواز تي گهوڙي جو ڳاٽ بہ گهوڙي تي وينل مرد جي ڳاٽ وانگر فخر سان اوچو ٿيو پوي. پوءِ لڳندا آهن شرط. چاليهہ سيڪڙو ڳوناٽا يا شهر واسي شرط لڳائيندا آهن تہ نر ٻار گهوڙي ڪي ڄائو آهي ۽ چاليهہ سيڪڙو ڳوناٽا يا شهر واسي وري شرط لڳائيندا آهن تہ نر ٻار گهوڙي تي وينل مرد ڪي ڄائو آهي. باقي رهيل ويهہ سيڪڙو ڳوناٽا يا شهر واسي وري دل ئي دل ۾ گڏ گڏ ٿي رهيا هوندا آهن جو سمجهندا آهن، تہ نر ٻار ڪين (ٻانڌ ڪي) ئي ڄائو آهي. هونئن نر ٻار جي شڪل ڄمڻ وقت گهوڙي سان گهٽي مشابهت رکندي آهي (خاص ڪري اکيون.) پر پوءِ گهوڙي تي وينل مرد سان سدائين رهڻ ڪري نر ٻار جي شڪل آهستي آهستي ڦري گهري بلڪ ڦيرائيون ڪائي، انهيءَ مرد جهڙي ٿيو پوي (خاص ڪري اکيون.) سچ چيو اٿن تہ ڪانءُ جي ٻچن ڪي ڪانون ۾ ئي رهڻ گهرجي ۽ گهوڙن جي ٻچن ڪي گهوڙن ۾ ئي رهڻ گهرجي.

مادي ٻار ڄمڻ تي مرد اهڙو تہ ذليل، خوار ۽ خراب بلڪ اردوءَ ۾ رسوا ٿيندو آهي جو پهرين تہ گهر جا ٿانوَ ٺڪر پيچي گهر ڪي پٽ ڪندو آهي ۽ پوءِ زال ڪي مارڻ ۽ سس ڪي ڪهڻ جي الزام ۾ بہ چار ڏينهن ٿاڻي ۾ رهي، ويهہ سال وڏي جيل ۾ گذاري چرين جي اسپتال ۾ وڃي هنڌ ڪندو آهي. (ٻانڌ لاءِ نوٽ: هڪڙو وڏو ۽ وسيع مضمون لکڻو آهي تہ زال ڪي مارڻ ۽ سس ڪي ڪهڻ تي نشان جرئت ملڻ گهرجي يا نہ.) مادي ٻار ڄمڻ تي مرد تہ خير ٿاڻي ۽ جيل مان ٿيندو چرين جي اسپتال ۾ وڃي ٻانڌ ملهائيندو آهي، پر بينڊ باجن ۽ شر شهناين وارا بہ ائين الوپ ٿيو وڃن جو جيئن بينڊ باجن ۽ شر شهناين سان سندن ڏور جو بہ واسطو نہ هجي. گهوڙا تہ صفا ائين غائب ٿيو وڃن جو ڄڻ تہ گهوڙن خلقڻ جو خيال ئي الله ڪي ڪڏهن ڪونہ آيو هو. اسان چونداسين تہ اها گهوڙن جي وڏي حرامپائي آهي جو وقت تي دوکو ڏيو وڃن. سماج عرف سوسائٽيءَ جي بدمعاشي وري ان مان ظاهر عرف ثابت ٿيو پئي تہ جتي نر ٻار جي پيءُ جي زبردست آجيان ٿيندي آهي اتي مادي ٻار جي پيءُ ڪي "اهو ٿو وڃي، اهو ٿو وڃي" چئي مراڪو سوسائٽي عرف سماج مان ئي لوڏي ڪڍيو ويندو آهي. اسان جو خيال آهي تہ سماج عرف سوسائٽي جي هن بدمعاشيءَ ۾ بہ گهوڙن جي ئي ڪا حرامپائي آهي. بينڊ باجن وارا ۽ دهلن شهناين وارا گهوڙن ٽانگن سان ائين غائب ٿيو وڃن جو ڄڻ تہ مادي ٻار ڄمڻ لاءِ ٻانڌ جوابدار هجن! هن حرامپائيءَ ۽ بدمعاشيءَ خلاف هرهڪ صحيح الدماغ ۽ بلوغت ڪي پهتل شخص ڪي احتجاج ڪرڻ گهرجي. (اسان ڪي لفظ بلوغت استعمال ڪرڻو هو. هونئن هي لفظ غير ضروري آهي.) هونئن تہ هي سڄو مضمون بہ غير ضروري آهي. پوءِ ڇا؟

ٻار ڄمڻ شرط اوهان وٽ هزارين

نالا گڏ ٿي ويندا. ڪو چوندو ته فلاڻو نالو رکوس ته ڪو چوندو ته فلاڻو نالو رکوس. اوهان جي وڏي سالي يورپ مان خط لکندي ته فلاڻو نالو رکوس. اوهان جي وچين سالي آفريڪا مان خط موڪليندي ته فلاڻو نالو رکوس. اوهان جي ننڍي سالي آسٽريليا مان خط اماڻيندي ته فلاڻو نالو رکوس. اوهان جي سس اوهان کي قهر ڀريل نظرن سان ائين ڇتائي ڏسندي رهندي ته جيئن اڳيئي خبر هجيس ته اوهان ٻار تي کهڙو نالو رکندا ۽ بس فقط اوهان جي نالي چوندڻ جو انتظار هجيس ته جيئن هڪدم اوهان تي حملو ڪري اوهان کي چيري ڦاڙي اوهان جو ماس ڪتن ۽ ڳجهن کي کارائي اوهان جون اکيون ڪانگن کي کارائي ڇڏي. شعر عرض آهي ته:

آ ڪانگا ڪر ڳالهه
مون سان پنهنجي ماروئڙن جي.

اوهان جو سالو ايران مان اوهان کي نياپو موڪليندو ته فلاڻو يا فلاڻو نالو رکو. اوهان جو ٻيو سالو ابوظهبي مان خط موڪليندو ته نالو هرگز تيستائين نه رکيو وڃي جيستائين هو پاڻ اينڊڙ سال جي موڪلن ۾ اوهان وٽ نه پهچي. اوهان جي سس جي اکين ۾ رت تري آيو هوندو ته جيئن اڳيئي خبر هجيس ته اوهان کهڙو نالو ٻار تي رکندا. اوهان جو سهرو ڪڏهن اوهان کي ۽ ڪڏهن ٻار کي ائين خوشي ۽ عجب جي گڏيل جذبات (جذبن کي اڄڪلهه جذبات چيو ويندو آهي) سان ڏسندو رهندو ڄڻ ته اعتبار نه ايندو هجيس ته اوهان ڪو ٻار ڄڻڻ جي قابل به هئا. اوهان جي پڦي اوهان کي صلاح ڏيندي ته فلاڻي قسم جا نالا نه رکڻ گهرجن. اوهان جي ماسي اوهان کي سمجهائيندي ته فلاڻي ۽ فلاڻي قسم جا نالا به نه رکڻ گهرجن. اوهان جي سس جي اکين مان رت ٽمڻ لڳندو. اوهان جي زال جي پڦي جو پٽ نياپو آڻيندو ته نالي رکڻ جي ڪاروائي تيستائين روڪي وڃي جيستائين پڦي پاڻ سڄي ڪائنات ۾ ٽڙيل پکڙيل پنهنجين ڏيئرن ۽ ڏوهٽين ۽ پوٽين ۽ نٽانن سان صلاح مشورو ڪري ڪو نالو چوندي وٺي. اوهان جي سس هاٺي ڏند به ڪرٽي رهي هوندي. اوهان جي زال جي ماسي اوچتو اعلان ڪندي، ته جيڪڏهن اوهان ٽمبڪٽو (آفريڪا) ۾ پرٽيل سندس ڏيءَ جو موڪليل نالو پنهنجي ٻار تي نه رکيو، ته ماسي پاڻ به پنهنجي ٽمبڪٽو واري ڏيءَ سميت اوهان کي ۽ اوهان جي سموري خاندان کي به اوهان جي ٻار سميت پنهنجي برادريءَ مان خارج ڪري ڇڏيندي ۽ نتيجو اهو نڪرندو جو اوهان نه هتي رهڻ جي قابل رهندا ۽ نه وري ٽمبڪٽو ۾ ئي ڪنڌ مٿي ڪري هلي سگهندا. جيئن جيئن نالن ۽ ڪائونٽر نالن جو ڏوڙيو ٿيندو ويندو، تيئن تيئن اوهان جي سس جون اکيون وڏيڪ ۽ وڏيڪ خوفناڪ ٿينديون وينديون.

پوءِ اوچتو اوهان هڪ عظيم الشان غلطي ڪندا. اها غلطي اها هوندي ته

اوهان سائبيريا جي برفاني ميدانن ۾ ڦاٿل پنهنجي ساليءَ جو موڪليل نالو پنهنجي ڀار تي رکي ڇڏيندا. نتيجو اهو نڪرندو جو اوهان تي راڄ ۾ حقو پاڻي بند ٿي ويندو. سماج مان اوهان کي ڌڪا ڏيئي ڪڍيو ويندو. سوسائٽيءَ ۾ اوهان جو نالو ونڻ به پاپ سمجهيو ويندو. ۽ اوهان وٽ خودڪشيءَ کان سواءِ ٻي ڪا واٽ نه رهندي. سس اوهان تي پنهنجن چنبن سان حملو ڪري ڀار پاراتا ڏيندي ته اوهان ڇو ايران واري سندس پٽ جو موڪليل نالو ڀار تي نه رکيو. اوهان جا سمورا ساهرا پاڻ ۾ متحد ٿي اوهان جي خلاف عوامي جنتا پارٽي ناهيندا جنهن ۾ سائبيريا جي برفاني ميدانن ۾ ڦاٿل اوهان جي اها سالي به شامل ٿي ويندي جنهن جي پسند جو نالو اوهان پنهنجي ڀار تي رکيو هوندو جو هوءَ وري ان ڪري ڪاوڙيل هوندي، ته اوهان ڇو سندس ايران واري ڀاءُ جي مرضي نه رکي (اسان اوهان کي ٻڌايون ٿا ته شادي، ڀار، سالا، ساليون، سهرو ۽ سس وغيره سڀيئي هڪ نهايت اعليٰ قسم جو شيطاني چرخو آهن. سس ۽ سهرو ته ظاهر ظهور ۾ ڏسڻا واسڻا شيطاني چرخا نظر ايندا آهن. سس ته شيطاني چرخي وانگر گول به ڦري ايندي آهي. باقي سالا ۽ ساليون آهستي آهستي شيطاني چرخا ثابت ٿيندا آهن.)

هاڻي ڪي نصيحتون ۽ ڪي صلاحون:

1. ڀار پالڻ وقت خيال رکجي ته متان ڀار وڏيڪ پلجي نه وڃي.
2. مادي ڀار ڄمڻ تي جيڪي هزارين نالا مادي ڀار تي رکڻ لاءِ اوهان کي ملن تن هزارن نالن مان هڪڙو نالو مادي ڀار تي رکي باقي بچيل هزارين نالا سنڀالي رکڻ گهرجن. اسان ڏٺو آهي ته جتي پهريون ڀار ئي مادي ڀار ٿيو اتي مادي ڀارن جي قطار ٿيو پئي. ايتري قدر جو نالا کٽيو پون پر مادي ڀارن واري قطار هلي اچي.
3. جڏهن اوهان محسوس ڪريو ته اوهان تمام گهٽي محنت ۽ شفقت سان ڀار جون عادتون بدلائي سٺيون ۽ وقتائتيون ڪري ڇڏيون آهن تڏهن حقيقت اها هوندي آهي ته ڀار تمام گهٽي محنت ۽ شفقت سان اوهان جون عادتون بدلائي سٺيون ۽ وقتائتيون ڪري ڇڏيون هونديون آهن. مطلب ته جڏهن اوهان سمجهو ته ڀار سڌري ويو آهي تڏهن حقيقت ۾ اوهان پاڻ سڌري ويا هوندا آهيو.

شعر عرض آهي:

مُڇ جو وار، جهڙو ڀار،
جاڏي وراءِ، تاڏي وري.

حسن منصور

# غائب

*سيئي گهر ياتي هڪبئي جو درد سمجهندا هئا ۽ ڪجھ نہ ڳالهائيندي بہ لاڳيتو هڪبئي سان ڳالهائيندا هئا. گهر جا ڀيا سڀ ياتي روز نام دلربا جي انڪري عزت ڪندا هئا جو ان جو واسطو هڪ اهڙي دنيا سان هو جنهن کي حاڪم ٻڌندا ۽ جنهن کان حاڪم ڊڄندا هئا.*

## محمد بخش مومن جي غائب ٿيڻ جي خلق کي خبر پوڻ گهرجي!

ڀهريان، ڀهريان، ڪنهن نہ ڄاتو پر پوءِ، اوچتو ماڻهن کي احساس ٿيڻ لڳو تہ، سندن شهر جي آبادي گهٽجڻ لڳي هئي. ماڻهو اوچتو ئي اوچتو شهر منجهان غائب ٿيڻ لڳا هئا، پر اهو ڪنهن نہ ڄاتو تہ اهي غائب ٿي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا.

ڪيئي ماڻهن جيان محمد بخش مومن بہ اوچتو ئي اوچتو غائب ٿي ويو هو. مومن شهر جي هڪ اهڙي اخبار ۾ پٽيوالي ڪندو هو جنهن جي سرڪيوليشن رستن ۽ بازارن ۾ وڌيڪ هئي، پر ان کي گهر ڪٽي وڃڻ جي همت ان اخبار جي ايڊيٽر کي بہ نہ ٿيندي هئي.

محمد بخش مومن، سندس نالي جو مان رکڻ لاءِ روزنام دلربا کي آفيس ۽ رستن ۾ هٿ بہ نہ لائيندو هو، پر رات جو دير سان گهر پهچڻ کان پوءِ پرھ ڦٽيءَ تائين اخبار جي دلربائيءَ ۾ گم رهندو هو.

سندس گهر ۾ هو اڪيلو نہ هو ٻہ دروازا، هڪ روشندان، هڪ دري، رنڌڻي جو چلهو، ڪجھ ٿانو ۽ هڪ ٽي وي، جيڪا گهڻو ڪري گونگي ۽ ڪڏهن ڪڏهن انڌي بہ ٿي پوندي هئي، پڻ سندس گهر ياتي هئا. مومن جا گهر ياتي کيس تمام گهڻو ڀائيندا هئا ۽ هو بہ کين بي حد پيار ڪندو هو ۽ هاڻ هو روزنام دلربا جي پرچن کي پڻ گهر ياتين جيان ڀائيندو هو. ان اخبار ۾ ڪم ڪندي کيس ٻئين ٽئين مهيني پگهار بہ ملي ويندي هئي، جڏهن تہ اخبار پڙهندي ڪليل اکين جا سپنا پڻ سندس خاموش زندگيءَ جي پئڪيج ۾ شامل هئا.

محمد بخش مومن شهر جي ڪيئي ڊٺل ڦٽل ۽ وساريل علائقن منجهان هڪ جي هڪ اونداهي گهٽيءَ ۾ موجود ڪيئي گمنام عمارتن جي ڏٽڙيل فليٽن

# آتش جا گل

مشتاق پرڳڙي

صبح جو روز منهنجي دڪان تي اچي پير گهمائي وڃڻ جڻ تہ سندس ڊيوٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو. دڪان تي اچڻ سان سڀ ڪان پهرين ڪانہ ڪا ڪم جي ڳالهہ مام جي پردن ۾ ويڙهي، رکندو هو. ان بعد سندس ٽاندن جيان ٻرندڙ اکيون منهنجي اکين ۾ کپي ويندي هيون. سندس نيڻن جي زبان دل تائين پيغام رسائيءَ جو ڪم ڪندي هئي ۽ آءٌ ڪيسي مان چانهہ جا پئسا ڪڍي هن جي حوالي ڪندو هوس. موٽ ۾ هو مرڪ جو خوبصورت تحفو منهنجي حوالي ڪندو هو ۽ پوءِ دڪان تان لهي روڊ پڪڙيندو هو.

**هي ڪائنات انيڪ اسرارن جو مجموعو آهي ۽ انهن اسرارن جي ان ڪٿ ڳنڍين کي کولڻ لاءِ ڪائنات ۾ انسان جو نزول ٿيو آهي.**

**دڪان** کولي صفائي ڪري نهي نڪي ڪرسيءَ تي اچا ويهندو مس هوس تہ هو سلام ورائي اچي مٿان بيهندو هو.

بت ۾ پريل جهڙو ملهہ پهلوان، چاپئين ڏاڙهي، شهپرن جي هيٺيان خوبصورت چپ، جن تي هر وقت رقص ڪندڙ

مرڪ ڪنور ڪان ڪنور دل کي موهڻ جو فن ڄاڻندي هئي. ٿانڀن جيان ٻرندڙ اکين ۾ عجيب قسم جي ڇڪ ۽ ڪشش هوندي هئس، اک کڻي نهاريندو هو تہ منڊي ڇڏيندو هو. ويڪري ۽ ڪليل پيشاني سندس ذهانت جي ساکي هئي. سيارو هجي يا اونهارو واسڪوٽ پاتل، ڪلهي تي اڇو رومال، ڪپڙا صاف سٿرا ۽ اڪثر سفيد رنگ جا پهريندو هو. قداور جاننو جوان، پيرن ۾ هوائي چپل ۽ هٿ پويان ڪري هلندو هو تہ لڳندو هو ڄڻ رئيس زادو هجي ۽ ڪنهنجي بہ پرواهہ نہ هجيس.

پهريون ڀيرو جڏهن دڪان ۾ گهڙي منهنجي مٿان اچي بيٺو تہ مون اخبار تان امالڪ نظرون هٽائي جيئن ئي ڪيس ڏٺو هو تہ اٿي بيهي رهيو هوس. هٿ جي اشاري سان ويهڻ لاءِ چيائين تہ هٿ، پير ۽ جسم سندس شخصيت جي سحر ۾ سن ٿي ويا هئا.

منهنجي اکين ۾ نهاريندي چيو هئائين، ”خبر اٿئي تہ مايا ڇا آهي؟ ان لاءِ ۽ پريشان نہ ٿيندو ڪر. مايا جي پويان لڳندين تہ وٺ نہ ڏيندئي ۽ مايا جي حاصلات واري تمنا کي ترڪ ڪندين تہ اها تنهنجو پيڇو نہ ڇڏيندي. اسين جنهن شيءِ جي طلب ۾ مرندا آهيون، اها حاصل ناهي ٿيندي ۽ جنهن شيءِ جي طلب کي ماريندا آهيون، اها وري اسان جو پيڇو ناهي ڇڏيندي. هيءَ دنيا عجيب دورنگي دنيا آهن، جنهن کي سمجهڻ ڪنهن جي بہ وس جي ڳالهہ ناهي.“

سندس ڳالهہ جي تائيد ۾ ڳاٽو لوڏيندي چيو هوم، ”برابر سچ ٿا چئو پر پوءِ بہ هي هڻ وٺ، ڇڪ ڇڪان ۽ ڊڪ ڊوڙ ڇا جي ڪري آهي؟“

مشڪندي چيائين، ”زندگي جا رنگ آهن. بس وينو ڏس.“

ان بعد سندس اکيون منهنجي اکين ۾ کپي ويون، سندس نظرون دل تائين پيغام رسائيءَ جو ڪم ڪيو ۽ ڪيس چيو هوم، ”ڇانهہ پئبي؟.“

مشڪندي چيو هئائين، ”ڇوڻ جي گنجائش اڃا بہ هئي ڇا؟!“

موٽ ۾ ڪڪو وکو ۽ لڄي ٿي پيو هوس. کيسي ۾ هٿ هٽي ڇانهہ جا پئسا ڪڍيا هئس ۽ دڪان تي ڪم ڪندڙ ڇوڪري ڏانهن نهاريندي ڇانهہ وٺي اچڻ لاءِ سڏ ڪرڻ چاهيو هوم تہ هن هٿ جي اشاري سان جهليندي پيو هٿ ڇانهہ وارا پئسا وٺڻ لاءِ اڳتي وڌائي ڇڏيو هو. بہ پل ترسي ڪيس چيو هئس ”دل ۾ نہ ڪجائين، اناڙي آهيان،“ پئسا وٺي هن قميص جي اڳئين کيسي ۾ رکيا ۽ گهڙي ترسي نهڪر ۾ ڳاٽو لوڏيندي چيائين، ”نہ قطعي بہ نہ، سمجهہ جا دعويدار ئي اصل ۾ اناڙي هوندا آهن.“

اها هن سان منهنجي پهرين ملاقات هئي ۽ پهرين ملاقات ۾ ڇپل سندس ڳالهہ کي هينئن سان ڳنڍي وانگر ٻڌي ڇڏيو هو. ان بعد روزيءَ لاءِ آءٌ ڪڏهن بہ پريشان نہ ٿيو هوس ۽ موٽ ۾ مون کي بي حساب روزي ملڻ لڳي هئي. ۽

منهنجا ڏينهن ڦرڻ لڳا هئا.

ان بعد صبح جو روز منهنجي دڪان تي اچي پير گھمائي وڃڻ ڄڻ تہ سندس ڊيوٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو. دڪان تي اچڻ سان سڀ کان پهرين ڪانءَ ڪا ڪم جي ڳالهہ مام جي پردن ۾ ويڙهي رکندو هو. ان بعد سندس ٽانڊن جيان برندڙ اکيون منهنجي اکين ۾ کپي وينديون هيون. سندس نيڻن جي زبان دل تائين پيغام رسائيءَ جو ڪم ڪندي هئي ۽ آءُ ڪيسي مان چانهہ جا پئسا ڪڍي هن جي حوالي ڪندو هوس. موٽ ۾ هو مرڪ جو خوبصورت تحفو منهنجي حوالي ڪندو هو ۽ پوءِ دڪان تان لهي روڊ پڪڙيندو هو.

شايد هن جي طلب چانهہ هئي يا مون تي نوازش. ان ڪري جو نہ تہ ڪڏهن بہ هن جي طلب چانهہ کي اورانگهي ماني يا ٻئي ڪنهن شيءِ تائين پهچي ۽ نہ وري ٻي ڪنهن دڪان تي چڙهندي ئي ڪو مون هن کي ڏٺو.

هن جي وڃڻ پڄاڻان آءُ سندس مام ۾ ڪيل ڳالهہ کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪندو هوس ۽ سڄي سڄي ڏينهن جي مٿا ڪٽ ڪان پوءِ مس وڃي سندس مام ۾ ڪيل ڳالهہ کي پروڙي وٺندو هوس. پر جي اتفاق سان سندس ڪيل ڳالهہ کي آءُ پروڙڻ ۾ ناڪام ٿيندو هوس تہ پوءِ هو ٻئي ڏينهن تي ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندو هو. بس دڪان تي اچڻ سان ٽانڊن جهڙيون برندڙ اکيون منهنجي اکين ۾ کپائي ڇڏيندو هو. سندس نظرون دل تائين پيغام رسائيءَ جو ڪم ڪنديون هيون. مان ڪيسي مان چانهہ جا پئسا ڪڍي سندس حوالي ڪندو هوس. موٽ ۾ مرڪ جو تحفو منهنجي حوالي ڪندو هو. چپ چاپ دڪان تان لهي ويندو هو.

هڪ ڏينهن آيو. اچڻ سان چيائين، "تو کي خبر آهي تہ اسين ٻوڙا ڇو ٿي ويا آهيون؟" موٽ ۾ منهنجي اکين ۾ نهاريو هئائين. جتي اٿچاٽائي ڏسي چوڻ لڳو هو. "اڳي رڳو عورتون ۽ پوڙها مرد چاهيندا هئا تہ اسان ڳالهايون ۽ اسان جي ڳالهائڻ کي نہ صرف ٻڌو وڃي پر ان تي عمل بہ ڪيو وڃي پر هاڻ ننڍي وڏي، نوجوان توڙي پڪي جي خواهش هوندي آهي تہ اسان ڪنهن کي بہ ٻڌون نہ ۽ صرف اسان کي ئي ٻڌو وڃي ۽ ان تي عمل بہ ڪيو وڃي." ڪجهہ گهڙيون هو ترسيو هو ۽ پوءِ ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو هئائين، "اهو ئي اسان جو وڏي ۾ وڏو الميو آهي. اسين سڀ پنهنجي ليکي علم جا اڪابر ٿي ويا آهيون ۽ ڪنهن جي بہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيون ۽ جڏهن بہ، جنهن بہ قوم، نسل ۾ ائين ٿيندو آهي تہ پوءِ ان نسل ۽ قوم جو سفر زوال ڏانهن شروع ٿي ويندو آهي ۽ ٻڌ! (هن پنهنجي لهجي ۾ سختي آڻيندي چيو هو) اسان جو سفر زوال ڏانهن شروع ٿي چڪو آهي."

ان بعد هو ماٺ ٿي ويو. ڄڻ چوڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچيو هوس. سندس چهري تي پريشانيءَ جا تاثر اڀري آيا هئا. هن ٿڌو ساهہ ڀريو هو ۽ چند پلن

بعد سندس چهري تي اڳ واري تازگي پيهر موٽي آئي هئي. ان بعد سندس اکيون منهنجي اکين ۾ کپي ويون هيون. سندس اکين دل تائين پيغام رسانيءَ جو ڪم ڪيو هو. منهنجا هٿ پاڻ مرادو حرڪت ۾ اچي ويا هئا ۽ مون چانهه جا پئسا ڪڍي سندس حوالي ڪيا هئا ۽ هو پئسا وٺي رمندو رهيو.

هو ڪٿان ايندو هو، مون ڏي ڇو ايندو هو ۽ ڪاڏي هليو ويندو هو؟ مون کي ڪا به خبر نه هئي ۽ نه ئي وري اهو ڄاڻڻ لاءِ منهنجي دل ۾ ڪڏهن اهڙو اشتياق پيدا ٿيو. شروع شروع ۾ انهيءَ پيد جهڙي ماڻهو لاءِ منهنجي دل ۾ پراسرار خاڪو جڙيو. ان بعد سندس لاءِ عزت ۽ احترام ۽ آخر ۾ آءٌ سندس گرويده ٿي ويو هوس ۽ هن جي اچڻ جو شدت سان منتظر رهندو هوس.

هڪ دفعي آيو ته اچڻ سان چيائين، "تنهنجي دل ۾ عجيب غريب سوال پيدا ٿيندا رهندا آهن، ائين نه؟"

موٽ ۾ هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو هوم.

چيائين "اڄ تو اهو ئي پڇڻ پئي چاهيو نه ته ڪائنات ۾ انسان جو نزول ڇا جي ڪري ٿيو آهي؟" موٽ ۾ حيران ٿيندي چيو هئومانس، "هائو."

هڪ ڪجهه گهڙيون سوچن جي عميق ساگر ۾ ٻڏي ويو ڇڻ ڪيس موتين جهڙن لفظن جي تلاش هئي. ان بعد هٿن جي ترين کي مهٽيندي چيائين، "هي ڪائنات انيڪ اسرارن جو مجموعو آهي ۽ انهن اسرارن جي اڻ ڪٿ ڳنڍين کي کولڻ لاءِ ڪائنات ۾ انسان جو نزول ٿيو آهي.

"اسرارن جون اهي ڳنڍيون انسان کوليندو ويندو آهي، کوليندو ويندو آهي اسرارن جي پيد جا پردا کلندا ويندا آهن، کلندا ويندا آهن، ايستائين جو انسان جي عمر ختم ٿي ويندي آهي پر اسرارن جون سموريون ڳنڍيون کلي ناهن سگهنديون."

ڪجهه دير لاءِ ترسي هن مون کي چتائي ڏٺو، ڄڻ منهنجي چهري جي ريکائن مان ڄاڃڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين ته آءٌ سندس ڳالهين کي فقط غور سان ٻڌي رهيو آهيان يا ڪجهه سمجهي به رهيو آهيان. ان بعد چهري تي اطمينان جا تاثر اڀري آيا هئس ۽ ٽٽل ڳالهه کي اتان کان جوڙيندي پيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو هئائين، "ڪجهه مورک ماڻهو سمجهندا آهن ته ڪائنات جي سمورن رازن جون ڳنڍيون کلي پيون آهن ۽ سمورن پيدن جا راز مٿن منڪشف ٿي ويا آهن. پر ائين هوندوئي ناهي." ٿوري دير لاءِ ترسيو ۽ پوءِ پيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو هئائين، "ڪجهه ماڻهو وري تو ۽ مون جهڙا لاهي لفظ ادا ڪندي سندس چپن تي مشڪ ۽ اکين ۾ عجيب قسم جي چمڪ پيدا ٿي وئي هئس) صبح جو اٿندا آهن، روزيءَ جي تلاش ۾ گهران نڪري ويندا آهن، شام لڙيءَ رات جو گهر موٽندا آهن ۽ ماني کائي سمهي رهندا آهن. اهڙن ماڻهن جي زندگيءَ جون وسعتون ننڍڙي گول دائري جي

اندر ڦرنديون رهنديون آهن ۽ انهن دائرن کي اورانگهي ئي ناهن سگهنديون. ڪائناتي اسرار انهن لاءِ ڪابہ معنيٰ ناهن رکندا. ڇاڪاڻ جو انهن اسرارن جي ڪين ڪائي خبر ناهي هوندي. پيو تہ نهيو انهن کي اها خبر بہ ناهي هوندي تہ سندن اندر ۾ بہ ڪا ڏار ڪائنات آهي. بس انهن جي ڪل ڪائنات گهر کان شروع ٿي گهر تي ئي ختم ٿيندي آهي.“

ڳالهہ پوري ڪرڻ کان پوءِ سندس اکيون منهنجي اکين ۾ کپي ويون. مون چانهہ جا پئسا ڪڍي سندس حوالي ڪيا ۽ هو دڪان تان لهي پنهنجي راهہ وٺي ويندو رهيو.

هڪ دفعي آيو تہ پريشان پريشان پئي لڳو. مون کي ياد آهي تہ پهريون دفعو ڪرسي سيري ويٺو هو ۽ پاڻيءَ جو گلاس طلبيو هئائين. مون خوش ٿيندي پاسي ۾ پيل ڪولر مان ڀري ڏنو هو. ٽي پاڻيءَ جو گلاس ڀري ڏنو هو. ٽي ساهيون ڪري پاڻيءَ جو گلاس پيتو هئائين. ان بعد نرڙ تي آيل پگهر کي ڪلهي تان رومال لاهي اگهيو هئائين ۽ پوءِ انتهائي گنڀير لهجي ۾ چيائين، ”ملڪ ۾ محبت جو ذڪر ايندو پيو وڃي، ماڻهوءَ کي ان جو ذڪر نہ پر محبت جو ذڪر ماري وجهندو آهي.“

ڪجهہ گهڙيون ترسي مون کان پڇيو هئائين، ”توکي خبر آهي تہ قيادت ڪڏهن ايندي؟“

اهڙن معاملن ۾ مان ڪو روڄڻ، صفا اناڙي، ڪهڙو جواب ڏيان ها. سو ڪجهہ گهڙيون ترسي پاڻ ئي ٻڌائڻ لڳو، ”روزي، نماز ۽ ديني احڪامن کي ڇڏڻ سان قيادت نہ ايندي. پر قيادت تڏهن ايندي جڏهن دنيا ۾ ماءُ پيءُ کي اولاد سان، اولاد کي والدين سان ڀائرن کي ڀائرن ۽ ڀينرن سان، ڀينرن کي ڀائرن سان، زال کي مڙس سان، مڙس کي زال سان، دوستن ۽ مٽن مائٽن کي دوستن ۽ مٽن مائٽن سان ۽ پاڙيسرين کي وري پاڙيسرين سان محبت نہ رهندي تہ پڪ ڄاڻ قيامت ايندي ۽ اڳتي هلي ائين ٿيندو.“

مون غور سان سندس ڳالهہ ٻڌي، مون کي حيران ۽ پريشان ڏسي چيو هئائين، ”سچ بہ تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي دولت احساس آهن ۽ جيڪو ماڻهو ان دولت کان محروم آهي، ان جهڙو پيو ڪو غريب ئي ڪونهي ۽ جڏهن دنيا ۾ احساس نہ رهندو تہ دنيا بہ نہ رهندي، ڇاڪاڻ جو هي دنيا بيٺي ئي احساسن جي ٿنڀن تي آهي.“

پنهنجي ڳالهہ پوري ڪرڻ کان پوءِ هن ٿڌو ساهہ پريو هو ۽ پوءِ هميشہ وانگر هن پنهنجون اکيون منهنجي اکين ۾ کپائي ڇڏيون. سندس نظرن منهنجي دل تائين پيغام رسانيءَ جو ڪم ڪيو. مون چانهہ جا پئسا ڪڍي سندس حوالي ڪيا ۽ هو دڪان تان لهي روڊ پڪڙي تڪڙو تڪڙو ماڻهن جي پيڙ ۾ گم ٿي ويو.

ان بعد هو مون تي ڪپڙي جي ٿان وانگر ڪلندو ويو ۽ هن سان منهنجو

تعلق ڪجهه وڏيڪ گهرو ٿي ويو. مون هن سان پنهنجي تعلق بابت جڏهن گهٽي سوچ ويچار کان ڪم ورتو ۽ انهيءَ تعلق کي ڪو نانءُ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان مسافر جيان منجهي بيهي رهيو هوس. جيڪو وچ ريگستان ۾ اچي بيهي رهندو آهي ۽ چئني طرف واري ڪي ڏسڻ کان پوءِ ڪو فيصلو ڪري ناهي سگهندو ته ڪيس ڪهڙي طرف وڃڻ گهرجي.

ائين ئي مان به ٻڌتر جو شڪار ٿي ويو هوس ۽ ڪو فيصلو ڪري نه سگهيو هوس ته. هو مون سان اٿميو پيار ٿو ڪري يا نقط همدردي. هو منهنجو دوست آهي يا محسن. يا وري ڪٿي ائين ته ناهي ته هو فقط مون کي ڪنهن سنئين دڳ سان لائڻ ٿو چاهي.

بهرحال جڏهن کان هو مون سان وڌيڪ گهرو ٿيو هو ته هڪڙي سوال پڪيءَ وانگر اندر ۾ اچي آڪيرو اڏيو هو ۽ گهر ناهي ويهي رهيو هو.

هن ڪئي دفعا مون کي پهرين اشارن ۾ ۽ پوءِ سختيءَ سان تنبيهه ڪئي هئي ته انهيءَ سوال کي پنهنجي اندر مان ڪڍي ڇڏ. پر پکي جڏهن آکيرا ناهي ويهندا آهن ته انهن آکيرن کي سترو ڪٽي ڇڏيندا آهن. ائين منهنجو اشتياق جڏهن انتهائي پڪو ته هڪ ڏينهن آءُ ڪائنس پڇي ويٺس.

"مون کي پنهنجي مستقبل بابت ٻڌاءِ؟"

موٽ ۾ ڪاوڙ ۾ تپي منهن ڳاڙهو لال ٿي ويو هئس پر پوءِ پاڻ تي ضابطو آڻيندي نهايت نرم لهجي ۾ چيو هئائين، "انهيءَ خيال تان لهي وڃ."

جيئن ته آءٌ انڌ جي گهوڙي تي سوار هوس، تنهن ڪري اڳيان پويان ڪنهن به ڳالهه جي پرواهه نه ڪندي چيو هومانس، "مون تو سان اچ تائين ڪابه هجت ناهي ڪئي، بس تون منهنجي هي پهرين ۽ آخري هجت سمجهه ۽ مون کي سمورو ڪجهه ٻڌاءِ، اهڙو ڪجهه به پلي جيڪو ٻڌائڻ جهڙو نه به هجي ڪٿي."

هن جي چهري تي ڪئي رنگ ايندا ۽ ويندا رهيا. نرڙ جا گهنج تاڻجي ڳوڙها ٿي ويس. اکيون بند ڪري ڪيتري دير تائين سوچن جي ساگر ۾ گم ٿي ويو. مون کي لڳو ته منهنجي انهيءَ سوال اندر ئي اندر ۾ ڪي وڏا طوفان ڪڙا ڪري ڇڏيا هئس. هيڪر دل ۾ خيال آيو ته پنهنجي انهيءَ سوال تان هٽ ڪٽي آزمائش جي امتحان مان ڪيس ڪڍي وٺان. پر خواهش جو، انڌو گهوڙو هڪڙي پل لاءِ آيل انهيءَ خيال کي پنهنجي سنبن هيٺ لتاڙيندو هليو ويو ۽ آءٌ ساڳي ڳالهه تي اچي بيهي رهيو هوس.

ڪافي دير کان پوءِ هن ٿڌو ساهه ڀري ڳنڀير لهجي ۾ چوڻ شروع ڪيو. "اڄ تو بي صبريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. توکي ائين ڪرڻ نه کپندو هو. پر هاڻ جڏهن توکان صبر جو دامن ڇڏائجي ويو آهي ته پوءِ ٻڌ ۽ غور سان ٻڌ پهرين ڳالهه ته آءٌ توکي تفصيل سان ٻڌائڻ جو مجاز ڪونه آهيان ٻيو ته وچ ۾ توکي ڳالهائڻو ڪونهي ۽ ٽيون ته

نڪري ويو ته ايترو نقصان ڪري وجهندو جو ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي ويندين پر ان ۾ سندس ڪو به ڏوهه نه هوندو. علم جو رسيا، زيارتن جو شوقين ۽ غيب جي علمن تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ سدائين سرگردان رهندو."

چند لمحن لاءِ هو خاموش ٿي ويو. سندس نظرون روڊ جو طواف ڪري موٽيون ۽ هن ٻڌائڻ شروع ڪيو، "تنهنجي اڪيلي ڌيءَ وڏي صابرين هوندي، رب جي رضا ۾ راضي رهڻ واري، متقي، پرهيزگار، رب کي ريجهائڻ جا جتن ڪندڙ ۽ ڳالهين جي ڳهير."

"هاڻي ٻڌ... ۽ غور سان ٻڌ...!"

هو ٿوري دير لاءِ ترسيو، مون سمورن حواسن کي بيدار ڪيو ۽ هڪ منو ٿي سندس اهم ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويس.

ڪجهه پل هو دڪان جي ڇت کي گهوريندو رهيو ۽ پوءِ اونهو ساهه کڻي چوڻ لڳو، "اڄ کان ويهن سالن بعد تون مالي حوالي سان لکن ۾ نه ڪروڙن ۾ کيڏندي. ڪارخانو، زمينون، ٽريڪٽر ٽراليون، بورڊنگ مشينون، موٽرڪارون ۽ بينڪ بيلنس سڀ ڪجهه هوندو تو وٽ." ان وقت منهنجي چهري تي سرهائي ڇانئجي وئي هئي. جنهن کي پسي هو مشڪيو هو ۽ پوءِ ٻڌائڻ لڳو، "پر پوءِ اڳتي هلي اهو ئي تنهنجو ٻيو نمبر پٽ، عياشين جي ڏيڻ ۾ ڦاسي ايترو لٽائي ڇڏيندو جو ڪارون، بينڪ بيلنس، ٽراليون، بورڊنگ مشينون سڀ هليون وينديون ۽ تو وٽ به رستا وڃي بچندا ته زمينن کي بچائجي يا ڪارخاني کي؟ ۽ پوءِ تون ڪارخاني کي بچائڻ وارو ئي فيصلو ڪندين."

منهنجي منهن تي اداسي پنهنجا پر پکيڙي ڇڏيا. موٽ ۾ هن ٿڌو ساهه ڀريو هو (ڄڻ چوڻ چاهيندو هجي اڃا ڪٿي ڳالهه آهي) ۽ پوءِ وراڻيو هئائين، "هڪڙي گهر ۾ مٽ ٿي رهندڙ تنهنجا سمورا پٽ ڌار ٿي ويندا ۽ الڳ الڳ رهڻ لڳندا. هڪڙو ڏچڪو توکي تڏهن لڳندو جڏهن تنهنجو پٽ توکي ڪارخاني تي ڌار ڌار ڪاروبار ڪرڻ لاءِ چوندو ۽ هڪ ئي جاءِ تي هوندي توهان پنهنجي پنهنجي منهن سان ڪاروبار ڪرڻ لڳندؤ."

لالچ جڏهن تنهنجي پٽ جي من ۾ گهر ڪري ويندي ته هو جهٽ ۾ هيهرا مير ٿيڻ لاءِ غلط قسم جي ڪمن ۾ هٿ وجهندو. نتيجي ۾ اهڙي هڪڙي غلط ڪم جي ڪري لکين روپيا وڃائي جان آجي ڪرائيندو. پر مڙندو پوءِ به ڪونه ۽ ٻئي غلط ڪم جي نتيجي ۾ لکين روپيا به وڃائيندو ته جيل جي هوا به کائيندو. "۽ ٻڌ، (هن پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندي چيو) جي هن پوءِ به پنهنجا پير نه سنڀاليا ته ٽئين ۽ آخري غلط ڪم جي نتيجي ۾ باقي ڏينهن جيل ۾ گهاريندو."

ٿوري دير لاءِ هو سوچن ۾ غرق ٿي ويو ۽ ڳنڀير لهجي ۾ وراڻيو هئائين، "آخري عمر ۾ توکي اهڙي بيماري

سليم چنا

# هڪ منظر

*سائين خدا جو شڪر آهي پنهنجو ٻني ٻارو ۽ ٽريڪٽر ٽرالي اٿم مٿان وري وڏيرو ووٽ وٺي ڏيڻ جي بدلي ۾ هيءَ وڏي ماستري به ڏياري اٿم. سو هاڻ پاڻ ته استادن جا به استاد ٿي ويا آهيون.*

**هڪ اهڙو منظر جيڪو اسان جي سماج لاءِ سواليه نشان آهي؟**

ڳالهه ٻولهه:

"نالو ڇا اٿئي؟"

"سائين! استاد ولي محمد."

"ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪندو آهين؟"

"ها سائين! پنهنجي هوٽل آهي. ان ۾ ڊش، وي. سي. آر، ڪيبل... مطلب ته سڀڪجهه آهي. خدا جو شڪر آهي."

"ابا تون ڪائون ڪلاس ٿو پڙهائين؟"

"صاحب! پهرئين ڪلاس جو استاد آهيان."

"انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڇا ڪندو آهين؟"

"صاحب! مولا جا گنج لڳا پيا آهن. پٽي راند جو استاد آهيان (ٻئي هٿ ٻڌي) دعا جي نظر ڪبي. اتان جو به گذر سفر پيو هلي. جڳهه منهنجي آهي. سونال به وٺندو آهيان. جواري به

مون سان ليکو ڪن ٿي ڪونه."

"تون پاڻ ڪير آهين ابا؟"

"استاد حافظ محمد عثمان."

"ڪهڙو سبجيڪٽ ٿو پڙهائين."

سائين! "ڪلام پاڪ ۽ عربي مٺي ٻولي پاڪ."

"ڏاڍو سٺو پر سونهاري ته رک نه؟"

"سائين حاضر رکندس، توهان جو حڪم اکين تي."

سمجهائيندي چيائين "اها سنت رسول آهي."

"برابر قبلا سائين! عربي پاڪ نبيءَ جي سنت آهي."

"نماز پڙهندو آهين؟"

"ها سائين."

"ڪهڙي مسجد ۾؟"

"سائين مدينه مسجد ۾."

"اها ته اسڪول کان گهٽو پري آهي."

نئون ليکڪ

عرفان نوراني

# واهہ ڙي منهنجا نصيب واهہ!!!



***پوڙهائپ ۾ هونئن بہ ماڻهو توبهہ تائب ٿي ويندا آهن، ها اهو ٿي سگهي ٿو... ها رئيس جي عمر بہ تہ پنجهتر کن ٿيندي، وڌيڪ وري گهڻا سال جيئندو. ها پڻ مون کي لڳي ٿو تہ گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ گهري ٿو.***

**تو جهڙا هيري جهڙا ماڻهو ڪٿي آهن اڄڪلهہ!**

**شامہ** جو اڄ دڪان تي مس مس ڪر ڪان ٽڪو ماندو ٿي آرام ڪرڻ واسطي ڪرسيءَ تي اچا مس ويٺو هئس تہ مڃاڻ ڏسان تہ هڪ وڏي لينڊڪروزر اچي دڪان آڏو بيٺي آهي. پهرئين تہ سوچيم تہ ڪو شهر جو ڪو ماڻهو هتي اسان جي ڳوٺ ۾ مهمان ٿي آيو هجي ۽ ڪا شيءِ شڪل وٺڻ لاءِ دڪان تي آيو هجي.

پر اکيون کٽي ڏٺم تہ مان ڇڻ پٽ ٿي ويس. ڏسان تہ ڳوٺ جو وڏو رئيس ڪمال خود پاڻ پنهنجي ڪمدار سان

گذارش آهي تہ انهن شين کي ونڻ کان
انڪار نہ ڪج نہ تہ مان سمجهندس تہ
تو مون کي معاف نہ ڪيو.“

۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري هڪ هٿ مٿي تي رکندي پٽي چيائين. ”پهريان بہ تو پنهنجي ماءُ کي موڪليو هو پر مون انهن کي بي عزتو ڪري گهر مان نوڪرن ذريعي تڙي ڪڍيو هو. مت مارجي ويئي هئي منهنجي! خير اسان سيئي انسان آهيون. غلطيءَ جا پتلا آهيون فرشتا تہ ناهيون. هڪ ٻئي جي عزت اسان پاڻ نہ ڪنداسون تہ ٻيو...“

مون کي لڳو ڄڻ مان پري کان رئيس جا آواز ٻڌي رهيو هجان.

رئيس ڪمال منهنجا پراڻا گهاءُ کولي ڇڏيا ها. مون پاڳل جي لاءِ خودڪشيءَ جي ڌمڪين کان مجبور ٿي منٿن، ايلازن سان بابا، امان کي قرآن ۽ رسول جا واسطا ڏيئي رئيس ڪمال کي پاڳل جو رشتو ونڻ لاءِ موڪليو هو پر... ائين ڪمال انهن کي نہ صرف بي عزتو ڪري نوڪرن ذريعي ڌڪا ڏيئي گهر مان تڙيو هو پر ان سان گڏوگڏ مون کي بہ بابي ڌمڪي ذريعي ڏني هئائين تہ جيڪڏهن مون وري پنهنجي گندي زبان تي پاڳل جو نالو ورتو تہ منهنجو لاشو شاخ ۾ لوڙهي ڇڏيندو. بعد ۾ مون رئيس کي ڳيا ڳيا ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو هو پر امان روئي پوتي منهنجي اڳيان رکي هئي ۽ بابا قرآن جا واسطا ڏيئي مون کي قسم کارايو هو تہ مان رئيس کي ڪجهہ بہ نہ چوندس ۽ مون مجبورن اهو وعدو ڪيو هو ۽ بابا امان جي موجودگيءَ ۾ وعدي تان ڦري نہ ٿي سگهيس. انهن تلخ يادن منجهہ وڪوڙيل هئس تہ رئيس ڪمال منهنجي جسم کي لوڏيندي چيو. ”ٻڌين پيو نہ رجب... مان ڇا پيو چوان؟ تون پنهنجي ماءُ پيءُ کي سڀاڻي موڪلين پيو نہ؟“

”نيڪ آ وڏا رئيس....“

رئيس ڪرسيءَ تان ڪمدار جو سهارو وٺندي اٿندي منهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي چيو. ”وڏن جي ڳالهہ ڪا ٿورڙي دل ۾ ڪبي آهي.“

ڏس نہ! مان بہ تہ تنهنجي پيءُ جي عمر برابر هوندس. بس آخري غلطي سمجهي معاف ڪري ڇڏجان. ۽ پوءِ دروازي ڏانهن منهن ڪندي چيو. ”ڪمدار ڪٿي آهين؟ پنهنجي گاڏيءَ ڪٿي آهي. هلون؟“

مان عجب ۾ وڪوڙجي ويس تہ وڏو رئيس هي ڇا پيو چوي. ڪمدار هن جي پر ۾ هو ۽ گاڏي رئيس خود منهنجي دڪان تي ڪٺي آيو هو.

”اڄ ڄڻ مون کي هوش ئي نہ آهي. لڳي ٿو تہ خوشيءَ ۾ مون کي اڄ ننڊ بہ نہ ايندي. پر نياڻيون تہ پرايون هونديون آهن نہ. رئيساڻي بہ ٻاويهہ سالن جي هئي جڏهن حويلي ۾ آئي هئي. اها منهنجي چوٿين شادي هئي هن سان. خير اسان جو گهراڻو ئي اهڙي قسم جو آهي. ان کان پهريائين رضيہ، جويريان، نغمہ، ناديہ، نيلم ۽ ٻيون ڪيتريون ئي منهنجي زندگيءَ ۾ منهنجي حويلي جي زينت بڻجي....“

"رئيس هاڻي هلو دير پئي ٿئي. گهر ۾ توهان جو انتظار پيو ٿئي." ڪمدار پهريون دفعو گفتگو ۾ حصو ورتو ۽ تڙ تڪڙ ۾ هن کي سهارو ڏيئي گاڏيءَ طرف وٺي وڃڻ لڳو.

"ترس ته سهي، ها پٽ ته تون سڀاڻي شام جو امان بابا کي حويلي موڪلين پيو نه؟ ٺيڪ آ پٽ، هاڻي موڪلاڻي ناهي پنهنجو خيال رکج... بابا کي سلام ۽ منهنجي پاران معافي..." ڪمدار هن کي تيز تيز وکون کڻائي گاڏيءَ جي پوئين سيٽ تي ويهاريو ۽ پاڻ ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي تيزيءَ سان روانو ٿي ويو.

☆☆☆☆☆☆

رئيس ڪمال جي وڃڻ کان ڪافي دير تائين مون تي سڪتو طاري ٿي ويو هو ته آخر هي وري ڇا ٿي ويو آهي. سوچيندي سوچيندي منهنجي اکين مان لڙڪ نڪري آيا هئا. مان ۽ پاڳل ڳوٺ جي اسڪول ۾ گڏ پڙهيا هئاسين. ننڍپڻ ۾ هڪ ٻئي سان جيئڻ مرڻ جا قول اقرار ڪيا هئاسين. مان پاڳل کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو سوچي مان ڏينهن رات محنت ڪندو هوس.

مان اڃا تائين حيرت جي اونهي سمنڊ ۾ هئس. سوچيم پئي ته الائي ان ۾ رئيس ڪمال جي ڪا چال ته ناهي. يا وري متان کو گهر چڪرو کو ته نه هلايو آهي. يا وري رئيس ڪمال پنهنجو آخري وقت ڏسي پنهنجي آخرت سنوارڻ جي ڪوشش ته نه ڪري رهيو آهي... يا وري رئيس ويتر بي عزت ڪرڻ لاءِ ڪا چال گهڙي آهي... پر مون ته امان بابا سان وچن ڪيو آهي ته رئيس ڪمال کي هٿ به نه لائيندس... پر رئيس ڪمال مون کي بي عزتو به ڇو ڪندو. هي خود پاڻ مون وٽ هلي آيو هو، پاڳل جو سنگ ڏيڻ... ڪيڏيون منٿون... ايلاز ڪيون اٿئي... آخر رئيس ڪمال ۾ ڪيئن ايڏي وڏي تبديلي اچي ويئي، ههڙو ڪنور ماڻهو... سو به رئيس ڪمال... ۽ مون کي منٿون... الاءِ ڪهڙو مسئلو آهي... مون کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه پئي آئي... لڳي ٿو ته پاڳل ۽ منهنجون دعائون اگهامي ويون آهن.

اهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو خوشنصيب ترين ڏينهن هو. ان شام جو مان جلدي جلدي دڪان بند ڪري گهر ڏانهن روانو ٿيس. مون جڏهن اها خوشخبري بابا امان کي ٻڌائي ته انهن مٿان ڄڻ کو حيرت جو پهاڙ ڪري پيو هجي.

"پٽ! تون هي ڇا پيو چوين، وڏو رئيس ڪمال تو وٽ پاڻ آيو هو!" بابا حيرت مان منهنجي ڳالهه ٻڌندي چيو.

"پٽ واقعي رئيس ڪمال پاڻ هو!"

وراڻيم، "ها، بابا وڏو رئيس ڪمال پاڻ آيو هو. ڪمدار سان گڏ."

"ڇا پئي وڏي رئيس چيو." بابا تڪڙ ۾ پڇيو.

چيم، "توهان کي ۽ امان کي حويلي ۾ گهرايو اٿس منهنجي ۽ پاڳل جي شادي جي تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ."

"بابا حيرت ۾ اچي ويو. "ها

پٽ!!"
"ها بابا."
"يقين ئي نہ ٿو اچي... وڏي رئيس خود اهو چيو آهي توکي...!!!" بابا خوف کائيندي چيو. "پر پٽ رئيس ڪمال کي تون ڪونہ سڃاڻين. منهنجي تہ هن ڳوٺ ۾ عمر گذري ويئي آهي. پٽ ماڻهو منهن جا مٺا ۽ اندر جا ڪارا اٿئي. توکي خبر ناهي پٽ تہ وڏي رئيس ڳوٺ ۾ ڪهڙا ڦهر ڪيا آهن. ماڻهن جا ماڻهون اجا بہ تتا پيا اٿس مٿان. توکي خبر ناهي ڇا. ڪلهہ جي ئي تہ ڳالهہ آهي. تنهنجي رشتي وٺڻ لاءِ هن ڪيڏو نہ اسان کي بيعزتو ڪري گهر مان ڪڍيو هيو. مون سوچيو هو تہ تون جوان آهين. نادان آهين. منهنجو هڪ ئي اولاد آهين. ان ڪري ڪجهہ ڪري نہ ويهين. ان ڪري همٿ ڪري رئيس ڪمال وٽ ويو هئس. پٽ اسان غريب ماڻهو آهيون. پاڳل ڪي وساري ڇڏ. ان ۾ ئي اسان جي بهتري آهي پٽ!"

"پر بابا. اوهان جون ڳالهيون صحيح آهن. پر بابا. هو خود پاڻ ڪمدار سان گڏ مون وٽ آيو هو. مون کان معافي ورتائين ۽ توهان کان بہ معافي گهري اٿس ۽ ٻي ڳالهہ تہ ڪمدار بہ هن سان گڏ هو. جيڪڏهن اها ڳالهہ ڪو ٻيو شخص مون سان ڪري ها تہ مون کي يقين ئي نہ اچي ها پر هيءُ خود مون وٽ آيو هو اڄ شام جو."

"سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ رئيس ڪمال تو وٽ ڪيئن آيو هو. تو ان وقت هن جون اکيون ڪونہ ڏٺيون هيون جڏهن مون تنهنجي رشتي جي ڳالهہ هن سان ڪئي هئي..." بابا حيرت ۾ سوچي رهيو هو ۽ پوءِ چيائين. "ٿي سگهي ٿو تہ پنهنجن گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ گهرندو هجي... پوڙهائپ ۾ هونئن بہ ماڻهو توبهہ تائب ٿي ويندا آهن. ها اهو ٿي سگهي ٿو... رئيس جي عمر بہ تہ پنجهتر ڪن ٿيندي. وڌيڪ وري گهڻا سال جيئندو. ها پٽ مون کي لڳي ٿو تہ گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ گهري ٿو."

"ها بابا. مان بہ اهو ئي ٿو سمجهان تہ اهائي ڳالهہ هوندي."

"ٺيڪ آ پٽ. جنهن ۾ تون خوش ان ۾ اسان بہ خوش. آخر تون اسان جو واحد اولاد آهين تہ پوءِ ڪڏهن حويليءَ ۾ گهرايو اٿس؟"

وراڻيم. "سڀاڻي شام جو."

"ڪهڙي ٽائيم تي؟"

"بابا. اهو تہ مون ڪونہ پڇيومانس."

"پٽ. پنج. ڇهہ. ست. هوڙ وڏا ماڻهو آهن پٽ. پاڻ کي ڇاهي. پاڻ تہ ٿي وڃي ئي پهچي وڃون. پر پنهنجي پهچڻ واري ٽائيم تي هو تياري ۾ نہ هجن ۽ خواهہ مخواهہ ناراض ٿين. ان ڪري مقرر ٽائيم معلوم ڪرڻ ضروري آهي."

"مان انهن کي فون ڪري پڇي وٺان؟"

"نہ پٽ. سڀاڻي ئي تياري ڪان پوءِ

پڇي وٺنداسون، هينئر مناسب ناهي، پاڻ کي ڪجهه تياريون به ته ڪرڻيون آهن نه.“

☆☆☆☆☆☆

ان رات مون کي ننڊ ئي نه پئي آئي، پاڳل سان ملڻ جي خوشيءَ جي تصورن سان ئي منهنجي جسم ۾ عجيب لهر ڊوڙي ٿي وئي، اڌيءَ رات جو گهڙي گهڙي پاسا بدلائي هر وقت پاڳل جو چهرو منهنجي من ۾ گهمي رهيو هو. سوچيم پئي ته شايد پاڳل جو به حال مون وانگر هوندو. ڪيڏو نه اسان هڪٻئي سان زندگيءَ گذارڻ جا خواب ڏٺا هئا. مس مس ته الله اسان جي ٻڌي آهي. نه ته ڪٿي مان ۽ ڪٿي هوءَ.

الله الله ڪري رات پوري ٿي. مون کي سڄي رات ننڊ ئي ڪانه آئي. ڳالهه ئي اهڙي هئي. ڀلا اهڙي موقعي تي ڪنهن کي ننڊ اچي سگهي ٿي. امان بابا به سڄي رات ننڊ نه ڪري سگهيا هئا اهو انهن جي چهري منجهان ظاهر ٿي رهيو هو.

صبح کان وٺي تياريون شروع ٿي ويون هيون. وڏي رئيس ۽ انهن جي نندي رئيس لاءِ اجرڪون پٽڪا، پتاشا، گلن جا هار، مناين ۽ ڪنوار لاءِ پرت پريا وڳا، ميڪ اپ جو سامان، سينڊل، سوني منڊي ۽ چانديءَ جو سيٽ ۽ پيو الاهي چا چا بابا وارن تياريون ڪيون هيون، آخر انهن جو مان واحد پٽ جو هئس.

تياريون ڪندي ڪندي اسان ٿڪجي پيا هئاسون، تياريون مڪمل ئي نه پئي ٿيون. تيل ڦليل، خوشبو، ڪڙهائي وارا وڳا، پالش ٿيل بوٽ، ڪيڏو نه امان ۽ بابا پنهنجو پاڻ کي تيار پئي ڪيو جڏهن سيئي تياريون مڪمل ٿي ويون ته بابا مون کي سڏائي چيو، ”پٽ هاڻي تياريون ته مڪمل ٿي ويون آهن. تون رئيس جي گهر فون ڪري وقت معلوم ڪري وٺ ته جيئن اتي هلجي.“

مون ها ڪئي ۽ ٻئي ڪمري ۾ وڃي ٽيليفون تي وڏي رئيس ڪمال جي گهر جو نمبر ملايم.

ٿورڙي دير کان پوءِ ڪنهن رئيس ڪمال جي گهران فون کنيو.

”هيلو ڪير؟“ مون پڇيو.

”مان ننڍو سائين اصغر پيو ڳالهايان، تون ڪير پيو ڳالهائين؟“ ڪڙڪيدار آواز آيو.

”مان رجب پيو ڳالهايان.“

”رجب، ڪهڙو رجب؟“ آواز ۾ ساڳي تکاڻ هئي.

”مان ر... رج.. رجب توهان جي ڳوٺ جي رحمت جو پٽ... رجب ننڍا سائين.“

”رجبا!... ها ها ها... رجب چا آهي؟ چو فون ڪيو اٿئي؟“

”ننڍا سائين امان بابا وارا ڪهڙي ٽائيم تي توهان جي حويلي تي اچن.“

"چا لاءِ بابا؟ تنهنجو دماغ ته صحيح آهي، اڳي پيري گهر مان ڌڪا ڏيئي ڪڍيوسين ۽ وري هاڻي بيعزتو ٿيڻ جو پروگرام اٿئي ڇا؟"

"ننڍا سائين، ايڏو نه ڳالهاءِ تنهنجي والد وڏي رئيس ڪمال خان ان لاءِ معافي به گهري آهي، مون کان ۽ بابا کان به معافي ورتي اٿن."

"معافي ۽ توهان کان؟!!" ننڍي سائين حيرت مان چيو، "تو خواب ته نه ڏٺو آهي. چريو ته نه ٿي ويو آهين ڇڻ جا...."

مون ننڍي سائين جي ڳالهه ڪٽيندي چيو، "ننڍا سائين، وڏي رئيس اڄ پاڳل جو سنگ مون کي ڏيڻ لاءِ منهنجي بابا، امان کي حويليءَ ۾ گهرايو آهي. ڪمدار به ان موقعي تي موجود هو... توهان وڏي رئيس کان پڇيو ان...."

"چا پيو چئين رڍ جا... تو جهڙي ٽڪي جهڙي ماڻهوءَ کي اسان پاڳل جو سنگ ڏينداسين!؟. ماڻهو ڪٿا آهن چا؟"

"توهان ڪر... دار... کان ٿي پڇي وٺو." مون هٻڪندي چيو.

"ٺيڪ آ، ترس توکي ڏسان ٿو. تنهنجو اڄ مون ميچالو نه ڪڍيو ته منهنجو نالو.... اڙي ڪمدار جا پٽ... هيڏانهن ته اچ."

مون ٽيليفون تي ننڍي سائينءَ جون ڳالهيون پئي ٻڌيون.

"اڙي ڪمدار جا پٽ، هيءُ نيچ ماڻهو چا پيو چوي، تون بابو هن وٽ ويا هيو چا؟ بابو ڪٿي آهي؟" ننڍي سائينءَ جي آواز ۾ ڪڪرن جي ٽڪرجڻ واري گجگوڙ هئي.

۽ پوءِ ڪمدار جواب ڏنو جيڪو مون کي ٻڌڻ ۾ ئي نه آيو.

"اڙي ڪمدار هي چا پيو چوين، تون هڏحرام ٿي ويو آهين، بابا ته پوڙهو ٿي عقل وڃائي ويٺو آهي پر تون ته... ترس بابا کي شڪار تان موٽڻ ڏي ۽ ڪمدار تون نالائق...." ۽ پوءِ مون هن کي ڪمدار کي ڪچيون ڪچيون گاريون ڏيندي ٻڌو.

ڪجهه وقت کان پوءِ ننڍي سائين سهڪندي مون سان ڳالهايو.

"هاڻي ٻڌ! ٽڪي جهڙا نيچ ماڻهو، جيڪو ڪجهه ٿيو ان کي وساري ڇڏ، ٻڙڪ به ڪڍي اٿئي ته اصل زبان ڪڍي ڇڏيندوسين ۽ تنهنجو لاش به تنهنجي ماڻٽن کي نه ملندو."

"پر ننڍا سائين، وڏي سائين مون کي خود زبان ڏني آهي ته هو اڄ مون کي پاڳل جو سگ ڏيندو."

"چوان ٿو نه ته هاڻي چپ ڪر، جيڪو ٿيو ان کي وساري ڇڏ، ان وقت بابو نشي ۾ هو..."

ائين چئي ننڍي سائين ڌڙاڪ سان ٽيليفون جو رسيور رکي ڇڏيو.

"ها گونجدار آواز منهنجي ذهن ۾ مڇاڻ ڪيتري دير تائين گونجندو رهيو مون کي لڳي رهيو ته ڇڻ مان ان آواز جو پڙاڏو هزارين ميل پري کان ٻڌندو هجان...."

اڄ ڪلهه ته هن جو ڪو ٽڪاڻو ئي ڪونهي. سڄو وقت گهر کان ٻاهر! وري ٻڏائي ٻه ڪونه وڃي. اڪيلي هجڻ جو احساس مون کي شدت سان ستائڻ لڳو. پرديس ۾ اڪيلاپ ته هوندئي ٻه رهندي آهي، پر اڄوڪي ڏينهن مان وڌيڪ بيچين ٿيڻ لڳيس.

# سڀ منهنجو ڏوهه



اڄ ڪيڏو نہ خاص ڏينهن آهي! منهنجي لاءِ تہ آهي. هن لاءِ الائي آهي يا نہ؟ ان جي مون کي ڪهڙي خبر؟ اڄ اسان جي شاديءَ جي پندرهين سالگرهہ آهي. مون ڪيڪ بيڪ ڪيو آهي. مون هن جي دلپسند ڊنر تيار ڪئي آهي. گهر کي ڦوڪڻن ۽ رنگين پٽين سان سجايو آهي. ڪئنڊل لائيٽ ڊنر جو پورو پورو بندوبست ڪيو اٿم. هاڻي مان بي صبريءَ سان مڪيش جو انتظار ڪري رهي آهيان. هن مون کي چٺي ڇڏيو هو. "شام جو ضروري ميٽنگ سبب روز کان بہ وڌيڪ بزي هوندس." پوءِ بہ منهنجون اکيون ور ور گهڙيال طرف کڄي رهيون هيون.

ايڏي دير؟ شام جا ڇهہ لڳي ويا، ست بہ لڳي ويا آهن. سنجو بہ اسڪول مان گهر ڪونہ موٽيو آهي. الائي ڪاڏي ويو هليو؟ اڄ ڪلهہ تہ هن جو ڪو نڪاڻو ئي ڪونهي. سڄو وقت گهر کان ٻاهر! وري ٻڌائي بہ ڪونہ وڃي. اڪيلي هجڻ جو احساس مون کي شدت سان ستائڻ لڳو. پرديس ۾ اڪيلائپ تہ هونئن بہ رهندي آهي، پر اڄوڪي ڏينهن مان وڌيڪ بيچين ٿيڻ لڳيس. نيٺ مون کان رهيو نہ ويو. مون فون هٿ ۾ کڻي آفيس جو نمبر ڦيرايو. سنڌس سيڪريٽريءَ مون کي ٻڌايو تہ ميٽنگ ان وقت تائين هلي رهي هئي. ان بعد مون سنڌس موبائل فون جو نمبر ڦيرايو. ان تان بہ جواب نہ مليو. پڪ ئي پڪ هن فون بند ڪري ڇڏيو هو. مان لاچاريءَ وچان هٿ ٻڌي ويهي رهيس.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سنڌس فون آيو.

"مان پنهنجي بزنيس جي ساٿين سان ٻاهر ڊنر لاءِ وڃي رهيو آهيان. منهنجو انتظار نہ ڪج."

"پر اڄ تہ اسان جي...."

۽ فون ڪٽ ٿي ويو.

هو رات جي ٻارهين لڳي کان پوءِ گهر آيو. مان رات جا ڪپڙا پائي پلنگ تي پاسا ورائي رهي هئس.

هن بتي ٻاري. گهر جي سجاوٽ ڏٺي. ميز تي رکيل سامان بہ ڏسي آيو هو. عجب وچان چوڻ لڳو. "هيءَ سڀ ڇا آهي؟"

"هيءَ سڀ ڇا آهي! توهين ٿا پڇو! توهان کي ياد ڪونهي، اڄ جو ڏينهن؟"

"اڄ جو ڏينهن" هو سوچڻ لڳو. "او، ها، ها. ياد اچي ويو! اڄ اسان جي ويڊنگ انئيورسري آهي، نہ؟"

"اڄ، ڪالهہ ٿي چڪو آهي." مون گهڙيال ڏانهن نهاريندي چيو. منهنجي آواز ۾ هڪ سڏڪو هو.

"تو مون کي ياد ڇو نہ ڪرايو؟"

"مان ياد ڪرايان؟ هيترا سال ڪڏهن ياد ڪرائڻ جي ضرورت پيئي هئي؟"

"پر توکي تہ خبر آهي نہ... مان ڪيڏو بزي ٿو رهان؟ جيئن پوءِ تيئن ڪم وڌندو پيو وڃي. توکي مون کي ياد ڪرائڻ گهربو هو."

"ها ڏوهہ منهنجو!"

مان ننڍڙي شهر، ڪولهاپور ۾

رهندڙ. هڪ سادي سودي ڇوڪري هئس. اتي ئي ڄائي هئس، اتي ئي نپني هئس ۽ اتي ئي ڪاليج ۾ گرئجوئيٽ ٿي هئس. منهنجي ڏاڏاڻن پارت اچي ورهاڱي وقت پنهنجو اباڻو ملڪ سنڌ ڇڏي اپر مهاراشٽرا جو ننڍڙو شهر وسايو هو ۽ ڏاڏي ڌنڌو ڌاڙي شروع ڪيو هو. وڏي پٽ هئڻ سبب، منهنجي پيءُ کي ننڍيءَ ڄمار ۾ ئي گهر جون سموريون جوابداريون سنڀالڻيون پيون هيون.

مان ارڙهين ورهين جي ٿيس تہ منهنجي شاديءَ جون ۽ اڪلاڻ جون ڪوششون ٿيڻ لڳيون. هتان هتان مائٽيون اچڻ لڳيون. ان وقت مڪيش جي بہ مائٽي آئي. مڪيش آمريڪا ۾ رهندو هو. هن کي اتي نئين نوڪري ملي هئي. شاديءَ لاءِ هو پارت آيو هو ۽ مون کي ڏسڻ لاءِ ڪولهاپور چڙهي آيو. هڪ ئي نظر ۾ هن مون کي پسند ڪيو. جهڙي نموني جي ڇوڪري ڪيس کپندي هئي. گهريلو پارتيہ سنسڪارن جي وچ ۾ وڏيل ۽ انهن تي ئي اڏيل پارتي ناري. ان جون جهلڪيون هن کي مون ۾ نظر آيون. الائي ڇو، وديش ۾ آباد ٿيل هندستاني نوجوان، شهري سمارٽ ڇوڪرين کان ڪنارو ڪري، ڳوناڻين کي ترجيح ڏيندا آهن؟ ان جو سبب شايد هنن جي اندر ويٺل پنهنجي انسيڪيورٽي هوندي آهي. وديش ۾ ڪجهہ سال رهڻ بعد، هو سمارٽ تہ وقت پوندي ٿي ئي ويندين آهن، پر جهونا سنسڪار اڳتي هلي هنن جي گهر گرهستيءَ لاءِ لاڀدائڪ ثابت ٿيندا آهن. هن جهٽ مون کي پسند ڪري ورتو. مون بہ هن کي پسند ڪيو، حالانڪ منهنجي پسند ۽ ناپسند کي ايڏي اهميت هئي ئي ڪانہ. جيئن اڪثر ٿيندو آهي. مون کي سنگيت ۾ خاص رچي آهي. مون کي هڪ ڀڄن ڳائڻ لاءِ چيو ويو ۽ هو منهنجي آواز تي اکن ڇڪن ٿي پيو. ڳونگي ڳانءِ وانگر منهنجو پلئہ هن جي دامن سان ٻڌو ويو.

شاديءَ بعد هو مون کي ڪئليفورنيا ۾ وٺي ويو. هڪ هندستاني ننڍڙي شهر جي سڌي سادي ڇوڪريءَ کي آمريڪا ۾ ٺائينڪو ٿيڻ ۾ ڪافي ڏکيائي پيش آئي ۽ وقت تہ لڳو، پر مڪيش جي پيار مون کي اتي پنهنجا پير کوڙڻ ۾ مدد ڪئي. کهڙا نہ سهڻا، سهاوڻا ۽ رومانٽڪ ڏينهن هئا اهي! پياري پتيءَ جو پيار پائي مان ڦولي نٿي سمايس. نئون ملڪ، نئون گهر، نئين گرهستي نئين سنسڪرتي ۽ نوان نوان سپنا! چوطرف بهار ئي بهار هئي. سال ڏيڍ اندر سنجيہ جو بہ جنم ٿيو. مڪيش پنهنجو نئون ڌنڌو شروع ڪيو ۽ هو ترقيءَ جي راهہ تي تڪڙيون تڪڙيون وکون وڌائڻ لڳو.

ٻين زالن وانگر هن مون کي نوڪري ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني. رڳو

"پر سنجو اسان جو سڪيلڊو پٽ آهي. هيءَ هن جي بهبوديءَ جو سوال آهي. اها اسان ٻنهي جي جوابداري آهي. ڇا توهين ان کي سلجهائڻ ۾ منهنجي مدد ڪونه ڪندا؟"

"اهو تنهنجو ڊپارٽمينٽ آهي. آخر تون ڪهڙي مرض جي دوا آهين؟"

"سنجو اوترو ئي توهان جو پٽ آهي، جيترو منهنجو. منهنجي خيال موجب هن کي پيءُ جي رهبريءَ جي سخت ضرورت آهي." شاديءَ کان پوءِ اڄ پهريون ڀيرو مان محڪم ۽ پختي آواز سان ڳالهائي رهي هئس. الائي ڪٿان مون ۾ همٿ اچي وئي هئي؟ ها، اهائي وقت جي تقاضا هئي.

"هيل تائين تو پنهنجي لاڏلي پٽ جي سموري جوابداري کنئي آهي ۽ هن کي ڪارڻ ۾ تنهنجو ئي هٿ آهي."

"جيڪا ڳالهه غلط ٿئي، ان جي قصوروار مان ئي آهيان."

منهنجي آواز ۾ غصو هو ته سڏڪو به.

"ها، تنهنجو ڏوهه آهي. تون هن سان گهٽي ڪنڊ ڪنڊ ڪرين ٿي. تو خنده زنيءَ جو رويو اپنايو آهي. دست اندازي به ڪرين ٿي. زمانو ڦري ويو آهي. ان ڳالهه جي توکي ڀوڄهه آهي يا نه؟ هن کي تنهنجون اهي ڳالهيون ناگوار لڳن ٿيون."

"توهان کي ائين ڪنهن چيو آهي؟"

"سنجوءَ پاڻ مون کي اها ڳالهه ٻڌائي آهي."

"ته ان ۾ منهنجو ئي ڏوهه آهي؟"

"ها."

ڳالهيون ائين ئي بد کان بدتر ٿينديون ويون . سنجوءَ کي ماسترن ۽ پرنسپال جي صلاح سان هاسٽل ۾ ڀرتي ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته هن کي گهر ۾ سنڀالڻ ڏکيو ٿي پيو هو. ائين ڪرڻ سان خرچ ٻيڻو ٿي پيو. پر ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چاڙهو به ڪونه بچيو هو. مڪيش جي آمدنيءَ ۾ اضافو ٿيو هو ۽ هو خرچ پري سگهيو ٿي.

سنجوءَ جي هاسٽل وڃڻ کان پوءِ مان وڌيڪ اداس رهڻ لڳيس. اها اداسي ۽ واندڪائي مون کي اندر ئي اندر کائڻ لڳي. پنهنجي وطن ۽ عزيزن کان پري هئڻ جو احساس وڌي ويو ۽ مان مائٽن جي يادن ۾ ڪوهجي ويندي هئس. مان پنهنجي ڀاونائن ۽ ويچارن کي قلم ذريعي اظهارڻ لڳيس ۽ ڪيترا ڪلاڪ ڪمپيوٽر جي سامهون گذارڻ لڳيس.

مان پنهنجي ماضيءَ جي تڪ تور ڪرڻ لڳيس. مون پنهنجي حياتيءَ جا انمول پندرهن سال پنهنجي پتيءَ، پٽ ۽ گرهستيءَ کي ارپيا هئا. انهن جي پٺيان خرچ ڪيا هئا. ڇا اهي سڀ اجايا ويا؟ مون کي موٽ ۾ ڇا مليو؟

مڪيش پنهنجو ڪم وڌائي رهيو هو. هن جي نئين آفيس جو مهورت هو. هن هڪ ننڍڙي پارٽي رکي هئي.

مان بہ هن سان گڏ اتي ويس.

هن جي خانگي سيڪريٽري، مارگريٽ لڳ ڀڳ ڏهن سالن کان هن وٽ ڪم ڪري رهي هئي. ان عرصي ۾ هن جي شخصيت ۾ سهڻو نکار آيو هو. هوءَ چڱي، بردبار، هوشيار، سمارٽ ۽ آتم وشواس واري عورت بڻجي پئي هئي. مون کي هن جي ڪم ڪرڻ جو انداز پسند آيو. مان هن جي قابليت تي رشڪ ڪرڻ لڳيس. گهر اچي مون پنهنجي من جي ڳالهہ مڪيش سان ڪئي.

”هنن ڏهن سالن ۾ مارگريٽ ۾ ڪيڏي نہ صحتمند تبديلي آئي آهي! ٻاهر ڪم ڪرڻ سان انسان ۾ ڦيرو اچي تو وڃي. آهي نہ ائين؟“

”پر تو تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو، نہ؟“

”مان پنهنجين گهر جي جوابدارين ۾ مشغول رهيس.“

”گهر جون جوابداريون سيني زالن کي هونديون آهن. مارگريٽ کي بہ آهن.“

”پر تو مون کي ٻاهر ڪم ڪرڻ ڪٿي ڏنو؟“

”مون ڪرڻ ڪونہ ڏنو يا تنهنجي مرضي ئي ڪم ڪرڻ تي ڪانہ هئي؟“

”لڳي تو توهان کان سڀ وسري ويو آهي.“ مون ڏکويل لهجي ۾ چيو.

”ڇا وسري ويو آهي؟“

”مون سنگيت سکڻ چاهيو هو، • توهان موڪل نہ ڏني. ياد ڪريو مون توهان کي توهان جي آفيس ۾ مدد ڪرڻ جي آڇ ڏني هئي، پر توهان کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي. توهان چيو هو ”ڇا گهر ۾ ڪم گهٽ آهن؟ تون گهر سنڀال.“ توهان ائين چئي ڳالهہ ٽاري ڇڏي هئي.“

”جي سچ پچ چاهين ها تہ ڪم ڪري سگهين ها. اهي سڀ بهانا آهن.“

منهنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون. پر روئڻ مان ڪهڙو فائدو؟ مڪيش کي تہ ڳوڙهن کان بہ چڙ آهي. هو انهن کي ڪمزور عورتن جو هٿيار سمجهندو آهي. مان انهن کي پيئڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس. ”واهہ، ڳالهہ ڦيري پنهنجي فائدي ۾ موڙ ڏيڻ جي ڪلا ۾ بيشڪ اوهين پڙ آهيو!“ مون دل ئي دل ۾ هن کي داد ڏيندي چيو.

منهنجو من تلخيءَ سان ڀرجي ويو. هر ڪا ڳالهہ جا غلط ٿي رهي آهي، ان جي نتيجي جو الزام مون تي ئي لڳايو پيو وڃي ۽ لڳايو ويندو.

”ها، ڏوهہ منهنجو ئي آهي.“ مون پٽڪي ۾ چيو.

اهو سڀ ڪيستائين هلندو؟ هاڻي مان پنهنجن پيرن تي بيهنديس. پنهنجي نجي زندگيءَ جا فيصلا پاڻ ڪنديس. ڪنهن جي بہ نہ ٻڌنديس! مون پڪو ارادو ڪري ورتو.

# گارشيا مارڪيز

"اڪيلائيءَ جا سؤ سال" (Hundred Years of Solitude) جو خالق 6 مارچ 1928ع تي ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ ڪولمبيا ۾ پيدا ٿيو جنهن کي 1982ع ۾ سندس هن شاهڪار ناول تي نوبل انعام مليو، جنهن جو سنڌي ٻوليءِ ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪو آهي. گارشيا مارڪيز پنهنجي ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ انساني زندگي جي ڪشمڪش کي حقيقت نگاريءَ جي رنگ سان چٽيو آهي. هو نظرياتي طور سڄي دنيا جي پورهيتن ۽ مظلومن جو ساٿي آهي. سندس سياسي لکڻيون بہ انتهائي اهم آهن. هن ڪيوبا جي شهر هوانا ۾ "فائونڊيشن آف نيولينٽن سينيما" جو ادارو جديد لاطيني آمريڪا جي ثقافتي تخليق جي مقصد سان قائم ڪيو. هن چاهيو ٿي تہ ڏکڻ آمريڪا متحد، خودمختيار ۽ جمهوري ايڪائي طور طاقتور ٿي اڀري، جيڪو خواب اڄ حقيقت بڻجي رهيو آهي.

## جديد لاطيني آمريڪا جا معمار



ڪيوبا جي ٽيليويزن طرفان جاري ڪيل تصوير جنهن ۾ وينزويلا جو صدر هوگو شاويز فيڊل ڪاسترو سان ملي رهيو آهي

هر خيال جي تخليق جي پس منظر ۾ ادب جي هزار سالن جي تاريخ هوندي آهي.

نوبل انعام ڪهاڻي

گبريل گارشيا مارڪيز/ فاروق حسن



# آخرڪار

*هاڻ تون اسان جي ويهه ماڻهن جي قتل جو حساب ڏيندين، هن شديد سور محسوس ڪيو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها نڪري آيا ۽ هن پنهنجو ساهه روڪي ڇڏيو.*

**ڏاڻ جي سور ۾ ورتل هڪ ميئر جي ڪهاڻي**

**سومر** جو گرم صبح مينهن ڪانسواءِ شروع ٿيو. صبح سوير جاڳڻ جي عادي ۽ سواءِ ڊگريءَ جي ڏند ڪڍڻ وارو، اوريليم اسڪوبار ٻه ڇهين وڳي اٿي پنهنجي آفيس وارو ڪمرو کوليو.

پلاسٽڪ جي سانچي ۾ پيل، ڪجهه نقلي ڏند هن شيشي جي الماڙيءَ مان ڪڍيا، ۽ مٿ پر اوزارن

ڪي انهن جي حساب سان ميز تي ترتيب ڏئي رکيو. ائين ڇڻ تہ انهن جي نمائش ٿيڻي هجي. اورليلو اسڪوبار ڪي ڪالر ڪانسواءِ قميص پاتل هئي. جنهن جي ڳچي سوني بٽڻ سان بند هئي. ۽ هن جي پينٽ گارٽرز، ڏکهين ربڙ وارين پٽين سان پنهنجي جاءِ تي قابو ڪيل هئي.

جسماني لحاظ کان هو سکل ۽ سنهو ماڻهو هو. جيڪو اڪثر سڏو ٿي بيٺل هوندو آهي. ۽ هن جي چهري تي اڪثر اهڙا تاثر هوندا هئا. جهڙا گونگن ۽ ٻوڙن جي منهن تي هوندا آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ تاثر جي اصل صورت حال سان ڪابہ هڪجهڙائيءَ نہ هئي. اوزارن کي ميز تي ترتيب ڏئي، پوءِ ڏندن جي صفائيءَ واري مشين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ۽ نقلي ڏندن کي چمڪائڻ لڳو. ان وقت هن جو دماغ هر سوچ کان خالي هو. ۽ هو سموري ڌيان سان مشين جي پائيدان کي پنهنجن پيرن سان هلائيندي ڏندن کي چمڪائيندو رهيو. هو ائين وڳي ڪجهہ دير لاءِ ترسيو ۽ دريءَ کان ٻاهر آسمان جو جائزو وٺڻ لڳو. پاڙي جي گهر جي ڇت تي نهيل مينار تي ٻہ ڳجهون ويهي، سج جي گرميءَ تي پنهنجا پر سڪائي رهيون هيون. هن اهو اندازو لڳايو تہ منجهند تائين ضرور مينهن وسندو. هيءُ واپس اچي پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو. هن جي يارنهن سالن جي پٽ جي سڏ جو پڙاڏو سندس ڪن تي پيو.

”پاپا“

”ها!“

”ٻاهر علائقي جو ميئر آيو آهي، هو پڇي پيو تہ توهين هن جو ڏند ڪڍندؤ؟“

”هن کي چئي ڇڏ تہ آئون موجود نہ آهيان.“ هيءَ اطمينان سان سون وارو ڏند صاف ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويو. هن هڪ هٿ جي مفاصلي تي رکيل ڏند کي هڪ اک بند ڪري غور سان ڏٺو تہ هن کي پنهنجي پٽ جو آواز وري ٻڌڻ ۾ آيو تہ، ”پاپا هو چوي ٿو تہ توهين موجود آهيو، ڇو تہ هن توهان جو آواز ٻڌي ورتو آهي.“ هيءَ ڏند کي ڌسڻ ۾ مصروف هو. هن ڪجهہ دير کان پوءِ صاف ڪيل ڏند ميز تي ٻين ڏندن سان گڏ رکي ڇڏيا. ”پاپا ميئر چوي ٿو تہ اگر توهان منهنجو ڏند نہ ڪڍيو تہ آئون توهان کي گولي هڻي ڇڏيندس!“ هن مشين هلائڻ بند ڪئي ۽ اطمينان سان مشين پري ڪري ميز جو خانو کوليو جنهن ۾ ريوالور پيل هو. ”پٽ هن کي چئو تہ هو اچي مون کي گولي هڻي.“ هن ڪرسيءَ کي دروازي جي سامهون ڪيو تہ ان وقت ميئر دروازي مان داخل ٿيو. هن جي ساڄي پاسي وارو ڳل سڄيل هو، ان ڪري هن پنجن ڏينهن کان شيو بہ نہ ڪئي هئي. ڏندن واري، ميئر جي اکين ۾ نااميدي ۽ بي وسي ڏسي ورتي، هن در بند ڪري ميئر کي ويهڻ لاءِ چيو.

”صبح بخير.“ ڏندن واري چيو.

اوزار گرم پاڻيءَ ۾ ٽهڪي رهيا

هئا. ميٽر ڪرسيءَ کي ٽيڪ لڳائي ته آرام محسوس ٿيس. ۽ هو سڄي ڪمري جو جائزو وٺڻ لڳو. جيڪو تمام غريباڻي طريقي جو ٺهيل هو. پراڻي ڪاٺ جي ڪرسي، پائيدان واري مشين، شيشي جي الماڙي، ان مهل ڏندن وارو هن ڏانهن آيو. ۽ هن ڪڙين جي مضبوطيءَ سان پاڻ کي قابو ڪري وات کولي ڇڏيو.

اوريليو ايسڪوبار هن جو وات روشنيءَ ڏانهن ڪري ڏند جو جائزو وٺڻ لڳو. ۽ چيائين ته، ”توکي بيهوش ڪرڻ کانسواءِ ڏند نه ڪڍي سگهندس.“

”ڇو؟“ ميٽر چيو، ”ان لاءِ ته ڏند جي هيٺان پونءَ پرجي وئي آهي.“ ميئر ڊاڪٽر جي اکين ۾ ڏٺو ۽ چيائين ته ”ٺيڪ آهي.“ ڊاڪٽر اوباريل اوزارن کي سواءِ چمٽي جي ٻاهر ڪڍي ٽيبل تي رکڻ لڳو. هو هٿ ڌوئي اوزارن ڏانهن وڌيو. ان دوران هن اک کڻي ميئر ڏانهن نه ڏٺو. ۽ ميئر هڪ لمحي لاءِ به هن مان نظر نه ڪڍي. خراب ٿيل ڏاڙ اصل ۾ عقل واري ڏاڙ هئي. ڏند سان پنهنجا پير ڪوڙي بيٺو. ۽ اوزار سان ڏند کي مضبوطيءَ سان قابو ڪيائين. ان وقت ميئر پوري طاقت سان ٻئي هٿ ڪرسيءَ جي ٻانهن تي قابو ڪيا. ۽ اهو ئي ويهي رهيو.

ان وقت هن ميئر کي چيو ته هن وقت تون اسان جي 20 ماڻهن جي قتل جو حساب ڏيندين. ميئر ان وقت چرپر محسوس ڪئي ته هن جا ڳوڙها نڪري آيا. ته هن پنهنجو ساهه روڪي ڇڏيو. ۽ هن ڏند کي ٻاهر نڪرندي ڏٺو ته هيءَ پنجن راتين جي تڪليف ۽ اذيت ۽ هن وقت جي سور جو مقابلو ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. پگهر ۾ شم ٿيل هو ۽ ڏند ساز هن جي مٿان جهڪي صفائي، ڪري رهيو هو. ۽ پنهنجو رومال ڪڍڻ لڳو. ڏند ساز هڪ صاف ڪپڙو هن ڏانهن وڌايو ۽ چيائين ته پنهنجا ڳوڙها صاف ڪر.

ميڙ جو سڄو جسم ڏڪي رهيو هو، ڊاڪٽر هن کي چيو ته هاڻي آرام ڪر ۽ لوڻ واريءَ پاڻيءَ جا گروڙا ڪجانءِ. ميئر اٿي هن کي فوجي طريقي سان سليوٽ ڪيو ۽ ٻاهر ويو.

”بل موڪلي ڇڏجانءِ،“ هن چيو.

”ڪنهن جي نالي تنهنجي يا ٽائون ڪميٽيءَ جي؟“

ميئر هن طرف ڏسڻ کانسواءِ ئي ڪلينڪ، جو دروازو بند ڪيو. جاريءَ جي دروازي جي ٻاهران هن جو آواز آيو.

”ڪو فرق نه ٿو پئي، هڪڙي ڳالهه آهي.“

هن اتفاق سان ڪنهن تازي مهڪندڙ گلاب جي گل جي جهلڪ ڏٺي هئي. جنهن ڪان پوءِ هو هر وقت ان جي خوشبوءِ ۾ رنگجڻ لڳو هو، تان جو ڪو وقت اهڙو بہ آيو جو هو بي خود ٿي ان طرف چقمق جي ڪشش جيان ڇڪجڻ لڳو.

# ڏوهي

خشونت سنگھ/محمد عامر

**محبت ۽ نفرت جي باھ ۾ پچرندڙ هڪ شخص جي ڪهاڻي**

**تارن** سان ڀريل رات ۾، دليپ سنگھ کٽ تي ستو پيو هو، ڪيس ڳوڏن تائين ڳوڏ ڀاتل هئس باقي سمورو جسم اگهاڙو ڍڪيل هو. هن جي سموري جسم تي اڇا نشان هئا. سڄو ڏينهن اسن ۾ سڙندڙ ڀٽن گرم هوائون ڇڏي رهيون هيون، گرميءَ کان بچڻ لاءِ هن تازو ئي گهر جي ڪڌ تي پاڻيءَ سان ڇنڊڪار ڪئي هئي، ان سان رڳو ايترو ٿيو هو تہ هن جي نڪ جي ناسن ۾ ڇيڻي جي بدبوءَ سان ڀريل هوا داخل ٿي رهي هئي، پاڻي پيئندي پيئندي هن جو پيٽ ڀرجي ويو هو پر پوءِ بہ ڳلو خشڪ ئي خشڪ ٿي رهيو. مٿان وري مڇرن جي مسلسل ڀون ڀون، ڪاوڙ ۾ ڪجھ مڇر هن جي هٿن جي گرفت ۾ اچي ويا. انهن کي هٿن ۽ تريءَ سان مهٽي ڇڏيائين جيڪي هن جي ڪن ذريعي اندر داخل ٿيا هئا، انهن کي سنهيءَ چيچ سان ڪنن مان ڪوٽي ڪڍيائين، ڪجھ وري هن جي ڏاڙهيءَ ۾ اٽڪي پيا هئا، هن انهن کي اتي ئي دٻائي ماٺ ڪرائي ڇڏيو، پر ان هوندي بہ ڪجھ مڇر وٺي حاصل ٿيندي هن جي بدن تي ڏنگ هڻڻ لڳا ۽ هيءَ ويچارو ڳاريون ڏيڻ ۽ ڪنهڻ کان سواءِ بيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟.

هن جي ۽ سندس چاچي جي گهر جي وچ ۾ هڪ سوڙهي گهٽي هوندي هئي. چاچي جي ڇت تي وڇايل کٽن جي قطار کي هو آسانيءَ سان ڏسي سگهيو ٿي. هڪ طرف ڪناري وٽ سندس چاچو بنتا سنگھ پير ڊگها ڪري ائين ستو پيو هو ڄڻ ڪنهن ڪپڙي جي نوڙي تي ڪپڙو ٽنگيو پيو هجي. ڪوٽگهارن سان ڳڏوگڏ هن جو

پيٽ هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. ڪٽن جي ٻنهي پاسي وري عورتن جو ٽولو پڪو لوڏيندي پنهنجو پاڻ ۾ آهستي آهستي ڪچهري ۾ مصروف هيون.

دليپ سنگهه جي اک ئي نه ٿي لڳي. هو بس کٽ تي ليٽيل آسمان کي ڏسي رهيو هو. نه ته هن جي دل ۾ چين هو، ۽ نه وري اکين ۾ ننڊ. ۽ ٻيو وري ٻي ڇت تي سندس چاچو... هن جي پيءُ جو ڀاءُ ۽ قاتل... بي خبريءَ سان ستو پيو هو. هن جي گهر جي عورتن وٽ وقت هو. ڇت تي ويهي ڪري ساهي کڻڻ جو ۽ ڪچهريون ڪرڻ جو. جڏهن ته خود هن جي ماءُ ان مهل اونداهه رات ۾ به ٿانون کي چار سان رڳڙي رهي هئي ۽ ايندڙ ڏينهن جي لاءِ ٻارڻ لاءِ ڇيڻن کي گڏ ڪري رهي هئي، بنتا سنگهه کي ڇا هو؟ ڀنگ گهوٽيندو ۽ ۽ سمورو وقت سمهندو رهندو هو. نوڪر چاڪر هئس، مال متاع کي سنڀال لاءِ ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ.

هن جي هڪ ڌيءَ هئي... بندو، چلڪڻين اکين واري، ڪم ڪار ڪو به نه هيس، جاپاني پشم جا ڪپڙا پائي هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ کان سواءِ... پر دليپ سنگهه جي لاءِ ته ڪم ئي ڪم هو، هر وقت ڪم.

نم جي وڻن ۾ هلچل ٿي. نرم هوا جو جهوٽو ڇت جي مٿان گذريو ۽ مڇرن کي پنهنجو پاڻ سان گڏ اڏائي کڻي ويو. ماڻهن کي پگهر کان ٿوري نجات ملي. دليپ جي گرم ٿيل جسم کي به ڪجهه آرام محسوس ٿيو. اکڙيون ننڊ سان پرجڻ لڳيس، بنتا سنگهه جي ڇت تي معورتن به هٿ وارو پنکو هلائڻ بند ڪري ڇڏيو.

پنهنجي کٽ سان ملي بيٺل بندو مٿي کي ٿورو لوڏيو ۽ هڪ گهرو ساهه کنيو. ڄڻ سموري تازي هوا کي سيني ۾ سمائڻ ٿي چاهيائين. دليپ ڏٺو ته هن پنهنجي ڇت تي پسار ڪرڻ شروع ڪئي. هاڻي سڄي ڇت کان بندو ڳوٺ جي سمورين ڇتين ۽ آڳرن ۾ ستل ماڻهن جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. سڀ گهري ننڊ ۾ ستل هئا. ڪٿي ڪا به هلچل نه هئي، هوءَ پنهنجي کٽ تي وڃي ويهي رهي ۽ گوڏن تائين لٽڪندڙ ڪرتي جي ٻنهي سرن کي ٻنهي هٿن سان پڪڙي مٿي ڪري منهن کي هوا هڻڻ لڳي ۽ هاڻ پيرن کان وٺي گلي تائين هن جو جسم صاف نظر اچڻ لڳو. ٿڌي هوا هن جي سخت پيٽ ۽ جوان سيني طرف زوزاٽ ڪري هلڻ لڳي. ان وقت ڪنهن ڪاوڙ ۾ پٽ پٽ ڪئي. يڪدم بندو ڪڙتو هيٺ ڪري ڇڏيو. هوءَ پنهنجي کٽ تي وڃي ليٽي ۽ وهاڻي ۾ منهن لڪائي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

هاڻي دليپ سنگهه کي وري ننڊ ڪٿي؟ هن جي دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. بنتا سنگهه جو نفرت آميز جسم وري هن جي دل ۾ لهي آيو هو. هن جون اکيون آليون ٿي ويون ۽ وري بندوءَ جو تصور ڪرڻ لڳو. جنهن کي تارن جي روشنيءَ ۾ هن هينئر هينئر ڏٺو هو. هن کي هن سان پيار ٿيڻ لڳو هو. خيالن ئي خيالن ۾ ڪيس حاصل ڪرڻ جي تمنا ٿي. بندو ته هميشه هن جي ويجهو ٿيڻ چاهيندي هئي. هن کي

درخواست بہ ڪري چڪي هئي پر دليپ ڪڏهن بہ راضي نہ ٿيو هو. بنتا سنگهہ، هن جو دشمن جو هو ۽ هن هميشہ هن کي هيٺاهون ٿي ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.

بظاهر دليپ سنگهہ جون اکيون بند هيون پر اهي هاڻ ڪنهن ٻي دنيا ۾ کليل رهيون هيون، جنهن ۾ بندو رهندي هئي. هن کي پيار ڪندڙ بندو خوبصورت بندو، هن جي پنهنجي بندو.

اڃان پورو ڏينهن بہ نہ ٿيو هو جو هن جي ماءُ کيس ڪنڌ کان ڌونڌاڙي اٿاريو ۽ چيو "ٿڌ ۾ ئي ٻنيءَ کي ڪيڙڻ بهتر هوندو آهي." رات جي ڪاراڻ اڃا موجود هئي. تارا بہ چمڪي رهيا هئا. هن وهاڻي جي هيٺيان تهہ ڪري رکيل قميص ڪڍي پاتي. هن جون نظرون سامهون ڇت تي ويون. اتي بندو بي خبر ستي پئي هئي.

ڍڳن سان ٻنيءَ ۾ هر ڪاهڻ کان پوءِ دليپ سنگهہ پڪل فصلن ڏانهن وڃڻ لڳو. هو ڳوٺ جي سنسان اونڌاهين گهٽين کي ڪراس ڪري تارن جي چمڪيلي رات ۾ بيٺل فصل واري ٻنيءَ ۾ اچي پهتو. هن کي ڏاڍي ٿڪاوٽ محسوس ٿي رهي هئي. بندو جو خيال اڃا تائين سندس دل ۽ دماغ تي ڇانيل هو. ڏکڻ طرف کان آسمان آهستي آهستي ڪاري کان سليٽي رنگ جو ٿيندو پئي ويو. ڪونج پکين جا آواز ٻنين ۾ گونججي رهيا هئا. ويجهو ويٺل وڻن تي ڪانو بہ آهستي آهستي ڪان ڪان ڪرڻ لڳا.

هيءَ ٻنيءَ کي ڪيڙي رهيو هو. پر هن جي دل ڪنهن ٻئي هنڌ هئي. بس هر کي پڪڙيو ڍڳن جي پويان پويان هلي رهيو هو. ڪانچان نہ سڌا پئجي رهيا هئا ۽ نہ وري گهرا. هن آسمان کي ڏٺو. ان جي رنگن کي ڏٺو ۽ هن کي پنهنجو پاڻ تي شرم اچڻ لڳو. هن پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ چاهيو. ڏينهن جو خواب! بس هاڻي وڌيڪ نہ. هن هر جي ڳهوبي کي زمين ۾ وڌيڪ گهرو لاٿو ۽ ڍڳن کي لڪڻ جي مدد سان زور سان ڌڪ هنيو. ڍڳن کي ڌڪ لڳو تہ ناسون ڦوڪاري، پڇ لوڏيندي رفتار تيز ڪرڻ لڳا. زمين کي هرن سان چيريندي دليپ ٻنهي پيرن سان مٽيءَ کي پري ڪرڻ لڳو ۽ هيءَ لڳاتار ڪم ڪندو رهيو. صبح پنهنجي پوري تيزيءَ سان ظاهر ٿيڻ لڳو. دليپ هر ڏيڻ ڇڏي ڏنو. ڍڳن کي ڪاهي کوهہ وٽ پهتو. کوهہ تي لڳل نم جي وڻ جي ڇانو ۾ ڍڳن کي کولي ڇڏيائين. پاڻي جون ڪيترين ئي بالٽيون کوهہ مان پري چڱي طرح سان وهنجڻ لڳو ۽ ڍڳن کي بہ چنبا هڻڻ لڳو. سڄو رستو ڍڳن جي جسم مان پاڻي ڪرندو ورهيو ۽ هو ڍڳن کي هونگارون ڏيندو، نيٺ وڃي گهر نڪتو.

ماءُ هن جي ئي انتظار ۾ هئي، تازين پچايل مانين تي مکڻ لڳل هو. پالڪ جو ساڳ ان جي مٿان رکيل هو. ان سان گڏ چانديءَ جي گلاس ۾ ڀريل لسي. دليپ کي ڏاڍي بک لڳي هئي. کاڌي تي ٽٽي پيو. ماءُ هن جي سامهون ويهي هٿ جي پنکي سان مکيون اڏائڻ لڳي، ماني ۽ پالڪ سان پيٽ ڀري هن گلاس لسيءَ جو فٽافٽ پي ورتو. کٽ تي ليٽڻ سان ئي کيس ننڊ اچي ويئي. ماءُ هن جي ويجهو ويهي هن کي پيار ڀرين نظرن سان ڏسندي هوا هڻي رهي

ڪيس جي ڪاروائي شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو. هن بنتا سنگهه ۽ ان جي سيني ساٿين کي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي. دليپ سنگهه کي سپاهين جي نگرانيءَ ۾ اندر آندو ويو، پر هن جي ماءُ کي پٽيوالي اندر اچڻ کان روڪي ڇڏيو. اهو ان ڪري جو هن ڪيس خرچي نہ ڏني هئي، جڏهن عدالت جي اندر سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويو تہ ڪلارڪ ڏوهيءَ جي باري ۾ بيان پڙهڻ شروع ڪيو.

دليپ سنگهه بي ڏوهي هئڻ جي دعويٰ ڪئي، مئجسٽريٽ مسٽر ڪمار، سب انسپيڪٽر کي، بندو کي حاضر ڪرڻ لاءِ چيو. شال ۾ منهن ويڙهيل بندو ڪٽهڙي ۾ داخل ٿي. هوءَ اڃان بہ نڪ مان سون سون جو آواز ڪڍي رهي هئي، انسپيڪٽر هن جي والد ۽ دليپ سنگهه جي دشمنيءَ جي بابت ٻڌايو. ۽ پوءِ بندو جا ڪپڙا عدالت ۾ پيش ڪيا. صفائي ڏيڻ وارن طرفان ڪجهہ چوڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. ثبوتن سان گڏ بندو جي شاهديءَ ڪيس کي بلڪل صاف ۽ ثابت ڪري ڇڏيو هو. قيديءَ کي چيو ويو تہ هو پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهہ چوڻ چاهي تہ چئي سگهي ٿو.

"مان بيگناهہ آهيان، سائين" دليپ سنگهه چيو.

مئجسٽريٽ مسٽر ڪمار بي چين ٿي رهيو هو. چوڻ لڳو. "تو شاهديون تہ ٻڌيون نہ؟" جيڪڏهن توکي ڇوڪريءَ کان ڪجهہ بہ ناهي پڇڻو تہ مان فيصلو ٻڌايان."

"سائين... مون وٽ تہ ڪو وڪيل بہ ڪونهي. ڳوٺ ۾ تہ ڪو اهڙو دوست بہ ڪونهي، جيڪو منهنجي لاءِ شاهدي ڏيئي، غريب ماڻهو آهيان، مالڪ پر مان بلڪل بي قصور آهيان." دليپ سنگهه وري بہ ٻاڏايو

مئجسٽريٽ کي هاڻي ڪاوڙ اچي ويئي. هن ريڊر ڏانهن منهن ڪري چيو "لک، ڪابہ جرح نہ ٿي."

"پر سائين." دليپ سنگهه منٿ ڪئي، "مون کي جيل موڪلڻ کان پهرئين ٿورو هڪ دفعو هن ڇوڪريءَ کان پڇو تہ سهي تہ ڇا هوءَ رضامند نہ هئي؟ مان هن وٽ ان لاءِ ويو هئس جو هوءَ پاڻ بہ منهنجي ويجهو اچڻ چاهيندي هئي، مان بي قصور آهيان."

مئجسٽريٽ وري بہ ريڊر ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ چوڻ لڳو، "ڏوهي جي طرفان جرح لک تہ... ڇوڪري پنهنجي مرضيءَ سان ملزم وٽ ويئي هئي؟" پوءِ هن بندو کي مخاطب ٿيندي پڇيو تہ "جواب ڏي، ڇا تون پنهنجي مرضيءَ سان ڏوهي وٽ ويئي هئينءَ؟"

بندو صرف روئيندي رهي ۽ نڪ مان سون سون جو آواز ڪڍندي رهي. هڪ عجيب ماٺ عدالت ۾ ڇانيل هئي، مئجسٽريٽ سان گڏوگڏ سڄو ميڙ هاڻي هن جي جواب جو انتظار ڪري رهيو هو.

"تون پاڻ ويئي هئي يا نہ؟ تڪڙو جواب ڏي، مون کي ٻيا بہ ڪم ڪرڻ آهن."

شال جي ڪيترن ئي تهن ۾ لڪايل منهن ٻاهر ڪڍندي بندو جواب ڏنو.

"جي ها، مان پنهنجي ئي مرضيءَ سان وئي هيس."

انهن سان گڏ نہ وجي سگھيو هو. هن جو هتي ترسي پوڻ جو هڪ سبب تہ اهو بہ هو تہ هن کي هيءَ علائقو تمام گھٽو وڻندو هو ۽ ٻيو سبب اهو هو تہ هن کي هڪ مادي پسند اچي وئي هئي. هو ڏينهن رات ان جي ٿهل ٽڪور ۾ لڳل هو. اها مادي بہ سيءَ سبب پنهنجن سهيلين سان گرم علائقن ڏانهن اڏامي وئي، ائين هي پکي هتي اڪيلو رهجي ويو هو. پوءِ مجبور ٿي هن بہ اڏامڻ شروع ڪيو. هو سڄو ڏينهن اڏامندو رهيو. آخر رات ٿي وئي ۽ هڪ شهر ۾ اچي نڪتو جتي خوش باش شهزادي جو مجسمو هيو.

"مان رات ڪٿي گذاريان؟" پکي پنهنجي دل ۾ سوال ڪيو. "منهنجو خيال آهي تہ هيءَ شهر مون کي قبول نہ ڪندو."

پوءِ هن جي نگاهہ شهزادي جي مجسمي تي پئي ۽ هو ڏاڍو خوش ٿيو. "هيءَ ڏاڍي سٺي جاءِ آهي. مان اتي ئي رات گذاريان." اهو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ هن مجسمي جي ٻنهي پيرن جي وچ ۾ هڪ خلا ڳولي ۽ پنهنجن پرن کي سوڙهو ڪري ان خلا ۾ داخل ٿيو.

"واهہ! مزو اچي ويو" هن خوش ٿي ڪري چيو. مون کي تہ سمجهڻ لاءِ بهترين جاءِ ملي وئي. جتي مان گهري ننڊ ڪندس. هو سڄو ڏينهن اڏرندو رهيو هو. تنهنڪري ڏاڍو ٿڪجي پيو هو. ان ڪري جلد سمهڻ تي چاهيائين، هن سمهڻ لاءِ اکيون ٻوٽي پنهنجي منڊي پيرن تي رکي تہ اوچتو هڪ پاڻيءَ جو ڦڙو اچي هن مٿان ڪريو. هن گھبرائجي چيو "ڪهڙي مصيبت آهي. آسمان تي ڪو ڪڪر نظر نٿو اچي پوءِ بہ مينهن ٿو پوي!" ان وقت هڪ پاڻيءَ جو ٻيو ڦڙو بہ اچي هٿ جي مٿان ڪريو.

"توبهہ آ- اهڙي مجسمي مان ڪهڙو فائدو جيڪو مينهن کان بہ نہ بچائي سگھي!" هو اڏامڻ لاءِ پر ڦهلاءِ ئي رهيو هو تہ پاڻيءَ جو ٽيون ڦڙو اچي هن جي ڳچيءَ تي ڪريو. هن مٿي نهاريو هن جيڪي ڏٺو تنهن کيس وڏيڪ حيران ڪري ڇڏيو.

هن خوش نظر ايندڙ شهزادي جون اکيون ڳوڙهن سان پريل هيون، ڳوڙها سندس سنهري ڳلن تان ترڪندا پکيءَ جي مٿان ڪري رهيا هئا. ان چانڊوڪيءَ رات ۾ اهو مجسمو ايترو خوبصورت ۽ دلڪش لڳي رهيو هو. جو پکيءَ جي دل ۾ بہ هن لاءِ چاهت ۽ رحم جا جذبا جاڳي پيا.

"تون ڪير آهين" پکي پنهنجا پر لوڏي پڇيو. "۽ تون ڇو روئي رهيو آهين؟ تو مون کي پنهنجن ڳوڙهن سان پچائي ڇڏيو آ."

شهزادي جي مجسمي جواب ڏنو: "جڏهن مان جيئرو جاڳندو انسان هيس ۽ منهنجي سيني ۾ دل ڌڙڪندي هئي. ان وقت مان نہ ڄاڻيندو هيس تہ ڳوڙها ڇا ٿيندا آهن. ڇو تہ مان ان وقت محل ۾ رهندو هيس. هتي ڪنهن بہ قسم جي ڏک ۽ غم کي اندر داخل ٿيڻ جي جازت نہ هئي. مان سڄو ڏينهن محل

.جي سهڻي باغ ۾ پنهنجن ساٿين سان کيڏندو رهندو هئس. رات جو محل جي شاندار هال ۾ ناچ گاني جون محفلون ٿينديون هيون. ان وقت هيءَ شهر منهنجي لاءِ ڏاڍو سهڻو هو. مان سمجهندو هيس ته جيئن مان خوش گذاريان ٿو اهڙي طرح شهر جو هر ماڻهو خوش گذاريندو هوندو. جڏهن هاڻ مان مري چڪو آهيان ۽ منهنجي موت کان پوءِ ماڻهن منهنجو مجسمو ناهي شهر جي چوڪ تي هڪ وڏي ٿنڀي مٿان لڳايو آهي. تڏهن کان هتان پوري شهر جا ڏک ۽ مسئلا پنهنجين اکين سان ڏسي رهيو آهيان. هاڻ مونکي معلوم ٿيو آهي ته ڏک ڇا ٿيندو آهي. هن شهر ۾ڪيترا ماڻهو اداس رهن ٿا. منهنجي دل جيئن ته پتل جي جڙيل آهي، ان ڪري مان سواءِ روئڻ جي ٻيو ڪجهه به ڪري نٿو سگهان."

"ڇا مطلب؟" پکي حيران ٿي پڇيو

"تون ڏسڻ ۾ ته سون جو لڳين ٿو."

"مان توکي ٻڌايان ٿو." شهزادي پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو. "هتان ڪجهه مفاصلي تي هو سامهون گهر آهي، مان انهيءَ گهر کي ڏسي سگهان ٿو. ان گهر جي دري کليل آهي، جتان ڪمري ۾ ويٺل هڪ ڪمزور عورت به نظر اچي ٿي. ان عورت جي چهري تي غربت جا نشان چٽا نظر اچن ٿا. هن جي نظر ڪمزور ٿي وئي آهي، هن جا هٿ ڪمزوريءَ کان ڏڪي رهيا آهن. هن جون آڱريون به زخمي آهن. ان جي باوجود هوءَ پنهنجن ڏڪندڙ هٿن سان هڪ قيمتي وڳو جوڙڻ ۾ مصروف آهي. اهو وڳو ملڪ جي لاڏلي ٻانهيءَ جو آهي. اهو هوءَ ايندڙ جشن ۾ پهريندي. انهيءَ ڪري اها مجبور عورت ايتري محبت ۾ رڌل آهي. انهيءَ ڪمري ۾ ٻڳل ڪٽ تي انهيءَ عورت جو بيمار ٻار پيل آهي، اهو هن وقت روئي رڙي رهيو آهي پر سندس مجبور ماءُ ان طرف ڌيان ئي نه ٿي ڏي ته متان ڌيان مٿائڻ سبب خيال نه ٿئي. منهنجا ڀلا پکي ڇا تون منهنجو هڪ ڪم ڪندين؟ ڇا تون منهنجي تلوار جي هٿيي ۾ لڳل قيمتي هيرو ڪڍي انهيءَ ماءُ تائين پهچائيندين؟"

"ڏاڍو ڏکيو ڪم آ" پکيءَ جواب ڏنو. "مونکي تمام گهڻو پري وڃڻو آهي. منهنجا ساٿي گرم علائقن ۾ پهچي ويا هوندا. مان پوئتي رهجي ويو آهيان. هو نيل دريا تي منهنجو انتظار ڪندا هوندا."

"پيارا پکي." شهزادي پنهنجي غمگين آواز سان چيو."تون هڪ رات هتي ترسي پئو، ۽ منهنجو اهو ڪم ڪر."

پکيءَ کي شهزاديءَ جي ٻي وسيءَ تي رحم آيو. "ٺيڪ آ" هن پنهنجي چنهنب لوڏي.

"توڙي جو اڄ رات ڏاڍي ٿڌ آهي پر پوءِ به مان تنهنجو ڪم ڪندس."

"تنهنجي مهرباني، پيارا پکي!" شهزادي چيو "هاڻ منهنجي تلوار جي هٿيي مان هيرو ڪڍي انهيءَ مظلوم

ان وقت اهو نوجوان پنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ڪجهه سوچي رهيو هو.

ان ڪري هو پکي کي ايندي نہ ڏسي سگهيو. پکي واپس ورڻ مهل هن کي متوجهه ڪرڻ لاءِ سيٽيءَ جو آواز ڪڍي ٻاهر نڪري ويو. نوجوان اديب جڏهن آواز ٻڌي پنهنجي منهن تان هٿ پري ڪيا تڏهن هن جي نگاهه هيري تي پئي هو خوشيءَ ۾ ٽپا ڏيڻ لڳو.

"رب سائين تنهنجا احسان! تو غيب مان منهنجي مدد ڪئي، هاڻ منهنجون سموريون پريشانيون ختم ٿي وينديون." ٻي ڏينهن صبح جو اهو پکي بندرگاهه طرف هليو ويو. اتي ايندڙ ويندڙ بحري جهازن ۽ ٻري تائين پکڙيل پاڻيءَ کي ڏسي خوش ٿيندو رهيو هو ڏاڍيان چوڻ لڳو "مان اوڏانهن ٿو وڃان جتي سج گرم ڪرڻا ٿو ڏئي، جتي منهنجا ساٿي انتظار تا ڪن." هن بندرگاهه تي بيٺل هر ماڻهوءَ کي اها خوشيءَ واري خبر ٻڌائي، پر ڪنهن بہ هن ڏانهن ڌيان نہ ڏريو. پوءِ بہ هو شام تائين اتي پئي ڦريو. جڏهن رات ٿي ۽ چنڊ نڪتو، تڏهن هيءَ هڪ پيرو ٻيهر شهزادي ڪان موڪلائڻ لاءِ آيو.

"هاڻ مون کي اجازت ڏي." پکيءَ چيو.

"مان توڪان موڪلائڻ لاءِ آيو آهيان."

"سنا پکي، بس اڄوڪي رات رهي پئُ مان تنهنجو ٿورائتو رهندس، بس اڄوڪي رات."

"نہ شهزادا، هت ڏاڍي ٿڌ آهي منهنجا ساٿي مصر جي گرم هوائن ۾ اڏامن ٿا. نيل نديءَ جي ڪپر سان بيٺل وڻن ۾ پنهنجا آکيرا جوڙي رهن ٿا. انهن کي منهنجو انتظار هوندو. ان ڪري مون کي وڃڻ ڏي!"

"پلا پکي، هتان ڪجهه مفاصلي تي هڪ رستو آهي، ان رستي جي فٽ پاٿ تي هڪ پياري ڇوڪري روئي رهي آهي. هوءَ ماچيس وڪرو ڪرڻ واري ڇوڪري آهي. بدقسمتيءَ سان اڄ هن جا سمورا ماچيس گٽر ۾ ڪري پيا آهن هاڻ هوءَ خالي هٿن آهي هوءَ ڊڄي ٿي تہ هوءَ خالي هٿن گهر موٽندي تہ هن جو پيءُ هن کي ماريندو. اهو ڏاڍو بي رحم ۽ ظالم ماڻهو آهي. تنهنڪري اها معصوم ڇوڪري ڊپ کان روئي ٿي. منهنجا پيارا پکي تون منهنجي ٻي اک مان هيرو ڪڍي ان ڇوڪريءَ کي ڏئي اچ."

"مان تنهنجي چوڻ تي رات تہ رهان ٿو پر تنهنجي اک مان هيرو نہ ڪڍي سگهندس. ڇو تہ تون انڌو ٿي ويندين.!"

"جيڪو مون چيو آهي سو ڪر. منهنجي ڳالهہ مڃ. سهڻا پکي!" پکي مجبور ٿي شهزادي جي ٻي اک مان هيرو ڪڍي ڇهنب وسيلي ڪڻي ڇوڪريءَ جي هٿ تي رکي آيو. هيري کي ڏسي ڇوڪري خوشيءَ مان نچڻ لڳي ۽ پنهنجي گهر ڏانهن ڊوڙڻ لڳي. پکي هن کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ شهزادي ڏانهن واپس موٽي آيو. هن

شهزادي کي چيو تہ شهزادا! هاڻ جيئن تہ تون انڌو ٿي ويو آهين، ان ڪري مان توکي ڇڏي ڪاڏي ڪونہ ويندس. مان تو سان گڏ رهندس."

شهزادي اداس ٿي چيو "نہ پيارا پکي، تون منهنجي ڪري پنهنجو ارادو نہ مٽاءِ، وچ تنهنجا دوست تنهنجو انتظار ڪندا هوندا."

"نہ، مان توکي ڇڏي ڪيڏانهن ڪونہ ويندس، هميشہ تو سان گڏ رهندس. ايترو چئي پکي شهزادي جي پيرن ۾ سمهي پيو.

ان کان پوءِ پکي شهزادي سان .گڏ ئي رهيو. هو شهزادي جي ڪلهي تي ويهي مختلف ڳالهيون پيو ٻڌائيندو هيو. هن جن ملڪن جو سير ڪيو هو، دنيا جا عجوبا ڏٺا هيا، قسمر قسمر جا پکي ۽ جانور ڏٺا هيا. تن جي باري ۾ شهزادي کي دلچسپ ڪهاڻيون ٻڌائيندو هيو.

"سٺا دوست" هڪ ڏينهن شهزادي پکيءَ کي چيو "تون مونکي دنيا جون حيرت انگيز ڪهاڻيون ٻڌائين ٿو. پر مان چاهيان ٿو تہ تون مونکي منهنجي شهر جي ماڻهن جا حال احوال ٻڌاءِ، مهرباني ڪري منهنجي شهر جي ماڻهن کي ڏسي اچ، پوءِ ان جي باري ۾ مونکي ٻڌاءِ!"

شهزاديءَ جي فرمائش تي پکي شهر جي ماڻهن کي ڏسڻ لاءِ اڏري ويو. هن ڏٺو تہ شهر جا ماڻهو وڏا وڏا محل جوڙي رهيا آهن. انهن وٽ بي شمار دولت آهي هو دنيا ۾ جون آسائشون خريد ڪري سگهن ٿا.

جڏهن تہ غريب ماڻهن وٽ ڪجهہ بہ نہ آهي، انهن جي اکين ۾ حسرتون آهن. مک پيلا ۽ ويران ٿي ويا آهن. پکي تار اونداهن پاڙن ۾ پرواز ڪندو رهيو. هن ڏٺو تہ غريبن جا ٻار پنهنجن گهرن ۾ اداس ويٺا آهن. انهن مان ڪيڏڻ ڪڏڻ جي خواهش بہ ختم ٿي وئي هئي.

پکي واپس اچي شهزادي کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو. شهزادو اهو ٻڌي ويتر اداس ٿي ويو. "منهنجا پيارا پکي." شهزادي ٿورو ترسي چيو، "منهنجي بدن تي جيڪو لباس آهي سو سون جو ٺهيل آهي. تون هن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري غريب ماڻهن ۾ ورهائي اچ، تنهنجي مهرباني ٿيندي."

پکي هن جي چوڻ مطابق سون جي لباس کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري غريبن ۾ ورهاءِ ڇڏيو.

نادار ۽ غريب ماڻهن جي گهرن ۾ خوشحالي ۽ خوشيون اچي ويون. مايوس ٻار نوان لباس ۽ ڪاڏو پيتو حاصل ڪري گهٽين ۾ ٺينگ ٽپا ڏيڻ لڳا. هر طرف بهار اچي وئي. جڏهن تہ شهزادي جو اهو حال هو تہ هاڻ هن جي جسم تي نہ ڪو سون جو پهراڻ هو، نہ اکين ۾ هيرا هيا. نہ ان جي تلوار جي هٿيي تي زمرد لڳل هو. هاڻ اهو هڪ بدصورت مجسمو بڻجي ويو هو.

ڪجهہ ڏهاڙن کان پوءِ برف باري شروع ٿي وئي. ننڍڙو پکي جيڪو اڳ ۾ ئي ڪمزور هو. سو وڌيڪ بيمار

رهڻ لڳو. هن جي تڏ به سهڻ کان وڌيڪ هئي. پر هن شهزادي کي ڇڏڻ به گوارا نه پئي ڪيو. جو ته هو ان جي مجسمي سان پيار ڪرڻ لڳو هو. هو پنهنجو پاڻ کي گرم رکڻ لاءِ پنهنجن پرن کي زور زور سان لوڏي رهيو هو. پر هن کي معلوم هيو ته هن جي اها ڪوشش اجائي آهي ڇاڪاڻ ته هو تيزيءَ سان موت جي طرف وڌي رهيو هو. هو مرڻ وارو هو. هيءَ ڪوشش ڪري اڏري شهزادي جي ڪلهن تي اچي ويٺو. "خدا حافظ شهزادا" هي ڏاڍي ڪمزور آواز سان شهزادي کي مخاطب ٿيو. "مان وڃي رهيو آهيان."

"مون کي خوشي آهي ته تون گرم علائقي ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هاڻ توکي هليو ئي وڃڻ گهرجي."

تنهنجا ساٿي تنهنجو انتظار ڪندا هوندا. تو منهنجو گهڻو ساٿ ڏنو. گهٽا ڏينهن مون وٽ رهئين. بس هاڻ هڪ دفعو مون کي پيار ڪر. ان کان پوءِ تون ڀلي هليو وڃ." "تون غلط سمجهيو شهزادا. پکي آهستي چيو."

مان گرم علائقن ڏانهن نٿو وڃان پر موت طرف ٿو وڃان. موت هميشه جي ننڊ هوندي آهي. مان گهڻو بي سڪون رهيو آهيان. مرڻ کان پوءِ مون کي سڪون ملي ويندو. موت مون کي سڏي رهيو آهي، مون کي وڃڻو ئي پوندو."

ائين چئي پکيءَ شهزاديءَ کي پيار ڪيو ۽ هن جي پيرن تي ڪري پنهنجي جان ڏني. هو مري ويو هو.

پکيءَ جي مرندي ئي خوش باش شهزادي جي مجسمي مان هڪ زوردار آواز پيدا ٿيو. هو ڏري پيو. ڄڻ ڪيس ڪنهن اندران زخمي ڪيو هجي. پوءِ مجسمي جي دل ٻاهر اچي پئي.

ٻئي ڏينهن شهر جو ناظر اتان لنگهيو. ان سان گڏ ٻيا اعليٰ عملدار به گڏ هيا. ناظر هن مجسمي کي ڏسي حيران ٿيو.

"اڙي هن مجسمي ڏانهن ته ڏسو. ڪيڏو بدصورت ٿو لڳي."

"ها، اهو ته واقعي بدصورت ٿي ويو آهي، هڪ عملدار به ناظر سان ها ۾ ها ملائي. ۽ هيءَ ڏسو ان جي پيرن ۾ ڪنهن مئل پکي جو مڙهه پيو آهي."

"هاڻ هن بدصورت مجسمي کي ڪرو ڪري ڇڏيو ته جيئن هن کي پگهرائي ڪا ٻي شيءِ جوڙي سگهجي."

آخر ان مجسمي کي ڪرو ڪيو ويو، خريد ڪرڻ واري هن کي پگهارڻ لاءِ ڀٺيءَ ۾ وڌو.

سواءِ دل جو ٻيو سڄو مجسمو پگهرجي ويو.

"ڇا مصيبت آهي؟" هڪ ڪاريگر دل کي ڏسي چيو "هيءَ پگهرجي جو نه ٿي؟" اسان لاءِ ته هيءَ بيڪار شيءِ آهي، چڱو هن کي ڀٺيءَ مان ٻاهر ڪڍي اڇلاءِ!" پتل جي دل انهيءَ جاءِ تي اڇلائي وئي جتي مئل پکيءَ جو مڙهه پيو هو."




# دهليءَ جو درشن

هندوستان ايڏو وڏو آهي جو هن ۾ هڪ ٽوئرسٽ جي ڏسڻ لاءِ، ڪيترين ئي مختلف تواريخي ۽ ثقافتي شيون موجود آهن، جن کي هندوستان جي حڪومت ساڳي حالت ۾ برقرار رکيو ويٺي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هيڏي عوام ۽ غربت هوندي به امن امان جي حالت حيرت انگيز حد تائين بهتر آهي جو هتي ڌارين ملڪن جون ڇوڪريون بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي ڏينهن رات پيون سفر ڪن ۽ گهمن ڦرن.

**تاريخي معلومات سان جڙيل هندستان جو دلچسپ سفرنامو**

## انڊيا ۾ اسان جا رهندڙ اوڏ

اسان وٽ اوڏ برادريءَ جا ماڻهو سنڌ ۾ حيدرآباد کان وٺي لاڙڪاڻي جيڪب آباد تائين رهن ٿا، ان کان علاوه سنڌ کان ٻورو مٿيرو پنجاب جي ڏکڻ واري حصي ۾ به رهن ٿا. جيڪي هونءَ عام طرح سرائڪي ڳالهائين ٿا جيئن سنڌ جا اوڏ سنڌي. سيني اوڏن جي پنهنجي اوڏڪي مادري زبان آهي جيڪا بقول پروفيسر بسنت اوڏ جي سرائڪيءَ سان گهڻو ملي ٿي. پنهنجو پاڻ ۾ هو هميشه پنهنجي اوڏڪي زبان ۾ گفتگو ڪن ٿا. نه فقط پاڪستان جا اوڏ، پر انڊيا جا پڻ. انڊيا ۾ مهاراشٽرا صوبي کان وٺي اترانچل صوبي ۽ دهليءَ جي راڄ ڌاٽي ۾ جتي ڪٿي هزارين اوڏ فئمليون رهن ٿيون. دهليءَ کان ٻورو پريهرو ته هڪ سڄو ڳوٺ اوڏن جو آهي.

انڊيا ۾ رهندڙ اوڏن ۾ ڪيترا ته پهرين کان هتي جا رهاڪو هئا ۽ ٻيا ورهاڱي بعد يا ان کان پوءِ انڊيا اچي رهيا. اوڏ هميشه پنهنجي ڪميونٽي سان رهن ٿا، جيئن آغاخاني ۽ بوهري وغيره. ڇو جو اوڏن جون ڪيتريون ئي ريتون رسمون ۽ پوڄا پاٺ جا طريقا هندن کان به مختلف آهن. اوڏ شاديون به پنهنجي ئي ذات نيات ۾ ڪن. هنن ۾ ٻين هندن وانگر ڏيج (Dowery) جو چڪر ۽ پريشر ناهي. هنن جو ايامن کان بدي جي شاديءَ جو وهنوار هلندو اچي. پنهنجي نياڻي جتي ڏيندا، اتهن کان پاڻ به پنهنجي پٽ لاءِ وٺندا. پوءِ ان ريت ڪيترن غريب ڪٽنبن جو هڪ ٻئي سان ڳانڍاپو ۽ پلو ٿيو وڃي. جيئن اسان جي دوست نولراءِ جي والد نارائڻ داس ڊپٽي ڪمشنر ٿي ڪري به پنهنجون نياڻيون غريب اوڏن کي ڏنيون ۽ سندس پٽن جيڪي ڪمشنر، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ نيويءَ ۾ ڪئپٽن ٿي ويا، انهن غريب گهرن جي اوڏ ڇوڪرين کي قبول ڪيو جيڪي هنن جي مقابلي ۾ پڙهيل ڳڙهيل به نه هيون. رامچند اوڏ جي جڏهن شادي ٿي رهي هئي ته هو پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج مان انٽر، NED ڪراچيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ BE ۽ بئنڪاڪ جي يونيورسٽيءَ مان ME ڪري هاڻ اسڪالر ٿي PhDڪرڻ لاءِ آمريڪا وڃي رهيو هو. ڳوناڻ شادي ڪري هو آمريڪا ٿي ويا ته ڪجهه ڏينهن لاءِ اسان وٽ ڪراچي اچي رهيا هئا. سندس زال وزيران کي اڙدو ۽ انگريزي به پري سنڌي نج ڄٽيءَ طرح ڳالهائڻ نٿي آئي. هوءَ اوڏڪيءَ ۾ ئي ڳالهائي رهي هئي. آمريڪا ۾ جنهن هنڌ رامچند کي رهائش ملي هئي ان پاڙي ۾ ته ڪو اڙدو يا هندي ڳالهائڻ وارو پاڪستاني يا انڊين ته نه هو، پر سڄي شهر ۾ ڪو اهڙو نه هو. رامچند کي ان جو ڪو فڪر نه هو. پنهنجي Style۾ مرڪندي چيائين پاڻهي ٻئي ڄڻا گڏجي انگريزي ڳالهائڻ وارن کي منهن پيا ڏينداسين ۽ پوءِ جڏهن ڇهن مهينن کان پوءِ اسان جو جهاز آمريڪا ويو ۽ آئون ساڻن ملڻ ويس ته اهو ڏسي حيرت ٿي ته ڇهن مهينن جي

نندڙي عرصي ۾ ڊاڪٽر رامچند جي زال وزيران نہ فقط روان انگريزي ڳالهائي رهي هئي پر آمريڪن Accent ۾! سچ چيو اٿن تہ ڌارئين زبان ڳالهائڻ لاءِ Practice ضروري آهي ۽ نہ ڊگريون. اسان جي آس پاس ڪيترائي اهڙا مثال نظر ايندا جن، ايم. اي عربي، فارسي يا انگريزيءَ ۾ ڪئي هوندي پر انهن ملڪن جو ڪو اهل زبان ساڻن ڳالهائيندو تہ هو ان جي ڳالهہ ئي سمجهي نہ سگهندا. جواب ڏيڻ تہ ٺيو پوءِ جي ڳالهہ. بهرحال هيءَ اسان لاءِ پهريون اکين ڏٺو واقعو هو تہ هڪ ڪنڊياري پاسي جي ڳوٺ جي ڇوڪري جيڪا ڪڏهن حيدرآباد بہ نہ نڪتي هجي ۽ نہ وري ستر واري ڏهي جي شروعاتي سالن تائين ڪي انگريزي ٽي. وي چئنل هئا جن تان هوءَ انگريزي ٻڌي سگهي سا شاديءَ بعد پهريون دفعو ڳوٺ ڇڏي ڪراچي مان ٿيندي آمريڪا جي ڪولوروڊو رياست جي هڪ شهر ۾ وڃي ٿي جتي هوءَ ڇهن مهينن اندر اتي جي مڪاني ماڻهن جي آمريڪن اسٽائيل انگريزي سمجهي ۽ ڳالهائڻ لڳي ٿي. ڊاڪٽر رامچند ۽ سندس زال جو مثال آئون هميشہ پنهنجي پاڪستاني خاص ڪري سنڌ صوبي جي نوجوانن کي ڏيندو آهيان جيڪي ولايت ۾ نوڪري ملڻ تي پنهنجن زالن کي پاڻ سان نہ وٺڻ جو اهوئي سبب ڏيندا آهن تہ ان ملڪ جي انگريزي، اسپيني، عربي يا ڪا ٻي ڌارئين زبان آهي ۽ سندن زالون ڪيئن گذارو ڪري سگهنديون. سچ تہ اهو آهي تہ ملائيشيا جي هڪ ٻيٽ نما ڳوٺڙي ۾ جڏهن مون کي نوڪري ملي تہ آئون اهو معلوم ڪري في الحال پريشان ٿي ويس تہ فقط آفيس جي چند سينيئر ماڻهن جي ٻيو سڄو اسٽاف فقط ملئي ٿو ڳالهائي ۽ سڄي ڳوٺ ۾ بہ ملئي ٿي ڳالهائي وڃي. پر پوءِ ملائيشيا پهچڻ بعد مون ڏٺو تہ پنهنجي جهازي انجنيئرنگ (Marine) جي، Subject ۾ آئون ايڏو مشغول ٿي رهيس جو مون ڪان اڳ منهنجا ٻار ملئي سکي ويا ۽ ڪيترا لفظ مون کي ڪانئن پڇڻا ٿي پيا ۽ پوءِ تہ باقي اٺ نو سال رهڻ دوران ٻارن تعليم بہ اتي جي ئي اسڪولن مان ورتي.

بهرحال اوڏن جي پنهنجي مادري زبان اوڏڪي آهي ۽ اُها سڄي ننڍي کنڊ جا اوڏ ساڳي ئا ڳالهائين جيتوڻيڪ چيو وڃي ٿو تہ اها سرائڪي جي ويجهو آهي پر سرائڪي وري بہ مون جهڙي سنڌي ڳالهائيندڙ کي ڪجهہ نہ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچيو وڃي ٿي پر اوڏڪي هرگز نہ. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ اوڏڪي تمام آڳاٽي زبان آهي. ان بابت اسان جي دوست نولراءِ جي وڏي ياءَ ڊاڪٽر گلابراءِ تحقيق جو هڪ ڪتاب پڻ لکيو آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ وٽ ڇپائي لاءِ پهتل آهي. بهرحال وڌيڪ ان بابت ٻولين جا ڄاڻو ۽ عالم ڊاڪٽر ٻگهيو، سراج ميمڻ، عبدالجبار جوڻيجو، سنڌيلو صاحب، عرساڻي صاحب جهڙائي، ڪا

راءِ ڏئي سگهن ٿا.
اوڏن جي شادين بابت لکي چڪو آهيان تہ هنن جون پنهنجي ذات ۾ ئي ٿين ۽ بدي تي ٿين ٿيون. جنهن وٽ ڇوڪري ناهي تہ اهو پئسا ڏئي پنهنجي پٽ لاءِ ننهن حاصل ڪري سگهي ٿو. بقول هڪ اوڏ جي تہ هنن وٽ نياڻيءَ جو هجڻ ڪو مسئلو ناهي ڇو جو هنن وٽ ڏيج جو چڪر ناهي يعني نياڻي ڏيڻ سان گڏ ناڻو نتو ڏيڻو پوي، جيڪو ٻين هندن ۾ (هاڻ ڪجهہ مسلمانن ۾ بہ) عام ٿيندو وڃي. اوڏن لاءِ بس اهو ضروري آهي تہ پنهنجي ذات جو هجي.
اهڙين شادين جا ڪيترائي مثال هند سنڌ ۾ ساڳيا آهن. ڪنڊياري جو نارائڻ داس صاحب (اسان جي ڪاليج جي ساٿي اوڏن: ارجن داس، نولراءِ ۽ رام چند جو والد) جن ڏينهن ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو تہ انهن ڏينهن ۾ چتون مل اوڏ هڪ غريب پورهيت هو. پر پوءِ پنهنجن ٻن پٽن سري چند ۽ لڇمڻ جي رشتي لاءِ نارائڻ داس صاحب نہ فقط چتون مل ڪان سندس ٻہ نياڻيون: جهمي (شبانا) ۽ ريڪا ورتيون پر پنهنجيون ڌيئرن ڪملا ۽ شانتا جو مڱڻو ننڍي هوندي ئي چتون مل جي پٽن مور ۽ دودي سان ڪرايو. چتون مل غريب ضرور هو پر هڪ غيرتمند ۽ محنتي اوڏ هو. هن ان رشتي بعد جيڪا محنت ڪري پنهنجن پٽن کي تعليم ڏئي وڏي عهدي تي آندو اها هڪ الڳ ڪهاڻي آهي. جيڪا اڄ جي ڪنهن بہ سست ۽ ٽوٽي ماڻهوءَ لاءِ اتساهہ ۽ سبق آهي ۽ وري چتونءَ جي پٽن بہ پنهنجو پاڻ کي لائق فائق بنائڻ خاطر محنت ۽ پورهيو ڪيو ۽ ڪنڊياري جهڙي ڳوٺ ۾ رهي ڪري پنهنجي اولاد کي جنهن نموني سان تعليم ڏياري اهو مثالي ڪم آهي. اڄ دودي جي پنجن ٻارن مان هڪ ڌيءَ (ڪرڻ) ۽ هڪ پٽ (سريندر) ڊاڪٽر آهن ۽ ٻہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ انجنيئر آهن. اهڙي طرح ٻئي ڀاءُ مور (يعني جنهن سان رامچند جي ننڍي ڀيڻ ڪملا جي شادي ٿي آهي) جي ڇهن ٻارن مان وڏو منوج انجنيئر آهي. ان بعد هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ ڊاڪٽر آهن ۽ ننڍي راڌا اڃا ٻارهين ڪلاس ۾ آهي).
هونءَ پنهنجن ۾ شادي ڪرڻ ۾ جتي ٻن فئملين جي بهتري ثابت ٿي آهي، اتي هر ڀار ضروري ناهي تہ دودو ۽ مور وانگر محنتي ۽ غيرت وارو ثابت ٿئي، ان ڪري ڪيترائي پنهنجن ۾ سڱ، مٽي جو سور پڻ ثابت ٿيا آهن. ڇو جو اوڏ برادريءَ ۾ هرهڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ پنهنجن پيرن تي بيٺل ناهي جيئن پارسين ۾ آهي يا ڪٿي ڇٿجي تہ ڪنهن حد تائين سنڌ ورڪي هندن ۽ عاملن ۾ هلندو رهيو آهي. اڄ جون ڪيتريون ئي اوڏ فئمليون خاص ڪري سنڌ جون جتي اوڏ برادري هاڻ ايڏي وڏي نہ رهي آهي هندن جي ٻين ذاتين ۾ شاديون ڪري رهيون آهن. اسان جي پاڙيسري ۽ دوست نولراءِ جي هڪ ڌيءَ جي پڻ شادي ديوانن (هندن) ۾ ٿي آهي ۽ هاڻ هن جي پٽ مڪيش

ڪمانڊ وٺين تہ ڪمپني لکين ڊالرن جي نقصان کان بچي ويندي جو ان جهاز کي سياٽي تائين بارسلونا ڇڏڻو آهي ۽ ڪمپنيءَ وٽ ٻيو ڪوبہ Stand By ڪئپٽن ناهي. هن ٽرپ جو پگهار بہ توکي ٽيڻو ڪري ڏينداسين تہ ان بعد موڪل بہ ٽيڻي ڏينداسين.

هن ايمرجنسيءَ جو ٻڌي جتي ڪئپٽن امرچند کي ڏک ٿيو اتي نول وارن کي بہ تہ خاص ڪري هيءَ پاءُ سالن بعد ڪراچي آيو آهي ۽ انڊيا هلي ٻين سان بہ ملي پر پوءِ وڏن ويهي اهو فيصلو ڪيو تہ امرچند جو ڪراچيءَ تائين اچڻ بہ اسان ان کي شادي اٽينڊ ڪرڻ برابر ٿا سمجهون ۽ هو نوڪريءَ لاءِ ضرور هليو وڃي جو جهازن جو مالڪ جنهن وٽ امرچند پراڻو ڪئپٽن آهي امرچند جو شروع کان خيال ٿو ڪري ۽ هن کي بہ مهل تي ڪم اچڻ کپي ۽ ٻي ڳالهہ تہ امرچند پرديس ۾ رهيو پيو آهي ۽ ڪيس هن ٽرپ مان ٽيڻو پگهار ملي ويندو ۽ پرديس ۾ رهڻ لاءِ هن جو ٽيڻو وقت گذري سگهندو. ان فيصلي بعد ڪئپٽن امرچند کي اسپين روانو ٿيڻ لاءِ ايئرپورٽ ڇڏي آياسين.

دهليءَ ۽ دهلي جي آس پاس رهندڙ اوڏن ۾ ڪيترائي نول وارن جا ۽ هن جي پيٽرين جا مائٽ آهن، جيڪي پهرين ڏينهن کان هتي اسان سان ملڻ ايندا رهن ٿا. خاص ڪري ارجن داس ۽ آسودومل نالي جيڪي هتي جي حڪومت جا منظور شده بلڊر ۽ ٺيڪيدار آهن. سرڪاري رستن ۽ عمارتن جي ڪمن ۾ هنن جو ڪافي اهم حصو آهي. اسان هتي دهليءَ ۾ رهائش وٺڻ ۾ يا ريلوي اسٽيشن کان گهر تائين يا ڪيڏانهن پري وڃڻ لاءِ هنن جون پجيرو ٽائيپ گاڏيون استعمال ڪندا رهون ٿا. هي ٻئي سڪرنڊ جا رهاڪو هئا ۽ ورهاڱي وقت هيڏانهن هليا آيا. سندن ٻارن ۽ پاڻن، پاٽيجن مختلف سبجيڪٽن ۾ گريجوئيشن ڪئي آهي. ٻن ٽن ڄڻن تہ سول ۽ مڪينيڪل انجنيئرنگ بہ ڪئي آهي پر سرڪاري نوڪرين جي ڪوٽ هجڻ ڪري هيءَ سڀ اباڻو ڌنڌو اڏاوت جو ڪن ٿا جنهن ۾ هو پاڻ کي خوش سمجهن ٿا. هنن وٽ ڪوٺائي توڙي رستا ناهڻ جون وڏيون ۽ طاقتور مشينون ۽ گاڏيون آهن. جڏهن بہ ڪنهن سرڪاري ٺيڪي جو اعلان ٿئي ٿو تہ هيءَ ٽينڊر ڀرين ٿا.

سڳابندي ڪري ارجن ۽ آسودومل جي پاڻ ۾ هاڻ مائٽي بہ آهي جو هڪ ٻئي کي ڌيءَ پٽ ڏنو اٿن. هڪ ڏينهن هنن پاڪستان کان آيل اسان جي سڄي ڄڃ کي دعوت ڪئي ۽ شام ڌاري سندن ڇوڪرا چار پنج ڪن وڏيون گاڏيون ڪاهي آيا ۽ اسان کي پنهنجي گهر وٺي هليا جيڪو دهليءَ جو هرڪيش نگر علائقو سڏجي ٿو. ايشيا جي سڀ کان وڏي "پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ دهلي" وٽان بيحد سوڙهين گهٽين مان گاڏيون گهمائيندا پوءِ هيءَ پنهنجي رهائشي علائقي ۾ پهتا. انهن

سوڙهين گهٽين جي بنهي ڪپرن تي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلوميٽر ۾ مرد ۽ عورتون فوٽ پاٿ تي پاڇيون، ميوا، پلاسٽڪ جو سامان، ڪپڙا بوٽ ۽ ٻيو سامان رکي وڪٽي رهيا هئا. ڪراچيءَ جي ڪارادر ۽ مچي مياني مارڪيٽ وارو حال هو. بلڪ ان ڪان بہ وڌيڪ عوام ۽ سوڙهيون گهٽيون هيون. مانيءَ جو بندوبست هڪ ننڍن فلئٽن واري عمارت جي پهرين ماڙ تي نهيل هال ۾ ڪيو ويو هو. آسودومل جي نوجوان پائٽن پاٽيجن مان هڪ لعل چند نالي همراهہ (جنهن انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪئي آهي ۽ هاڻ انڊيا جي ڪجھ پراڊڪٽس جو مارڪيٽ مئنيجر آهي) تنهن ٻڌايو تہ دهليءَ جو هيءَ علائقو هرڪيش نگر اڄ کان ٽيهارو سال اڳ دهليءَ جي پسگردائيءَ جو هڪ ڳوٺ هو. جتي پاڪستان کان لڏي آيل اسان جا وڏا جيڪي ڪجھ پهريان سال گجرات ۽ مهاراشٽرا صوبن جي ڳوٺن ۾ رهيا سي پوءِ لڏي هيڏانهن آيا ۽ هيءَ جيڪي ان وقت خالي پٽ هئا اتي گهرڙا اڏائي رهي پيا. دهلي هندستان جي گاديءَ جو شهر هجڻ ڪري تيزيءَ سان وڌندو رهيو ۽ اڄ هيءَ ڳوٺ بہ دهلي شهر جو حصو ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ اسين هتي سڀ غير قانوني قبضو ڪري رهندڙ آهيون پر هاڻ بہ پيڙهيون رهندڙن کي سرڪار هتان ٻي کهڙي هنڌ جاءِ ڏئي. بہ چار ماڻهو هجن تہ بہ ٺهيو هتي تہ اسين هزارن جي تعداد ۾ اوڏ آهيون. سو اسان کي هتي ڇڏيو ويو آهي بلڪ بجلي ۽ پاڻيءَ جي بہ سهوليت مهيا ڪئي وئي آهي. گڏوگڏ سرڪاري پرائمري اسڪول بہ آهي جتي اسان جا ٻار تعليم پرائين ٿا.

"توهان کي ڪيئن لڳو انڊيا۔؟" هن مون کان پڇيو.

"صحيح لڳو. هندستان ايڏو وڏو آهي جو هن ۾ هڪ ٽوئرسٽ جي ڏسڻ لاءِ ڪيترين ئي مختلف تواريخي ۽ ثقافتي شيون موجود آهن جن کي توهان جي حڪومت ان ئي حالت ۾ برقرار رکيو ويئي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هيڏي عوام ۽ غربت هوندي بہ امن امان جي حالت حيرت انگيز حد تائين بهتر آهي. ڏارين ملڪن جون ويندي چوڪرين بنا ڪنهن ڊپ ڊاءِ جي ڏينهن رات پيون سفر ڪن ۽ گهمن ڦرن. ميڊيا ذريعي جيڪا ٻاهر جي دنيا کي غلط معلومات (disinformation) پهچي ٿي تہ انڊيا ۾ مسلمان هندن جي ظلم هيٺ آهن اها نظر نٿي اچي."

"بلڪل صحيح ٿا چئو، هتي توهان ڏسندؤ تہ ڪابہ اهڙي ڳالهہ نظر نہ ايندؤ"، لعل چند چيو، "هرهڪ کي مذهب جي آزادي آهي. مسلمان هجن يا سک يا عيسائي هنن کي پنهنجي طريقي سان عبادت ڪرڻ کان ڪير بہ روڪي نٿو سگهي. ڪالهہ توهان جامع مسجد دهليءَ ۾ جمع نماز تي ويا هئائو توهان ئي ٻڌايو تہ ڪيڏي عوام هئي. جمع نماز تي هر مسجد جو اندريون ۽ ٻاهريون پٽ تہ نمازين سان پرجيو وڃي پر رستا بہ بلاڪ ٿيو وڃن

پر آهي ڪنهن هندوءَ جي مجال جو اهو چوي ته هتي مسلمان نماز ذريعي رستا بلاڪ ڪريو ٻين کي تڪليف ٿا پهچائين. هرگز نه. سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. ڇو جو انڊيا جي آئين ۾ مسلمانن کي پنهنجي عبادت ۽ مسجدون قائم رکڻ جو حق مليل آهي. ان جو مطلب اهو نه آهي ته پاڪستان ۾ هندن يا عيسائين کي به ايترو ملڻ کپي. هرگز نه. اسين سمجهون ٿا ته پاڪستان اسلام جي لاءِ ملڪ ٺهيل آهي. بس رڳو ايترو سو امن امان هجڻ کپي جو ٻين مذهب جي ماڻهن کي تنگ نه ڪيو وڃي جنهن لاءِ محمد علي جناح صاحب به چيو هو پر ان تي عمل نٿو ٿئي ۽ پوءِ نقصان ڪنهن جو آهي، پاڪستان جو ئي آهي، سٺا سٺا ۽ امير عيسائي، پارسي ۽ اسان جا هندو نه چاهيندي به مجبور ٿي پنهنجو پراڻو وطن ڇڏيو هندستان يا ٻين ملڪن ڏي هليا ٿا وڃن ۽ هنن جي پئسي ۽ عقل مان ٻيا ملڪ فائدو وٺن ٿا."

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا لعل چند جي مون نوٽ ڪئي:

"انڊيا ۾ عوام وڏو آهي، غربت آهي پر جمهوريت آهي. ان جمهوريت ڪري ئي اسان جهڙا غريب به شير آهن. قاعدو قانون آهي ڪوبه پوليس وارو يا سپاهي بنا ڪنهن ڏوهه جي ڪنهن کي هٿ نٿو لائي سگهي. چاهي توهان قسطن تي ٽئڪسي ورتي هجي يا اهو امير هجي جنهن جون پنجاهه ٽئڪسيون هلنديون هجن ٻئي ڇٽا قانون کان هڪ جهڙو ڊڄن ٿا. قانون لاءِ ٻئي ساڳيا آهن. هن ملڪ جي هيڏي وڏي اڪثريت هندن جي هوندي به ملڪ جو صدر، وزيراعظم ۽ چيف آف آرمي اسٽاف (اعليٰ فوجي آفيسر؟) اقليتن مان آهن."

لعل چند اوڏ واتان ٻڌل ڳالهين مان هڪ ٻيو نقطو پڻ قابل غور آهي ته "دهلي ۽ انڊيا جا ٻيا شهر جيڪي هڪ مغرب جي رهاڪوءَ کي اڄا به خراب لڳي رهيا هوندا ۽ ويهه سال کان اڳ ته حالت خراب هئي. ٽرئفڪ جي جئم ٿيڻ ۽ گندگيءَ جو ته ڪو ڪاٿو ئي نه هو، سي ڏينهون ڏينهن بهتري طرف وڌي رهيا آهن. حڪومت عوام جي رهائش ۽ روڊ رستن ۽ ٽرانسپورٽ جو ايڏو خيال رکي رهي آهي جو بقول حڪومت جي واقعي لڳي ٿو ته 2020ع تائين اسان جو ملڪ انڊيا سونهن شڪل ۾ به ته ايڪانامي ۾ به ترقي يافته ملڪن سان ڪلهو وڃي ملائيندو."

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته انڊيا جي وڏن شهرن جا به گهٽي پاڳي حصا لاهور، ڪراچي ۽ اسلام اباد کان گدلا آهن پر جيڪڏهن لعل چند جي مٿين ڳالهه صحيح آهي (۽ لڳي به ٿو ته صحيح هجي جنهن جا دليل هيٺ لکان ٿو) ته پوءِ اهو وقت پري نه آهي جو ڏسندي ئي ڏسندي اسان اتي ئي رهجي ويندا سين ۽ انڊيا اسان جو مد مقابل هڪ ٻيو ملائيشيا، سنگاپور ۽ ڪوريا وڃي ٿيندو.

مٿين ڳالهه جي حقيقت هنن دليلن

۾ ڏسان ٿو تہ دھليءَ جو شھر جنھن ۾ اڄ کان ڏھہ سال اڳ پنج فلاءِ اوور بہ نہ ھئا. اڄ 68 مکمل آھن جتان بسون لاريون ۽ موٽرون ھلن ٿيون ۽ ساڳي وقت پنجويھہ ھڪ ٽي وقت ٺهي رھيا آھن. ٻن سالن اندر اھي بہ ٺھڻ تي ٽرئفڪ وڌيڪ آسان ٿي پوندي ۽ اھوئي حال انڊيا جي ٻين شھرن ۾ آھي. ان جي مقابلي ۾ اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ ان پٺماني جا فلاءِ اوور پنج بہ نہ آھن ۽ ڊيولپمينٽ جو ھر ڪم سست آھي.

دھليءَ جھڙي ڳتيل، پراڻي ۽ عمارتي شھر ۾ ھن سال مونو ريل لاءِ انڊر گرائونڊ ۽ گرائونڊ مٿان رستو ٺاھڻ ۽ ماڊرن ۽ آرامده مونو ريل ھلائي شھرين لاءِ سھوليت مھيا ڪرڻ ھڪ وڏي ڳالھہ آھي.

دھلي شھر جي رستن ۽ گھٽين ۾ جيتوڻيڪ اڄ بہ رستن تي گندگي ۽ اوور فلو ٿيندڙ گٽر، بيمار ۽ پوڙھيون ڍڳيون، سوئر، ڪتا نظر اچن ٿا ۽ رات جو ماڻھن کي مڇر پٽين ٿا پر تنھن ھوندي بہ رکي رکي ڪن ڪن ھنڌن تي وڏا ۽ خوبصورت پارڪ ڏسيو دل خوش ٿيو وڃي، جن ۾ ڪجھہ تہ لوڌي باغ، امير خسرو پارڪ، نھرو پارڪ جھڙا قديمي ۽ پراڻا پارڪ آھن پر ڪيترن لاءِ ماڻھن ٻڌايو تہ اھي ھاڻ ٺاھيا ويا آھن. ٻہ سال کن اڳ انھن ھنڌن تي. گند جا انبار ھوندا ھئا. اھي اھڙيون ڳالھيون آھن جن مان ھڪ ملڪ جي ترقي ڏي وڌندڙ گراف جي تيزي ظاھر ٿئي ٿي ۽ سڀ کان وڏي ڳالھہ تہ انڊيا ۾ شروع کان وٺي تعليم تي وڏو زور آھي. انڊيا جي ھر شھر ۾ يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ پوليٽيڪنڪ ۽ I.T جا درسگاھ ۽ منجھن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ وارن شاگردن جا ڏڻ نظر اچن ٿا ۽ ھتي جو شاگرد نہ فقط ڊگري حاصل ڪري ٿو پر علم ۽ تجربو پڻ. اھوئي سبب آھي جو آمريڪا جھڙي ملڪ ۾ نوڪرين ذريعي اڄڪلھہ جيڪو پرڏيھي ناڻو انڊين ڪمائي رھيا آھن ان جو مقابلو ڪو يورپي ملڪ بہ نٿو ڪري. اسان جي عرب سڳورن جي ملڪ ۾، توڙي ملائيشيا ۽ برونائي جھڙن ملڪن ۾ تہ انڊيا جي ماڻھن جو ھولڊ پھرين کان ھو. بقول ھڪ پاڪستاني انڊسٽري واري جي جنھن جا ڪارخانا دبئي ۾ آھن جن ۾ انڊيا جا ماڻھو ڪم ڪن ٿا. "انڊين محنتي آھن. ڪين معلومات ۽ ڪم جو تجربو آھي ۽ ھو ايمانداريءَ ۽ نھٺائيءَ سان ڪم ڪن ٿا. گھٽ پگھار ۽ گھٽي ڪم ۾ بہ منھن نٿا گھنجائين."

بھرحال انڊين کي ٻاھرين ملڪن ۾ ملندڙ نوڪرين ۽ ڌنڌن مان ھڪ طرف فارين ايڪسچينج جي آمد ٿي رھي آھي تہ امن امان ۽ حڪومت جي استحڪام ڪري ڌارين ملڪن جا امير ماڻھو انڊيا ۾ ڪارخانا لڳائي انڊين کي گھر ويٺي نوڪريون ۽ ڌنڌا مھيا ڪري رھيا آھن. انڊيا ۾ فليٽ يا گھر جي قيمت اسان جي ملڪ جي مقابلي ۾ تمام گھٽي آھي پر انڊين نوجوانن کي ٻاھرين ملڪن ۾ ملندڙ نوڪرين

پيءُ کي پاڻي ڏئي جيئن هو سرڳ ۾ وڃي. هاڻ ان مسئلي جو حل ڪيئن نڪري. پوءِ پانڊوون جي ماءُ کي ويدوياس نالي هڪ سوٽ، زال ڪيو جيئن پٽ ڄمي ته پانڊوون جي پيءُ کي پاڻي ڏئي ۽ هو سرڳ ۾ وڃي سگهي. پانڊوون جي ماءُ درياهه تي وڃي اڪا (گل) وجهي پرارٿنا (دعا) ڪندي هئي ۽ قسم کڻندي هئي ته ويدوياس مان پٽ ڄمي ته مان ۽ منهنجو اولاد مڇي ماس سڄي عمر نه کائينداسين ۽ ويشنو تي رهنداسين. هيءَ احوال رگ ويد جي باب ڏهين ۾ آهي جنهن ۾ مٿين عورت جو نالو به ڏنل آهي جيڪو هينئر مون کان وسري ويو آهي.“

هڪ ڏينهن ڳالهين ڪندي ادا گلاب راءِ چيو ته انڊيا ۾ گهمڻ ڦرڻ جو مزو ضرور آهي. هرهڪ کي ڪافي حد تائين آزادي به آهي پر ان هوندي به هتي ذات نيات اونچ نيچ جو وڏو چڪر آهي. هوٽل توڙي بس يا ڪنهن پبلڪ پليس تي هرڪو پهرين وڏو آڏرياءُ ۽ قرب ڏيندو ۽ پوءِ جيئن ئي خبر پونديس ته اڳلو هن کان هيٺاهين درجي جي ذات جو آهي ته لنوائي ويندو.“

”پر بئي کي ڪيئن ٿي خبر پوي ته هيءَ فلاڻي ذات جو آهي.“ مون پڇيو.

”ريتن رسمن مان يا نالي مان. اها اسان جي هندن ۾ خراب ڳالهه آهي جو ڪنهن کي سندس ڏات بدران ذات تي مان ٿا ڏين.“

”پلا سنڌ کان جيڪي اوڏ لڏي انڊيا آيا آهن اهي پاڻ کي اوڏ ٿا سڏرائين يا ڪا ٻي ذات؟“ مون پڇيو.

”هتي رهندڙ اوڏ پاڻ کي راجپوت سڏرائين ٿا پر سرڪاري طرح پاڻ کي هيٺين ذات شيڊيول ڪاسٽ ۾ درج ڪرايو اٿن.“ ادا گلاب راءِ ٻڌايو.

”چو ڀلا؟“ مون پڇيو.

”جيئن حڪومت کان وڌيڪ سهولتون حاصل ٿي سگهن، ڇو جو انڊيا ۾ جيڪي قومون اقليت ۾ آهن انهن لاءِ ڪيترين ڳالهين ۾ جهڙوڪ نوڪري ڏنڊي ڏاڙي وغيره ۾ ڪجهه ڪوٽا رکيل آهي.“

**دهليءَ ۾ ماڻهو سڄي رات پيا گهمن:**

دهلي پهچڻ کان پوءِ پهرين ڏينهن گهمڻ لاءِ اسان جو يڪو ٽولو جنهن ۾ اٽڪل 15 کن ڄڻا هئاسين گهمڻ لاءِ نڪتاسين. مردن ۾ دودو ۽ راڻو هئا ۽ سندن زالون ۽ ٻار، ڇوڪرن ۾ سنجي ۽ وجئه هو. ڪي ڪلاڪ ته دهلي شهر جي رستن جا چڪر هڻندا رهياسين پر سمجهه ۾ نه اچي ته پهرين ڇا ڏسجي يا ڇا گهمجي. ڪو چوي ته شاپنگ ڪجي ته ڪو چوي ته فلم ڏسجي. دودي جو زور هو ته نان ويج ماني کائجي جو جيئن ئي لاهور ۽ واگها ٽپي انڊيا ۾ گهڙيا آهيون ته جتي ڪٿي رڳو دال ۽ ڀاڄي ويشنو (Vegetranian) کاڌو مليو آهي. چڪن يا مڇي کائڻ تي دل پئي چوي. سنجي چوڻ لڳو ته چڪن کائجي پر ڪنهن هوٽل تي چڪن

ڪري يا چڪن ڪڙهائي نهرائڻ بدران
مڪڊونالڊ تان چڪن برگر وٺجي.
جيڪي همراهہ (اسان جي چچ جا هتي
دهليءَ جا مڪاني اوڏ) اسان کي
پنهنجين پن وئگنر گاڏين ۾ ڪٺي آيا
هئا تن اسان کي ساڪت نالي هڪ
علائقي ۾ اچي لاٿو. ڪجهه هو بہ بيزار
ٿي پيا هئا يا هنن اسان کي پنهنجي
حال تي ڇڏيو تہ جيئن وٺي تيئن
ڪريون ۽ پنهنجا موبائيل فون نمبر
ڏيئي چيائون تہ اسان ڀلي هتي ساڪت
واري علائقي ۾ گهمون ڦرون ۽ پنهنجي
مرضيءَ سان آٽو رڪشائن ۾ واپسي
تي پنهنجي رهائش گاهہ ڏي هليا وڃون
پر جي اسان کي ڪا دقت درپيش ٿئي
تہ کين فون ڪريون تہ هو اچي حاضر
ٿيندا.

انڊيا جي اها اضافي خوبي مڃڻ
کپي تہ هتي جي رڪشا جنهن کي هيءَ
آٽو رڪشا سڏين ٿا، اسان جي
رڪشائن کان وڏي ۽ آرامده آهي.
ڊرائيور غير قانوني ڪم کان ڊڄن ٿا.
پوليس توڙي عوام ڌارين ملڪن کان
آيل يورپي ٽوئرسٽن توڙي پاڪستان
کان آيل اسان ڪارن مسافرن جو خيال
ڪري ٿي، ڀاڙا يورپ ۽ جپان جهڙن
ملڪن کان تہ نهيو پر اسان جي ملڪ
کان بہ گهٽ آهن. ان ڪري هتي آيل
مسافر کي شهر ۾ گهمڻ لاءِ سواريءَ
جو فڪر نٿو رهي. ساڳيءَ طرح
جيڪڏهن توهان جو گذارو گوشت مڇي
بنا ٿيو ٿو وڃي تہ پوءِ انڊيا ۾ ماني
ٽڪيءَ جو بہ مسئلو نہ آهي. انڊيا جي
هر شهر وانگر هتي دهليءَ ۾ بہ جتي
ڪٿي ننڍڙيون هوٽلون، سوزڪي پڪ
اپ يا ڪاٺ جي ريڙهن ۾ نهيل
موبائيل هوٽلون يا هڪ هنڌ فڪس
ڪاٺ جي پيدين ۽ ڪئبنن ۾ هلندڙ رڌ
پچاءُ، هتي جي شهرين جي ڪاڌي جي
ضرورت پوري ڪري ٿو. ڀيو نہ تہ
چپاتي، پت، آلو پراٺا، پوري، پٽاٽن
جي ڀاڄي، مڪس ڀاڄي، مختلف
قسمن جون داليون جتي ڪٿي
وڪامندي نظر اچن ٿيون. مثال طور
جتي اسان جي رهائش آهي ان علائقي
ڪالڪاجي چونڪ وٽ ديش بندو
ڪاليج آهي جنهن ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون
پڙهن ٿيون. ان جي ٻاهران بہ ڪيترائي
گاڏن وارا بيٺا آهن جن کان ڪاليج جا
شاگرد يا ٻيا رسيس ۾ يا موڪلي مهل
ماني وٺي کائين. هرهڪ گاڏي تي ٿٺو
هوندو جنهن تي هو گرم گرم اڦراٽا يا
اٽيي مانيءَ جا ڦلڪا پيو پچائيندو يا
هنديءَ ۾ گرم تيل تيل ۾ پوريون تري
پيو ڏيندو. هوندءَ انڊيا توڙي سري لنڪا
۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن جي انڊين
هوٽلن ۾ ڀاڄي لسي پن تي رکي ڏيندا
هئا ۽ اهو پڻ گهڻو ڪري ڪيلي جو
استعمال ٿيندو هو جو وڏو ٿو ٿئي پر
هاڻ اهڙيون مشينون ڪڍيون اٿن جن ۾
چار پنج ننڍا پن پريس ڪري انهن کي
پيالي جي شڪل ڏني ٿي وڃي ۽ سڪڻ
بعد پلاسٽڪ جهڙي پيالي ٿيو پوي
جنهن ۾ مليل ڀاڄي کائي اڇلي
سگهجي ٿي. ڪي گاڏي وارا پت
وڪڻن. صبح جي وقت تہ انهن گاڏين

صحيح آئيڊيا اچا مون کي نہ ٿي هئي سو هن ٽولي کان الڳ اڪيلو ٿي وڃڻ بہ صحيح نٿي سمجهيم.

سئنيما جي ٽڪيٽ گهر پهتاسين تہ خبر پيئي تہ شو شروع ٿي ويو آهي ۽ هاڻ ٻيو شو ڏهين شروع ٿيندو. ساڪٽ (Saket) دهليءَ جي خوبصورت شاپنگ مال مان هڪ آهي جنهن ۾ خوبصورت هوٽلون، بار، ڊانسنگ ڪلب، KFCجهڙا دنيا جا ڪيترائي چين اسٽور ۽ سڀ کان ماڊرن سئنيما هال آهن. هتي ساڪٽ ۾ هڪ ئي هنڌ تي چار سئنيما هال آهن جيڪي وڏي پڙدي، چٽائي ۽ مختلف سائونڊ effectsکان دنيا ۾ مشهور آهن ۽ جتي انڊيا جي ٻين سئنيما هالن جي ٽڪيٽ چاليهہ روپيا عام ۽ سٺ روپيا بالڪني آهي اتي هتي 150 روپيا عام ۽ 180 روپيا بالڪني جي آهي ۽ صبح جو ڏهين بجي کان فلم شو شروع ٿئي ٿو تہ آخري شو رات جو ٻارهين کان اڍائين ٽائين هلي ٿو.

هاڻ اسين نائين وارو شو ڏسڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. وقت پاس ڪرڻ لاءِ ننڍين ننڍين ٽولن ۾ ڪي دڪانن ۾ جهاتيون پائڻ لڳا تہ ڪي پاڪستان فون ڪرڻ لڳا، جو انڊيا جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پبلڪ لاءِ فون جو بندوبست جتي ڪٿي آهي. بهرحال ان ۾ اسان جي ملڪ ۾ بہ ڪافي ترقي ۽ سڌارو ٿيو آهي. انڊيا ان معاملي ۾ ايترو سو ضرور اڳتي نڪري ويو آهي جو هن ملائيشيا، انگلينڊ، آمريڪا، سعودي عرب ۽ ٻين ڪجهہ اهم ملڪن سان معاهدو ڪري فون جا اگهہ گهٽ ڪرائي ڇڏيا آهن. جنهن مان انڊيا جي ماڻهن کي وڏو فائدو ٿي پيو آهي جو انهن ملڪن جا اگهہ ذري گهٽ لوڪل فون جي ويجهو وڃي ٿيا آهن. ملائيشيا ۾ هوندو هئس تہ ان ڳالهہ جو اتي بہ احساس ٿيندو هو جو مون سان گڏ ڪم ڪندڙ انڊين جهازي پنهنجي ملڪ هر وقت فون ڪندا رهندا هئا جو انڊيا جو ملائيشيا سان فون جو معاهدو هجڻ ڪري گهٽ في ڏيٺي پئي ٿي ۽ اسان کي پاڪستان ڪرڻ لاءِ ٽيڻا چئوڻا پئسا ڏيڻا پيا ٿي.

بهرحال هينئر وري بہ دنيا ۾ فون ڪرڻ جا اگهہ گهٽيا آهن. مون کي بہ هڪ ٻہ فون پاڪستان ڪرڻا هئا ۽ ٻہ ڪن انڊيا جي مختلف شهرن ۾، خاص ڪري بمبئي ۾ ڊاڪٽر ناريءَ کي ۽ اڏيپور ۾ ڊاڪٽر آسومل کي. هي ٻئي ڊاڪٽر ورهاڱي بعد انڊيا هليا ويا هئا ۽ منهنجي پيٽوئي ڊاڪٽر عابد ميمڻ جا دوست هئا. هو هڪ ٻئي کي هر سال ڏياري ۽ عيدن تي ڪارڊ موڪليندا رهيا ٿي. پر هاڻ 2003ع ۾ جيڪو گجرات صوبي ۾ زلزلو آيو ان بعد ڊاڪٽر آسومل جو خط پٽ اچڻ بند ٿي ويو هو. سو ڊاڪٽر عابد پنهنجن ٻنهي دوستن جي خبرچار لهڻ لاءِ مون کي تاڪيد ڪئي هئي. مون ڊاڪٽر آسومل کي اڏيپور جو Code 02836 جو ملائي نمبر ڊائل ڪيو. اڏيپور گجرات صوبي جو هڪ شهر آهي. خبر پيئي تہ

نمبر غلط آهي. هتي جي انڪوائري آفيس مان معلوم ڪيم تہ هنن ٻڌايو تہ ڪوڊ نمبر تہ صحيح آهي پر گهر جو نمبر صحيح ناهي جو هي فقط چئن انگن 6647 وارو نمبر آهي. فون جا ڇهہ نمبر ٿئي بہ ڪيترا سال ٿي ويا آهن. هنن ڊاڪٽر آسومل نالي ڊائريڪٽري مان نمبر چيڪ ڪيو پر حاصل ڪري نہ سگهيا جو ٿي سگهي ٿو سندس نالي بدران سندس پٽ يا ڪنهن ٻئي مائٽ جي نالي نمبر هجي.

ان بعد ڊاڪٽر ناريءَ کي بمبئي (ممبئي) فون ڪيم تہ نہ رڳو اهو لڳي ويو پر ڊاڪٽر ناري پاڻ ئي فون تي هو. ڏاڍي قرب سان ڪيڪار ڪري ڪيائين ۽ بمبئي اچڻ لاءِ چيائين. مون ڪيس ٻڌايو تہ سندس والد محترم ڊاڪٽر منگهن مل جي خدمتن جي اڄ بہ سنڌ ۾، خاص ڪري حيدرآباد جا جهونا ماڻهو واکاڻ ڪن ٿا. اسان بہ ننڍي هوندي ڊاڪٽر منگهن مل جي تعريف ڊاڪٽر عابد کان ٻڌيسين جنهن MBBS ڪرڻ بعد پرائيويٽ پرئڪٽس جي شروعات هن ڊاڪٽر وٽ ڪئي. ڊاڪٽر ناري هن وقت ستر پنجهتر سالن جو ٿيندو. سندس ذات ڪرپلاڻي آهي ۽ بمبئي ۾ نيپيئرس روڊ تي جل درشن علائقي ۾ رهي ٿو ۽ اتي ئي پريڪٽس ڪري ٿو ۽ مٿيون ڊاڪٽر آسومل اڏيپور جي پر ۾ هڪ ڳوٺ نڪتانا (Naktana) ۾ پرئڪٽس ڪري ٿو. مون کي لڳي ٿو تہ ڊاڪٽر آسومل جو ڳوٺ هالا ئي هو. فون ڪرڻ بعد ڪجهہ دير پراڻن ڪتابن

جا اسٽال ڏسندو رهيس. پراڻن ڪتابن جا ان علائقي ۾ چار پنج اسٽال هئا جن تي نہ فقط ڏارين ملڪن جا پر هتي جا مڪاني ماڻهو پڻ، خاص ڪري نوجوان طبقو ڳول ڳولهان ۽ خريداريءَ ۾ مشغول هئا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ يورپ ۽ انگلينڊ جي رهاڪن جا انڊيا بابت لکيل ڪتاب ۽ ساڳي وقت انڊيا جي ڪيترن ليکڪن جا انڊيا جي بئڪ گرائونڊ ۾ لکيل انگريزي ناول دنيا ۾ بيحد پسند ڪيا وڃن ٿا ۽ سيني خريدارن جو مارو اهڙن ڪتابن تي هو يا انڊيا جي آرٽ تي لکيل ڪتابن تي. آئون ان سوچ ۾ هوس تہ انٽرنيٽ ۽ ٽي وي چئنلن ڪري ماڻهن مان ڪتاب پڙهڻ جو شوق ڏرو ٿيندو وڃي جنهن ۾ ڪنهن حد تائين حقيقت بہ آهي پر هتي انڊيا ۾ ان رات جيڪا ڪتابن خريد ڪرڻ تي حالت ڏٺم ۽ ان بعد آچر ڏينهن پراڻي دهليءَ ۾ درياھ گنج کان جامع مسجد تائين فٽ پاٿ تي جيڪي پراڻن ڪتابن جا بڪ اسٽال ڏٺم سي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏيڍ ڪلوميٽر تائين ٿيندا ۽ وٺڻ وارا بہ هر قسم جا هئا: هندو، مسلمان، پارسي، عيسائي، پوڙها، نوجوان، ڊاڪٽر انجنيئر وغيره. ڪيترا اسٽال تہ هڪ ٻئي پرسان ڊاڪٽري يا انجنيئرنگ جي ڪتابن جا هئا. ان مان تہ ائين لڳو تہ انڊيا جي ماڻهن کي ڪتاب پڙهڻ جو شوق اڄ بہ آهي. اسان سان گڏ آيل پروفيسر بسنت بہ پنهنجين ڊاڪٽر ڌيئن ۽ نائين لاءِ ميڊيڪل جا ڪتاب ورتا جيڪي

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ جاب ٿا ڪن ۽ ڪارڊيولاجي يا ڪنهن ٻئي سبجيڪٽ ۾ پوسٽ گرئجوئيشن پڙ ڪري رهيا آهن. هن ٻڌايو تہ اهي هن ڪي بيحد سستا مليا جيتوڻيڪ منهنجو خيال ان جي ابتڙ آهي جو هتي ويندي پراڻن سالن جون نيشنل جاگرافڪ (National geographic) مئگزينون چاليهہ روپين جي حساب سان ملي رهيون هيون ۽ ڪيڏو بہ بحث ڪرڻ تي هڪ روپيو بہ قيمت نٿي گهٽايائون (جنهن مان اهو ضرور ثابت ٿيو تہ هتي وڻڻ وارا بہ انيڪ اچن ٿا) ۽ اهي ڪراچي جي ڪوڙي گارڊن ۽ گلشن اقبال جي فٽ پاٿ تي ويهين ڪان پندرنهن رپئي ۾ آرام سان مليو وڃن. اهڙيءَ طرح ٻيا ڪتاب جيڪي فريئر هال واري اولڊ بڪ مارڪيٽ ۾ بہ سستا آهن. بهرحال هتي جي نوجوان ٽهيءَ جو ڪتابن ۽ ڪمپيوٽر سائنس سان لاڙو قابل داد آهي. مون بہ ڪجهہ ڪتاب انهن سيڪنڊ هئنڊ مارڪيٽن مان تہ ڪجهہ تازا ڇپيل ڪتاب دڪانن تان خريد ڪيا آهن ۽ واندڪائيءَ ۾ کولي ويهي پڙهندو آهيان جن دلچسپ ڪتابن جو مختصر احوال جاءِ بچي تہ ڪٿي وچ ۾ ڪبو. هڪ تہ خوشونت سنگهہ جو پراڻو ڪتاب دهلي (Delhi) بہ ورتم جيڪو ڪراچيءَ جي آچر بازار مان جيتوڻيڪ تمام سستو 50 روپئي مليو هو پر نقل (Pirated) ڪاپي هجڻ ڪري ان جي ڇپائي ايڏي تہ ڊنل ۽ بيڪار هئي جو پڙهڻ تان دل ڪٽي ٿي وئي ان ڪري هتان بہ سئو خرچ ڪري ورتم. جن ڏينهن ۾ آئون سوئيڊن ۾ M.Scڪري رهيو هوس تہ پر واري ملڪ ڊئنمارڪ ۾ مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو پٽ محمد علي ميمڻ صاحب پاڪستاني ايمبيسيءَ ۾ ٽريڊ ڪمشنر هو ۽ هو انهن ڏينهن ۾ خوشونت سنگهہ جو مٿيون ڪتاب پڙهي رهيو هو. جڏهن بہ فون ڪندو هو تہ ان ڪتاب جي حوالي سان ڪانہ ڪا ڳالهہ ضرور ڪندو هو. سو هينئر دهليءَ جي فٽ پاٿ تي لڳل پراڻن ڪتابن جي اسٽالن تي اهو ڪتاب ڏسي پڙهڻ لاءِ خريد ڪرڻو ئي پيو آهي.

بهرحال ان رات اهڙيءَ طرح وقت پاس ڪري اچي سئنيما هال جي گيٽ تي پهتاسين ۽ ٽڪيٽون وٺي اندر گهڙياسين پر اندر گهڙڻ ڪو هالا جي سئنيما محفل وانگر هڪ ٻرانگهہ ورائي در ۾ گهڙڻ نہ هو پر ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن بين الاقوامي ايئرپورٽ تان جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون. اليڪٽرانڪ Scanningواري در مان گذرڻ بعد وري ساڳي مسخري، هرهڪ جي لنگهڻ تي الارم پيو وڄي. ڪنهن وٽ چابين جو ڇلو تہ ڪنهن جي بريزيئر ۾ لڳل لوهي hookهئنن جي Scannerکي activateڪريو ڇڏي ۽ الارم وڄڻ تي وري هڪ هڪ جي ڪيسن ۽ پرسن جي تلاشي. اسان سيني وٽ ڪئميرائون هيون. ”سئنيما هال ۾ ڪئميرائون چو ڪٽي آيا آهيو؟“ حيرت

مان سئنيما جي انتظاميا سوال ڪيو.

هاڻ ڪين ڪهڙو جواب ڏيون تہ فلم انڊسٽريءَ ۾ توهان ايڊوadvance ٿي ويا آهيو. اسان تہ آخري فلم شوڪت جماڻيءَ سان گڏ خيرپور جي سئنيما ۾ اڄ ڪان ٽيهارو ڪن سال اڳ ڏٺي اتي تہ اسان ڪائڻ لاءِ پاڻ سان پڳڙا ۽ ڏڏڙي بہ ڪٽي ويا هئاسين ۽ هتي توهان سوئنف مسالا جي پڙي ڪٽي وڃڻ ڪان بہ جهلي رهيا آهيو. بهرحال اسان ڪي ڪئميرائن مان بيٽري ڪڍي جمع ڪرائڻ لاءِ چيو ويوجنهن جي رسيد ڏنائون تہ وڃڻ وقت هرڪو پنهنجي امانت ڪٽي وڃي.

سئنيما هال ۾ گهڙڻ تائين اسان اهو معلوم نہ ڪيو تہ ڪهڙي فلم ڏسڻ پيا وڃون. هونءَ بہ اسان فلمن ڪان وڏيڪ هتي جي سئنيمائن جي تعريف ٻڌي آيا هئاسين ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انڊيا ۾ جيڪي هي PVR ٽائيپ سئنيما هال ٺهيا آهن انهن جو مقابلو جپان ۽ آمريڪا جا بہ ڪي ورلي شهر ڪري سگهندا. پڙدو، آواز، ويهڻ جون سيٽون، صفائي سٿرائي جي خيال ڪان هڪ قسم جا State of Artآهن. مثال طور سائونڊ Effectاهڙي طرح جو سامهون اسڪرين تي آيل ماڻهوءَ جو آواز تہ سامهون اچي پر پاهر نڪري ويل جو آواز يا گانو ويئل ڪي پاسن ڪان ٻڌڻ ۾ اچي ۽ ڪن حالتن ۾ تمام ڏور جو آواز يا فائرنگ جو آواز بلڪل پنيان لڳل مائيڪن مان اچي.

تازي releaseٿيل فلم "ڪرم" هئي جنهن جي فوٽوگرافي، ڪهاڻي جي اسٽائيل ۽ ان ۾ پئدا ٿيل تجسس ۽ خوف جو پربور مظاهرو تعريف جوڳو هو ۽ اها اڄ جي حساب سان ان چوٽيءَ تي پئي لڳي جيتري اڄ ڪان ويهہ سال ڪن اڳ god fatherفلم لڳي ٿي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انڊيا جو بالي ووڊ آمريڪا جي هالي ووڊ سان ٽڪر ڪائي رهيو آهي ۽ هتي جي فلمن ۾ جيترو خرچ ٿئي ٿو ان جو ڪو حساب نٿو ڪري سگهجي. ان ڪان علاوه هر روز نت نوان چهرا ايندا رهن ٿا. جيڪي سونهن سوپيا توڙي پنهنجي فن ۾ ماهر آهن. اسان وٽ مسئلو اهو آهي جو پراڻيون اداڪارائون نڪو ٿيون مرن، نڪو ٿيون فلمي دنيا جي جان ڇڏين. اسان جي عمرين جون اداڪارائون جيڪي اسان وانگر نانيون ڏاڏيون ٿي ويون آهن پر اجا بہ فلمن ۾ هيروئنون ٿي اچڻ چاهين ٿيون. ان ڪان وڌو اسان جي ماڻهن سان بيو ڪهڙو ظلم ڇٽبو.

متين فلم ڪرم ڏسڻ بعد بہ ٽي بين فلمن ڏسڻ جو بہ موقعو مليو. جيئڻ تہ وقت، پيج ٿري، مجهہ سي شادي ڪروگي، وغيره. جن جي ڪا دلچسپ ڳالهہ ياد اچي وئي تہ ڪٽي پئي هنڌ ڪنداسين. هڪ فلم 3page پاڙي جي سئنيما پارس ۾ ڏسڻ ويس پر سئنيما هال اهڙو تہ بيڪار ۽ اڻ ايئرڪنڊيشنڊ هو، ۽ فلم ايڏي تہ ڏنڊلي نظر اچي رهي هئي جو ان ڪان ٽيهارو سال اڳ جا راحت، نيومئجسٽڪ، فردوس، ڪوهہ نور ۽ بيا حيدرآباد جا سئنيما هال سنا هئا.

سلسليوار ناول جي ڇهين قسط



# شيطاني جنت

ڊاڪٽر منظور ميمڻ

هيءَ ڪهاڻي ان شيطان جي زندگيءَ جي باري ۾ آهي
جنهن ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ واسطي ڪوڙي جنت ناهي
۽ هزارن لکن ماڻهن کي بدي جي راهه تي هلايائين.
ان شيطاني جنت ۾ حشيش، عورت ۽ مذهب جو استعمال
ڪيو ويندو هو. ان شيطاني جنت جو احوال.

**بديءَ جي خدا جو اڻ وسرندڙ داستان**

اسلام ڪمزور ٿي رهيو هو. ان جون حدون صرف بغداد تي وڃي محدود رهيون هيون. اهڙي نازڪ وقت ۾ خدا تبارڪ و تعاليٰ مسلمانن جي مدد ڪئي ۽ سلجوقي حڪمرانن کي حڪومت جون واڳون عطا ڪيون. جن اسلام جي ڪرندڙ حالتن تي اچا مس ٿورو ڪنٽرول ڪيو هو ته اسماعيلي فرقي سان تعلق رکندڙ حسن بن صباح جي روپ ۾ اسلام کي ٻيهر خطري جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ان وقت ٻي ملڪ نيشاپور ۾ خواجه حسن بن طوسي نظام الملڪ جي خطاب سان وزيراعظم هو. نظام الملڪ، عمر بن خيام ۽ حسن بن صباح ننڍپڻ ۾ گڏ مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ انهن ٽنهيءَ جي پاڻ ۾ سنگت هئي ۽ هنن هڪ ٻئي سان واعدا اقرار ڪيا هئا ته اهي مصيبتن جي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا. حسن بن صباح ”ري“ شهر ۾ سني حڪومت تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو پر اتي جي سني حڪمران ابو مسلم رازي کي هن جي ناپاڪ ارادن جي ڄاڻ ملي وڃي ٿي ۽ هن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوج موڪلي ٿو. حسن بن صباح کي خبر پئجي وڃي ٿي ۽ اتان فرار ٿي نيشاپور ۾ وزيراعظم نظام الملڪ وٽ پهچي ٿوڪيس ننڍپڻ ۾ ڪيل مدد واري قول ۽ اقرار کان اگاهه ڪري ٿو. هن جي مدد ڪندي وزيراعظم نظام الملڪ هن کي سلطان وٽ موڪلي ٿو جيڪو هن جي قابليت کي ڏسي هن کي مشير اعليٰ مقرر ڪري ٿو. حسن بن صباح جو حسب و نسب ڪجهه هن ريت آهي ته هن جو پيءُ علي بن احمد پنهنجي دور ۾ شيطاني ڪم ڪرڻ ۾ بدنام هو ۽ اسماعيلي فرقي جو حڪومت تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهندو هو ۽ هن جي خواهش هئي ته هن جو پٽ حسن بن صباح به اسماعيلي فرقي جو واڌويجهه لاءِ ڪم ڪري ۽ سني حڪومت تي قبضو ڪري. جيتوڻيڪ هاڻي هي فوت ٿي چڪو آهي پرويهه سال پهرئين جي ان وقت جي اسماعيلي فرقي جي مشهور جادوگر ابن عطاش سان ملي ٿو ۽ هن کان پنهنجي پٽ جي مستقبل جي باري ۾ پڇي ٿو. عبدالملڪ بن عطاش حسن بن صباح جي پيءُ کي ٻڌائي ٿو ته حسن بن صباح مستقبل ۾ ابليسي روپ اختيار ڪندو ۽ حد کان وڌيڪ طاقت جي ابليسي نشي ۾ چور ٿي اهڙن ڪمن جو مرتڪب ٿيندو جو ايندڙ صدين ۾ سندس نالو گونجندو رهندو. نيٺ هن کاري جادو ڪندڙ کان متاثر ٿي پنهنجي پٽ کي هن وٽ سکيا وٺڻ لاءِ ڇڏي ٿو. (حسن بن صباح جي تربيت شروع ٿئي ٿي. سڀ کان پهرئين عبدالملڪ ابن عطاش هن کي دماغي تربيت ڏيئي ٿو. ان کان پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽنگن تي ويهڻ لاءِ ورزشون ڪرائي ٿو. ڪڏهن ٽي ٽي ڏينهن بکيو رکي ٿو ته ڪڏهن هن کي اڪيلي ڪمري ۾ بنا ڪپڙن جي فرحي نالي عورت جي اڳيان ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ نفس تي ڪنٽرول لاءِ تربيت ڏيئي ٿو. جنهن ۾ هي ڪامياب ٿي وڃي ٿو. ان کان پوءِ هن کي خوف تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قبرستان ۾ پوريل مردن جون هڏيون آڻڻ واري سکيا ڏيئي ٿو ان ۾ به هيءُ ڪاميابي ماڻي ٿو. هوڏانهن من مهٽي فرحي هن کي پنهنجي دل ڏيئي ويهي ٿي. حسن بن صباح پنهنجي استاد کان پڇي ان سان عشق ڪري ٿو. اصل ۾ عبدالملڪ ابن عطاش خفيه منصوبي تي عمل ڪرائڻ لاءِ حسن بن صباح کي استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. هن کي ٽريننگ ڏيئي جابلو علائقن ۾ قلعا ٺاهي حڪومت سان وڙهائڻ چاهي ٿو. ان خطرناڪ منصوبي جي تڪميل لاءِ هي حسن بن صباح کي خواب ڏيکاري ان ۾

هڪ بزرگ پوڙهي شخص کي آٽي حسن بن صباح کي پهاڙي علائقن ڏي وڃڻ لاءِ چوي ٿو. صبح جو ننڊ مان اٿڻ تي حسن بن صباح اهو خواب پنهنجي استاد کي ٻڌائي ٿو ته ابن عطاش هن کي نقشا فراهم ڪري فرحي کي هن ساڻ ڪري پهاڙن طرف وڃڻ جو حڪم ڏيئي ٿو.

حسن بن صباح فرحيءَ سان گڏ پهاڙن طرف وڃي ٿو. هڪ موقعي تي فرحي هن کان جدا ٿي وڃي ٿي. ان کي ڳولي ڳولي جڏهن حسن بن صباح ٿڪجي پئي ٿو ته پوءِ ڪاري علم ذريعي عمل ڪري ٿو ۽ نيٺ هڪ درويش وٽ پهچي وڃي ٿو. جيڪو هن جي ذهانت کان متاثر هن کي فرحي واپس موٽائي ڏئي ٿو ۽ هن کي ٻڌائي ٿو ته سني حڪمران کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هن کي پهاڙن ۾ موڪليو ويو آهي. هتي پهاڙن ۾ موجود قلعن کي ڪيس فتح ڪرڻو آهي. ان مقصد کي ماڻڻ لاءِ حسن بن صباح فرحيءَ کي غريب عورت زرين نالي سان ويس مٽاءِ قلعي شاهه در جي سني امير ذاڪر کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ موڪلي ٿو جيڪو هن سان همدردي ڪري ٿو ۽ هن سان شادي ڪري ٿو. فرحي قلعي ۾ هن کي کير پيارڻ جو ڪم ڪري ٿي ۽ هيءَ احمد ابن عطاش کي پنهنجو همدرد ظاهر ڪري ذاڪر سان ملائي ٿي، جيڪو هاڻي قلعي ۾ هر روز باقاعدگي سان اچي رهيو آهي.

زرين، ذاڪر کي کير ۾ زهر ملائي قتل ڪري ٿي ۽ مرڻ کان پهرئين ذاڪر، احمد بن عطاش کي سلطان کي سفارش ڪرائي قلعي جو امير ڪرائي ڇڏي ٿو. احمد بن عطاش پنهنجي فرقي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڌاڙا، ڦرون ڪرائي ٿو ۽ ڪوڙ ساري دولت حاصل ڪري وٺي ٿو. ڦرجڻ جي خوف کان ماڻهو وڏا وڏا قافلا ٺاهي واپار ڪن ٿا. اهڙو هڪ وڏو ڪاروان اسلحي ۽ محافظن سان گڏ احمد بن عطاش جي علائقي منجهان لنگهي ٿو پر احمد بن عطاش حسن بن صباح جي اٽڪل سان ان قافلي ۾ رتوڇاڻ ڪرائي ٿو ۽ اتي هڪ پوڙهو شخص بچي وڃي ٿو جيڪو هڪ ٻار جو لاش کڻي وقت جي خليفي ڏانهن پهچي ٿو ۽ ان رتوڇاڻ جي سچي ماجرا خليفي کي ٻڌائي ٿو، جيڪو ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو.

سلطان ڪاوڙ ۾ ان رتوڇاڻ واري علائقي ۾ پنهنجا جاسوس موڪلي ٿو. سلطان کي خبر پئي ٿي ته ان رتوڇاڻ ۾ احمد بن عطاش جو هٿ آهي پر هن کي ان ڳالهه جي پڪ نه ٿي ٿئي ان لاءِ هيءُ اتي مخبر يحيٰ بن الهادي کي موڪلي ٿو. يحيٰ بن الهادي چالاڪيءَ جو مظاهرو ڪري احمد بن عطاش، حسن بن صباح ۽ ياران منعقد ڪرايل جشن ۾ ڪاميابيون حاصل ڪري، انهن ٻنهيءَ جون دليون کڻي وٺي ٿو. هن جي ماڻهن کي تير اندازيءَ جو ڪم سيکارڻ لڳي ٿو. هوڏانهن وري حسن بن صباح چالاڪيءَ سان زرين کي يحيٰ جي سچائي چيڪ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري ٿو جيڪا هن جي ويجهو اچي هن جي قربت ۾ وقت گذارڻ لڳي ٿي. جيڪا هن کي نشو پياري هن کان سلطان جي مخبر ٿيڻ جي ڳالهه ڪيرائي ٿي ۽ اهو راز احمدبن عطاش ۽ حسن بن صباح کي ٻڌائي ٿي جيڪي يحيٰ بن الهاديءَ کي سندس نوڪر سان گڏ قتل ڪن ٿا. هوڏانهن زرين پنهنجي محبوب يحيٰ بن الهاديءَ کي قتل ڪرائڻ کان پوءِ پاڻ به موت جي حوالي ٿي وڃي ٿي. هاڻي حسن بن صباح ۽ احمد بن عطاش پريشان آهن ته سلطان کي هن تي شڪ آهي ان کي ڪيئن روڪجي ان لاءِ هيءُ منصوبا ٺاهي رهيا آهن.

سني عقيدي کي قبول ڪن. اصل ۾ احمد بن عطاش پيار ۽ نرميءَ جو رستو اختيار ڪيوآهي. هن انهن ۾ پنهنجا مخبر ڇڏيا آهن. جن اميد افزا اطلاع ڏنا آهن.“

”۽ هيءَ جيڪي قافلا ڦريا پيا وڃن.“ ملڪ شاهه پڇيو. ڇا هن ۾ احمد بن عطاش جو هٿ نه آهي.“

”سلطان عالي مقام!“ هن شخص چيو. احمد بن عطاش عالم دين آهي. قافلا شاهه در قلعي کان ڪافي پري لٽيا ويا آهن.

احمد بن عطاش جي خلاف اهي افواهه اسماعيلين ڦهلائيا آهن. اهڙا ٽي اسماعيلي به پڪڙيا ويا هئا. هنن کي ڪڙا هٽي قيد ۾ وڌو ويو هو.

”يحيٰ ڪٿي آهي“ سپهه سالار پڇيو. ”هن سنان کي ڇو ڪونه موڪليو؟ توکي ڇو موڪليو آهي؟ جيڪڏهن شڪ ختم ٿي ويو هو ته ايترو عرصو شاهه در ۾ ڇو رهي پيو ۽ واپس ڇونه آيو؟“

”اسان کي شڪ هو ته احمد بن عطاش اندران اسماعيلين جي مدد ڪري پيو؟“ هن شخص چيو. ”هن شڪ کي دور ڪرڻ لاءِ مون ۽ يحيٰ ابن الهادي احمد بن عطاش جي اندروني حلقن ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪئي. اسان ٻن عورتن کي به پنهنجي هٿن ۾ ڪيو. انهن جي ذريعي معلوم ڪيوسين. هن ڪم ۾ تمام گهڻو وقت لڳي ويو. نيٺ اسان جو اهو شڪ دور ٿي ويو. يحيٰ مون کي توهان وٽ موڪليو آهي ته توهان کي پورو اطلاع ڏيان. مون پنهنجو فرض ادا ڪري ڇڏيو آهي. سلطان محترم. توهان شاهه در کان مطمئن ٿي وڃو. جيڪڏهن احمد بن عطاش جي طرفان ڪا بغاوت ٿي ته مان توهان کي يقين ٿو ڏياريان ته شاهه در ۾ اهل سنت ۽ توهان جي وفادارن جو تعداد تمام گهڻو آهي.“

”اسان ته مطمئن ٿي وياسين.“ سلطان ملڪ شاهه چيو. ”پر يحيٰ سنان کي ڇو نه موڪليو؟ ۽ جيڪڏهن سندس ڪم ختم ٿي ويو ته پاڻ ڇو ڪونه آيو؟“

”هو پاڻ ڪنهن ڪم جي پويان آهي“ هن شخص چيو. ”يحيٰ چيو پئي ته ڪيس هڪ اشارو مليو آهي. جنهن جي ذريعي هو قافلي لٽڻ وارن جي کوج تائين پهچي سگهي ٿو. هن جو خيال هو ته شايد اهي ساڳيا ماڻهو آهن. جن اهو پيو قافلو لٽيو آهي. مون هن کي گهڻو روڪيو پر. هو نه مڙيو. هو پاڻ سان گڏ پنهنجي ساٿي سنان کي وٺي آهي. مان سمجهان ٿو ته هو هڪ وڏي خطري ۾ آهي. هن سان گڏ هڪ جوان عورت به آهي. هن عورت جو ذڪر يحيٰ مون سان ڪونه ڪيو هو. مون کي شڪ آهي ته هو ڪنهن ڄار ۾ ڦاسڻ وڃي رهيو هو.“

”تون ٻڌائي سگهين ٿو ته هو ڪيڏانهن ويو آهي؟“ سلطان پڇيو.

”نه سلطان محترم! جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته مان سندس پويان وڃان ها.“

”تون اهو به نٿو ٻڌائي سگهين ته هو ڪڏهن واپس ايندو؟“ ملڪ شاهه پڇيو. ”نه سلطان عالي مقام.“ هن شخص جواب ڏنو. اسان کي دعا ڪرڻ کپي ته هو زنده سلامت واپس اچي وڃي. ڇا مون کي هاڻي اجازت آهي؟

مون يحيٰ جو پيغام توهان تائين پهچايو. ”اوهان جيڪڏهن چاهيو يا نه چاهيو، مان شاهه در ۾ اوهان جي جاسوس جي حيثيت مان ڪم ڪندو رهندس.“

”ها تون وچي سگهين ٿو“ سلطان چيو، ”تون جيڪڏهن اسان جي لاءِ ڪم ڪندين رهندين ته توکي ان جو پورو پورو معاوضو ملندو.“

”نه سلطان محترم“ هن شخص چيو. ”مان اهو ڪم بنا معاوضي جي ڪندو رهندس ۽ پنهنجو فرض سمجهندس.“ اهو ماڻهو هليو ويو.

جنهن وقت شاهه در ڪان آيل اهو شخص سلطان ملڪ شاهه کي يحيٰ جو پيغام ڏيئي رهيو هو. ان وقت درياهه يحيٰ ابن الهادي ۽ سنان جي لاشن کي کائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو.

هن شخص کي حسن بن صباح موڪليو هو. زرين خودڪشي کان اڳ يحيٰ جي متعلق ٻڌائي ڇڏيو هو ته هي سلطان ملڪ شاهه جو جاسوس آهي ۽ هتي ڇا معلوم ڪرڻ آيو هو. يحيٰ ۽ سنان کي زهر ڏيئي ماريو ويو هو، پر حسن بن صباح جو خيال هو ته خطرو اڃا به موجود آهي.

”اسان کي هن ٻنهي جاسوسن جي باري ۾ ته خبر پئجي ويئي ۽ اسان هنن کي ختم ڪري ڇڏيو.“ حسن بن عطاش چيو هو. هتي سلجوقين جا ٻيا به مخبر ۽ جاسوس هوندا. هنن جو کوج لڳائڻ تمام ضروري آهي. هن جو هڪ ئي طريقو آهي ته پنهنجي مخبرن کي خبردار ڪيو وڃي ته شهر ۾ ڪنهن اجنبي کي ڏسن ته هن جو پيڇو ڪن ۽ يقين ڪن ته هو جاسوس ته نه آهن ۽ اهو به ڏسن ته هو ڪهڙي ڪم لاءِ هتي آيا آهن.“

”مان سلجوقين کي گمراهه ڪري سگهان ٿو.“ حسن بن صباح چيو هو. اسان هڪ ماڻهوءَ کي مزو موڪليندا سين، جيڪو سلطان ملڪ شاهه وٽ يحيٰ ابن الهادي جو پيغام کڻي ويندو. پيغام مان ٻڌائيندس، ماڻهو هوشيار ۽ ذهين هجڻ گهرجي.“

”مان توکي هڪ ماڻهو ڏيندس“ احمد بن عطاش چيو هو. ”تون اهو ٻڌاءِ ته ڪهڙو پيغام ڏيندين.“

حسن بن صباح اهو سچو پيغام احمد بن عطاش کي ٻڌايو هو.

”زنده آباد“ احمد بن عطاش بي اختيار چيو. ”تو ۾ ايتري اهليت آهي ته تون نبوت جي دعويٰ ڪري سگهين. اها ڳالهه منهن جي ذهن ۾ ڪانه آئي هئي.“

”نه استاد محترم“ حسن بن صباح چيو هو. ”پير و مرشد ته تون ئي آهين.“

”مان جيڪو به آهيان فقط توهان جي شخصيت جو هڪ معمولي عڪس آهيان.“

”اهو پيغام منهن جي دماغ ۾ ان ڪري آيو آهي ته سلجوقين کي يقين ٿي ويندو ته شاهه در ۾ سڀ هنن جا وفادار آهن. هتي سلجوقي سلطنت کي ڪوبه خطرو نه آهي. هن ٻنهي جاسوسن جي غيرحاضري بابت سلطان ملڪ شاهه کي ڪوبه شڪ نه ٿيندو ته هنن کي غائب ڪري ڇڏيو ويو آهي.“

”هن پيغام مان کين يقين ٿي ويندو ته هو اڳتي هليا ويا آهن، شاهه در ۾ موجود نه آهن.“

احمد بن عطاش ان وقت ئي هڪ ماڻهوءَ کي گهرائي ورتو هو ۽ حسن بن صباح کيس اهو پيغام ڏيئي چيو هو تہ سلطان ملڪ شاهہ کي اهو پيغام ڏي.

کيس حسن بن صباح چڱي نموني سمجهايو هو تہ هو سلطان ملڪ شاهہ جي سامهون ڪيئن ڳالهائيندو. سندس چهري تي ڪهڙا تاثرات آڻڻا آهن ۽ سندس آواز ڪيڏي مهل ڪهڙو هوندو. هي ماڻهو ذهين هو، سڄو قصو سمجهي ويو ڪيس اڳئين ڏينهن تي مرو موڪليو ويو هو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اهو ماڻهو واپس شاهہ در آيو تہ احمد بن عطاش کانئس پڇيو.

"سلطان ملڪ شاهہ وٽ ڪهڙو تاثر ڇڏي آئين."

اهو جيڪو اوهان چاهيو پئي. عابدين چيو. "جيڪڏهن توهان اتي هجو ها تہ توهان بہ هن پيغام کي سچ سمجهو ها. مان انهن کي يقين ڏياري آيو آهيان تہ هو يحيٰ ۽ سندس ساٿي سنان جو انتظار نہ ڪن، هو ڦورن پويان ويل آهن."

"ها عابدين" حسن بن صباح چيو. "جيڪڏهن هو اسان جي ڪوڙ کي سچ نہ سمجهن ها تہ، تون هتي نہ ويٺو هجين ها."

"يا مرو جي قيدخاني ۾ هجين ها يا وري سر، ڌڙ کان ڌار هجئي ها."

حسن بن صباح، احمد بن عطاش ڏانهن نهاريو. احمد اشارو سمجهي ويو هو اٿي ويو ۽ ٻئي ڪمري مان سون جا ڪجهہ سڪا آڻي عابدين کي ڏنائين. عابدين انعام وٺي، شڪريو بہ ادا ڪيو.

"هاڻي تنهنجي ذمي هڪ ٻيو ڪم آهي عابدين" احمد بن عطاش چيو.

"هن شهر ۾ سلجوقين جا ٻيا بہ جاسوسن ٿي سگهن ٿا. انهن کي تلاش ڪر. جيڪڏهن ڪو اجنبي يا مشڪوڪ ماڻهو نظر اچي تہ پنهنجو مخبر هن بي پويان لڳائي ڇڏ. پنهنجي ماڻهن کي چڱيءَ نموني سمجهائي ڇڏ. مان هن جو ڪو ٻيو بہ بندوبست ڪيان ٿو."

"توهان پنهنجو انتظام ڪريو پير و مرشد" عابدين چيو. "منهنجو پنهنجو انتظام آهي. مان اهڙو چار وڇائيندس، جنهن مان ڪوبہ شڪي ماڻهو نہ نڪري سگهندو. سلجوقين جي هن ٻنهي جاسوسن مونکي هوشيار ڪري ڇڏيو آهي."

حسن بن صباح انسان مان ابليس ڪيئن بڻيو؟

هن سوال جو جواب تاريخ جي سيني مورخن ۽ تاريخ نويسن پنهنجي پنهنجي حساب سان ڏنو آهي. انهن لکيو آهي تہ حسن بن صباح ۽ احمد بن عطاش شاهہ در قلعي کان اڳيان جيڪي قلعا هئا، انهن تي قبضو ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو ۽ انهن علائقن ۾ پنهنجي فرقي جي نظرين جي تبليغ شروع ڪئي. هنن ماڻهن کي پنهنجو همخيال ٿي نہ پر مريد ٺاهيو.

ڇا اهو ڪم ايترو آسان هو، بہ چار ڳالهيون ٻڌيون ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي عقيدن کان ڦري ويا ۽ هڪ ٺي فرقي ۽ عقيدي جا پروڪار بڻجي ويا؟

جيڪڏهن مورخن ابن اثير جي تاريخ ڪامل هجي، يا ابوالقاسم رفيق دلاوري جي "آئمہ تلبيس" هجي، يا ابن

جوزي جي ”تلبيس ابليس“ جا ورق اتلائجن، يا ”دبستان مذاهب“ هجي، يا وري ”سنين اسلام“ ۾ ابن خلدون جي ”تاريخ ابن خلدون“ هجي، سڀني ۾ هڪ ڳالهه ساڳي آهي تہ حسن بن صباح پنهنجي عقيدن جي تبليغ ڪري پنهنجو پيروڪار ناهيا هئا.

پر ڪيئن؟

الله تبارڪ صراط مستقيم تان هٽيل انسانيت لاءِ پيغمبر موڪليا، پر ماڻهن سندن مذاق اڏايو، هنن کي تڪليفون ڏنيون ويون، پوءِ وڃي ڪجهہ ماڻهو هنن پيغمبرن مان متاثر ٿيا.

حضرت موسيٰ تي ڪيڏا نہ ظلم ٿيا.

حضرت عيسيٰ جي پيروڪارن کي روم وارن بکايل شينهن جي اڳيان اڇلايو.

حضرت عيسيٰ کي صليب کي چاڙهي، سندن هٿن ۾ ڪوڪا ٺوڪيا ويا. خاتم نبين صہ جي ڳالهه ٻڌڻ بجاءِ کين قتل ڪرڻ جا منصوبا ٺهيا. سندن پيروڪارن کي ظلم جي انتها ڪئي وئي. هجرت ڪرڻي پيئي. الله جي هن دين کي عظيم ٿيڻ لاءِ ڪجهہ وقت لڳو هو.

پوءِ حسن بن صباح ايتري جلدي ماڻهن جي دلين ۾ ڪيئن سمائجي ويو؟ تاريخ ٻڌائي ٿي تہ احمد بن عطاش حسن بن صباح جو پير و مرشد هو. عالم و فاضل هو، سياڻن جو سياڻو هو. پر هن پنهنجي علم فضل کي شر جي لاءِ استعمال ڪيو. انسان کي پنهنجي نفس تي قابو ڪرڻ بجاءِ نفس جو غلام ناهيو. ابليس کان بچڻ بدران پاڻ ۾ شيطاني وصف پيدا ڪرڻ سيکاريو.

يحيٰ جي آواز ٻڌو، جنهن ۾ الله تبارڪ تعاليٰ پنهنجي محبوب صلعم کي فرمائي ٿو تہ:

ڀلا ڏسو! ان شخص کي جنهن پنهنجي خواهشن (نفس) کي پوڄڻ پسند ڪيو. اي رسول ڇا توهان اهڙي شخص جي نجات جي ذميداري کڻي سگهو ٿا. ڇا توهان اميد رکو ٿا تہ انهن ماڻهن ۾ ڪيترائي ماڻهو ٻڌندا ۽ سمجهندا هوندا؟ نہ، اهي تہ حيوانن جي برابر آهن، بلڪ حيوانن کان بہ وڌيڪ ڀٽڪيل آهن راهہ تان (الفرقان 43-44)

هي اهو الله جي آواز هو تہ ماڻهو جيڪي پنهنجي خواهشن جا غلام آهن سي انسان نہ آهن پر حيوان برابر آهن.

مگر حسن بن صباح انسانن کي نهايت دلڪش خواهشات ڏيئي حيوان بنايو. جنهن ۾ خوبصورت ڇوڪريون ۽ حشيش جهڙيون شيون بہ شامل هيون. جنهن وسيلي هن زمين تي هڪ جنت ناهي جيڪا ”شيطاني جنت هئي.“

”هاڻي ٻڌائي حسن.“ عابدين جي وچڻ کان پوءِ احمد بن عطاش حسن کان پڇيو. هن صورتحال ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ کپي.

”ها استاد محترم!“ حسن بن صباح چيو. ”اسان وٽ ڪابہ فوج ڪونهي جو پنهنجي حفاظت ڪري سگهون. جيڪڏهن توهان پسند ڪريو تہ مان چوندس تہ اسان کي هن علائقي تي ڇانئجي وڃڻ گهرجي. تبليغ نہ صرف شروع ڪرڻ کپي پر تيز ڪرڻ کپي. بيو تہ اسان جي ڇوڪرين ۾ جذبات اڃان زندهہ آهن، هنن کي تربيت جي ضرورت آهي. پر منهنجي خيال ۾

تبليغ وڏيڪ ضروري آهي. اسان ماڻهن کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي، هنن جي فوج ٺاهينداسين."

"ماڻهن کي ڇا چوندين" احمد بن عطاش چيو.

"اسان هنن جي سامهون پنهنجو عقيدو رکنداسين." حسن چيو "۽ هنن کي ٻڌائينداسين ته ٻيا سڀ مذهب ۽ انهن جا نظريا باطل (ڪوڙا) آهن."

"پيغمبرن به اهي ساڳيا طريقا اختيار ڪيا هئا." احمد بن عطاش چيو. "هنن جي به ڪنهن نه ٻڌي هئي، اسان کي ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو. جنهن سان سندن دلين تي قبضو ڪري سگهجي."

"ڇا توهان جي سامهون ڪو طريقو آهي." حسن بن صباح پڇيو.

"ها حسن! احمد بن عطاش چيو. تون هو بهو اهو طريقو آهين، تو ۾ اهي گڻ موجود آهن، جنهن وسيلي ڪنهن به انسان کي پنهنجو ڪري سگهجي ٿو.

"ها استاد محترم" حسن چيو. اهو مان به ڄاڻان ٿو ته مون ۾ ڪا اهڙي طاقت آهي جيڪا هر انسان ۾ نه آهي. مون اهو به محسوس ڪيو آهي ته مان سڌي رستي تي هلندڙ ماڻهن کي جنهن به رستي تي هلائڻ چاهيان، هلائي سگهان ٿو."

"ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته تنهنجي ان طاقت کي وڌايو ۽ اڀاريو وڃي." احمد چيو. "ٻين مذهبن انسان کي بدي جي رستي تان هٽڻ جو سبق ڏنو آهي، اهوئي سبب آهي ته ماڻهن ڪنهن مذهب يا عقيدي کي قبول ڪرڻ ۾ دير لڳائي آهي. ان جو سبب هي آهي ته بديءَ ۾ لذت هوندي آهي ۽ انسان ۾ خدا اها ڪمزوري رکي ڇڏي آهي ته هن کي لذت پرست ۽ عيش پسند ٺاهي ڇڏيو آهي."

"ليڪن استاد محترم" حسن بن صباح چيو. "منهنجي استاد ابن عطاش مونکي ٻڌايو هو ته انسان ۾ هي ڪمزوري خدا نه پر ابليس پيدا ڪئي آهي. ۽ انسان جي اها بدنصيبي آهي ته هن جي ذات نيڪي ۽ بدي جي مقابلي جو ميدان بنجندي رهندي آهي."

"ائين ئي سمجهه" احمد بن عطاش چيو. "منهنجو مطلب آهي ته انسانن ۾ بدي کي اڀاريو وڃي".... انساني فطرت جو اهو بنيادي اصول ياد رک حسن! هن کي تون انسان جي ڪمزوري به چئي سگهين ٿو. اها هي آهي ته هر انسان بهشت ۾ وڃڻ چاهي ٿو پر مرڻ ڪير به نٿو چاهي... هنن جي ضرورت هي آهي ته هنن کي دنيا ۾ ئي بهشت ڏيکاريو وڃي. پوءِ ڏسجانءِ ته هي ماڻهو ڪيئن نه توکي پيغمبر ۽ نبي مڃن ٿا.

"مان دنيا ۾ هنن کي بهشت ڏيکاري سگهان ٿو." حسن چيو. "هي بهشت منهنجي خيالن ۾ آهي جيڪو مان سيني کي ڏيکاريندس"... مان جيڪڏهن انساني فطرت کي غلط نه سمجهيو آهي ته منهنجي راءِ اها آهي ته انسان پراسراريت جي پويان وڏيڪ لڳندو آهي. هڪ شيءِ سندس سامهون رکي ڇڏجي ته ٿورو مشڪل سان ان کي قبول ڪندو آهي. پر جيڪڏهن ان شيءِ کي پراسرا ٺاهيو وڃي ته انسان ان جي پويان ڊوڙندو آهي، پردو هٽائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پردن جي پويان ڏسندو آهي، ۽ جڏهن اها شيءِ سندس

سامهون ايندي آهي تہ قيمتي سمجهي
پنهنجي سيني سان لڳائيندو آهي.
جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو تہ
پنهنجو طريقو استعمال ڪيان."
"ها حسن" احمد بن عطاش چيو.
"جيڪڏهن تون انساني فطرت جي ڪمزورين کي سمجهي ويو آهين، تہ پوءِ انهيءَ ميدان ۾ لهي پئو. مان هن شهر جو والي آهيان. مون کان جهڙي بہ مدد گهرين، مان ڪندس. تون ڪيترو بہ وڏو قدم چو نہ کڻين، مان توسان گڏ آهيان."

"ياد رک... انسان خدا جي حڪم کي وساري ابليس جي قدمن تي هلندو آهي، اها انساني فطرت جي ڪمزوري آهي، تہ جنهن شيءِ کان هن کي منع ڪيو ويندو آهي، هو ان کي وڌيڪ پسند ڪندو آهي. مون توکي سحر جي (جادو) علم جو طاقت بہ ڏنو آهي. تون ڪنهن بہ انسان جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسندي تہ هو ماڻهو تنهنجي سحر ۾ جڪڙجي ويندو. مون توکي علم نجوم بہ ڏنو آهي. تون ستارن جي گردش ۽ چالن کي ڏسي صحيح فيصلو ڪري سگهندين تہ تنهنجو قدم اڳتي هجڻ کپي يا وري پوئتي."

هن ٻنهي ملي هڪ اهڙو منصوبو ناهيو، جنهن انسانيت کي لوڏي ڇڏيو. تاريخ کي لوڏائي ڇڏيو. تاريخ هن منصوبي جي هڪ فصيل کي پنهنجي ورقن ۾ (محفوظ) لڪائي ڇڏيو. جيئن ايندڙ دنيا تائين انسان پنهنجي تاريخ جو حيرت انگيز شرمناڪ ۽ لنگ ڪاندارينڊڙ باب پڙهندو رهي.

انسان اڄ تائين عبرت حاصل ڪري نہ سگهيو آهي. اڄ بہ انسان اسراريت ۽ بدي جي دلڪشيءَ جو شوقين آهي. هو پنهنجي خيالن ۾ حسن بن صباح جي جنت کي آباد ڪندو رهي ٿو ۽ سندس گهڻو وقت انهيءَ جنت ۾ ئي گذري ٿو.

قلعي شاهہ در کان اڳيان خلجان نالي هڪ ٻيو قلعو بہ هو. هن وڏي علائقي ۾ ڪجهہ ٻيا بہ قلعا هئا. جن مان مشهور قلعو "الموت" هو. جيڪو ڪجهہ عرصي کان پوءِ حسن بن صباح جو مرڪز ٿيو. هن الموت قلعي ۾ ئي پنهنجي جنت ٺاهي، جنهن جي تفصيل تاريخ ۾ اڄ بہ محفوظ آهي. احمد بن عطاش ۽ حسن بن صباح جي منصوبي جي پهرين ڪڙي هنن قلعن تي قبضو ڪرڻ هو. جيتوڻيڪ هنن وٽ ڪا فوج بہ ڪانہ هئي، پر پوءِ بہ کين يقين هو تہ هو پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب ٿي ويندا.

شاهہ در قلعي کان چوڏهن ڪوهن تي هڪ خوبصورت ڪوهستاني علائقو هو. جنهن ۾ وڏيون ۽ ننڍيون ٽڪريون ۽ پهاڙ هئا. اهو هڪ سبزه زار هو جيڪو قدرت پنهنجي هٿن سان ٺاهيو هو. جهڙوڪ قدرت وڏي محبت ۽ محنت سان ٺاهيو هجي. هتي ڪجهہ وڻ اهڙا بہ هئا جيڪي هن خطي ۾ ڪنهن بہ ڪڏهن ڪونہ ڏٺا هئا. هتي ڪجهہ پهاڙين تي شاهہ بلوط جا گهاٽا وڻ هئا. صاف ۽ شفاف پاڻي جون نديون وهنديون هيون. وٽن منجهان گذرندڙ هوا ۽ ندين جو جل ترنگ مٿان گذرندڙ تي پنهنجو سحر طاري ڪري

ڇڏيندو هو. ڪجهه ڏينهن کان هن علائقي جي ماڻهن ۾ هڪ خبر ڦهلجي چڪي هئي ته رات جي وقت ڪڏهن ڪڏهن هڪ شاهه بلوط جي وڻ منجهه هڪ ستارو چمڪندو آهي ۽ وري وسامي ويندو آهي، ۽ وري ڪجهه دير کان پوءِ وري چمڪندو آهي ۽ وري وسامي ويندو آهي، ۽ وري ڪجهه دير کان پوءِ وري چمڪندو آهي. اها خبر شاهه در پهتي ۽ پوءِ سڄي علائقي ۾ ڦهلجي ويئي. هن چمڪندڙ تاري جي شهرت ايتري جلدي ڦهلجي وئي جو پري پري کان ماڻهو اچڻ لڳا. جهنگ ۾ تاري جي چمڪ ڏسڻ لاءِ ٽي ٽي ۽ چار چار ڏينهن رهڻ لڳا. تارو چمڪندو هو ته ڪنهن تي خوف ۽ وري ڪنهن تي مقدس هجڻ جو تاثر ڇانئجي ويندو هو. وري ڪو چوندو هو ته هي ڪنهن پيغمبر جي ظاهر ٿيڻ جي نشاني آهي. ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته هن علائقي تي خدا جون نوازشون ۽ رحمتون نازل ٿيڻ واريون آهن. اڪثريت جو خيال هو ته اهو ڪو خراب سنوڻ هو.

ڪجهه ڏينهن وڏيڪ گذريا ته تاري جي چمڪ کان پهريائين دهل ۽ شرنائين جو آواز اچڻ لڳو ۽ پوءِ شاهه بلوط جي گهاٽي وڻ جي شاخن مان تاري جي چمڪ نظر ايندي هئي. ڪنهن ۾ ايتري جرئت نه ٿيندي هئي ته ان چمڪ جي ويجهو وڃن. ۽ ڏينهن جو به ڪير ان وڻ جي ويجهو ڪونه ويندو هو. وڏڙن جي چوڻ مطابق ته ٿي سگهي ٿو ته جنات هجي ۽ ڪو نقصان پهچائن.

ڪجهه ڏينهن گذريا ته سائي رنگ جي جبن ۾ ويڙهيل ملبوس ڪجهه ماڻهو هجوم ۾ نظر اچڻ لڳا سندن هٿن ۾ تسبيحون هيون، چپ ائين پيي چورين جيئن ڪجهه پڙهندا هجن. لباس ۽ چال ۽ انداز مان عالم ۽ فاضل نظر پيي آيا. اهي ڪير هئا، بهرحال عام ماڻهن ۾ ورهائجي ويا. "خدا ۽ بزرگ و برتر هن علائقي تي پنهنجون رحمتون نازل ڪري رهيو آهي."

سائو لباس پهريل ماڻهو، هر ماڻهوءَ کي اهو ئي چئي رهيا هئا هو.

"خدا جي طرفان ڪا پهتل هستي هن جاءِ تي لهي رهي آهي."

"اها هستي حضرت عيسيٰ به ٿي سگهي ٿو."

"ٿي سگهي ٿو حضرت موسيٰ هجي."

"ڪو پيغمبر يا نبي نه هوندو ته خدا جو ايلچي هوندو."

"راتين جو جاڳندا رهو. تارو چمڪي ته سجدي ۾ ڪري پئو."

چمڪ ڏانهن نه ڏسندا ڪريو. اها خدا جي ايلچي (مقدس هستي) جي توهين ٿيندي.

ان قسم جون پيشگوييون، قياس آرايون ۽ هدايتون هيون. جيڪي سائي رنگ جا جبا پاتل هوءُ پڌائي رهيا هئا. ماڻهو هنن جي چوڌاري جمع ٿيڻ لڳا. هنن جي وعظ ۾ وڏو اثر هو. جنهن کان هر ماڻهو متاثر ٿيڻ لڳو.

”وليم لؤويل ڪين“ بوسٽن جي هڪ ارب پتي ماڻهوءَ جو پٽ آهي ۽ ”آبيل روزنوسڪي“ هڪ ڪنگلو آهي جيڪو پولينڊ مان آيل آهي.... ٻئي هڪ ئي ڏينهن پيدا ٿيا آهن، پر اهي ٻئي هڪٻئي کان مختلف آهن. انهن ٻنهي کي پنهنجو مقدر ٺاهڻ لاءِ اڻ ٿڪ جستجو ڪرڻي آهي. انهن ٻنهي جي زندگي هڪ حيرت ڪندڙ ڪهاڻي آهي، جيڪا اصل ۾ سٺ سالن تائين ٻن طاقتور ماڻهن جي وچ ۾ نفرت جي داستان آهي. قسمت انهن کي هڪ ٻئي کي بچائڻ لاءِ منتخب ڪري ٿي... ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ ٻئي کي تباهه ڪرڻ ۾ جتجي وڃن ٿا. هيل تائين 30 لک ڪاپيون هن ناول جون ڇپجي چڪيون آهن.

## ٻن مختلف انسانن جي پاڻ ۾ موتمار ڪشمڪش جو داستان

پنجين قسط

# هابيل قابيل



جيفري آرچر

سنڌيڪار: نصر الله عباسي

## گذريل ڇئن قسطن جو خلاصو

ابيل روزنوسڪي جڏهن پيدا ٿئي ٿو ته سندس ماءُ ويم جا سور نه سهي مري وڃي ٿي ۽ هيءُ انتهائي غربت واري زندگي گهارڻ لڳي ٿو. هن کي هاڻي هڪ نئين ماءُ آهي، ڪجهه پائر آهن ۽ هڪ وڏي ڀيڻ آهي، جيڪا هن کي ننڍي هوندي کان ئي ديواني جي حد تائين محبت ڪري ٿي. جڏهن ته هن جو نئون پيءُ جاسو هن کان سخت نفرت ڪري ٿو. هي هاڻي ڳوٺاڻي زندگيءَ جا ننڍا وڏا ڪم ڪري ٿو. پر حيرت انگيز طور تي ڳوٺ جو ذهين ترين ڇوڪرو ثابت ٿئي ٿو. سندس اسڪول ۾ هن جي ذهانت جا چرچا آهن. هاڻي هن جي زندگي هڪ نئون موڙ وٺي ٿي. هن جي ذهانت کي ڏسندي علائقي جو امير ترين شخص هن کي پنهنجي پٽ جي ذهني نشر و نما لاءِ پنهنجي بنگلي تي وٺي اچي ٿو. هن سان سندس وڏي ڀيڻ فلورنٽائنا به گڏ آهي ۽ هاڻي هي اميراڻي ماحول ۾ زندگي بسر ڪري رهيو آهي. هوڏانهن آمريڪا جي شهر بوسٽن ۾ وليم ڪين ڪروڙ پتيءَ جي گهر ۾ جنم وٺي ٿو. هن جي نصيب ۾ ڪار، بنگلا، موٽرون ۽ عاليشان مستقبل آهي. هن جو ننڍپڻ اميراڻي ماحول ۾ ٿي رهيو آهي.

هاڻي آبيل روزنوسڪي موڪلون ملهائڻ لاءِ پنهنجي وڏي ڀيڻ فلورنٽائنا سان گڏ پنهنجي اصلي گهر ۾ اچي ٿو ۽ اتي ئي وقت گذاري ٿو. جتي کيس خبر پئي ٿي ته هيءُ هنن جي سڳن رشتن منجهان نه آهي پر ڪٿان وچڙجي هنن وٽ پهتو آهي ته هن کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو. آخر هي پنهنجي نواب جي گهر واپس اچي ٿو ۽ ايئن هن جو دل بهلجي ٿو ۽ وري خوب مزن ۾ وقت گذريس ٿو ته اوچتو جرمنيءَ جون فوجون هن جي ملڪ تي حملو ڪري وجهن ٿيون ۽ جرمن فوجون نواب جي گهر تي به ڪنٽرول حاصل ڪري وٺن ٿيون ۽ مزاحمت ڪرڻ تي نوڪرن سميت نواب جو اصلي پٽ لي اون به مارجي وڃي ٿو. هوڏانهن وليم ڪين عيش ۾ پلجي رهيو آهي. ڊاڪٽر هن جي پيءَ کي ٻڌائين ٿا ته هن جي زال هاڻ وڌيڪ اولاد پيدا نٿي ڪري سگهي.

ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ رچرڊ ۽ ايني وليم ڪين سان گڏ ڪاروبار جي سلسلي ۾ نيويارڪ وڃن ٿا جتي رچرڊ جو هيڙيءَ جي جهاز جي ٻڏڻ ڪري موت ٿي وڃي ٿو. هن جي پيءُ هن لاءِ 21 سالن جو ٽيڻ تائين سڄي جائداد سونپي ڇڏي ٿو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي پئسي جي بچت بابت سبق ڏيارڻ لاءِ هن کي هلڪا ڦلڪا شيئر جا ڪاروبار ڪرايا وڃن ٿا.

آبيل ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ نواب کان گهڻيون ڳالهيون سکي وٺي ٿو ۽ اتي ئي جيل ۾ هن جي ڀيڻ فلورنٽائنا سان جرمن فوجي بدسلوڪي ڪن ٿا جنهن جا سور نه سهي فلورنٽائنا فوت ٿي وڃي ٿي بعد ۾ جيل ۾ هن کي خبر پئي ٿي ته نواب هن جو پيءُ آهي جيڪو مرڻ کان پهرئين هن کي ٻڌائي وڃي ٿو.

هوڏانهن وليم ڪين جي ماءُ هينري نالي ماڻهوءَ سان شادي ڪري ٿي ته وليم ڪين کي ڏاڍو ڏک پهچي ٿو ۽ هيءُ هاڻي اڪثر پنهنجي گهر مان غائب رهڻ لڳي ٿو. هوڏانهن آبيل سان قابض فوجون ظلم ڪري رهيون آهن.

ظالم جرمن فوجون ولاڊڪ کي نوڪر سميت ڪٽي اڻ ڄاڻ منزل طرف ريل گاڏيءَ ۾ چاڙهي وٺي وڃن ٿا. جنهن مان هڪ نوڪر ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته ان کي اتي قتل ڪيو وڃي ٿو. اتي هيءُ تڪليفن ۽ پريشانين ۾ وقت گذاري رهيو آهي.

”جيئن تہ اسٽيشن کان ٻاهر، صرف هڪ پٽڙي وڃايل آهي، ان ڪري ماسڪو واري ريل ان وقت تائين اسٽيشن کان رواني نہ ٿيندي جيستائين قيدين واري ريل پهچي وڃي. تون ڪجهہ احتياط ڪجانءِ پر اسٽيشن تي سوين قيدي موجود هئڻ ڪري پهريدارن کي تنهنجي گم ٿيڻ جي خبر ڪونہ پوندي. اتان کان اڳتي توکي پنهنجي همت ڏيکارڻي پوندي. هڪ ڳالهہ ياد رکجانءِ اگر هنن توکي ڏسي ورتو تہ بنا ڪنهن هٻڪ جي موقعي تي ئي توکي گولي هڻي ڇڏيندا. هاڻي صرف هڪڙو ڪم آهي جيڪو مان تنهنجي لاءِ ڪري سگهان ٿو. پندرهن سال اڳ جڏهن مان هتي آندو ويو هئس، مون ماسڪو کان ترڪيءَ تائين جي رستي جو نقشو پنهنجي يادگيريءَ سان ناهيو هو. اهو شايد هن وقت بلڪل صحيح نہ هجي پر تنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ اهو ڪافي هوندو. ان ڳالهہ جي خاطري ضرور ڪري ونجانءِ تہ ترڪي تي روسين قبضو نہ ڪيو آهي. خدائي ڄاڻي ٿو تہ هو هن وقت ڇا ٿا ڪندا وتن، منهنجي ڄاڻ مطابق تہ هنن شايد فرانس تي بہ قبضو ڄمايو آهي.“

ڊاڪٽر دوائن جي ڪٻٽ جي پرسان ويو ۽ ان مان هڪ ڊگهي بوتل ڪڍيائين جيڪا ناسي رنگ جي دوا سان ڀريل لڳي رهي هئي.

هن شيشي جي ٻجي کولي ۽ ان مان چمڙي جو هڪڙو ٽڪرو ٻاهر ڪڍيو. ڪاري مس سالن کان ڪجهہ ڊهي ويئي هئي. ان تي آڪٽوبر 1904ع لکيل هو. ان تي ماسڪو کان اوڊيسا ۽ اوڊيسا کان ترڪيءَ تائين جو رستو ڇٽيل هو. آزاديءَ لاءِ سترهن سئو ميلن جو سفر.

”هن هفتي روزانو صبح جو مون وٽ اچ، اسان ان منصوبي تي بار بار غور ڪنداسين. اگر تون ناڪام ٿئين تہ گهٽ ۾ گهٽ اها تنهنجي تياريءَ جي کوٽ جي ڪري نہ هجي.“

”ولادڪ، رات جو ڪيتري دير تائين جاڳندي اها تياري ڪندو رهندو هو تہ ڪنهن بہ اسٽيشن تي ڪنهن صورتحال کي منهن ڪيئن ڏجي، صبح جو هيءَ ڊاڪٽر وٽ وڃي ان منصوبي تي بار بار غور ڪندو هو.“

ولادڪ جي فرار ٿيڻ جي ڪوشش کان هڪ ڏينهن اڳ اربع تي شام جو، ڊاڪٽر، نقشو ۽ رقم هڪ ڳنڍڙيءَ ۾ ويڙهي، شرٽ جي ٻانهن ۾ سبي ڇڏيا. ولادڪ پنهنجا ڪپڙا لاهي ڊاڪٽر جا ڏنل ڪپڙا پاتا ۽ ان جي مٿان پنهنجا قيدين وارا ڪپڙا پاتا.

جيئن ئي هن پنهنجي يونيفارم پئي پاتي، ڊاڪٽر، ولادڪ جي ٻانهن ۾ پيل چانديءَ جو ڪڙو ڏسي ورتو، ان کان اڳ ولادڪ اهو ڪڙو پنهنجي ڏوري ۾ پائيندو هو تہ جيئن پهريدارن کي ان جي خبر نہ پئي، نہ تہ هن جي بچيل اها آخري دولت بہ ڪانئس کسجي ويندي.

اسان سيني کي خطرو آهي تہ هڪ ڏينهن شايد اسان بہ اتي نہ وڃي پهچون. توکي ڪوٽ جي هيٺان ڇا پهريل آهي؟

ولادڪ ان ڊبي مان پڇي وڃڻ ۾ ڪوٽ لاهي پنهنجا ڪپڙا عورت کي ڏيکارڻ مان ڪنهن هڪ ڳالهہ جي نتيجن جو اندازو لڳائڻ لڳو. هتان ڀڄڻ ممڪن ڪونہ هو ان ڪري هن پنهنجو ڪوٽ لاٿو.

"هيءَ ڪپڙا ٺيڪ آهن ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڊپ هو" هن چيو.

"تو قيدين وارن ڪپڙن جو ڇا ڪيو؟"

"درياءَ مان باهر اڇلي ڇڏيا."

"شل، تنهنجي ماسڪو پهچڻ کان اڳ ڪين اهي ڪپڙا نہ ملن."

ولادڪ ڪجهہ نہ ڪڇيو.

"ماسڪو ۾ تون ڪنهن وٽ رهندي؟"

ڪيس وري ڊاڪٽر ياد آيو تہ ڪنهن تي اعتبار نہ ڪجانءِ پر هن کي ان عورت تي اعتبار ڪرڻو هو.

"منهنجو اتي ڪير ڪونهي."

"تہ پوءِ تون ان وقت تائين مون وٽ رهي سگهين ٿو جيستائين تون ڪاڻي رهڻ جو بندوبست ڪرين،"

عورت چيو. منهنجو مڙس ماسڪو ۾ اسٽيشن ماسٽر آهي ۽ هيءَ ڊبو صرف سرڪاري آفيسرن لاءِ آهي. اگر تو اهڙي غلطي ٻيهر ڪڏهن ڪئي تہ هي ريل واپس ارڪٽسڪ ويندي."

"ولادڪ ڳيت ڏئي چيو. ڇا مان نڪري وڃان؟"

"نہ، هينئر توکي ٽڪيٽ چيڪر ڏٺو آهي هينئر نہ. تون ڪجهہ وقت لاءِ مون سان گڏ باحفاظت رهندين. تو وٽ سجاٽپ وارا ڪاغذ آهن؟"

"نہ. اهي ڇا ٿيندا آهن؟"

"انقلاب اچڻ کان پوءِ هر روسي شهري لاءِ سجاٽپ جا ڪاغذ رکڻ ضروري آهي تہ جيئن اها خبر پئي تہ هو ڪير آهي، ڪٿي ٿو رهي ۽ ڇا ڪندو آهي نہ تہ ڪيس جيل جو منهن ڏسڻو پوندو ۽ اگر هڪ ڀيرو بہ ڪير جيل ويو تہ هو سجاٽپ جا ڪاغذ پيش نہ ٿو ڪري سگهي. جنهن ڪري ڪيس سڄي عمر جيل ۾ رهڻو پوندو. عورت ڪيس صلاح ڏيندي وڌيڪ چيو. "جڏهن ماسڪو پهچون تہ مون سان گڏ چنبڙيو رهجان ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ پنهنجو وات نہ ڦاڙجانءِ."

"توهان مون سان ڏاڍي رحمدلي ڏيکاري آهي."

ولادڪ شڪ منجهان چيو.

"هينئر زار مري چڪو آهي ان ڪري اسان مان ڪير بہ محفوظ ڪونهي. منهنجي قسمت چڱي هئي جو صحيح ماڻهو سان شادي ٿي." هن وڌيڪ چيو. پر روس ۾ اهڙو ڪوبہ شهري ڪونهي پلي سرڪاري نوڪر چو نہ هجي، جيڪو گرفتاري ۽ ڪئمپ جي لڳاتار خوف ۾ ورتل نہ هجي. تنهنجو نالو ڇا آهي؟

"ولادڪ"

"ٺيڪ، هاڻي تون ننڊ ڪر

ڪئي آهي.
”مون کي ان ڳالھ جي ڪا پرواھ ناهي تنهنجي ڪهڙي خواهش آهي يا هو ڪاڏي ويندو. اها اسان جي ذميداري ڪونهي ۽ اسان کي هن مان جلدي جند ڇڏائڻ گهرجي.“

”پر پيوٽر، مون کي لڳي ٿو ته هو نوابي گهراڻي جو آهي. منهنجي خيال ۾ هن جو پيءُ نواب هو. هن کي پنهنجي ٻانهن جي ڪرائي ۾ چانديءَ جو هڪ ٻانهوٽو پاتل آهي، جنهن تي لکيل آهي....“

”اهو ته اڃا به وڌيڪ مصيبت پيدا ڪندو. توکي چڱيءَ ريت خبر آهي ته اسان جي نون حڪمرانن هر قسم جا خطاب واپس وٺي ڇڏيا آهن. ڪوبه زار يا نواب ڪونهي ۽ نه وري ڪا رعايت.“

”اسان کي ته هو ڪئمپ موڪلڻ جي ضرورت به محسوس ڪونه ڪندا پر هتي ئي گولي هڻي ڇڏيندا.“

”پيوٽر، اسان کي سدائين هڪ پٽ جي خواهش هئي. ڇا اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ رڳو هيءَ هڪڙو خطرو نه ٿا کڻي سگهون.“

”شايد تون پنهنجي زندگيءَ سان پر منهنجي زندگيءَ سان بلڪل نه. مان جوان ٿو ته هن کي هتان وڃڻو پوندو ۽ هينئر ئي وڃڻو پوندو.“

ولادڪ کي وڌيڪ ڳالھ ٻولھ ٻڌڻ جي ضرورت ڪونه هئي. هن فيصلو ڪري ورتو ته پنهنجي محسن کي ڪنهن مصيبت کان بچائڻ جو حل اهو آهي ته هو رات جي اونداهيءَ ۾ پنهنجو ڪو آثار ڏيڻ بنا هتان غائب ٿي وڃي. هن جلدي ڪپڙا پاتا ۽ بستري تي نظر وڌائين ۽ اميد ڪرڻ لڳو ته وري اهڙو بسترو ملڻ لاءِ ڪيس وڌيڪ چار سال انتظار ڪونه ڪرڻو پوندو. هيءَ دري جي ڪنڊي کولي رهيو هو جڏهن زور سان ڪمري جو دروازو کليو ۽ اسٽيشن ماسٽر اندر داخل ٿيو. هڪ بندورو ۽ ٿلهو ماڻهو. ولادڪ کان قد ۾ ٿورو وڏو. سندس وار سفيد هئا ۽ پيٽ ٻاهر نڪتل هوس. چشمي جي اندران سندس اکيون عجيب پئي لڳيون هٿ ۾ بتي جهليون ولادڪ کي گهورڻ لڳو. ولادڪ پڻ ڪيس ساڳي انداز سان ڇتائي ڏٺو.

”هيٺ هل“ هن حڪم ڏنو.

”هاٿي ٻڌ، ڇوڪر“، هن چيو.

هن جو نالو ولادڪ آهي ”عورت وچ ۾ ڳالهايو ”هاٿي ٻڌ ڇوڪرا“ هن جملو ورجايو. ”تون مصيبت آهين، ۽ مان چاهيان ٿو تون هتان هليو وڃ ۽ جيترو پري وڃي سگهين هليو وڃ. مان توکي ٻڌائيندس ته مان ڪهڙي طرح تنهنجي مدد ڪرڻ وارو آهيان.

”مدد؟“ ولادڪ کيس حيرت مان تڪڻ لڳو.

”مان توکي ريل جي ٽڪيٽ ڏيندس، تون ڪيڏانهن وڃڻ ٿو چاهين؟“

”اوڊيسا.“ ولادڪ چيو. ڪيس اها به خبر ڪونه هئي تو اهو ڪٿي آهي ۽ ٽڪيٽ ڪيتري مهانگي آهي. بس

ڪيس اها خبر هئي تہ ڊاڪٽر واري نقشي تي ٻيو شهر اهو ئي آهي.
"اوڊيسا، ڏوهن جي ماءُ، هڪ مناسب جڳهہ"، اسٽيشن ماسٽر چيو "تون پاڻ جهڙن ماڻهن جي وچ ۾ ئي رهڻ جوڳو آهين."

"تہ پوءِ هن کي اسان سان گڏ رهڻ ڏي پيوٽر، مان هن جو خيال رکنديس، مان...."

"نہ، ڪڏهن بہ نہ، ان لاءِ مان هن حراميءَ لاءِ اهو خرچو برداشت ڪندس."

"پر هيءُ انتظاميہ ڪان ڪيئن بچي نڪرندو؟" عورت التجا ڪئي.

"مان هن کي اوڊيسا لاءِ ڪم جو اجازت نامو جاري ڪرائيندس" هن ولادڪ ڏانهن منهن ڦيرايو. "ڇوڪرا، جيئن تون ان ريل تي پهچين، اگر مون توکي ماسڪو ۾ ڪڏهن ڏٺو يا تو بابت ٻڌو، مان توکي موقعي تي ئي گرفتار ڪرائي ويجهي جيل ۾ موڪلرائي ڇڏيندس، اگر هنن توکي گولي هڻي ماري نہ ڇڏيو تہ پوءِ تون جيترو جلدي ريل گاڏيءَ لاءِ ممڪن ٿيو ساڳي ڪئمپ تي پهچندين."

هن رڌڻي ۾ ٽنگيل گهڙيال ۾ ڏٺو، پنج لڳي ٻارنهن منٽ ٿيا هئا.
هي پنهنجي زال ڏانهن مڙيو.

هڪ ريل اڄ رات جو اوڊيسا لاءِ رواني ٿيندي، مان هن کي پاڻ ئي اسٽيشن وٺي ويندس. مان پڪ ڪرڻ ٿو چاهيان تہ هيءُ ماسڪو مان نڪري وڃي. ڇوڪرا، تو وٽ ڪو سامان آهي؟"

ولادڪ ڇوڻ وارو ئي هو تہ نہ پر عورت چيو "هائو، مان وڃي ڪٺي ٿي اچان."

ولادڪ ۽ اسٽيشن ماسٽر آمهون سامهون ويٺا گڏيل نفرت سان هڪ ٻئي تي تڪڻ لڳا. عورت کي اچڻ ۾ ڪجهہ وقت لڳو. جڏهن عورت واپس آئي تہ سندس هٿ ۾ ناسي ڪاغذ جو هڪ وڏو پارسل هو جيڪو هڪ رسي سان ٻڌل هئو. ولادڪ ان کي ڇتائي ڏٺو ۽ احتجاج ڪرڻ وارو هو پر جيئن ٻنهي جون اکيون مليون، ولادڪ، عورت جي اکين ۾ هڪ اهڙو تہ ڊپ محسوس ڪيو جو هن جي وات مان صرف لفظ نڪتا.

"مهرباني توهان جي."

"هيءُ ڪاءُ" عورت ٿڌي سوپ جو پيالو هن ڏانهن وڌائيندي چيو.

هن فرمانبرداري ڏيکاري، جيتوڻيڪ هن جو سڪڙيل معدو ڀرجي چڪو هو پر جلدي جلدي سوپ اندر اوتيندو ويو هو هن عورت لاءِ وڌيڪ ڪا مصيبت پيدا ڪرڻ نہ پيو چاهي.

"جانور"، مرد چيو.

ولادڪ هن ڏي ڏٺو، اکين ۾ نفرت هئس. هن کي عورت تي رحم اچڻ لڳو جيڪا هن خبيث شخص جي سڄي زندگي غلامي ڪندي.

"اچ، ڇوڪرا، هلڻ جو وقت ٿيو آهي،" اسٽيشن ماسٽر چيو. "اسان ريل گاڏيءَ جو نڪري وڃڻ نہ ٿا چاهيون، ڪيئن؟"

ولادڪ همراهه پنيان رڙٿي مان نڪري آيو. هي جيئن ان عورت ويجهو پهتو، ٿورو هٻڪيو ۽ سندس هٿ کي ڇهيون ڪيس عورت جي موٽ محسوس ٿي. ڪجهه نه ڳالهايو ويو. لفظ پورا نه پون ها. اسٽيشن ماسٽر ۽ پناهگير ماسڪو جي گهٽين مان رڙهندا، پاڇولن ۾ لڪندا، اسٽيشن پهتا. اسٽيشن ماسٽر اوڊيسا لاءِ هڪ پاسي جي ٽڪيٽ خريد ڪئي ۽ ڪاغذ جي ڳاڙهي رسيد، ولادڪ کي ڏني.

"منهنجو اجازت نامو؟" ولادڪ نهٺائيءَ مان چيو. ان شخص پنهنجي اندرين کيسي مان سرڪاري نظر ايندڙ هڪ فارم ڪڍيو، ٽڪڙ ۾ ان تي صحيح ڪيائين ۽ ڪاوڙ ۾ ولادڪ جي حوالي ڪيائين. اسٽيشن ماسٽر جون اکيون ڪنهن ممڪن خطري کي تلاش ڪرڻ لاءِ چئني پاسي ڦرڻ لڳيون. ولادڪ گذريل چئن سالن ۾ اهڙيون اکيون ڪيئي پيرا ڏٺيون هيون: هڪ ڪانئر جون اکيون.

"ٻيهر ڪڏهن شڪل نه ڏيکارجانءِ نه وري تو بابت ڪجهه ٻڌان." هن هڪ غندي وانگر ڪيس ڌمڪائيندي چيو. ولادڪ اهڙو آواز پڻ گذريل چئن سالن ۾ ڪيترا پيرا ٻڌو هو. متي نهاريو ڪجهه چوڻ چاهيو پر اسٽيشن ماسٽر اڳ ئي رات جي اونداهيءَ ۾ واپس هليو ويو جتان هي آيو هو. هن پرسان گذرندڙ ماڻهن جي اکين ۾ ڏٺو. ساڳيون اکيون، ساڳيو ڊپ، ڇا هن دنيا ۾ ڪو آزاد هو؟

ولادڪ ڪاغذ جو بنڊل بغل ۾ مضبوطيءَ سان جهليو، ٽوپي ٺيڪ ڪري گذرگاهه طرف وڌيو. هن ڀيري هي ڪجهه وڌيڪ پراعتماد هو. پهريدار ڪي اجازت نامو ڏيکاري هي سواءِ ڪجهه ڳالهائڻ جي اتان ٽپي ويو. هي ريل ۾ چڙهيو اهو ماسڪو جو بلڪل ننڍڙو سير هو ۽ هاڻي پنهنجي سڄي زندگي ۾ هي هتي ڀيهر ڪونه ايندو. جيتوڻيڪ هي هميشه ان عورت جي رحمدليءَ کي ياد رکندو، اسٽيشن ماسٽر جي زال ڪامريڊ... ڪيس سندس اصلي نالي جي خبر به ڪونه هئي. ولادڪ ريل جي عام طبقي ۾ چڙهيو. اوڊيسا، ارڪٽسڪ جي پيٽ ۾ ماسڪو کان گهڻ مفاصلي تي پئي لڳو. ڊاڪٽر جي نقشي ۾ هڪ آڱوٺي جي مفاصلي وارو اهو شهر حقيقت ۾ ساڍا اٺ سئو ميل پري هو. ولادڪ جڏهن پنهنجي نقشي کي غور سان ڏسي رهيو هو ته ان وقت اتي ڪيڏي ويندڙ جوا سبب هن جو ڌيان هٽڻ لڳو. هن نقشو ويڙهي ڪوٽ جي کيسي ۾ وڌو ۽ غور سان راند ڏسڻ لڳو. هن ڏٺو ته هڪڙو رانديگر لڳاتار کٽي رهيو هو. ولادڪ ان شخص تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ته ڪيس خبر پئي ته همراهه بي ايماني پيو ڪري.

ولادڪ پنهنجي جڳهه تان اٿي اهڙي جڳهه تي ويٺو جتي هو ان بي ايمان کي بلڪل سامهون کان ڏسي سگهي ٿوري دير بعد هيءُ به راند ۾ شامل ٿيو. پهريون ٻه رانديون هن

منٽون ڪرڻ لڳو تہ ولادڪ هن مان هٿ ڪڍيا.

"دبي جي ڪنڊ ۾ وچ ۾ اتي ئي ويھ" ولادڪ چيو. "۽ اگر اتان تو ڪا چرپر بہ ڪئي تہ توکي ماري ڇڏيندس."

"جي بلڪل." ڇوڪري چيو ۽ اڳتي رڙهڻ لڳو.

ولادڪ جڏهن ان ڳالھ جي پڪ ڪئي تہ ڇوڪرو ڏور ڪنڊ ۾ خاموشي سان ويھي رهيو آهي تہ هي ٻيھر ليٽي پيو ۽ ڪيس جلد ئي گهري ننڊ اچي وئي.

جڏهن هي جاڳيو تہ سج جا ڪرڻا گاڏي جي تختن جي سوراخن مان ڪمري ۾ داخل ٿي رهيا هئا. هن پاسو ورايو ۽ پنهنجي مخالف کي ڏٺو جيڪو کرونڊڙو ٿيو، اڃا تائين ننڊ ۾ هو.

"هيڏي اچ" ولادڪ حڪم ڏنو

"ڇوڪرو ننڊ مان جاڳيو."

"هيڏي اچ." ولادڪ ٻيھر چيو، هينئر تيز آواز ۾، "ڇوڪري فرمانبرداري ڏيکاري، ڀھريون پيرو ولادڪ کيس چڱي طرح ڏٺو ٻئي ڄڻا هم عمر پئي لڳا پر هي ڇوڪرو هن کان هڪ فٽ ڊگهو ۽ شڪل ۾ ننڍو پئي لڳو هن جا وار ڀورا هئا."

"ڀھريون ڪم اڳ ۾" ولادڪ چيو. هتي ڪاڏو ڪيئن ٿو ملي.

"منهنجي پٺيان اچ" ڇوڪري چيو ۽ گاڏي مان ٻاهر ٽپ ڏنو. ولادڪ هن جي پٺيان ٽپ ڏنو ۽ ڇوڪري جي پٺيان هلندي شهر ۾ پهتو جتي صبح جو بازار کلي رهي هئي. ولادڪ وڏي عرصي کان پوءِ کائڻ لاءِ ڪيترين ئي شيون ڏٺيون. ميون، پاچين ۽ ٻيون کاڌي جون شيون دڪانن تي قطارن سان رکيل هيون. ولادڪ جي هيڇي نظرن کي ڇوڪري تاڙي ورتو.

"هينئر مان توکي ٻڌائيندس تہ ڇا ڪرڻو آهي. ڇوڪري ڀھريون پيرو اعتماد سان ڳالهايو." "مان ڪنڊ واري ريڙهي ڏانهن وڃي هڪ نارنگي چورائيندس ۽ ڊڪڻ لڳندس. تون ان وقت زور سان رڙيون ڪجانءِ چور، چور پڪڙيو" ان وقت ريڙهي ڏي وڃي ميون سان ڪيسا ڀري ونجانءِ. هيچ نہ ڏيکارجانءِ صرف هڪ وقت جي کاڌي جيترو کڻجانءِ، پوءِ تون هتي واپس اچجان، سمجهيئي."

"بلڪل" ولادڪ چيو.

"ڏسون ٿا، ماسڪو ئي تون اهو ڪيئن ٿو ڪرين" ڇوڪري هن ڏي ڏٺو ۽ اڳيان وڌڻ لڳو. ولادڪ کيس غور سان ڏسڻ لڳو. ڇوڪرو هڪ ريڙهي تي پهتو نارنگين جي ڍير مان هڪ نارنگي کنئي ۽ ريڙهي واري سان ڪجھ ڳالهايائين ۽ آهستي ڀڄڻ لڳو. هن ولادڪ ڏي نهاريو جنهن کان اها ڳالھ بلڪل وسري وئي تہ کيس چور، چور جون رڙيون ڪرڻيون آهن، پر ريڙهي وارو ڀاڻ ئي ڇوڪري جي پٺيان ڊڪڻ

لڳو. جنهن وقت بازار وارا ولادڪ جي ساٿي کي ڊڪندي ڏسي رهيا هئا. هي ريڙهي وٽ پهتو ۽ جلدي ۾ ٽي نارنگيون، هڪ صوف ۽ هڪ پٽاٽو پنهنجي ڪوٽ جي کيسن ۾ وڌا. جڏهن ريڙهي وارو ڇوڪري جي ويجهو پهتو ۽ کيس پڪڙڻ ٿي وارو هو ته هن نارنگي کيس واپس اڇلي ڏني. ريڙهي وارو بيهي رهيو ۽ زمين تي پيل نارنگي کڻڻ ۽ ڇوڪري کي گاريون ڏيندو واپس پنهنجي ريڙهي ڏانهن آيو. ولادڪ ان وقت بلڪل ڏکي ويو. جڏهن ڪنهن شخص هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو. هن خوف وچان پوئتي ڏٺو کيس پڪ هئي ته هي پڪڙيو ويو آهي.

"ماسڪو ٿي، تون ڪجهه کنيو ٻه يا بيني نظارو پئي ڏٺئي؟"

ولادڪ ڇوڪري کي ڏسي سڪون جو ساهه کنيو ۽ کيس ٽي نارنگيون، صوف ۽ پٽاٽو ڏنائين. ٻئي ڄڻا وڏا ٿهڪ ڏيڻ لڳا.

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" ولادڪ پڇيو.

"اسٽيفن"

"اسٽيفن، اڄ ته اهو بيهر ڪيون."

"صبر ڪر، ماسڪو ٿي، گهڻو چالاڪ ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪر. اگر اهو منصوبو بيهر دهرائڻو آهي ته اسانکي بازار جي ٻي پاسي وڃڻو پوندو ۽ هڪ ڪلاڪ جو انتظار ڪرڻو پوندو.

تون هڪ تجربيڪار ماڻهو سان گڏ آهين پر اهو نه سوچجانءِ ته تون ڪڏهن به نه پڪڙجندين."

ٻئي ڄڻا خاموشيءَ سان بازار جي ٻئي پاسي ويا ڪافي دير تائين شيون ڏسندا رهيا. جڏهن اسٽيفن کي صحيح وقت نظر آيو هنن ٻه دفعا اها ترڪيب آزمائي، ٻئي ڄڻا پنهنجي ڪم تي خوش هئا. جڏهن هو واپس ريل جي دٻي ۾ پهتا ته هنن وٽ ڇهه نارنگيون، پنج صوف، ٽي پٽاٽا، خشڪ ميوا ۽ هڪ واڱڻ هو. ماضيءَ ۾ اسٽيفن وٽ وڏا کيسا نه هوندا هئا پر هينئر ولادڪ جي ڪوٽ جا کيسا هنن لاءِ فائدي مند ثابت ٿيا.

"ٺيڪ آهي" ولادڪ پٽاٽي کي چڪ هڻندي چيو.

"تون ڪلون ٻه کائين ٿو" اسٽيفن کيس حيرت مان چيو. "مان اهڙن هنڌن تي رهيو آهيان جتي ڪلون ٻه عياشي آهن."

ولادڪ وراڻيو.

اسٽيفن هن ڏانهن ڇتائي ڏٺو.

"هينئر اهو سوچجي ته ڪا رقم هٿ ڪيئن ڪجي."

ولادڪ چيو.

"مالڪ، تون سڀ ڪم پلا اڄ ٿي ڪرڻ ٿو چاهين ڇا؟"

"اگر واقعي تون ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿو ته بندرگاهه ان لاءِ بهترين جڳهه آهي" اسٽيفن چيو.




خدائي بهشت جو احوال ٻڌي طاقت ۽ دولت جي نشي ۾ ٻڏل شداد دنيا ۾ بهشت جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. هو انهيءَ ڪوشش ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ته ويو پر افسوس جو پنهنجي اها ڪاوش پاڻ جيئري پسي نه سگهيو.

## هڪ هٺيلي بادشاهه جو قصو جنهن دنيا ۾ جنت ناهڻ جي ڪوشش ڪئي

**شداد** جي قوم عاد جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هن طرح آيو آهي.

”الم ترڪيف فعل ربڪ بعاد.“

يعني: ”اي منهنجا حبيب صلي الله عليه وسلم! تو نه ڏٺو ڇا ته تنهنجي پالڻهار عاد جي قوم سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟“ هڪ هنڌ فرمايو ويو آهي. ”۽ عاد جي قوم هڪ تکي واءَ ۽

تيز هوا سان ناس ڪئي ويئي. جنهن کي الله تعاليٰ مٿن ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن لڳاتار ڇانيل رکيو ۽ تون ڪين اهڙي طرح پيل ڏسين ته ڄڻ اهي ڪجين جي وڻن جا ڪريل ٿڙ آهن.“

حضرت نوح عليہ السلام جي قوم جڏهن طوفان سان ناس ٿي ويئي ۽ حضرت نوح ع صالح ۽ نيڪ ماڻهن کي گڏ ڪري ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو. پوءِ بي دين ۽ بدڪارن جي مري وڃڻ کان پوءِ جڏهن طوفان بيٺو ۽ ٻيڙي جودي جبل تي بيهي رهي ته مڙيئي ماڻهو مري چڪا هئا. سواءِ حضرت نوح عليہ السلام جي اولاد جي، حضرت نوح عليہ السلام جا ٽي پٽ سام، حام ۽ يافث جيڪي مومن هئا ۽ حضرت نوح ع جي ٻيڙي ۾ سوار هئا. پوءِ انهن مان سڀئي انسان پيدا ٿيا. انهيءَ ڪري حضرت نوح عليہ السلام کي ”آدم ثاني“ پڻ چيو ويندو آهي.

بهرحال جڏهن سام، حام ۽ يافث جو اولاد ٿيو ته حضرت نوح عليہ السلام انهن ٽنهي ڄڻن کي دنيا جي مختلف هنڌن تي روانو ڪيو. انهيءَ ڪري سام عرب ۾ آيا ۽ عرب واسي سڏيا ويا. روم جا رهاڪو پڻ سام جو اولاد آهن. حام جو اولاد آفريڪا هليو ويو، جنهنڪري آفريڪا واسي سڏجن ٿا ۽ يافث جي اولاد ۾ ترڪ، تاتاري، منگول ۽ ياجوج ماجوج جهڙيون قومون اچي وڃن ٿيون. انهيءَ ”سام“ جي پٽن ۾ هڪڙو ”ارم“ هو پوءِ ارم کي ٻه پٽ ”عاص ۽ عابر“ پيدا ٿيا. پوءِ عاص مان ”عاد“ پيدا ٿيو، جنهن جو اولاد ”قوم عاد“ ڪوٺي وڃي ٿي ۽ ابر مان ثمود پيدا ٿيو، جنهن جو اولاد قوم ثمود سڏجي ٿي. قوم عاد کي عاد اوليٰ ۽ قوم ثمود کي عاد اخريٰ پڻ چيو وڃي ٿو.

شداد جو تعلق قوم عاد يعني عاد اوليٰ جي اول ماڻهن مان هو. شداد جي مرڻ کان ڪجهه عرصو پوءِ الله تعاليٰ عاد جي قوم ڏانهن سندس ساڄاهه ۽ هدايت واسطي حضرت هود عليہ السلام موڪليو. پر عاد جي قوم سندس چيو نه مڃيو جنهن تي الله تعاليٰ مٿن واچوڙو ۽ واءُ موڪليو، جيڪو لڳاتار ستن ڏينهن تائين جاري رهيو. جنهن سان اهي هڙيئي ناس ٿي ويا. اهڙي ريت ثمود جي قوم ڏانهن به هدايت لاءِ الله تعاليٰ حضرت شعيب عليہ السلام کي موڪليو، پر ثمود جي قوم شرڪ تي ڄمي رهي. جنهن تي الله تعاليٰ ڏمرجي مٿن زلزلي ۽ گرجدار آوازن جو عذاب نازل ڪيو. ثمود جي قوم جڏهن ناس ٿي ويئي. تڏهن حضرت شعيب عليہ السلام باقي بچيل مومنن، جن جو تعداد 4000 هو پاڻ سان وٺي يمن جي قلعي حضر موت جي وستيءَ احقاف ۾ وٺي ويو. الله تعاليٰ عاد قوم جي قد ڪاٺ جي باري ۾ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو ته: ارم ذات العماد التي لم يخلق مثلها في البلاد. ”ارم يعني عاد قوم جي ماڻهن جا قد ۽ بت ٿنڀن وانگر ڊگها هئا، جن جي سگهه ۽ ست ۾ ڪو به مٽ ۽ ثاني دنيا جي شهرن ۾

پيدا ڪونہ ڪيو ويو.“
مطلب تہ الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ عاد جي قوم جي قد ۽ ڪاٺ ڪي دنيا جي قومن کان واڌاري تہ بيان فرمايو. پر سندن پيمائش ذڪر ڪانہ ڪئي. تڏهن بہ شاهہ عبدالعزيز دهلوي پنهنجي تفسير ”فتح العزيز“ ۾ ڪجهہ اسرائيلي روايتن جو حوالو ڏيندي نقل فرمايو آهي تہ امام مقاتل رحمتہ الله عليہ، حضرت ابن عباس رضہ کان عاد جي قوم جو قد 12 هٿ يعني 18 فوٽ (6 وال) نقل ڪيو آهي ۽ قاضي ثناءُ الله پاني پتي رحہ پنهنجي تفسير ”مظهري“ ۾ عاد قوم جي سڀ کان ننڍي قد واري ماڻهوءَ جو قد 12 وال لکيو آهي. يعني پهرين کان بيٺو ۽ انهن جي قوت ۽ طاقت جي باري ۾ شاهہ صاحب رحہ لکي ٿو تہ جنهن پاهڻ ۽ پٿر کي اسان جي زماني جا ڪيئي ماڻهو گڏجي ڪٽي نہ سگهندا هئا، انهيءَ پٿر کي عاد قوم جو هڪڙو ماڻهو پنهنجي هڪ هٿ ۾ کڻي اڇليندو هو. ان کان سواءِ اهي ماڻهو ناريل جي وڻ کي هٿ سان جهلي پاڙ کان پٽي اڇليندا هئا. بهرحال شداد جو تعلق عاد جي انهيءَ طاقتور ۽ سگهاري قوم سان هو.
چون ٿا تہ عاد جي قوم ۾ ٻہ وڏا بادشاهہ ٿي گذريا آهن. هڪ شديد ۽ ٻيو شداد ڪيترن ئي تفسيرن ۾ انهن ٻنهي کي ڀائر ڪري لکيو ويو آهي. پر اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ اهي ٻئي اڳا ڀائر هئا يا سڳا يا منجهن ڪو ٻيو رشتو هو ۽ ڪن روايتن پٽاندڙ سندس ڪوڙ پاءُ ڪونہ هو. بهرحال سندن تخت يمن ملڪ ۾ عدن نالي هنڌ ۽ ان جي آسپاس جو پرڳڻو هو. اهي ٻئي بادشاهہ سڄي دنيا ۾ لشڪر، فوج، مال، ملڪيت، نٽ ٺانگر جي لحاظ کان مڙني کان طاقتور هئا ۽ 400 کان وڌيڪ بادشاهہ سندن مطيع ۽ فرمانبردار هئا ۽ کين خراج (ٽيڪس) ڏيندا رهندا هئا. دنيا جي ڪنهن بہ بادشاهہ ۾ ايتري همت ڪانہ هئي جو هنن جي اڌ لشڪر سان مقابلو ڪري سگهي. وڏا وڏا بادشاهہ سندن رعب ۽ دٻدٻي کان متاثر هئا. ٻنهي جو سڄي دنيا جي حڪومتن تي ڌاڪو ڄميل هو. هي ٻئي دنيا تي جاهہ و جلال سان حڪومت هلائي رهيا هئا تہ اُمالڪ شديد شهنشاهہ جو لاڏاڻو ٿي ويو ۽ حڪومت جون واڳون شداد شهنشاهہ جي هٿ ۾ آيون ۽ پاڻ تخت نشين ٿيندي ئي حڪومت کي انتهائي ترقي ونرائي ۽ انهيءَ کي اوج تي پهچايو. تنهنڪري دولت ۽ طاقت جي نشي کيس ڏاڍو هٺيلو، هوڏي، مغرور ۽ بددماغ بڻائي ڇڏيو. تان جو خدائي دعويٰ ڪري ويٺو. جنهنڪري سندس خدائي دعويٰ تي انهيءَ زماني جي مصلحن، مولوين، واعظن، عالمن ۽ دين جي داعين جيڪي حضرت نوح عليہ السلام جي سچي دين تي ثابت قدم هئا، کيس ڏاڍو سمجهايو ۽ خدائي دعويٰ کان توبهہ ڪرڻ واسطي چيائونس تہ ”خدا جو خوف ڪر! ۽ خدا جيڪي ڪجهہ توکي عزت، دولت،

۽ عالمن کان بهشت ۽ ان جي نعمتن بابت پڇڻ لڳو تہ بهشت ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ۽ ڪهڙي قسم جون نعمتون هونديون. عالمن سندس سوال جي جواب ۾ بهشت جون بي شمار نعمتون، لذتون، فرحتون ۽ انعام اڪرام ٻڌايا، جيڪي انهن اڳين نبين جي واتان ٻڌا هئا. وڌيڪ ٻڌايائونس تہ بهشت ۾ بيحد خوبصورت حورون ۽ خدمت واسطي غلمان هوندا. کير، ماکي ۽ شراب جون نديون پيون وهنديون هر قسم جا ميوا هوندا. لذيذ طعام هوندا. بهشت جا محل ۽ ماڙيون ۽ وڻ ۽ انهن جا پن سون ۽ چانديءَ جا هوندا. بهشت جي وچ ۾ هڪ خوبصورت بازار هوندي، جنهن جو تصور ڪرڻ ۽ مثال قائم ڪرڻ دنيا ۾ محال آهي. اهڙيءَ طرح انهن عالمن ڪي بهشت جي باري ۾ جيڪا بہ ڄاڻ هئي، سا سڀ شداد کي تفصيل سان ٻڌايائون. انهن سڀني ڳالهين کي ٻڌي شداد هيئن چيو تہ:

”واهہ ڙي واهہ! مون ٻانئيو هو تہ اهو بهشت الائي ڪهڙو هوندو ۽ الائي منجهس ڪهڙيون عجيب ۽ غريب شيون هونديون، جيڪي ڪنهن بہ انسان هيستائين نہ ڏٺيون هونديون ۽ نہ ڏٺيون هونديون. جيڪڏهن توهان جي خدا جو اهوئي بهشت آهي تہ پوءِ مون کي اهڙي بهشت جي ڪا ضرورت ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ اهڙو بهشت مان دنيا ۾ پنهنجي سلطنت منجهہ بہ ٺاهي سگهان ٿو.“

عالم ۽ واعظ شداد جي اها ڪوَت ۽ جهڳ ٻڌي ماٺ ٿي ويا ۽ سمجهي ويا تہ هيءُ بنهہ گمراهہ ٿي چڪو آهي ۽ اسان جي ڳالهہ ڪڏهن بہ ڪونہ مڃيندو پوءِ شداد سان وڌيڪ بحث ڪونہ ڪيائون ۽ انهيءَ ڳالهہ کان ڊڄڻ لڳا تہ خدا سان ٽڪر کائڻ جي ڪري سگهو ئي شداد تي ڌٽيءَ جو ڏمر ٽيندو! عالمن جي وڃڻ کان پوءِ شداد مولا سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ دنيا ۾ بهشت ٺاهڻ جو منصوبو ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو. تنهنڪري شداد پنهنجي طئہ ٿيل پلان مطابق پنهنجي خاص ۽ معتبر سردارن مان 100 چڱن کي چونڊيو ۽ ساڻن پنهنجي اسڪيم جي باري ۾ مشورو ڪيائين. پوءِ انهن مان هرهڪ سان گڏ 100 اهڙا قابل انجنيئر مقرر ڪيائين، جيڪي تعمير جي فن ۾ وڏا ماهر ليکيا ويندا هئا. جن کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هاسيڪار گهرائي هڪڙي هنڌ گڏ ڪيو ويو هو. پوءِ انجنيئرن کي ڪيترائي ڪاريگر ڏنا ويا ۽ هڪڙي ڪاريگر کي وري ڪيترائي ڪمي ۽ مزدور ڏنا ويا. جڻ تہ بهشت ٺاهڻ واسطي هڪ اهڙو ڪاتو کوليو ويو، جنهن ۾ لکين ماڻهو هئا. ڪيترائي شعبا هئا. هر شعبي جو ڌار ڌار ڪم هو. ڪنهن شعبي وٽ اڏاوت جو ڪم هو تہ ڪنهن شعبي وٽ نقشن ٺاهڻ جو ڪم هو تہ ڪنهن شعبي وٽ گلڪاريءَ جو ڪم هو تہ ڪنهن شعبي

وٽ چنسائيءَ جو ڪم هو. ڪنهن شعبي وٽ گهڙائيءَ جو ڪم هو تہ ڪنهن شعبي وٽ جڙاوت جو ڪم هو. ڪنهن شعبي وٽ سپلائي جو ڪم تہ ڪنهن شعبي وٽ وٺڪاريءَ جو ڪم هو. ڪنهن شعبي وٽ ڪاٺ پيٺ جي شين جو سامان تہ ڪنهن وٽ آرائش ۽ زيبائش جو ڪم هو. ڪنهن شعبي وٽ ڊيڪوريشن جو سامان هو تہ ڪنهن شعبي وٽ سڳنڌ، سرهاڻ ۽ هبڪار جو سامان هو. ڪنهن شعبي وٽ حساب ڪتاب جو ڪم هو تہ ڪنهن شعبي وٽ خرچ پکي جي جانچ پڙتال ۽ چڪاس جو ڪم هو. ڪنهن شعبي وٽ رنگ روغن جو ڪم هو تہ ڪنهن شعبي وٽ سوجهري ۽ روشنيءَ جو ڪم هو. بهرحال بهشت ٺاهڻ لاءِ ڪيترائي شعبا ۽ ڪاتا کلي ويا هئا. ان کان پوءِ شداد دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود مڙني بادشاهن، راجائن ۽ حڪمرانن ڏانهن شاهي فرمان موڪليو تہ جنهن وٽ جيترو ناڻو، سون ۽ چانديءَ جون ڪاٺيون هجن سي هڙيئي هاتين، اٺن ۽ گهوڙن تي ڪٽي منهنجي ملڪ ڏانهن روانو ڪن. شاهي فرمان جي ترت تعميل ڪئي ويئي ۽ لکن جي تعداد ۾ هاٿي، اٺ، گهوڙا ۽ خچر سون ۽ چانديءَ سان لڏيل شداد جي ملڪ ۾ پهچڻ شروع ٿي ويا. پوءِ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ کي حڪم ڏنائين عدن جي آسپاس موجود پهاڙن جي ويجهو هڪ وڏو پيلو آهي، ان مان 40 ڪوهہ چورس ميٽر ايراضي ڪنئي وڃي (ياد رهي تہ اڄڪلهہ جي حساب سان ڪوهہ 3000 وال يعني 2 ميل ٿئي ٿو. تنهنڪري 40 ڪوهہ چورس ميٽر اٽڪل 360 ميل ٿيندا) ۽ انهيءَ تي بهشت جو بنياد ۽ پيڙهہ جو پٿر رکيو وڃي ۽ ان جو نالو "ارم" رکيو وڃي. جنهنڪري ائين ئي ڪيو ويو ۽ ان جو بنياد ايتري قدر تہ اونهو کوٽيو ويو جو جر تائين پهچي ويا ۽ پوءِ انهيءَ سڄي حصي کي سنگ سليماني (جيڪو هڪ خاص قسم جو ڪاري رنگ جو قيمتي پٿر ٿيندو آهي) سان پرڻايائون. جڏهن بنياد پرچي زمين جي مٿاڇري برابر ٿي ويو تہ شداد شهنشاهہ اعظم جي حڪم پٽاندر زمين تي سون ۽ چانديءَ جي سرن سان فرش ٺهرايو ويو. اهڙي طرح هڪ سر سوني تہ ٻي روپي (چاندي) هنئي ويئي. اهڙي ريت بهشت جون پٽيون بہ سونين ۽ روپين سرن سان ٺاهيون ويون. انهن پٽين جي ديگهہ ان زماني جو وال سان 500 وال رکي ويئي. پٽيون اهڙيون تہ سهٽيون ۽ چمڪندڙ هيون جو جڏهن سج نڪرندو هو تہ ان جي ڪرڻن سان پٽيون اهڙيون تہ روشن ۽ چمڪندڙ لڳنديون هيون جو اکيون ٽي نڪتيون. پر انهن تي ڪو نظر ڄمائي بہ ڪونہ ٿي سگهيو. پوءِ انهيءَ عاليشان بهشت ۾ 1000 محل اڏرايا ويا ۽ هر محل ايترو تہ وڏو هو

جن ۾ فوج جو هڪڙو جٿو هر وقت
محل جي حفاظت واسطي موجود رهندو
هو.

پوءِ جڏهن بهشت جي سموري
اڏاوت پوري ٿي ته شداد شهنشاهه
حڪم ڏنو ته سڄي بهشت ۾ ريشم
جا اٽيل غاليچا وڇايا وڃن ۽ ان جي
بازار ۽ دڪانن کي زر بخت (هڪ
خاص قسم جو ريشمي ڪپڙو، جنهن
جي اٽڻ ۾ سون ۽ چانديءَ جي تار
استعمال ٿيندي آهي) جي پڙدن سان
سينگاريو وڃي. هڪدم حڪم جي
تعميل ڪئي ويئي، جنهن سان بهشت
جي خوبصورتي اڳي کان به واڌاري ٿي
ويئي. مطلب ته 100000 (هڪ لک)
اُستن، ڪاريگرن، ڪمين ۽ مزدورن
تمام گهڻي جاکوڙ ۽ پتوڙ کان پوءِ 3
سئوسالن (ٽن صدين) جي ڊگهي مدت
۾ ان عظيم الشان بهشت کي مڪمل
ڪري ڇڏيو. هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رهي
ته انهيءَ زماني ۾ ماڻهن جي ڄمار
700 يا 800 سالن ۽ ڪن جي انهيءَ
کان به وڌيڪ هوندي هئي. جيئن
مشهور آهي ته حضرت نوح عليه السلام
جي ڄمار 1050 ورهيه هئي.

بهشت جي تياري بعد شداد
شهنشاهه سڄي دنيا ۾ پڙهو ڏياريو ته
فلاڻي تاريخ ۽ فلاڻي ڏينهن ”ارم شهر“
جو افتتاح ٿيندو ۽ شهنشاهه اعظم
بهشت ۾ داخل ٿيندو! تنهنڪري مڙيئي
ماڻهو اتي شهنشاهه اعظم جي مانائتي
آڌرياءَ ۽ آجياڻي واسطي گڏ ٿين ۽ پوءِ
سلطنت جا مڙيئي ارڪان ۽ قوم جي
وڏن وڏن رئيسن ۽ نوابن کي حڪم ڏنو
ته اهي پڻ فلاڻي تاريخ تي چڱي طرح
ٺهي سنيري سهڻا ويس وڳا پائي،
خوشبوءِ لڳائي محل وٽ پهچي وڃن.
جنهنڪري جڏهن مقرر تاريخ تي مڙني
مملڪتن جا بادشاهه ۽ راجا ۽ اراڪين
سلطنت اچي سهڙيا ته شهنشاهه اعظم
به نهايت شان و شوڪت، نت نانگر
سان تيار ٿي هاٿيءَ تي سوار ٿي ۽
تمام وڏي اٽالي کي وٺي ارم شهر
(شداد جي بهشت) ڏانهن هلڻ لڳو.
شداد جو اهو جلوس ۽ جشن قديمي
يادگارن مان هڪ يادگار هو. جنهن ۾
سڄي جڳ جهان جون طاقتور فوجون
نهايت ئي مسرت ۽ جوش سان آپ
ڏاريندڙ نعرا هڻنديون درياهه جي ڇولين
وانگر تيزيءَ سان ”ارم شهر“ ۾ داخل
ٿيڻ لاءِ وڌنديون وڃي رهيون هيون.
هرڪو ماڻهو اهڙو ته سنواريل،
سينگاريل ۽ سنيريل نظر اچي رهيو هو
جو ڄڻ اڄ عيد جو ڏهاڙو نه. پر ان کان
به ڪو وڏو مارڪو (خوشيءَ جو
ڏينهن) آهي ۽ حقيقت ۾ ائين ئي ٿيڻ
گهربو هو، ڇاڪاڻ ته جنهن ”باغ ارم“
جي تياريءَ ۾ دنيا جي ڪيترين ئي
سلطنتن ۽ زمين آسمان جا خزانا خرچ
ٿي ويا هجن، اهو واقعي ڏسڻ ۽ پسڻ
جي لائق هو.

شداد شهنشاهه رستي ۾ پاڻ سان
گڏ عالمن ۽ واعظن کي پڻ کنيو هو.
جيڪي کيس خدا تعاليٰ کان ڊيڄاريندا
۽ توبهه جي تلقين ڪندا رهن پيا. پر
هوهڪڙي نظر پنهنجي عظيم الشان

سهڻي عمل ۾ نياڳ پوندو ۽ شهنشاهه معظم پڻ ناراض ٿي پوندو. تنهنڪري تون هتان ٽري وڃ. نه ته مان سپاهين کي حڪم ڪندس جي توکي ڇڪي ٻاهر ڪيندا. فقير (ملڪ الموت) ڪمانڊر جي للڪار ٻڌي جهڪيو. پوءِ جڏهن منهن مٿي ڪري ڪيس ڏٺائين ته ڪمانڊر کي ڪنڌ ۾ ڌڪ لڳو ۽ پوئتي وڃي ڪريو ۽ ٿڌي تي ئي مري ويو. انهيءَ هلندي شهنشاهه شداد بهشت جي دروازي تي پهچي ويو هو. سندس هڪ پير بهشت ۾ هو ۽ ٻيو ٻاهر ته فقير (ملڪ الموت) اڳتي وڌي سندس سامهون آيو. شداد جڏهن پنهنجي سامهون هڪڙي فقير کي بيٺل ڏٺو ته حيران ٿيو ۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ اچي چيائينس "تون ڪير آهين؟ ڪهڙو ڪم اٿئي؟ توکي شرم نٿو اچي! حيف هجئي! منهنجن ماڻهن توکي رستي ۾ ڪونه روڪيو؟ وڏو گستاخ ۽ بي ادب نظر ٿو اچين! توکي هتي اچڻ جي همت ڪيئن ٿي؟ توکي خبر ڪانه آهي ته اڄ مان جنت ارم جو سير ڪرڻ آيو آهيان! چنڊا! تون وري منهنجو گس جهليو بيٺو آهين! داد فرياد جو هيءَ ڏينهن ناهي! جو اچي اڳ وٺي بيٺو آهين؟ تو اڄ اهڙي حرڪت ڪئي آهي، جو سخت سيڪت جي لائق آهين!"

فقير (ملڪ الموت) ورائيو "آئون ڪير آهيان؟ ڪٿان آيو آهيان؟ تون مون کي نٿو سڃاڻين! تون منهنجو واقف ناهين! منهنجي نالي وٺڻ سان ڌرتي ڏٻي ويندي آهي! ارمانن جو خون ڪرڻ منهنجو ڪم، هيئنرن نپوڙڻ منهنجو ڪم، رڳن مان ساهه ڪڍڻ منهنجو ڪم، گهر گهر ۾ ڪهرام مچائڻ منهنجو ڪم، وڇوڙو وجهڻ منهنجو ڪم، چورو چنو، ننڍٽڪو ڪرڻ منهنجو ڪم! رت روئارڻ منهنجو ڪم! ٻائيتال ٻارڻ منهنجو ڪم! لڙڪ وهارائڻ منهنجو ڪم! هنجون هارائڻ منهنجو ڪم! ويڙهن ۾ واويلا مچائڻ منهنجو ڪم! ٻت مان ست ڪڍڻ منهنجو ڪم! منهنجي نانءُ وٺڻ سان وار ڪانڊارجي ويندا آهن! مان آهيان ملڪ الموت! تنهنجو نالو آهي شداد! ٿيندين اڄ تون برباد! تون هيئن دنيا ۾ شهنشاهن جو شهنشاهه! ڇڏيندين سڀ هتي، سلطنتون ۽ سپاهه!

هيءَ هيبتناڪ آواز ٻڌي شداد ڏڪي ويو ۽ سندس ٻت رڙڻ لڳو. ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏڪڻي وٺي ويس. بدن جا وار ڪانڊارجي ويس. منهن هيڊو ٿي ويس. منهن مان مٽيا نڪري ويس. هيئنرن هارجي ويس. اکين اڳيان اونداهه اچي ويس ۽ گوڏن ڀر ڪري پيو. عزرائيل عليه السلام پنهنجي اصلي صورت ڏيکاريس ته ٻت مان ست نڪري ويس ۽ حسرت ڀريل دل سان چيائين "جيڪر! مون کي ٿوري مهلت ڏين ته جنت مان هڪڙي جهاتي ته پائي اچان. منهنجي اميدن ۽ خواهشن جو

خون نہ ڪر!“

ملڪ الموت چيس تہ ”آئون انهيءَ حقيقي معبود جو تابع آهيان. سندس حڪم ڪان آئون ڪن ٿار نٿو ڪري سگهان. مون کي جيئن حڪم ڪندو آهي، تنهن جي ترت تعميل ڪندو آهيان ۽ انهيءَ ۾ اک ڇنڀ جي بہ دير نہ ڪندو آهيان. آئون هڪڙو پل بہ توکي مهلت نٿو ڏيئي سگهان ۽ اتي جو اتي تنهنجو روح قبض ڪندس!“

تيئن شداد نامراد دم ڏنو ۽ سڀ حسرتون، اُمنگون ۽ ارمان دل ئي دل ۾ پاڻ سان کڻي ويو. بهشت جي دروازي جي چانئٺ تي هڪڙو پير اندر ۽ ٻيو ٻاهر هئس تہ سندس روح جو پکي پرواز ڪري ويو. خدا سان ٽڪر کائڻ جو اهو انجام ٿيو. مولا سان مهاڏو اٽڪائڻ وارن جي پڇاڙي ڏاڍي بڇڙي ٿيندي آهي. اسان کي انهيءَ مان عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي تہ اسان الله تعاليٰ جي حڪمن جي ڪيئن نہ پچڪڙي ڪري رهيا آهيون. جڏهن اجل ايندو آهي تہ هڪڙو پل بہ اڳتي پوئتي نہ ٿيندو آهي.

تاريخ جي ڪجهہ ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ هڪڙي ڀيري الله تعاليٰ عزرائيل عہ (ملڪ الموت) کان پڇيو تہ ”تون دنيا ۾ بي شمار انسانن جو روح قبض ڪندو رهين ٿو پلا ٻڌاءِ ڪڏهن ڪنهن تي ڪا ڪهل ۽ ڪهڪاءُ بہ آيئي يا نہ؟“

حضرت عزرائيل عليہ السلام وراڻيو تہ ”مالڪ سائين! جڏهن بہ تو مون کي ڪنهن جي روح قبض ڪرڻ جو حڪم ڪيو هوندو تہ مون انهيءَ تي ڪوبہ رحم نہ کاڌو. سواءِ ٻن موقعن تي. جيڪڏهن تنهنجو حڪم نہ هجي ها تہ آئون ڪڏهن بہ انهن جو ساهہ ڪونہ ڪڍان ها!“

الله تعاليٰ پڇيس تہ ”اي عزرائيل! اهي بہ موقعا ڪهڙا هئا، جن تي توکي روح قبض ڪرڻ تي ترس ٿي آيو؟“

عزرائيل عہ عرض ڪيو تہ ”يا رب ڪريم! هڪ انهيءَ موقعي تي جڏهن سامونڊي طوفان وڳهي هڪڙي ٻيڙي اونڌي ٿي پيئي هئي ۽ هڪ زائفان جيڪا پيٽ سان هئي، ٻيڙي جي ڀڳل ڦرهي تي پنهنجي جان بچائي. انهيءَ حالت ۾ ڪيس ويم جا سور اچي ٿيا ۽ اها وچ سير ۾ اڪيلي زائفان ذات بيوس ۽ لاچار واهر واسطي واجهائي رهي هئي. تان جو گهڻي تڪليف کان پوءِ ڪيس هڪ ٻار ڄائو. انهيءَ مهل مالڪ سائين تو مون کي حڪم ڏنو تہ جهٽ پٽ وڃي انهيءَ عورت جو روح قبض ڪر! تہ آئون انهيءَ مهل ڏڪي ويس تہ هڙيءَ حالت ۾ مالڪ سائين مون کي ويچاري مائيءَ جو ساهہ ڪڍڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي. انهيءَ ابهم ۽ معصوم ٻار تي مون کي ڏاڍو رحم آيو.

۽ ٻيو ان موقعي تي جڏهن شداد، سڄي دنيا جا خزانا پنهنجي بهشت

بڻائڻ ۾ لڳائي ڇڏيا. سموري دنيا جا ڪاريگر، انجنيئر ۽ تعمير جي فن جا ماهر ڪٺي گڏ ڪيائين ۽ کين هڪ خوبصورت جنت جوڙائڻ جو حڪم ڏنائين ڪيترين صدين بهشت بنائڻ ۾ لڳي ويس. شداد پنهنجي بهشت جي مڪمل ٿيڻ لاءِ ڏاڍو اتاولو هو. پر ٽن صدين جي مدت کان پوءِ جڏهن دل کي وڻندڙ، من موهيندڙ، هينئين کي هرڪائيندڙ جنت نهي راس ٿي ته شداد پنهنجي طاقتور فوج سان وڏي ڌام ڌو، ۽ لاڏ ڪوڏ سان، ڳائي وڄائي پنهنجي عاليشان جنت کي ڏسڻ واسطي اجا مس دروازي تي پهتو ته مالڪ سائين تو انهيءَ مهل مون کي سندس ساهه ڪڍڻ لاءِ حڪم ڏنو ته ان وقت مون کي متس ڏاڍي ڪهل آئي. جو ته هن جنت ۾ اجا مس پير پاتو هو. سندس هڪڙو پير اندر ۽ ٻيو ٻاهر هو. پنهنجي منزل کي ٻنهه ويجهڙو هو. پر مالڪ سائين تنهنجو حڪم هو. تنهنڪري ان جي تعميل ڪيم. هو جنت ڏسڻ جي آرزو دل ۾ کڻي مري ويو!"

الله تعاليٰ ارشاد فرمايو "اي عزرائيل! جيڪو تنهنجو پالڻهار چاهي ٿو، سو تون نٿو چاهين. چاڪاڻ ته تو ٻئي پيرا هڪڙي ئي شخص تي رحم کاڌو. اهو شداد نامراد اهوئي ٻار هو. جنهن کي ماءُ سمنڊ جي وچ سير ۾ ڦرهي تي جنم ڏنو هو ۽ اسان ئي ڪيس سواءِ سندس امڙ ابي جي پنهنجي قدرت ڪامل سان پاليو ۽ نپايو ۽ پنهنجين نعمتن ۽ برڪتن سان ايترو ته نوازيوسينس جو روءِ زمين تي سندس مقابلي جو ڪو بادشاهه ڪونه هو. سڄي دنيا جون سلطنتون سندس ماتحت هيون. ۽ سموري دنيا جي حڪمرانن، بادشاهن، سلطانن ۽ شهنشاهن تي سندس حڪم هلندڙ هو. پر هن اسان جي شڪر ڪرڻ بدران ناشڪري ڪئي. هٺ ۽ وڏائي ۾ اچي اسان سان مهاڏو اٽڪائي ويٺو. غرور ۽ تڪبر ۾ ڦونڊجي پيو. تنهنڪري اسان ڪيس منهن ڀر ڪيرايو تان ته دنيا وارا عبرت حاصل ڪن!"

روايتن ۾ اچي ٿو ته جڏهن شداد کي سندس ماءُ سمنڊ جي وچ سير ۾ ڦرهي تي ڄڻيو، تڏهن هوءَ پاڻ مري ويئي ته الله تعاليٰ جي حڪم سان اهو تختو انهيءَ ٻار کي کڻي هڪڙي ڳوٺ جي ڪناري تي پهچي ويو. انهيءَ ڪپ تي هڪ ڌوٻيءَ جو گهاٽ هو جڏهن ڪٺيءَ سمنڊ ۾ ترندڙ هڪڙي تختي تي هڪ زائفان ۽ ٻار کي ڏٺو ته انهيءَ کي ڇڪي ڪپ تي کڻي آيو. ٻار جي ماءُ کي قبر کوٽي جوڙي پوتي ڏيئي ڍڪي ڇڏيائين ۽ ٻالڪ جيئن ته موچارو ملوڪ هو. تنهنڪري ان کي ڳوٺ جي وڏيري وٽ کڻي آيو. جيڪو نانگو نپٽو هو. ٻار کي انهيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيائين. وڏيري جڏهن هڪڙي سهڻي من موهڻي ٻالڪ کي ڏٺو ته گد گد ٿيڻ

ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ مڙني صحابہ ڪرام رضہ وٽ سندس حڪم پهچايو ويو، جنهن ۾ لکيل هو تہ "جيڪڏهن توهان کي حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي اهڙي حديث يا ڪو اهڙو ارشاد مبارڪ معلوم هجي، جنهن ۾ شداد نامراد ۽ سندس جوڙايل جنت جو ذڪر هجي تہ جهٽ پٽ انهيءَ کي اسان ڏانهن لکي موڪليو."

ڪن تفسيرن ۾ ائين بہ لکيل آهي تہ هڪڙو صحابي جنهن جو نالو حضرت ابي بن ڪعب رضہ هو ۽ پاڻ ان وقت جي صحابہ ڪبار رضہ مان هو، روايت ڪري ٿو تہ مون حضور پر نور صلي الله عليہ وسلم کان هڪ حديث ٻڌي، جنهن ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ "منهنجي امت جو هڪ ماڻهو عاد جي قوم جي شهنشاهہ شداد جي بهشت کي ڏسندو ۽ انهيءَ شخص جا پار پتا هي هوندا تہ اهو ڳاڙهي رنگ جو بندرو ماڻهو هوندو ۽ سندس ڪنڌ ۽ پروڻ تي بہ تر هوندا. تنهنڪري جڏهن اهو خط حضرت معاويہ رضہ کي پهتو ۽ پاڻ حضرت عبدالله بن قلابہ رضہ ڏانهن ڏنائين تہ منجهس اهي سيئي اهڃاڻ موجود هئا. انهيءَ تي حضرت معاويہ رضہ هڪڙو لشڪر تيار ڪري حضرت عبدالله بن قلابہ رضہ سان گڏ روانو ڪيو. پر ٿيو هيئن جو جڏهن هي انهيءَ هنڌ پهتا، جتي حضرت عبدالله بن قلابہ رضہ جنت ارم جو ديدار ڪيو هو تہ اتي "ڪاريءَ وارا ڪک" هئا ۽ مڙيئي مايوس ٿي موٽي آيا.

ڪتاب "قصص الانبياءَ" ۾ شداد نامراد جو قصو هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

عاد کي ٻہ پٽ هئا (1) شديد (2) شداد. شديد 700 ورهيہ بادشاهي ڪري گذاري ويو. ان کان پوءِ شداد شهنشاهہ ٿيو. سڄي دنيا سندس تابع ۽ فرمانبردار هئي. خدا جي حڪم سان حضرت هود عليہ السلام کيس هدايت ڪئي تہ خدا تعاليٰ توکي 1000 (هڪ هزار) ورهيہ عمر ڏني. توکي 1000 (هڪ هزار) خزانا ڏنائين. عيش عشرت لاءِ توکي 1000 (هڪ هزار) موچاريون مايون ڏنائين. تون خدا کي هڪ ڪري مڃ تہ آخرت ۾ خدا توکي بهشت ڏيندو. جنهن ۾ بي انداز نعمتون آهن. انهن ڳالهين شداد نامراد تي تر جيترو بہ اثر نہ ڪيو. چيائين تہ اي هود! تون مون کي بهشت جو خوف (لالچ) ڏين ٿو. مان اهڙو بهشت هن دنيا ۾ ئي ٺهرائي منجهس عيش ۽ آرام سان رهي سگهان ٿو. مون کي تنهنجي خدا جي بهشت جي ضرورت ڪانهي. آخر عرب ملڪ ۾ 40 فرسنگ يعني 60 ڪوهہ زمين سنورائي بهشت ٺاهڻ لاءِ تيار ڪرايائين. جدا جدا ملڪن مان 3000 استاد گهرايائين. هرهڪ استي کي 100

ڪاريگر ڏنائين. 40 وال اونهو آئريو کوٽي اهو سنگ مرمر سان پرايائون ۽ مٿس سون ۽ چانديءَ جي سرن سان پٽين جي اوساري ڪنيائون. ڇت ۽ ٿنڀ زبرجد ۽ سائي زمرد جا ٺاهيائون. شداد جي بهشت جا وڻ سون ۽ روپي (چاندي) جا هئا. ٽاريون ڳاڙهي ياقوت جون. پن سائي زبرجد جا، مٽي مشڪ، عنبر ۽ زعفران جي هئي. کير، ماکيءَ ۽ شراب جون نديون بہ وهايون ويون. ميوي دار وڻ پڻ لڳايا ويا. بهشت ۾ چار ميدان بہ ٺاهيا ويا. هرهڪ ميدان ۾ 100000 (هڪ لک) سون ۽ چانديءَ جون ڪرسيون رکيون ويون. ڪرسين جي اڳيان هزار، هزار دسترخوان رکيا ويا. اهو دل کي وڻندڙ ۽ من موهيندڙ بهشت 300 ورهين ۾ ٺهي راس ٿيو. انهيءَ بهشت جي خرچ لاءِ شداد نامراد ملڪ مان ڏاڍ مڙسيءَ سان سون ۽ چاندي هٿ ڪيو. تان جو هڪ رن زال جي ڇوڪريءَ کي هڪ درم چانديءَ جو گلو بند هو. اهو بہ ظالمن نہ ڇڏيو. گهٽيون ئي دانهون ڪوڪون ڪيائين پر ڪنورن ڪونہ ٻڌو. پوءِ ڏٽيءَ در دانهن ڪيائين تہ "اي منهنجا رب! تون منهنجو نياءُ ڪري هن ظالم کي ناس ڪر!" مائيءَ جي اها آهہ عرش ۾ پهچي ويئي. جيئن حديث ۾ آيو آهي تہ "مظلوم جي پٽ پاراتي کان ڊڄو، ڇو تہ اها خدا ٻڌي ٿو."

هن ڪان پوءِ شداد نامراد ساري دنيا مان ڳورا ڳيرو نينگر ۽ موچاريون ملوڪ نينگريون گهرائي بهشت لاءِ غلمان ۽ حرون بڻايائين ۽ 10 سال دمشق مان سنيرندو رهيو تہ وڃي پنهنجو بهشت ڏسان! پر موليٰ کي منظور نہ هو. نيٺ 200 غلام ساڻ ڪري بهشت ڏسڻ لاءِ روانو ٿيو. غلامن ۽ خادمن، نوڪرن ۽ چاڪرن کي اڳواٽ ميدانن ڏانهن موڪليائين ۽ پاڻ هڪ خادم سان گڏجي بهشت جي دروازي وٽ آيو تہ اتي هڪ ماڻهو بيٺل ڏٺائين. پڇيائينس تہ ڪير آهين؟ چيائين تہ "ملڪ الموت!" پڇيائين "ڇو آيو آهين؟" ملڪ الموت وراڻيو "تنهنجو ساهہ ڪڍڻ لاءِ!" شداد نامراد چيس "ٿوري مهلت ڏي تہ بهشت گهمي وٺان." عزرائيل ع چيو تہ "خدا جو حڪم نہ آهي. توکي سڌو دوزخ ۾ هلڻو آهي" شداد نامراد چيس تہ "يلا گهوڙي تان تہ لهڻ ڏي" هن چيو "ائين بہ نہ ٿيندو!" نيٺ هڪ پير رڪاب ۾ ۽ ٻيو پير بهشت جي دروازي تي هئس تہ سندس روح قبض ٿي ويو ۽ وڃي دوزخ ۾ ڪريو. هڪ ملائڪ اهڙي تہ هينئون ڦاڙيندڙ ڪوڪ ڪئي جو آهي خادم بہ انهيءَ مهل اُتي مري پيا ۽ وڃي ساڻس دوزخ ۾ مليا. پوءِ الله جي حڪم سان انهيءَ عظيم الشان بهشت کي زمين ڳيهي ويئي.

خالد نوراني

# موت جي مشاهدي جون حالتون



قسط

موت کان پوءِ ماڻهن سان پيش آيل عجيب لقائن بابت عجيب ڪٿائون پڙهندا. ليکڪ هيءَ حيرت ڀريو احوال اهڙي نموني تہ ڪوٺي بيان ڪيو آهي جو پڙهندڙ وقت کان بيخبر ٿي، پٽرائجي حيرتن جي سمنڊ ۾ هليو وڃي ٿو. ليکڪ هن لکت ۾ موت جي مشاهدي جون حالتون ۽ ان جي درجابندي نهايت چٽي نموني واضح ڪئي آهي. انساني زندگيءَ متعلق عجيب مخفي دنيا جي اسرارن جي آگاهي بابت لکيل هھڙيون لکتون روز روز پڙهڻ لاءِ ناهن ملنديون. اميد تہ ڪرزما ڊائجيسٽ ۾ پيش ٿيندڙ هن سلسلي جي من موهيندڙ، عجيب اسرار ۽ مخفي راز افشان ڪندڙ تحرير توهان کي ضرور پسند ايندي.

**انهن ماڻهن جو احوال، جيڪي موت کان پوءِ جي واقعن جو مشاهدو ڪري واپس دنيا ۾ آيا**

**جارج** روڊونائيا ( George Rodonaia) روس جي سابق رياست جارجيا (سويت يونين جي ٽٽي وڃڻ کان پوءِ جارجيا هاڻ الڳ ملڪ آهي) جي گادي جي شهر تبليسي (Tbilisi) جو رهاڪو هو. هيءَ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سخت مخالف هو. 1976ع ۾ هن کي قتل ڪرڻ لاءِ روس جي مشهور

منجهي پوڙ جي، ڪجهه مثبت انداز ۾ سوچي. ان سوچ سان گڏوگڏ هن کي اڻين لڳو چڻ هو ڪنهن اونداهي سرنگهه منجهه هجي. ڪيس ڪجهه ڏور روشني جا ترورا نظر اچي رهيا هئا. روشنيءَ جا ترورا دونهين جي گولن يا ڇلن وانگر هيٺ مٿي اچي وڃي رهيا هئا. انهن گولن ۽ ڇلن ۾ نهايت ئي خوبصورت پر حيران ڪندڙ ترتيب هئي. هيءَ چوي ٿو:

"مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي دلڪشي ۽ خوبصورتي پهرين ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي، جيڪا آئون ان وقت انهيءَ روشنيءَ کي هڪ ترتيب سان گولن ۽ ڇلن جي صورت ۾ هيٺ مٿي ايندي ۽ ويندي ڏسي رهيو هوس. انهيءَ روشنيءَ کي ڏسڻ سان بيحد خوشيءَ جو احساس پئي ٿيو. مون کي ازخود اهو پتو پئجي ويو هو تہ ان روشنيءَ کي ان مٿانهين دنيا منجهه هڪ طاقت آهي. جيئن جيئن ان مٿانهين دنيا جا درجا وڌندا وڃن ٿا تيئن تيئن ان روشنيءَ جي سگهہ بہ وڌيڪ ٿيندي وڃي ٿي ۽ ان سگهہ جي آخري حد خدا آهي. ڪائنات جي هر شيءِ ان خدا جي حڪم سان هلي رهي آهي. منهنجي اها مثبت سوچ منهنجي اندر هڪ سگهہ پيدا ڪري رهي هئي. مون پنهنجي نفسيات جي ڊگريءَ کي پندرهن سال پهرين حاصل ڪيو هو. پوءِ بہ مون وٽ ڪي لفظ نہ آهن جو آئون ان ڪيفيت کي بيان ڪري سگهان. اُن خوشيءَ جي ڪا حد نہ هئي. اتي بس خوشيءَ جو اڻ کٽ احساس هو. ان وقت مون کي پنهنجي جسماني بدن جو خيال آيو. ان سوچ ڪرڻ سان ئي آئون ان محل ئي ان اسپتال جي سرد خاني جي اندر پهچي ويس. اتي مون پنهنجي اگهاڙي، ڏڪيل، زخمن سان چور لاش کي لوهي ڪبٽ جي خاني ۾ برف جي سر مٿان پيل ڏٺو. مون ان محل سوچيو تہ "آئون واپس پنهنجي ان گندي جسم ۾ وڃڻ ڪونہ ٿو گهران." ۽ مون اتان هٽي وڃڻ ٿي چاهيو، پر ڪنهن نامعلوم طاقت مون کي مجبور ڪيو تہ آئون ڪجهه دير وڌيڪ اتي رهان ۽ چوڌاري نهار ڪريان. منهنجي لاش واري پيل ڪبٽ جي خانن ۾ پيل هر لاش کي چٽيءَ طرح ڏسي رهيو هئس. اتي جيتوڻيڪ سخت اوندهہ هئي، پر پوءِ بہ مونکي هر شيءِ چٽيءَ ريت نظر اچي رهي هئي. مون ڏٺو تہ مون کي ان ڪار ۾ وينل هر ڪي.جي.بي (B.G.K) جي ايجنٽن جي خيالن جو پتو پيو پوي، جهڙوڪ آئون ڪنهن ڪتاب وانگر انهن ماڻهن جا خيال پڙهندو هجان. اهي جيڪو ڪجهه سوچي رهيا هئا تن سڀني جي خيالن جو مون کي پورو ادراڪ ٿي رهيو هو. اڻين پئي لڳو چڻ آئون انهن ماڻهن جي اندر پهتل هئس. مون ان وقت پنهنجي گهر واريءَ کي بہ ڏٺو جيڪا منهنجي لاش کي دفنائڻ لاءِ ڪوٽيل قبر ڏسڻ لاءِ قبرستان وڃي رهي هئي. مون ڪيس اهو بہ سوچيندي ڏٺو تہ منهنجي مرڻ بعد هو ڇا ڪرڻ جو سوچي رهي هئي."

هن کي ان مهل اها ضرورت محسوس ٿي تہ هو ڪائنات جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري ۽ انهيءَ ئي مهل هن کي لڳو ڄڻ ڪائنات جي پيدائش ۽ ان جي تاريخ جو هر ذرو ۽ گوشو سندس آڏو ظاهر ٿي پيو. هن تاريخ جي هر دور کي سندس شروعات کان وٺي ان جي خاتمي تائين ڏٺو. هن کي ڏيکاريو ويو تہ ائٽم ۽ ماليڪيول ڪيئن نهن ٿا. هن ان وقت دنيا جي مختلف ڪاليجن ۽ يونيورسٽين بابت سوچيو جتي زنده هئڻ جي وقت ڪيس انهن منجهہ داخلا وٺڻ جي شديد تمنا هئي. هن ان گهڙيءَ پنهنجو پاڻ کي دنيا جو سير ڪندي ڏٺو ۽ هڪ ئي وقت پنهنجو پاڻ کي لنڊن ۽ ماسڪو جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين اندر بيٺل محسوس ڪيو.

"آئون ان وقت هر جاءِ تي لمحن اندر پهچي سگهيس ٿي. مون دنيا ۾ موجود ماڻهن سان رابطي لاءِ ڪوشش ڪئي. مون کي لڳو تہ ڪجهہ ماڻهن منهنجي موجودگيءَ کي محسوس ڪيو پئي، پر ڪير بہ منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهيو. ان وقت مون سوچيو تہ مونکي بائيبل ۽ فلسفي بابت ڄاڻڻ کپي. ان حالت ۾ توهان جنهن شيءِ جي صرف خواهش ڪندا آهيو تہ اها شيءِ خودبخود اچي توهان جي جهوليءَ ۾ پوندي آهي. توهان کي صرف سوچڻو آهي ۽ اها شيءِ ڪنهن نامعلوم طريقي سان توهان جي آڏو اچي ويندي. مون بائيبل جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سوچيو. آئون يڪدم ماضيءَ ۾ موٽي ويس. مون حضرت عيسيٰ ۽ سندس گفتگو ٻڌڻ ٻڌي. ڪين ڪائيندي پيئندي ڏٺو. ان وقت منهنجي ڪابہ جسماني حيثيت ڪونہ هئي. آئون ان وقت صرف شعور جي ڪيفيت ۾ هئس. جيڪڏهن مون ڪنهن ڳالهہ کي نہ ٿي پئي سمجهيو تہ هڪدم ان جي سمجهاڻي منهنجي آڏو اچي ٿي وئي. جيتوڻيڪ اتي ڪوبہ پڙهائڻ وارو ڪونہ هو ۽ نہ وري ڪنهن استاد مون سان پئي ڳالهايو. مون ان جاءِ تان عظيم روم ۽ بابل جو دور پڻ ڏٺو. مون کي حضرت نوح ۽ حضرت ابراهيم جو زمانو پڻ ڏيکاريو ويو. مون ان حالت ۾ جنهن دور جو صرف سوچيو ٿي اهو دور ان مهل ئي اکين اڳيان اچي ٿي ويو."

جارج روڊونائيا کي ان وقت اها ڄاڻ ملي تہ هو جيترو علم سکڻ چاهي ٿو سو ان وقت هو سکي سگهي ٿو. ڄاڪاڻ جو ان جاءِ تي زمان ۽ مڪان جو اهڙو محدود تصور ڪونہ هو، جيڪو هتي زميني دنيا ۾ آهي. ان جاءِ تي زمان ۽ مڪان جو ڪو وجود نہ هو. ان وقت زمين جي ڪجهہ ڪلاڪن جي برابر وقت ۾ دنيا جي ڪروڙن سالن جي تاريخ کي ڏسي سگهيو هو. ڇو تہ اهو اتي گهڻ پاسائين (Multi Dimen-sional) دنيا منجهہ هو. هيءَ واپس ان اسپتال پهچي ويو جتي هن جو لاش سردخاني ۾ رکيل هو. هي ان اسپتال منجهہ گهمندو ڦرندو ٻارن جي وارڊ منجهہ پهچي ويو. اتي ڏٺائين تہ سندس

هڪ ويجهي دوست جي گهرواريءَ جو تازو ويم ٿيو هو ۽ ان هڪ ٻار کي جنم ڏنو هو. اهو ٻار مسلسل رڙيون ڪري رهيو هو. روڊونائيا کي ائين لڳو ڄڻ ڪيس ڪا اهڙي شڪتي حاصل ٿي وئي هجي، جنهن وسيلي هو ٻار جي اندر جي بہ هر ڪا شيءِ صاف ۽ چٽي ڏسي سگهيو ٿي. ڪيس نظر آيو تہ ان ٻار جي چيلهہ جو هڏو (Hip Bone) ويم جي دوران ڀڄي پيو هو. جنهن جي درد جي ڪري اهو ٻار رڙيون ڪري رهيو هو. هن ان ٻار کي چيو، ”روءُ نہ... ڇاڪاڻ جو ڪنهن کي بہ تنهنجي ان درد جي ڪارڻ جي ڪا ڄاڻ ڪونهي.“ ٻار هن کي ڏسڻ سان روئڻ بند ڪري ڇڏيو. ”اهو ٻار مون کي ڏسي سگهيو ٿي ۽ آئون صرف ان ٻار کي نظر اچي رهيو هوس. ٻار روحن کي عام ماڻهن جي حالت ۾ ڏسي ۽ انهن کي ٻڌي سگهندا آهن.“

تنهن بعد جارج روڊونائيا ان وارڊ کان ٻاهر نڪتو ۽ سندس من ۾ پنهنجي گذاريل زندگي ڏسڻ جو خيال پيدا ٿيو. لمحن اندر سندس سڄي زندگيءَ جو هر واقعو، ٻالپڻ کان وٺي ان ڪار جي ٽڪرجڻ واري وقت تائين، سامهون اچي ويس. اهي واقعا ڪنهن فلم وانگر تيزيءَ سان هن جي نظرن آڏو آيا پيئي. اڳرج جي ڳالهہ اها هئي تہ انهن منظرن جي ڏيکارڻ جي رفتار تمام تيز هئي، پر تنهن هوندي بہ لمحن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جي هر واقعي کي پوري جزئيات سان ڏٺو.

ايتري ۾ هن کي محسوس ٿيو تہ هو پنهنجي جسم ڏانهن ڇڪجي وڃي رهيو هجي ۽ هن جيئن ئي اک کولي تہ ڊاڪٽر کي مٿانهس پوسٽ مارٽم ڪندي ڏٺو. ڊاڪٽر کيس زنده ڏسي رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون. ترت ئي کيس ايمرجنسي وارڊ ۾ نيو ويو. هن جون سيئي پاسيرائيون ڀڳل هيون. هن جو گوشت شديد ضربجي پيو هو. هن جا پير گوشت جا لوٿڙا بنجي ويا هئا. هن کي ٽي ڏينهن لڳا جو هو پنهنجي زبان چڱيءَ طرح وات منجهہ حرڪت ۾ آڻي سگهي. هن جا پهريان لفظ ان معصوم ٻار بابت هئا، جنهن جي چيلهہ جو هڏو ڀڳل هو. ڊاڪٽر انهيءَ وقت ان معصوم ٻار کي ڪڍي ان جو ايڪسري (Ray-X) ڪڍايو ۽ جارج روڊونائيا جي ڳالهہ سو فيصد سچ ثابت ٿي. ٻار جو چيلهہ وارو هڏو واقعي ڀڳل هو. روڊونائيا جو علاج مسلسل نو مهينا ان اسپتال ۾ ٿيو ۽ هيءَ پورو وقت ان اسپتال منجهہ رهيو. هن جي ان نموني معجزاتي طرح بچڻ ۽ ٻار جي هڏي واري ڳالهہ راتورات کيس بيحد مشهور ڪري ڇڏيو. هيءُ ٻڌائي ٿو:

”روس ۾ نفسيات جي موضوع جي نصاب ۾ زندگيءَ ۽ موت جو مطالعو پڻ شامل آهي، منهنجي اهڙيءَ طرح غير معمولي نموني بچڻ ۽ ٻار جي ڀڳل هڏي بابت ٻڌائڻ جو ٻڌي سوين ڊاڪٽر مون کي ڏسڻ آيا. اهي مون کان موت جي مشاهدي بابت پڇندا هئا. جيتوڻيڪ روس جي خفيہ ايجنسي

ڪي.جي.بي (B.G.K) وارا منهنجي مٿان اک رکيو بيٺا هئا، پر ڪين وري مون کي ڇهڻ جي همت ڪانہ ٿي، ڇاڪاڻ جو آئون ايڏو تہ مشهور ٿي ويو هئس جو هر وقت منهنجي چوگرد ماڻهو موجود هوندا هئا."

جارج روڊونائيا وٽ نفسيات جي ڊگري هئي. هن وڌيڪ پڙهيو ۽ مذهبي علمن ۾ ڊاڪٽريٽ (پي.ايچ.ڊي D .P h) جي ڊگري ماڻڻ) ڪري جارجيا آرٿو ڊاڪس چرچ ( Georgea Orthodox Church) جو راهب بڻجي ويو. هيءُ چوي ٿو تہ هن جيڪو موت جو مشاهدو ڪيو هو تنهن ڪيس مذهب ۽ سائنس جي وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏيو آهي. هيءُ هوندن ئي ڪميونسٽ پارٽيءُ جو مخالف هو ۽ هاڻ سندس مذهبي راهب بڻجڻ ڪي.جي.بي. جي ايجنٽن کي ويتر مچرائي ڇڏيو. هاڻ جارج روڊونائيا کي پنهنجي جان لاءِ خطرو وڌيڪ محسوس ٿيڻ لڳو هو. هيءُ پنهنجي خاندان سميت، ماٺ ۾ ماسڪو لڏي ويو ۽ اتي پنهنجو پاڻ کي عام ماڻهن کان لڪائي ڇڏيائين. 1889ع ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ ڪجھ دوستن جي اثر ڪري آمريڪي گورنمينٽ روس جي حڪومت مٿان دٻاءُ وڌو تہ اهي جارج روڊونائيا کي آمريڪا وڃڻ ڏين. 1989ع کان وٺي جارج روڊونائيا آمريڪا جي رياست ٽيڪساس (Texas) ۾ رهي ٿو ۽ اتي جي هڪ وڏي چرچ جو نگران اعليٰ آهي. هيءُ چوي ٿو تہ "ان موت جي ڪيفيت جي مشاهدي ڏسڻ بعد آئون انساني دماغ جي گهرڙن ۽ سندن پيغامن جي رسد ۽ ترسيل جي باري ۾ جارجيا منجهہ ئي ڪم ڪري رهيو هئس تہ جيئن آئون پيدائش ۽ وجود جي باري ۾ دنيا کي ڪولي سمجهائي سگهان." هن کي اهو بہ ڪشف ٿيو آهي تہ هو طبعيات ۽ مابعد الطبيعات جي ماهرن کي گڏ ويهڻ لاءِ هڪ خاص قسم جي اداري جو بنياد وجهي جتي علم جي انهن بنهي شاخن جا ماڻهو ويهي خيالن جي ڏي وٺ ڪري دنيا کي وڌيڪ امن ۽ سڪون وارو بنائي سگهن. هيءُ اڄڪلهہ ان مٿان ڪم ڪري رهيو آهي.

مارگريٽ فيلڊس ڪين (-Marga ret Fields Kean) جو طبي موت 1978ع ڌاري ٿيو. هن پنهنجي روح کي جسماني بدن مان ٻاهر ويندي ۽ هوا ۾ گهندي ڦرندي محسوس ڪيو. هيءَ پنهنجي تجربي کي هيٺين نموني بيان ڪري ٿي:

"آئون دنيا کي هڪ نئين رنگ ۾ ڏسي رهي هيس ۽ محسوس ڪيم تہ ان جا رنگ وڌيڪ تيز ۽ روشن ٿي ويا هئا. مون کي پنهنجي ماءُ ۽ ڏيءُ جا چهرا ان بستري وٽ نظر آيا جنهن مٿان منهنجو بي جان بدن پيل هو. ان وقت منهنجي ٻڌڻ جي صلاحيت تمام تيز ٿي وئي هئي. آئون تمام ڏورانهين جاين جا بہ آواز چٽيءَ ريت ٻڌي سگهيس ٿي. آئون اسپتال جي ان ڪمري اندر هوندي بہ هيٺين منزل تي ٿهيل مريض

جيءَ انتظار گاهه منجهه ٿيندڙ ڳالهيون ڏسي ۽ ٻڌي سگهيس پئي. جيتوڻيڪ منهنجي ڪمري ۽ ان انتظار گاهه جي وچ ۾ ڪوڙ پتيون حائل هيون. آئون نه رڳو اتي موجود ماڻهن جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٻڌي رهي هئس، پر اتي ويٺل ماڻهو جيڪو ڪجهه سوچي رهيا هئا، تنهن جو به مون کي ادراڪ ٿي رهيو هو. ٿوري دير کان پوءِ مون کي ائين لڳو ڄڻ آئون هوا ۾ ترندي ٻاهر اچي وئي هجان. چوڌاري لش ساوڪ پکڙيل هئي، ان ساوڪ جي ٽن پاسن کان هڪ ديوار وانگر ڪا شيءِ هئي جيڪا نهايت شفاف نظر اچي رهي هئي. ان ديوار آڏو هڪ ندي وهي رهي هئي، جنهن جي ڪپ تي هڪ ڊگهو وڻ پڻ بيٺل هو. ان نديءَ جي پويان مون کي نور نظر آيو جيڪو تمام تيز ۽ روشن هو، پر تنهن هوندي به ان روشنيءَ منهنجي اکين کي ڇهنجهايو ڪونه ٿي. ان نور کي ڏسڻ سان اکين کي نهايت سرور ۽ آرام مليو پئي."

مارگريٽ کي ان جاءِ تي هر شيءِ بابت عرفان ٿي رهيو هو. هو چوي ٿي ته ڪيس نه اتي ڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو ۽ نه ڪو وري ڪو بني بشر ڏسڻ ۾ آيس ۽ نه وري ڪو هن کي سندس حياتيءَ جا واقعا ڏيکارڻ وارا منظر سامهون آيا هئا. هو چوي ٿي ته ڪيس ان جاءِ تي بي پناهه محبت ۽ بي حد خوشيءَ جو اهڙو احساس ٿي رهيو هو، جنهن کي هو لفظن ۾ ٻڌائڻ کان لاچار آهي. ان جاءِ تي رڳو علم ۽ ڄاڻ جو ادراڪ ٿي رهيو هو. اتي منطق عدم وجود جي حالت ۾ هئي. اتي رڳو من ۾ هڪ سوال اڀريو پئي ته هو ڪهڙي نموني سڀ کان بهتر خدمت ڪري سگهي ٿي؟"

هن فيصلو ڪيو ته ويڄ (Healer) بڻجڻ ئي اهو ڪم هو جنهن ذريعي ماڻهن جي ڏکن ۽ تڪليفن کي ڇٽائي يا آسان بڻائي سگهي ٿي. سندس اهو فيصلو هڪ غير معمولي فيصلو هو، ڇاڪاڻ جو ڪيس ان پيشي جي باري ۾ ڪا ڄاڻ ڪانه هئي. دنيا ۾ هن وٽ ويڄ ٿيڻ جو مطلب اهو هو ته هو طبي تعليم حاصل ڪري ڊاڪٽر بڻجي، پر تنهن هوندي به ڪيس ان وقت ائين لڳو ڄڻ هو طب متعلق هر شيءِ جي ڄاڻ رکندي هجي. ڪيس ان ڳالهه جو به ادراڪ ٿيڻ لڳو ته هو پنهنجي معصوم ڌيءَ کي پالي نپائي وڏو ڪري ممتا جي جوابداريءَ جو بار لاهي. تنهن بعد مارگريٽ ان سرسبز واديءَ جي حد ٽپي نور وٽ پهتي. نور منجهه داخل ٿيڻ سندس ذهن کي ڄڻ هڪ نئين دنيا ۾ داخل ڪري ڇڏيو.

"اهو نور خود خدا هو. آئون نور سان گڏ بيٺي هيس. مون کي اتي ڏيکاريو ويو ته روح جو معراج ڪيئن ٿئي ٿو. مون کي اتي ڄاڻ ٿي ته مون کي دنيا منجهه واپس وڃڻو هو جتي منهنجي زندگيءَ جو مقصد ماڻهن جي زخمن ۽ تڪليفن کي ڇٽائڻ هوندو."

جنهن وقت مارگريٽ جو روح سندس جسم منجهه موٽي آيو ۽ هن

اکيون کوليون تہ چوڌطرف هلچل مچي وئي. کنهن کي اعتبار نہ پئي آيو تہ کو مارگريٽ وري زنده ٿي موٽي اچي سگهي ٿي. مارگريٽ جيتوڻيڪ ان اسپتال ۾ سخت بيمار هئي ۽ ڪمزوريءَ ڪري اٿڻ ۽ ويهڻ لائق نہ هئي، تنهن هوندي بہ هن اتي ڪيترا ڪرشماتي ڪم ڪري ڏيکاريا. هن جڏهن ٻڌو تہ هڪ زخمي نوجوان جنهن کي ڳچيءَ ۾ بندوق جي گولي لڳي هئي ۽ کيس درد ۽ پيڙا وچان ننڊ نہ پئي آئي تہ هيءَ هڪدم روحاني طور ان زخمي نوجوان جي ڪمري منجهہ پهچي وئي ۽ کيس مٺيءَ ننڊ ۾ سمهاري موٽي آئي. جڏهن هيءَ واپس جسماني حالت ۾ آئي ۽ نرس کي ان بابت ٻڌايائين تہ ان نرس کي اعتبار نہ پئي آيو. جڏهن اها نرس سندس ڪيل دعويٰ جي تصديق ڪرڻ لاءِ ان زخمي نوجوان جي ڪمري ۾ وئي ۽ کيس ستل ڏٺائين تڏهن مارگريٽ جي ان ڪرشمي تي يقين آيس.

هن جڏهن هڪ ٻار جي باهہ ۾ جلڻ بابت ٻڌو تہ ان جي ڪمري منجهہ پهچي وئي. اهو ٻار گورو انگريز هو جيڪو باهہ ۾ سڙڻ ڪري بلڪل ڪارو ڪوئلو بنجي ويو هو. اهو ٻار انتهائي تڪليف ۾ مبتلا هو ۽ کيس مرڻ کان ڊپ پئي لڳو. هن کيس دلداري ڏني تہ موت ڪا خوفناڪ شيءِ نہ آهي ۽ خدا نهايت محبت ڪرڻ وارو هو. جيڪڏهن هو زندهہ رهڻ جي ڪاڻ تڪليف کي برداشت نہ ڪري سگهڻ جهڙو هو تہ پنهنجي موت کي رضا ۽ خوشيءَ سان قبول ڪري، ڇاڪاڻ جو هن جي زندگيءَ جي خلقجڻ جو جيڪو مقصد هو سو پورو ٿي چڪو هو. ڪجهہ ڏينهن بعد اهو ڇوڪرو گذاري ويو. ان ڇوڪري جي موت بعد ان جا ماءُ پيءُ مارگريٽ وٽ آيا ۽ سندس مهرباني مڃيائون ڇاڪاڻ جو ڇوڪري مرڻ کان ڪجهہ وقت پهرين پنهنجن ماءُ ۽ پيءُ کي مارگريٽ سان ملاقات ۽کيس دلداري ڏيڻ بابت ٻڌايو هو. جنهن جي ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ ان ڇوڪري جي من کي موت جي خوف کان نجات ملي هئي. ان مرندڙ ڇوڪري مارگريٽ جو نالو وٺي سندس والدين کي هن بابت ٻڌايو هو. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ مارگريٽ ۽ اهو ڇوڪرو ڪڏهن بہ جسماني طور هڪ ٻئي سان نہ مليا هئا ۽ نہ وري ڪو هنن پاڻ ۾ ڳالهايو هو ۽ نہ وري ڪا نرس سندن وچ ۾ هئي، جنهن ڪنهن نموني ٻنهي جي وچ ۾ رابطو ڪرايو هجي. اهو ڇوڪرو زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش جي وقت انتهائي نگهداشت جي وارڊ ۾ داخل هو، جتي عام ماڻهن ۽ مريضن جي داخلا جي سخت ممانعت هوندي آهي ۽ گڏوگڏ مارگريٽ جي بہ اهڙي جسماني حالت نہ هئي جو هوءَ پنهنجي بستري تان اٿي سگهي. مارگريٽ ان ڇوڪري سان روحاني حالت ۾ ملاقات ڪئي هئي.

تندرست ٿيڻ بعد هن ”نتيجي جو نظام“ (The Result System)

نالي طريقو ايجاد ڪيو آهي، جنهن وسيلي هر ماڻهو پنهنجي اندر جي اهڃاڻ (Inner Knowledge) کي پروڙي سگهي ٿو. هن وقت مارگريٽ ۽ سندس گهر وارو دنيا جي ٻن ڪنڊن منجهه "شفا گهر" (Healing Cen-tres) هلائي رهيا آهن جتي ماڻهن کي تربيت ڏني وڃي ٿي ته اهي پنهنجي اندر جي شڪتي کي ڪيئن پروڙي، پنهنجي ۽ ماڻهن جي فائدي لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿا.

## خودڪشيءَ کان پوءِ ڪيفيت جو مشاهدو

خودڪشي هڪ منجهيل اصطلاح آهي. دنيا ۾ ڪافي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي قومي وقار جي سوچ تحت پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻين ٿا. ڪن جڳهين تي ڪٽر مذهبي ماڻهو "عظيم مقصدن" کي پائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي موت جي حوالي ڪن ٿا ته ڪافي ماڻهو پنهنجين بيمارين ۽ ناڪامين کان بيزار ٿي موت کي ڀَلي لڳائين ٿا. جيتوڻيڪ اهي سڀ ماڻهو اصطلاحي معنيٰ ۾ خودڪشي ڪن ٿا، پر سندن نيتون ۽ مقصد الڳ الڳ هوندا آهن. ٻي مهاڀاري جنگ دوران جاپان جا جنگي پائلٽ، جهاز اڏائي دشمن جي ٽڪاڻن سان وڃي ٽڪرائيندا هئا ۽ اهڙي نموني جان ڏئي دشمن کي سخت نقصان رسائيندا هئا. جڏهن ته ٻئي طرف مسلم دنيا ۾ خودڪش حملا ڪرڻ وارا موجود آهن، جيڪي جسم سان بم ٻڌيو دشمن سان وڃي ٽڪرائين ٿا ۽ انهن کي شديد جاني نقصان پهچائڻ سان گڏوگڏ پنهنجو پاڻ کي به شهيد ڪري ڇڏين ٿا. تامل ٽائيگر جيڪي سري لنڪا ملڪ اندر پنهنجي عليحده وطن لاءِ جنگ ڪري رهيا آهن (هاڻ انهن آزاديءَ جي نعري کي خودمختياريءَ ۾ بدلائي ڇڏيو آهي) تن جي به اهڙي تاريخ رهي آهي ته هو پنهنجي جسم جي چوڌاري بم ۽ بارود ٻڌي، سريلنڪا جي حڪومت جي فوجين ۽ اهم جاين ۽ جڳهين سان ٽڪرائين ٿا ۽ اهڙي ريت پنهنجو پاڻ کي ڌماڪي سان تباهه ڪري سريلنڪا جي حڪومت کي بي انتها جاني ۽ مالي نقصان پهچائين ٿا. اڄ به دنيا ۾ هر هنڌ اهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي ڪنهن اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي باهه ۾ ساڙي رک ڪري ڇڏين ٿا يا بک هڙتالون ڪري پنهنجو خاتمو ڪن ٿا. ليڪن انهن مقصد رکندڙن سان گڏوگڏ هزارين اهڙا به انسان موجود آهن جيڪي پنهنجي ذهني، مالي ۽ گهرو پريشانين يا ناڪامين کان تنگ ٿي پنهنجو انت آڻين ٿا.

هتي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا انهن خودڪشي ڪندڙن کي موت کان پوءِ واري ڪيفيت جو مشاهدو ٿئي ٿو؟ ۽ جيڪڏهن اهي واقعي موت جو مشاهدو ڪن ٿا ته ڇا انهن جي لقائن ڏسڻ ۽ ٻين حالتن جي موت جي مشاهدن ۾ ڪو فرق آهي؟ ڇا عام

مذهبي تعليمن جي روشنيءَ مطابق اهي واقعي مثئين دنيا ۾ خود کي مارڻ جي ڪا سزا پائين ٿا؟ اچو ته هيٺ انهن سوالن جا جواب تلاش ڪريون.

موت ڪان پوءِ جي ڪيفيت جو مشاهدو ڪندڙ ماڻهن جي گهڻائيءَ انهن لقائن کي ڏسي موٽڻ ڪان پوءِ ٻڌايو آهي ته، انهن مشاهدن کي ڏسڻ ڪان پوءِ کين پتو پيو آهي ته هن زميني دنيا منجهه سندن حياتيءَ جو ڪو مقصد آهي جنهن کي پورو ڪرڻ انهن لاءِ لازمي آهي. خودڪشي ڪرڻ جو مطلب اهو آهي، ته آپگهاتي ماڻهو پنهنجي حياتيءَ جي ان مقصد کي اڌ ۾ ڇڏي ڏين ٿا، جيڪا ڳالهه فطرت جي قانونن جي خلاف آهي. انهيءَ سبب ڪري اهي ماڻهو خودڪشيءَ کي سخت ناپسند ڪن ٿا.

ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن جن جو طبي موت حادثن يا قدرتي سببن جي ڪري ٿيو هو ۽ اهي ماڻهو موت جي بعد جي ڪيفيتن جو مشاهدو ڪرڻ ڪان پوءِ هن زميني دنيا ڏانهن واپس موٽي آيا آهن، تن ٻڌايو آهي ته کين ان مٿانهين دنيا ۾ اهو چِٽيءَ طرح باور ڪرايو ويو ته خودڪشي جو فعل انتهائي خراب ۽ قبيح قدم آهي ۽ ان جي مٿانهين دنيا ۾ سزا مقرر ٿيل آهي. جو ته ان فعل ڪري خودڪشيءَ ڪندڙ ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي پورو ڪرڻ بجاءِ انهيءَ کان فرار ٿيڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. هڪ اهڙي ماڻهو جا تاثرات پڙهو:

”مون مٿان ان مٿانهين دنيا ۾ ٻه ڳالهيون آشڪار ڪيون ويون جن جي ڪرڻ جي سخت منع ٿيل آهي. هڪڙي ڳالهه اها آهي ته خودڪشي هرگز نه ڪجي ۽ ٻي ڳالهه ته ڪڏهن به ڪنهن انسان کي قتل نه ڪجي. جيڪڏهن آئون خودڪشي ڪري پنهنجي جان کي ختم ٿو ڪريان ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته آئون پالڻهار جي ڏنل زندگيءَ جي تحفي کي ڌڪاريان ٿو. ٻئي ڪنهن انسان کي ختم ڪرڻ جي به معنيٰ ساڳي آهي ته آئون پالڻهار طرفان ان ماڻهوءَ کي ڏنل حياتي ۽ ان جي مقصد جيٰ تڪميل کي اڌ ۾ روڪي ختم ڪريان ٿو. ان جي معنيٰ اها ٿي ته منهنجو عمل فطرت جي عين خلاف آهي. هونئن به جيڪا زندگي پالڻهار ڏئي ٿو تنهن کي ضايع ڪرڻ جو مون کي ته ڪو حق ڪو نه ٿو پهچي.“

هڪ اهڙي ٻئي ماڻهوءَ جنهن خودڪشيءَ جي ڪوشش ته ضرور ڪئي هئي، پر خوش قسمتيءَ سان سندس زندگي بچي وئي هئي، پر تنهن هوندي به ڪيس طبي موت جي حالت مان گذرڻو پيو هو. جنهن دوران ڪيس موت جو مشاهدو ٿيو. هيءَ ماڻهو ٻڌائي ٿو ته ان مٿانهين دنيا منجهه ڪيس اهڙو تاثرِ مليو ته خودڪشيءَ جي فعل جي سزا ضرور ملڻي آهي ۽ اها سزا ان صورت ۾ به هوندي آهي ته هو مٿانهين دنيا ۾ ٻيهي سندن خودڪشي جي فعل جي ڪري سندن پوئتان بچيل ماڻهن جي زندگيءَ مٿان پيل اثرن،

تڪليفن ۽ ڏکن کي ڏسي ۽ محسوس ڪري تہ جيڪڏهن هو اها خودڪشي نہ ڪري ها تہ هوند هو زنده حالت ۾ پنهنجن پيارن ۽ عزيز اقاربن جي مصيبتن، ڏکن ۽ رنجن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ مدد ضرور ڪري سگهي ها ۽ انهن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري ها جيڪا ڳالهہ هاڻ سندس لاءِ ممڪن نہ هئي.

ڪجهہ ماڻهن اهو ٻڌايو آهي تہ خودڪشي جي فعل کان پوءِ مٿانهين دنيا ۾ پهچڻ بعد کين اهو احساس ٿيو تہ ان خودڪشيءَ واري عمل سندن ڪو بہ مسئلو حل نہ ڪيو هو. مٿانهين دنيا ۾ اهڙن ماڻهن پنهنجو پاڻ کي انهن ساڳين ذهني مصيبتن، پريشانين ۽ ڏکن منجهہ ڏٺو هو، جيڪي هنن کي زنده هئڻ واري حالت ۾ درپيش هيون. انهن ماڻهن جيتري قدر ڪوشش انهن ڏکن ۽ اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ اتي ڪئي پئي اوترو وڌيڪ انهن ڏکن ۽ رنجن جو احساس کين ٿيو پئي.

هڪڙي عورت جنهن خودڪشي جي ڪوشش تہ ضرور ڪئي هئي پر سندس زندگي بچائي وئي، تنهن کي ان حالت دوران موت جي ڪيفيت جو مشاهدو ٿيو هو سا ٻڌائي ٿي تہ، ڪيس لڳو تہ ان مٿانهين دنيا ۾ وقت بيٺل هو ۽ هن پنهنجو پاڻ کي اتي بہ ان ساڳيءَ مصيبت ۾ مسلسل ڦاٿل ڏٺو جنهن مان نڪرڻ ڪاڻ هن خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان مٿانهين دنيا ۾ سندس انهيءَ خودڪشيءَ کان

پهرين جون حالتون وري وري ڪري رونما ٿي رهيون هيون ۽ هر گهڙي اها عورت خودڪشيءَ جي عذاب مان گذري رهي هئي. سندس واتان اتان جي روئداد ٻڌو:

"خودڪشيءَ کان پوءِ مونکي لڳو تہ اها پريشاني ۽ تڪليف ائين ئي موجود هئي، جنهن کان بچڻ لاءِ مون آپگهات ڪيو هو. مون کي لڳو ڄڻ اها پريشاني منهنجي ڪاڻ وري وري ڪري دهرائجي رهي هئي ۽ آئون ان جي پيڙا کي هر پل محسوس ڪري رهي هئس. مون هر دفعي ان ذهني پريشانيءَ مان گذرڻ بعد سک جو ساهہ پئي کنيو تہ شڪر آهي جو هاڻ منهنجي جند ان پيڙا مان آجي ٿي وئي، پر ٻئي لمحي اهو ساڳيو تجربو وري مون سان دهرائجي رهيو هو ۽ اها پيڙا ٻيهر منهنجي مٿان مسلط پئي ٿي. مون رڙيون پئي ڪيون تہ "اوه منهنجا رب... وري ٻيهر ساڳي مصيبت... مون کي بچاءِ!"

خودڪشيءَ جي ناڪام عمل ۽ موت جي مشاهدي ڪرڻ بعد گهٽائي مريض ان خيال جا ٿي وڃن ٿا تہ هو ٻيهر وري ڪڏهن بہ پنهنجي حياتيءَ کي پنهنجو پاڻ ختم ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندا ۽ زندگيءَ کان موٽڻ بعد انهن شڪر ادا ٿي ڪيو تہ سندن خودڪشيءَ وارو عمل ناڪام ٿيو هو ۽ اهي بچي ويا. خودڪشيءَ واري ڪوشش کي انهن پنهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي ۽ بدترين غلطي قرار ڏنو. هڪڙو اهڙو ماڻهو چوي ٿو:

"نـ... هرگز نـ... آئون ان غلطيءَ کي وري ڪڏهن بہ نہ ورجائيندس. آئون هاڻ قدرتي موت جي ذريعي دنيا کي ڇڏيندس. ڇاڪاڻ جو مون کي هاڻ اهو شديد احساس ٿيو آهي تہ اسان انسان هن دنيا منجهہ تمام ٿوري وقت لاءِ آيل آهيون ۽ اسان جي زندگيءَ جو ڪو مقصد آهي، جنهن جي پورائي ڪرڻ لاءِ اسان کي هيٺ زميني دنيا منجهہ موڪليو ويو آهي. ان مقصد جي تڪميل لاءِ اسان کي نهايت ئي محنت سان ڪم ڪرڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان کي مٿانهين دنيا ۾ ان جو جواب ڏيڻو پوندو. ان مٿانهين جاءِ کان پوءِ ٻي ڪا اهڙي منزل ناهي، جنهن ۾ اسان زمين منجهہ پنهنجي ان مقصد جي اڻ تڪميل جي عيوضي طور ڪجهہ ڪري سگهون. ڇو تہ اها مٿانهين دنيا واري زندگي ئي ابدي ۽ آخري آهي، جنهن کان پوءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي."

هتي هڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ نظر اچي ٿي تہ خودڪشيءَ جي ناڪام ڪوشش ڪندڙ ماڻهن جيڪي خيال ۽ ويچار موت جي مشاهدي بابت ٻڌايا آهن، سي اهي ساڳيا آهن جيڪي صدين کان مذهب، روحاني پيشوا ۽ ڏاها انسان بيان ڪندا آيا آهن. ڪيترائي مذهب ۽ فلسفي صدين کان خودڪشيءَ جي خلاف اهو دليل ڏيندا اچن ٿا تہ هي جيون پالڻهار جو تحفو آهي ۽ ان ڪري انسان کي ڪو حق نہ ٿو پهچي تہ اهو پالڻهار کي سندس شيءِ ان جي مرضيءَ کان سواءِ موٽائي ڏين.

افلاطون پنهنجي مشهور ڪتاب "فئڊو" (Phaedo) ۾ ساڳئيءَ ڳالهہ جو تڪرار ڪري ٿو تہ انسان هن دنيا منجهہ عارضي وقت لاءِ آيل آهن ۽ سندس حيات جو ڪو مقصد آهي ۽ انسانن کي ان مقصد جي هر حال ۾ تڪميل ڪرڻ گهرجي. ان مقصد کان لنوائڻ پنهنجي خالق جي حڪم عدولي آهي. بقول هن جي تہ انسان هر وقت پنهنجي پيدا ڪندڙ سان رابطي ۾ آهن ۽ ڳڌوڳڏ سندس حفاظت ۾ پڻ آهن. اسان کي خودڪشيءَ جهڙو برو فعل ڪري ان خالق سان احسان فراموشي نہ ڪرڻ گهرجي.

قرون وسطيٰ جي دور جو عالم ٿامس اڪيوناس (Thomas Aqui-nas) بہ ساڳئي قسم جا دليل ڏئي ٿو. بقول هن جي تہ خالق طرفان ڏنل زندگي انسانن لاءِ هڪ انعام ۽ تحفو آهي، ان ڳالهہ ڪري صرف خدا کي ئي اهو حق ٿو پهچي تہ هو فيصلو ڪري تہ ان کي ڪڏهن واپس وٺڻو آهي.

سترهين صدي جو برطانوي مفڪر جان لاڪ (John Locke) چوي ٿو تہ انسان پالڻهار ۽ خالق جي ملڪيت آهن. خدا انسانن کي هن زمين مٿان ڪنهن خاص مقصد ڪارڻ آندو آهي. اسان کي هرگز سندس رکيل جاءِ تان پاڻ کي هٽائڻ نہ گهرجي.

جرمن فلسفي ايمانيوئيل ڪانٽ (Immanuel Kant) خودڪشيءَ بابت چوي ٿو:

"جيڪڏهن اسان خودڪشيءَ جي عمل کي مذهبي نظرين جي روشنيءَ ۾ ڏسنداسين ته اسان کي نهايت ترت اها ڄاڻ ٿي ويندي ته خودڪشي ڪرڻ هڪ غلط قدم آهي. انسان کي هن دنيا منجهه ڪجهه خاص حالتن ۽ شرطن تحت رکيو ويو آهي ۽ هن کي هڪ خاص مقصد جي تڪميل ڪرڻي آهي. خودڪشيءَ جو عمل خالق جي ان مقصد يعني انسان ۽ خدا جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي نفي آهي. خودڪشي ڪرڻ وارو ماڻهو پالڻهار جي مرضيءَ کان سواءِ هيءَ دنيا ڇڏي سندس مٿانهين دنيا ۾ بنا اجازت داخل ٿئي ٿو. پالڻهار اهڙي عمل کي انسان طرفان حڪم عدولي سمجهي ٿو. خدا انسانن جو مالڪ آهي ۽ انسان ان جي ملڪيت آهن. خدا هميشه انسانن جي ڀلائي لاءِ سوچيو آهي."

انهن فلسفين ۽ مذهبن جي سوچ ۽ نظرين کي مٿي بيان ڪرڻ جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته ڪو اسان مذهبي رجحانن کي وڌائڻ چاهيون ٿا يا ڪو مذهبي نظرين جي تبليغ ڪري رهيا آهيون. اسان جو مقصد صرف اهو ٻڌائڻ آهي ته خودڪشي جي نتيجي جي ڪري موت کان پوءِ جي مشاهدي کي ڏسڻ بعد عام ماڻهن جي ٻڌايل ڳالهين ۽ عظيم فلسفين جي خيالن ۽ مذهبي نظرين ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. انهن سڀني جا مٿانهين دنيا ۽ خودڪشيءَ بابت خيال ۽ سوچون ذري گهٽ ساڳيون آهن.

هتي اسان اهو به ٻڌائڻ ضروري ٿا سمجهون ته خودڪشي جي عمل ڪرڻ کان پوءِ جي موت جي مشاهدي جي لقائن دوران هر ماڻهو اهڙين ساڳين تڪليفن يا ڏکن منجهان نه ٿو گذري، جيڪي اسان مٿي ٻڌائي آيا آهيون. ڪوڙ اهڙا به ماڻهو مليا آهن جن کي ان مٿانهين دنيا ۾ ڪنهن به تڪليف يا پريشانيءَ جو احساس نه ٿيو آهي، جيتوڻيڪ انهن به خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي. اسان کي انهن جي موت جي بعد جي ڪيفيت جي مشاهدي ۽ عام حالت ۾ طبي موت کان پوءِ جي موت جي مشاهدي ۾ ڪو فرق نه ٿو ملي. خودڪشيءَ واري عمل کان پوءِ ڪن ماڻهن کي انتهائي خوفناڪ ۽ ڀوائتا منظر به نظر آيا آهن ته گهڻن ماڻهن کي وري نهايت فرحت، سڪون ۽ خوشيءَ جو احساس ٿيو آهي. اچو ته اهڙن ڪجهه مشاهدن کي هيٺ بيان ڪيون.

بل نالي ماڻهوءَ جي عمر چاليهن سالن کان مٿي آهي. پر سندس سرخ ۽ سفيد رنگ، ڊگهو قد، گهنڊيدار وار ۽ لسي ۽ چمڪندڙ چمڙي سندس اصل عمر کي ظاهر نه ٿا ڪن ۽ هو اڄ به جوان سمجهيو وڃي ٿو. بل شراب جو عادي هو. باوجود سر توڙ ڪوشش ڪرڻ جي به هيءُ ان بري علت کان پنهنجي جان ڇڏائي نه سگهيو. نيٺ هڪ ڏينهن هن مايوس ٿي ننڊ جون ٽيهه ڪن گوريون کائي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هيءَ ٻڌائي ٿو:

"مونکي لڳو ڄڻ منهنجو روح جسم کان ٻاهر نڪري آيو هجي ۽ آئون پنهنجي هيٺ پيل بي جان جسم کي مٿان کان ڏسي رهيو هئس. مون کي ان وقت ڪا تڪليف يا ڏک محسوس نه پئي ٿيو. ان حالت ۾ مون پنهنجي وجود کي انتهائي هلڪو محسوس ڪيو. مون کي ان ڪيفيت ۾ سرور پئي آيو. مون ان حالت ۾ سوچيو ته هيءَ ڪيڏو نه حيرتناڪ منظر آهي جو منهنجو جسم هيٺ به پيل آهي ۽ ساڳئي وقت آئون مٿي به موجود آهيان ۽ پنهنجي بي سرت بدن کي ڏسي رهيو آهيان. مون مٿان کان ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي ڏٺو پئي ته اهي ڪهڙي نموني منهنجي بي جان بدن کي بجليءَ جي جاٽن (Electric Shocks) سان ڳڏوگڏ سيني مٿان مڪون به هڻي رهيا هئا. ڪن ان وقت منهنجي بدن کي مالش پڻ پئي ڪئي. اهي منهنجي پيٽ کي صاف ڪرڻ لاءِ ٽيوب (Stomach Tube) جو استعمال پڻ ڪري رهيا هئا. ان وقت مونکي اهو لڳو ڄڻ آئون ڪنهن بي دنيا منجهه پهچي ويو هجان جتي آئون پنيءَ پر ليٽيو پيو هئس. اتي مون پنهنجو پاڻ کي هڪ وڏي ٽانو مٿان ليٽيل ڏٺو جنهن جي وچ ۾ آئون پيو هئس. اهو وڏي ٽانوَ ڪاٺ جي وڏي تختي جيان هو جيڪو ڪنهن جاءِ مٿان تري رهيو هو. مون آڏو ڏٺو ته مون کي هڪ وڏي هيري وانگر ڪا روشن شيءِ نظر آئي، مون کي ان وقت ڪنهن به ڊپ يا ڀو جو احساس نه پئي ٿيو. آئون انتهائي سڪون ۽ اطمينان منجهه هئس. آئون ان ٽانو جي ذريعي ترندو ٿلندو آهستي آهستي ڪري ان هيري جهڙي روشن گولي ڏانهن وڃي رهيو هئس. اهو روشن هيري جهڙو گولو انتهائي وڏو هو. منهنجي حيثيت ان روشن گولي جي آڏو ڄڻ هڪ

## ريڊرس ڊائجسٽ جي نيلامي

دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ انگريزي ريڊرس ڊائجسٽ نيلام ٿي ويو آهي ۽ سندس نيلاميءَ جي قيمت لڳي آهي هڪ ارب ستَ ڪروڙ آمريڪي ڊالر. 21 زبانن ۾ شايع ٿيندڙ هن آمريڪي ڊائجسٽ جي پڙهندڙن جو تعداد 8 ڪروڙ آهي. 1922ع ۾ ڊي وٽ وئلس ۽ سندس زال لـيلا گڏجي هن ڊائجسٽ جي ڇپائي شروع ڪئي هئي. 1981ع ۾ ريڊرس ڊائجسٽ جي باني وئلس جي وفات کان پوءِ به سڄي دنيا تي هن ڊائجسٽ جو راڄ قائم رهيو پر هاڻي ڇيو پئي ويو ته نوجوان نسل کي اهو مدي خارج محسوس ٿيڻ لڳو هو. جنهنڪري سندس سرڪيوليشن ۽ اشتهارن جي آمدني گهٽجڻ لڳي هئي.

رِپل ورڊ هولڊنگس (Ripple Wood Holdings) ڪمپني هاڻ هن ڊائجسٽ جي مالڪ بڻي آهي. ڏسجي ته اها ريڊرس ڊائجسٽ کي نئون آب و تاب ٿي بخشي يا اڳيون ئي نوُر به ڇنُ ٿي ڪري.

ماڪوڙي جھڙي هئي. ان روشن گولي جي خوبصورتي ۽ دلڪشي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. ان جي روشني منھنجي روح کي چقمق جيان پنھنجو پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي هئي. مون کي آفاقي پيار ۽ محبت جو ڇهاءُ پئي محسوس ٿيو. ان مهل مون کي انتهائي سڪون ۽ آرام پئي محسوس ٿيو. مون کي ان وقت صرف اهو ويچار هو تہ مون کي ان مٿانهين جاءِ تي قبول ڪيو وڃي. ائين نہ ٿئي جو منھنجي آپگهات واري عمل ڪري مون کي اتان ڌڪاريو وڃي. جڏهن آئون ان روشني جي حد ۾ آيس تہ مون کي پتو ناهي تہ ڇا ماجرا ٿي، ڇاڪاڻ تہ جيئن ئي آئون ان روشنيءَ جي حلقي ۾ آيس تہ مون کي هڪ غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو جيڪو چئي رهيو هو تہ، آئون ان جڳهہ کان موٽي واپس زميني دنيا ڏانهن وڃان. آئون اهي لفظ ٻڌي ڪن پل لاءِ اتي بيهي رهيس. ايتري ۾ ٻيهر ساڳيو آواز منھنجي ڪنن تي پيو. مون کي لڳو ٿو تہ آئون ڄڻ ان حد مٿان بيٺل هئس جتان هڪ دفعو پار پوڻ کان پوءِ ڪو بہ انسان واپس ناهي ورندو. مون کي بعد جو پتو ناهي. ڇو تہ ان کان پوءِ مون کي اهو لڳو ڄڻ آئون پنھنجي جسم اندر واپس پهچي ويو هجان ۽ مون اکيون کولي ڇڏيون.“

ٻل جي موت جو مشاهدو ٻڌائي ٿو تہ جيتوڻيڪ هن آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر تنهن هوندي بہ ڪيس ان حالت ۾ ڪنهن بہ ڊپ يا پريشانيءَ يا پشيمانيءَ جو احساس نہ ٿيو هو ۽ نہ وري ڪيس اتي ڪي خوفناڪ ۽ ڊيڇارينڊڙ منظر نظر آيا هئا.

اچو تہ آمريڪا جي رهاڪو ورجينيا (Virginia) جو احوال ٻڌون. ورجينيا نهايت مايوسيءَ ۽ اداسيءَ جي بيماري ۾ ورتل هئي. جنهن کي طبي سائنس جا ڊاڪٽر ”نروس بريڪ ڊائون“ (Nervous Breakdown) جي نالي سان سڏين ٿا. ورجينيا بہ ٻل وانگر ننڊ جا هب کائي پنھنجي جان ختم ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي هئي. هيءَ ٻڌائي ٿي:

”اوچتو منھنجي دل جي ڌڙڪن بند ٿي وئي، ۽ مون کي لڳو ڄڻ آئون پنھنجي جسماني وجود مان ٻاهر نڪري آئي هجان. آئون هيٺ پيل پنھنجي بي سڌ جسم کي ڏسي رهي هئس. مون ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي منھنجي جسم کي وري جيئارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ڏٺو. ان وقت مون سوچيو واهہ ڇا تہ شاندار ڪم ٿيو آهي. اهو ئي تہ مون چاهيو ٿي تہ آئون هن زندگيءَ کان پري هلي وڃان. هاڻ آئون ايڏو ڏور هلي وينديس جو وري ڪڏهن بہ هتي نہ موٽنديس. تنهن بعد مون کي اونداهي سرنگهہ مان گذري نور جي تجليءَ ڏسڻ جو احساس ٿيو. آئون ان نور جي تجليءَ جي باري ۾ ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ ٿي سگهان. ڇاڪاڻ جو ان کي بيان ڪرڻ لفظن جي وس کان ٻاهر آهي. توهان ان نور جي تجليءَ جي سونهن، خوبصورتيءَ ۽ موجودگيءَ کي صرف

محسوس ڪري سگهو ٿا، پر بيان نه ٿا ڪري سگهو. آئون جيئن ئي ان نور جي تجليءَ جي ويجهو پهتس ته مون کي لڳو ڄڻ مون کي ڪو چئي رهيو هجي ته ”اجان تنهنجو وقت هن جاءِ تي اچڻ جو ناهي ٿيو. ان ڪري تون هتان واپس هلي وڃ.“ ان مهل مون کي پهرين دفعو احساس ٿيو ته آئون ڪو خواب ڪانه ڏسي رهي هيس پر اهو واقعي موت جي بعد جو منظر هو ۽ مون کي واپس زميني دنيا ڏانهن موٽي وڃڻ گهرجي. ان سوچ سان گڏ مون کي لڳو ڄڻ منهنجي پهرين واري سوچ ۽ خيال بلڪل بدلجي ويا هجن. اڳي منهنجو من هن زميني دنيا کان بيزار هوندو هو ۽ ان ۾ رهڻ لاءِ دل نه چاهيندي هئي. اهو منهنجي خيالن ۾ ڦيرو ڪيئن آيو تنهن جي مون کي ڪا پروڙ ناهي يا شايد ان ڦيري جي باري ۾ ٻڌائڻ انتهائي مشڪل آهي. مون کي صرف اها خبر آهي ته منهنجي اندر سوچ جي اها تبديلي آئي هئي.. ان بعد آئون واپس پنهنجي بدن ۾ پهچي ويس ۽ ساهه کڻڻ شروع ڪيم.“

ورجينيا جو به تجربو ٻڌائي ٿو ته ڪيس ان مشاهدي دوران ڪنهن به دوزخ جهڙي ڪيفيت جو مشاهدو نه ٿيو هو ۽ نه وري ڪيس ان لقائن دوران ڪنهن وقت اهو احساس ٿيو هو ته ڪو هن جي آپگهات جي عيوض ۾ مٿئين دنيا منجهه ڪيس سزا ملي رهي هئي يا وري اهڙي قسم جي سزا ملندي.

ڊاڪٽر ڪينٿ رنگ موت جي ڪيفيت جي مشاهدي جي ان تضاد کي سمجهڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي آهي پر اجان تائين سندس ڪم جو ڪو ڪرٽيل ڪونه نڪتو آهي. هن جي محنت صرف هڪ ڳالهه سامهون آندي آهي ته آپگهات وارن موت جي مشاهدن ۽ ٻين حالتن وارن موت جي مشاهدن ۾ صرف اهو فرق نظر اچي ٿو ته. آپگهات وارن واقعن ۾ ماڻهن کي مختصر مدي لاءِ لقائن کي ڏسڻ جو موقعو مليو آهي. جڏهن ته ٻين حالتن ۾ ماڻهو انهن مشاهدن دوران هر ڪنهن لقاءُ جي انتهائي گهرائي منجهه ويا آهن. جيئن جيئن وڌيڪ خودڪشي وارا واقعا ۽ سندن موت جو مشاهدا منظر عام تي اچي رهيا آهن. تيئن تيئن انهن تجربن بابت تحقيق به گهري کان گهري ٿيندي وڃي پئي. ٿي سگهي ٿو ته انسان ايندڙ وقت ۾ ان تضاد جي پروليءَ کي پيچي سگهون.

هتي اهو ذڪر ڪرڻ مناسب آهي ته اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي زندگيءَ جي پريشانين، ناڪامين ۽ مايوسين کان بيزار ٿي ان کان فرار حاصل ڪرڻ لاءِ آپگهات ڪن ٿا ۽ ڪين جنهن سکون ۽ اطمينان جو احساس ان مٿانهين دنيا منجهه محسوس ٿئي ٿو، اهو تاثر ڪين واپس هن دنيا ۾ ورڻ بعد ٻيهر خودڪشي جي ڪوشش ڪرڻ کان روڪي ٿو. اها هڪ عجيب ماجرا آهي، ڇاڪاڻ جو هنڻ ته ائين ڪيپي ها ته ان مشاهدي جي سکون ۽ اطمينان واري ڪيفيت کان پوءِ اهڙا ماڻهو يا ته ان

مٿانهين دنيا کان واپس اچڻ کان نابري وارين ها يا وري جيڪڏهن هو پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش جي برخلاف هن دنيا ۾ موٽايا ويا هئا تہ پوءِ وري ڪين خودڪشيءَ جي بيهر ڪوشش ڪري، ڪين ان آرام ۽ سڪون واري هنڌ تي هليو وڃڻ گهرن ها. هن موضوع جي ماهرن ان سوال مٿان بہ گهڻي محنت ڪئي آهي. انهن ماهرن مان بروس گريسن (Bruce Greyson) بہ هڪ ماهر آهي. هن جي تحقيق هيٺيان ٻارنهن سبب ڳولي لڌا آهن، جيڪي هن جي خيال ۾ ماڻهن کي بيهر آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش کان روڪين ٿا:

1. موت جو مشاهدو ماڻهن کي ٻڌائي ٿو تہ اهي ڪائنات سان جڙيل آهن ۽ انهن کي ڪنهن خاص مقصد تحت پيدا ڪيو ويو آهي.
2. موت جي مشاهدي دوران ماڻهن کي سندن زندگيءَ جي چڪر کان وٺي موت جي مشاهدي واري طبي موت تائين جو هر ننڍو وڏو واقعو ذري پرزي سندن سامهون آندو وڃي ٿو تہ، جيئن اهي ماڻهو پنهنجين ناڪامين ۽ پريشانين جي سبب کي بهتر انداز ۾ سمجهي سگهن ۽ انهن کي دور ڪري خوش ۽ مطمئن زندگي گذاري سگهن.
3. موت جو مشاهدو ماڻهن کي سندن زندگيءَ بابت مثبت سوچ عطا ڪري ٿو. انهن مشاهدن کان پوءِ ماڻهن کي سندن زندگي وڌيڪ معنيٰ ۽ مقصد واري لڳي ٿي.
4. موت جو مشاهدو ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڄڻ هڪ نئون روح ڦوڪي ٿو.
5. موت جي مشاهدو ڪرڻ بعد ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ بهتر انداز ۾ سمجهي سگهن ٿا ۽ ڪين پنهنجي زندگي اڳي کان وڌيڪ بهتر نظر اچي ٿي.
6. موت جي مشاهدي بعد ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ٻين کان الڳ ٿلڳ ۽ اڪيلا محسوس ڪونہ ٿا ڪن، بلڪ هو پنهنجو پاڻ کي ٻين ماڻهن جي وڌيڪ ويجهو پائنين ٿا.
7. موت جو مشاهدو اهڙن ماڻهن کي قائل ڪري ٿو تہ آپگهات ڪرڻ سان فرار حاصل نہ ٿو ٿئي بلڪ ائين ڪرڻ سان سندن پوئتان رهيلن لاءِ وڌيڪ پريشانيون، رنج ۽ مصيبتون ڪڙيون ٿي وڃن ٿيون.
8. موت جي مشاهدو ماڻهن کي ان ڳالهہ جي قابل بنائي ٿو تہ اهي مسئلن ۽ زندگيءَ جي دشوارين جو مڙس ٿي مقابلو ڪن ۽ انهن کي بهتر انداز سان حل ڪن.
10. موت جو مشاهدو ماڻهن کي اها اخلاقي جرئت ۽ سبق ڏئي ٿو تہ آپگهات جو عمل بزدلن ۽ ڊيڄو ماڻهن جو ڪم آهي ۽ اهو بلڪل غلط فعل آهي.
11. موت جو مشاهدو ماڻهن کي نئين سوچ جو اندازو عطا ڪري ٿو ۽ سندس اجائي ۽ غير ضروري

خوديءَ جي احساس کي جهڪو ڪري، ڪين دنيا کي قبولڻ جو احساس ڏئي ٿو.

12. موت جي مشاهدن ۾ جن ماڻهن کي دوزخ يا وري پوائتا يا خوفناڪ منظر نظر آيا آهن، تن کي انهن منظرن جي هيبت ڪري وڏيڪ همت ڪانہ ٿي ٿئي تہ ڪو اهي ماڻهو پنهنجي ان تجربي کي وري ورجائين.

هتي اهو چوڻ بيجا نہ آهي، تہ موت جي بعد جي ڪيفيت جي مشاهدن جي، آپگهات واري پهلوءَ تي اجا بہ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي، ڇاڪاڻ جو دنيا ۾ ڪي ملڪ ۽ تهذيبون اهڙيون بہ آهن، جن ۾ خودڪشيءَ جي فعل کي مردانگيءَ وارو ڪم سمجهيو وڃي ٿو. مثال طور جاپان جي تهذيب ۾ هاراڪاريءَ جي عمل کي انتهائي بهادريءَ ۽ دليريءَ جو ڪم ليکيو وڃي ٿو.

جديد زماني جي ڪيترين ئي شين لاءِ اسان کي پتو آهي تہ اهي زهر جو ڪم ڏين ٿيون، پر تنهن هوندي بہ ڪين ڪروڙين ماڻهو واپرائين ٿا ۽ ائين ڄاڻي واڻي پنهنجي موت کي دعوت ڏين ٿا. انسانن جو سگريٽ ڇڪڻ، شراب، پان ۽ نسوار وغيره واپرائڻ انهن شين جي زمري هيٺ اچي ٿو. انهن شين کي هلڪو زهر (Slow Poison) بہ چيو وڃي ٿو، جنهن جي مسلسل واپرائڻ ڪري موت واقع ٿيڻ جو خدشو رهي ٿو. ڇا اسان ماڻهن جي اهڙين زهريلين شين جي واپرائڻ واري روئي کي آپگهات ڇئي سگهون ٿا؟ دنيا ۾ ڪافي اهڙا ڌنڌا آهن جنهن ۾ هر وقت موت جو خدشو رهي ٿو، جيئن پوليس ۽ فوج ۾ ڪم ڪندڙن جو هر روز موت سان مهاڏو اٽڪيل هوندو آهي. ڇا ماڻهن جي اهڙن ڌنڌن ۾ وڃڻ کي اسان آپگهات ڇئي سگهون ٿا ۽ اهڙن ماڻهن سان موت بعد ڪهڙو لقاءُ ٿيندو؟ ڪيترا سياسي قيدي بک هڙتالون ڪري اختياريءَ وارن جا ڌيان پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي مسئلن ڏانهن ڇڪائڻ جي ڪوشش ۾ مري وڃن ٿا.. ڇا اهڙيون بک هڙتالون آپگهات جي صف ۾ اچن ٿيون؟

اهڙا ڪيئي انيڪ سوال ذهنن ۾ اڀرن ٿا جن جي باري ۾ اسان پوريءَ ريت ڪجهہ بہ چئي نہ ٿا سگهون. مٿين ڪجهہ سوالن ۽ اهڙين ساڳين حالتن وارن ڳالهين مٿان سوچيندي، اسان چئي سگهون ٿا تہ آپگهات وارن مشاهدن منجهہ تضاد (تہ ڪجهہ ماڻهن کي سڪون ۽ فرحت وارا لقاءُ نظر آيا آهن تہ ڪجهہ ماڻهن کي پوائتا ۽ خوفناڪ مشاهدا ٿيا آهن ۽ ان جو سبب ڇا آهي؟) ايستائين حل نہ ٿيندو جيستائين اسان آپگهات جي منفي ۽ مثبت قسمن ۽ آپگهات، وقت ماڻهن جي پريشانين ۽ ڏکن جو گهرو تجزيو نہ ڪنداسين. ان تضاد جي ڪنجي شايد انهن ئي ڳالهين ۾ لڪل آهي.

(هلندڙ)

پيدا ٿي رهيو هو. مينڊلف جو خاندان شروع کان وٺي علم ۽ سائنس جو ديوانو هو. انڪري ان ٻار لاءِ سندس پيءُ اهو فيصلو ڪيو ته ڪيس سائنسدان بڻايو ويندو. علم سندس خاندان جو ورثو هو. ان ڪري ان ۾ ڪابه حيرت جي ڳالهه نه هئي جو دميتري آئيوان وچ مينڊلف ناليءَ سان سڃاڻڻ هن ٻار وڏي هوندي علم ڪيميا جي ميدان ۾ اعليٰ مقام ۽ مرتبو ماڻيو.

سائيبيريا جي ويجهو ڳوٺ توبسڪ جي علائقي ۾ مينڊلف خاندان پراڻين ريتن رسمن کي بدلائڻ وارين ڪوششن ۾ عملي حصو ورتو هو. دميتري جي پڙ ڏاڏي سائيبيريا جي پهرين اخبار اراش جاري ڪئي هئي. جيتوڻيڪ ان وقت علائقي ۾ پڙهيل ماڻهن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر هو. ان کان علاوه علائقي جون حالتون ايترو خراب ٿي ويون جو سڄي علائقي جا ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري سينٽ پيٽرس برگ جي ويجهو وڃي آباد ٿيا. هتي جي زندگي انهن کي وڻي وئي پر هتي جون حالتون ڪي سٺيون نه هيون.

ڪارنيلاف ۽ ماريا خاندان ۾ دميتري 17هون نمبر ٻار هو. خاندان تمام وڏو ۽ آمدني تمام ٿوري هوندي هئي. ڪارنيلاف پڙهيل لکيل ۽ باذوق شخص هو. سندس رجحان شروع کان وٺي پڙهائڻ ڏانهن هو. هو مقامي اسڪول ۾ هيڊ ماستر هوندو هو ۽ سندس سڀ کان وڏي خواهش هئي ته سندس ٻار پڙهي لکي تدريس ۽ تحقيق جي ڪم ۾ لڳي وڃن اها ئي ساڳي خواهش سندس زال ماريا جي پڻ هوندي هئي، جيڪا هڪ معزز تاتاري خاندان سان تعلق رکندي هئي، جيڪو سالن کان وٺي شيشي جي صنعت سان لاڳاپيل هو. ماريا کي پڻ ورثي ۾ شيشي جو هڪ ڪارخانو مليو هو، پر هن ڪارخانو هلائڻ جي بدران گهر کي هلائڻ بهتر سمجهيو ۽ ائين اهو ڪارخانو بند پيو هو. حالتون اڳئي صحيح نه هيون. غربت سان گڏوگڏ بيمارين ۽ موت، گهر جو رستو ڏسي ڇڏيو هو. هڪبئي جي پويان دميتري جا ڀاءُ ۽ ڀينر بيمار ٿيا ۽ فوت ٿي ويا. اهو تمام وڏو ڏکوئيندڙ ۽ بيحس ڪرڻ وارو دور هو. ان ماءُ پيءُ جي ڏکن جو ڪاٿو ٿي نه ٿو لڳائي سگهجي، جن جي جان جا ٽڪر هڪبئي پٺيان موت جي وات ۾ وڃي رهيا هجن. حقيقت ۾ انهن کي هتي جي آبهوا پاڻيءَ نه پئي هئي. ان دور جي پڄاڻي ڪارنيلاف جي موت سان ٿي. پهرين هن جي نظر جو نور کسجي ويو ۽ پوءِ جلد ئي هو وفات ڪري ويو. ڇهن ستن ٻارن ۽ گهر جي ذميواري ماريا جي نازڪ ڪلهن تي اچي پئي هئي.

مڙس جي اوچتي موت کان وڌيڪ وڏو مسئلو اهو هو ته، هاڻي گهر جو گاڏو ڪيئن هلندو. ڇاڪاڻ ته ڪارنيلاف جي پينشن صرف 5 سئو ربيه ساليانو هئي، جيڪا اٽي ۾ لوڻ برابر هئي. انهن پئسن ۾ ڪاٺ پيٽ ئي ڏکيو هو ۽ باقي گهر جي ٻين خرچن

کي هلائڻ تہ بلڪل ناممڪن هو. خاص طور تي ٻارن جي تعليم جا خرچ پرڻ تہ بلڪل وس ۾ نہ هو. ان ڪري ماريا فيصلو ڪري ورتو تہ پنهنجي خانداني شيشي جي ڪارخاني کي وري شروع ڪيو وڃي، پر ڏکيون حالتون ۽ ناتجربيڪاري مشڪل پيدا ڪري رهيون هيون. ان زماني ۾ عورتن لاءِ ڪاروبار ڪرڻ تمام گهڻو ڏکيو هو. هونئن بہ روايتي طور تي مشرقي روس وارن علائقن ۾ عورتن کي صرف ٻار پيدا ڪري انهن کي نپائي وڏو ڪرڻ ۽ گهرو ڪم ڪار ڪرڻ تائين محدود سمجهيو ويندو هو.

توبسڪ جو علائقو آهستي آهستي باغين جو ئڪاڻو بڻجي رهيو هو. حڪومت کي جڏهن بہ ماڻهن مان ڪو خطرو محسوس ٿيندو هو تہ ان کي توبسڪ موڪلي ڇڏيندا هئا. روسي حاڪمن پنهنجي ملڪ جي وڏي هجڻ جو خوب فائدو ورتو هو. جڏهن ڪٿڙي علائقي جا ماڻهو بغاوت ڪندا هئا تہ انهن کي جلاوطن ڪري پري ڪنهن ٻئي علائقي ۾ موڪلي ڇڏيندا هئا. پيٽراعظم سڀ کان پهرين سائيبيريا کي جلاوطن ڪيمپ طور استعمال ڪيو ۽ قدرتي طور مالا مال هن علائقي کي شعوري طور تي پٺتي رکيو تہ جيئن باغين کي وڌ کان وڌ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي. حڪومت مخالفن ۽ خاص طور تي جمهوريت پسندن لاءِ سائيبيريا جي زمين مصيبتن جي علامت بڻجي وئي هئي. زار جي دور ۾ ڪيترن ئي وڏن ناليوارن انقلابين کي سائيبيريا موڪليو ويو. انهن ۾ لينن پڻ شامل هو.

دميتري جي ڏينهن ۾ حالتون ايتريون خراب نہ هيون. باغين توبسڪ کي پنهنجو مرڪز بڻائي ڇڏيو هو. انهن مان ئي هڪ باغي سردار سان دميتري جي ڀيڻ جي شادي ٿي وئي. اهو پڙهيل لکيل ماڻهو ترقي پسند سوچن جو مالڪ هو. هن ننڍڙي دميتريءَ جي ٻاراڻي ذهن ۾ پڻ پنهنجا خيال پريا ڇڏيا پر هڪ خاص ڳالهہ اها هئي تہ هن دميتري ۾ سائنسي سوچ جو لاڙو پيدا ڪري ڇڏيو هو. هن شروعاتي تعليم هڪ معمولي اسڪول ۾ حاصل ڪئي هئي پر هو تمام گهڻو ذهين هوندو هو. صرف 12 سالن جي عمر ۾ هن اسڪول جا سڀ درسي ڪتاب پورا پڙهي ڇڏيا. جيئن تہ ان وقت جو دستور هو تہ سڄي ملڪ ۾ ابتدائي تعليم ۾ پوزيشنون کڻندڙ شاگردن کي ماسڪو يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ڏني ويندي هئي، تنهنڪري دميتري بہ ماسڪو يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺڻ جو فيصلو ڪيو. ماسڪو وڃڻ تي هو تمام گهڻو خوش هو. انهن ڏينهن ۾ ماسڪو يونيورسٽي، روس جي وڏن وڏن عالمن ۽ فاضلن جو ڳڙهہ سمجهي ويندي هئي. خاص ڪري هتي سائنسي تحقيق ۽ تدريس جو ڪم زور شور سان جاري هو ۽ هن ئي يونيورسٽيءَ پوءِ ايندڙ دور ۾ روس جي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي واڌ

ويجهه ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو هو. دميتري لاءِ ماسڪو وڃڻ اتي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ هڪ سهڻي خواب کان گهٽ نه هو. پر سندس اهو خواب ان وقت چڪناچور ٿي ويو. جڏهن يونيورسٽيءَ دميتريءَ کي داخلا ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پنهنجي اهليت جي لحاظ کان هو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ جي قابل هو. پر توبسڪ جهڙي اڻ سڌريل علائقي سان تعلق ۽ هڪ انقلابيءَ سان سندس مائٽي ان ۾ رنڊڪ بڻجي سامهون آئي. بيو وري سندس ڳوناٽي زندگيءَ جي طور طريقي سبب کيس ان لائق نه سمجهيو ويو ته هو سڌريل ۽ اعليٰ گهرن سان تعلق رکندڙ شاگردن سان گڏ ويهي تعليم پرائي سگهي. ڪنهن به سندس ذهانت ۽ قابليت ڏانهن نه ڏٺو. اهو تجربو ايڏو تلخ هو جو دميتري پنهنجي سڄي زندگي ان تجربي جي ڪڙاڻ محسوس ڪندو رهيو. هو جمهوريت پسند ته ٿي ويو پر انقلابي نه بڻجي سگهيو. پنهنجي روح ۾ هو سائنسدان هو.

دميتري جڏهن توبسڪ واپس وريو ته ڏاڍو مايوس هو. سندس خيال هو ته کيس وڌيڪ تعليم جي ڪوشش ڇڏي ڪاروبار ۾ ماءُ جو هٿ ونڊائڻ گهرجي، پر سندس ماءُ ماريا تمام گهڻو پر اميد هئي ۽ ان اهو پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو ته دميتري کي اعليٰ تعليم ڏياري ئي دنگ ڪندي. پوءِ ان لاءِ پلي چو نه کيس ملڪ ئي ڇڏڻو پوي. قدرت کي به شايد اهو سڀڪجهه ڪرڻو هو. پوءِ اوچتو هڪ اهڙو واقعو ٿيو جيڪو ظاهر ۾ ته بدقسمتيءَ جو تسلسل پئي لڳو پر ان واقعي دميتري جي زندگيءَ جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو. ٿيو هيئن جو هڪ ڏينهن سندس شيشي جي ڪارخاني کي باهه وڪوڙي وئي ۽ سڄو ڪارخانو تباهه ٿي ويو. اهڙيءَ طرح اهو جواز ئي ختم ٿي ويو جنهن جي ڪري ماريا توبسڪ کان ٻاهر وڃڻ کان دل من هٽي رهي هئي. کيس اميد هئي ته هڪ ڏينهن اهو ڪارخانو ترقي ڪري اڳيان نڪري ايندو. سو هاڻي اها اميد به ختم ٿي وئي.

ماريا، ماسڪو وارن جي رويي کان مايوس ٿي سڄي خاندان سان گڏ سينٽ پيٽرز برگ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. کيس اميد هئي ته روشن خياليءَ جي ڪري مشهور ان شهر ۾ سندس دميتريءَ جي قابليت جو قدر ڪيو ويندو. ان وقت سندس اها اميد ساپيان ٿيندي نظر آئي، جڏهن دميتري کي مقامي اسڪول جي سائنسي شعبي ۾ داخلا ملي وئي. ماريا ۽ ان جا ٻار معاشي جدوجهد کي لڳي ويا ته جيئن دميتري پنهنجي تعليم اطمينان سان مڪمل ڪري سگهي. هن کي پهريون دفعو هتي فزڪس ۽ رياضيءَ سان گڏ ڪيمسٽري پڙهڻ جو موقعو مليو. انهن مضمونن ۾ سندس برابري ڪرڻ جي لائق نه بيو ڪوبه نه هو. پر زبانن ۽ ادب جي مضمونن جي معاملي ۾ هو سيني کان ڪمزور شاگرد هو. کيس

روسي زبان بہ ڪا گھٽي نہ ايندي هئي ۽ اها بہ هن صرف ان ڪري سکي هئي تہ جيئن ان زبان ۾ موجود تمام گھڻي سائنسي مواد کي صحيح نموني سان پڙهي سگھي.

تعليم جي سلسلي ۾ دميتري مينڊلف ايڏي تہ گھڻي جاکوڙ ڪئي جو سندس صحت خراب ٿيڻ لڳي ۽ مٿان وري سينٽ پيٽرز برگ جي ٿڌي موسم سندس صحت تي تمام گھڻا خراب اثر ڇڏيا. پر هن محنت ۾ ڪابہ گھٽتائي نہ ڪئي هئي ۽ مٿان وري ماريا جي طبيعت بہ جواب ڏيڻ لڳي هئي. هوءَ وڏي خاندن جو بار ڪلهن تي کڻي هاٽي ٿڪجي پئي هئي ۽ موت جي ڪنڌيءَ تي اچي پهتي هئي. هن هڪ دفعو بہ دميتري کي پنهنجي بيماريءَ جي باري ۾ نہ ٻڌايو هو تہ جيئن سندس تعليم ۾ ڪا رنڊڪ نہ پوي، پر جڏهن کيس پنهنجو موت سامهون نظر اچڻ لڳو تہ پوءِ هن دميتريءَ کي آخري دفعو خط لکيو، جنهن ۾ هن کي لکيائين تہ ”منهنجا پيارا پٽ! هڪ دفعو اچي پنهنجي مرندڙ ماءُ کي پنهنجو چهرو ڏيکاري وڃ.“

اهو خط ملندي ئي هن تڪڙو تڪڙو گھر پهچڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن جي پهچڻ کان ٿورو اڳ سندس ماءُ جو روح پرواز ٿي چڪو هو. پر مرڻ کان پهرين هوءَ دميتري لاءِ وصيت ضرور ڇڏي وئي هئي. ”منهنجا پيارا پٽ! وهم نہ ڪر ۽ پريشان نہ ٿيءُ، پنهنجي ڪردار کي لوهہ کان بہ وڌيڪ مضبوط بناءِ ۽ ثابت قدمي ۽ مستقل مزاجيءَ سان سچ جي ڳولا ڪي جاري رکجانءِ، پوءِ ڀلي توکي ڪاميابي نصيب ٿئي يا ناڪامي.“

دميتري سڄي زندگي ماءُ جي انهن لفظن کي وساري نہ سگھيو ۽ جڏهن بہ ڏکين حالتن مان گذرندو هو ۽ سڄي دنيا جي مخالفتن کي منهن ڏيڻو پوندو هوس ۽ سندس قدم ٿورو بہ سست ٿيڻ لڳندا هئا تہ ماءُ جا چيل اهي لفظ کيس وري نئون سهارو ڏيندا هئا. اجا هو ماءُ جي صدمي مان ٻاهر اچي نہ سگھيو هو تہ مٿان وري ڊاڪٽرن کيس خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن هو ڪنهن گرم علائقي ۾ نہ وڃي رهيو تہ ڇهن مهينن کان وڌيڪ جيئرو نہ رهي سگھندو. هو هاءِ اسڪول جي تعليم پوري ڪري چڪو هو، پر سندس اهليت ڪنهن اعليٰ تعليم يافتہ ماڻهوءَ کان گھٽ نہ هئي. هو روس جي هڪ گرم علائقي ڪريميا ڏانهن هليو آيو ۽ اتي کيس سفر پول جي اسڪول ۾ ماستريءَ جي نوڪري ملي وئي. هيءَ نوڪري سندس طبيعت سان بلڪل ٺهڪندڙ هئي. هڪ تہ پڙهائڻ سندس خانداني پيشو هو ۽ ٻيو تہ هو پاڻ بہ پنهنجا خيال ۽ سوچون ايندڙ نسل تائين پهچائڻ لاءِ فڪرمند رهندو هو. ان ڪري اسڪول جي ماستري هن لاءِ هر لحاظ کان مثالي هئي.

ڪريميا شروع کان وٺي هڪ متنازع علائقو رهيو آهي. گذريل ڪيتري ئي وقت کان هن تي عثماني

هن وري ٻاهر وڃڻ لاءِ نئين سر جدوجهد ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ان سان گڏوگڏ هن علم ڪيميا تي موجود ڪتاب به پڙهڻ شروع ڪري ڏنا. آخرڪار هن جي ڪوشش رنگ لاتو ۽ کيس يورپ وڃڻ جي اجازت ملي وئي. شايد هن روسي وزارت خارجه کي اهو يقين ڏيارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي هئي ته سندس ڪي به سياسي مقصد نه آهن ۽ هن صرف سائنسي تعليم حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. اجازت ملڻ شرط هن وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون. هن هيستائين جيڪو ڪم ڪيو هو ان جا نوٽيس پاڻ سان گڏ کنيا ته جيئن انهن کي جديد ڪيميائي معلومات سان پيش ڪري سگهي. هو پهريائين پيرس ويو ۽ اتي هن مشهور ڪيميادان هينري رينو جي تجربيگاهه ۾ داخلا ورتي. هتي هن تمام گهڻو ڪجهه پرايو. اڳئين سال هن هائيڊبل برگ ۾ پنهنجي ذاتي تجربيگاهه ٺاهي ورتي. هتي هن پنهنجن نظرين تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏين پر تمام جلدئي کيس اهو احساس ٿيو ته تجربيگاهه ۾ ڪيميا ۾ استعمال ٿيندڙ ڪيترن ئي اوزارن کان هو اڻواقف هو. ان ڪري هن ان طرف توجهه ڏيڻ شروع ڪيو. هائيڊبل برگ ۾ هو بنس ۽ ڪرچاف سان مليو، جيڪي ڪيميا جا به وڏا نالا هئا. انهن کان هن طيف پيما جي استعمال جو طريقو سکيو، جيڪو گئسن جي ساخت ڄاڻڻ جو بنيادي اوزار آهي. دميتري صرف نون اوزارن جي استعمال کي نه سمجهي رهيو هو پر کيس پنهنجي وقت جي تمام وڏن ڪيميادانن سان ملڻ جو پڻ موقعو ملي رهيو هو. هو انهن سڀني جون ڳالهيون، مسئلا ۽ نظريا به غور سان ٻڌي ۽ سمجهي رهيو هو. هو ڪيميا جي موضوع تي ٿيندڙ مختلف پروگرامن ۾ پڻ شرڪت ڪري رهيو هو. هتي کيس ڪيميا سان لاڳاپيل نت نون مسئلن ۽ نظرين جي ڄاڻ ملي رهي هئي، پر هنن پروگرامن ۾ هيءَ صرف هڪ خاموش ٻڌندڙ طور شرڪت ڪندو هو. هو يورپي ٻولين کان گهڻو واقف نه هو. انگريزي ۽ فرانسيسي زبانون ته هن کي بلڪل نه اينديون هيون. ٿوري گهڻي جرمن زبان سمجهي سگهندو هو. ان ڪري گهڻن موقعن تي کيس پنهنجو ترجمان پاڻ سان گڏ رکڻو پوندو هو. جيڪو سڄو وقت کيس ٻين جون ڪيل ڳالهيون ترجمو ڪري ٻڌائيندو رهندو هو. ان ڪري کيس اهو موقعو نه ملي سگهندو هو ته هو دميتري جون ڳالهيون ٻين تائين پهچائي سگهي.

هن پاڻ به اهو بهتر سمجهيو ته پنهنجي علم ۽ نظرين جو ڏاڪ ويهارڻ بجاءِ هو پنهنجي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪري، انڪري سندس طرفان اگر ڪا ڳالهه ڪئي ويندي هئي ته اها به صرف ڪو سوال هوندو هو.

يورپ جي ڪيميادانن دميتريءَ جي پهرئين يورپ جي دوري کي ڪا خاص اهميت نه ڏني. سندس ظاهري ڏيک ويک به ڏاڍو عجيب غريب هوندو هو. وکريل ۽ ڇڙوڇڙ وار، راهبن جهڙي

ڏاڙهي، وڏو ڳاڙهو نڪ، تيز بلوري اکيون ۽ ڦهليل جسم ۽ مٿان وري سندس ٿلها ڪپڙا ۽ ڪوٽ، اهي سڀ سندس شخصيت کي غير اهم بڻائڻ لاءِ ڪافي هئا ۽ بيو تہ هو روس جي اندروني علائقي سان تعلق رکندو هو. جنهن جي باري ۾ يورپ وارا تمام گهٽ ڄاڻ رکندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪجهہ ڄاڻندا هئا تہ ان سان دميتريءَ جي باري ۾ تاثر خراب ٿي جڙندو هو. ان ڪري ڪنهن بہ ان روسيءَ ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو. ڪنهن جي وهم گمان ۾ بہ نہ هو تہ هيءُ نظرانداز ٿيل، روسي نوجوان ايندڙ وقت ۾ علم ڪيميا جي تقدير ئي اٿلائي پٿلائي ڇڏيندو. هن ڪيميا جي علم کي آسمان تي پهچائي ڇڏيو ۽ ان جا نوان قائدا ۽ قانون جوڙيا.

اها ڳالهہ تمام عجيب ٿي لڳي تہ ڪيميا تمام پراڻن علمن مان هڪ هجڻ باوجود ان جو ڪو بہ ٺوس بنياد موجود نہ هو. جنهن ڪري ان کي باقائده علم جو درجو حاصل نہ هو. جڏهن مسلمانن، ڪيميا جي علم کي فلسفي جي ڳوٺين مان ڪڍي تجربيگاهن جي زينت بخشي تہ هن علم جا جهڙوڪر پاڳ کلي پيا. مسلمانن هن علم کي تمام گهڻي ترقي وٺرائي. پر هو صرف تجربن تائين محدود رهيا. هنن ڪيميا جي اصولن ۽ قانونن ناهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ آخر ۾ تہ هيءَ علم صرف سون کي ناهڻ جي جنوني ڪوشش تائين سڪڙجي ويو.

يورپ ۾ راجر بيڪن تجرباتي سائنس جو بنياد وڌو. حالانڪہ هن سڄو علم مسلمانن کان حاصل ڪيو هو، پر يورپ وارا اڄ بہ منهن جي پڪائيءَ سان کيس دنيا جو پهريون تجرباتي سائنسدان چوندا آهن. پر حقيقت ۾ سائنس ۾ بيڪن جو صرف اهو حصو آهي تہ هن مسلمان سائنسدانن کان جيڪي ڪجهہ سکيو ۽ انهن جي ڪتابن مان حاصل ڪيو ان کي يورپ وارن جي سامهون پيش ڪري ڇڏيو. بلڪ بي ايمانيءَ کان ڪم وٺندي ڪيترن ئي ڪوششن کي پنهنجي جدوجهد جو حصو قرار ڏنو. ان کان پوءِ برطانيہ ۽ فرانس جي نين شين جي تياريءَ تائين محدود رهيو. خاص ڪري ڌاتن جي صفت ۾ تمام گهڻي ترقي آئي، جنهن اڳيان هلي يورپ ۾ صنعتي انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. پر ڪنهن بہ ڪيميادان علم ڪيميا کي صحيح نموني سان منظم ۽ ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش نہ ورتي.

دميتري يورپ مان تمام گهڻا قيمتي تجربا ڪٺي جڏهن واپس روس پهتو تہ پهريون پيرو سندس ملڪ ۾ ماڻهن کيس ڌيان سان ٻڌو. هن لکڻ پڙهڻ ڏانهن پنهنجو ڌيان ڏنو. هن نامياتي ڪيميا جي موضوع تي هڪ ڪتاب لکيو جيڪو اتي جي اسڪولن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو ۽ ان کي باقائده ڪورس جي ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو. ان ڪتاب تي کيس دوميدلف ميڊل ڏنو ويو. جيڪو ملڪي

سچي زندگي هنن ٻنهي گڏجي ڏاڍي خوش ۽ مطمئن گذاري. هن ڪامياب ڪيمياڊان جي ڪاميابيءَ جو سهرو هن جي خوبصورت ۽ هوشيار زال ڏانهن ئي وڃي ٿو.

هر وڏي ماڻهوءَ وانگر مينڊلف به خودپرست هو. هو اڪثر پنهنجين سوچن ۾ گم رهندو هو. خودپسندي ڪڏهن ڪڏهن ته ايتري شدت اختيار ڪري ويندي هئي جو هو صرف پنهنجي تعريف ئي ٻڌڻ پسند ڪندو هو. هو پنهنجي شخصيت، گهر ۽ ٻارن جي طرف ڪان مڪمل بي پرواهه هو ۽ اها سڄي ذميواري هن پاڻ تي رکي ڇڏي هئي. سندس ٻه پٽ ۽ ٻه ڌيئرون هيون. مينڊلف دميتريءَ کي عام طور تي سندس خانداني نالي مينڊلف سان ئي پڪاريو ويندو هو. جڏهن به پنهنجي ڪم مان واندو ٿيندو هو ته پوءِ پنهنجن ٻارن سان کيڏندو هو. هن کي پنهنجي اولاد سان تمام گهڻي محبت هئي، پر ان ڪان به وڌيڪ محبت پنهنجي ڪم سان هئي. هاڻ ته هن کي ادب سان به دلچسپي پيدا ٿي وئي هئي، پر شاعريءَ کي هو آخر تائين پسند نه ڪندو هو. موسيقيءَ ۽ مصوريءَ سان هن کي دلي لڳاءُ هو ۽ وائلنن وڄائيندو رهندو هو. مصوريءَ سان سندس دلچسپي پاڻ جي ڪري پيدا ٿي هئي، ڇاڪاڻ ته هوءَ تمام سٺي مصور هئي ۽ پورٽريٽ ٺاهڻ ۾ ته هن جو ڪو مٽ ئي نه هو. مينڊلف کي خوش ڪرڻ لاءِ هن دنيا جي عظيم سائنسدانن جا وڏا وڏا پورٽريٽ ٺاهيا، جيڪي سندس گهر ۽ تجربيگاهه جي ديوارن تي لڳا پيا هوندا هئا. انهن ۾ ليوائن، نيوٽن، گليلو، فراڊي ۽ ٻين وڏن وڏن سائنسدانن جا پورٽريٽ شامل هئا. اهي پورٽريٽ پوءِ روسي ميوزيمن جي زينت بڻيا.

20 سالن تائين ڪيميا پڙهڻ ڪان پوءِ قدرتي عنصر مينڊلف جي ذهن ۾ مڪمل سمائجي چڪا هئا. هن ان سلسلي ۾ موجود سڄي مواد کي لکت ۾ گڏ ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هو. هو وري وري ان مواد کي پڙهندو ۽ سمجهندو رهندو هو ۽ سوچيندو به رهندو هو ته ڪيميا جي لاءِ هزارين سائنسدانن ڏينهن رات هڪ ڪري تمام وڏو ڪم ڪيو پر هو ان علم جو بنياد نه رکي سگهيا ۽ صرف عنصرن جي علم جي جوڙاري ئي ڦرندا رهيا. عنصر، جيڪي ظاهري طور هڪ ٻئي جهڙن ئي ننڍڙن ذرن يعني ائٽم مان ٺهن ٿا، پر هڪ ٻئي کان ڪيترو نه مختلف هوندا آهن. ڪو گيس آهي ته ڪو ٺوس، ڪو نرم آهي ته ڪو وري ٻلبلو.

انسان سڀ کان پهريون جيڪو عنصر معلوم ڪيو، اهو ڪاربان هو. جيڪو پنهنجي مختلف شڪلين ۾ انسان کي ڪم آيو. ڪوئلي جي شڪل ۾ ان گرمي ڏني ته، گريفائٽ جي شڪل ۾ انسان کي لکڻ ۾ ڪم آيو. هيري جي شڪل ورتائين ته انساني عمارتن جي ذوق جي تسڪين جو سبب بڻيو. ڌاتن ۾ صرف سون، چاندي،

لوهه، ٽامون، جست، پارو، المونيم دريافت ٿيا هئا. پوءِ جيئن جيئن ڪيميا جو علم وڌندو ترقي ڪندو ويو، نوان نوان عنصر دريافت ٿيندا ويا. 15 صديءَ تائين انسان چاليهن جي لڳ ڀڳ عنصرن کان واقف ٿي چڪو هو. 18 هين صديءَ جي آخر تائين دريافت ٿيل عنصرن جو تعداد 56 تائين پهچي چڪو هو. ڪولمبيا ۾ هڪ فوجيءَ کي هڪ چمڪندڙ ڌاتو هٿ لڳو، سون کان به وڌيڪ ناياب هيءَ ڌاتو پلاٽينيم سڏجڻ لڳو، يعني اڇو سون.

ان کان پوءِ نڪل، هائڊروجن، آڪسيجن، نائٽروجن، ڪلورين، ميگنيز، ٽنگسٽن، ڪروميم، مولڊبيمم ۽ ٽائٽيمم دريافت ٿيا. آخر ۾ مهانگا ۽ ناياب ترين عنصر دريافت ٿيا. مثال طور ٽيلوريم، روڪونيم ۽ يورينيم اهي عنصر تابڪاري اثر رکندڙ هئا ۽ ان وقت انهن جو ڪو به فائدو نظر نه ٿي آيو. ان کان پوءِ ڪولميم لڌو. اهڙيءَ طرح ڪل لڌل عنصرن جو انگ 63 ٿي ويو. 1816ع ۾ يورپ جا ڪيميادان ايترن عنصرن کي سڃاڻي چڪا هئا. مينڊلف انهن 63 ئي عنصرن جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ هڪ هنڌ گڏ ڪئي. هن ان لسٽ ۾ فلورين کي به شامل ڪري ڇڏيو، جنهن جو وجود ته تسليم ڪيو ويو هو پر ان کي اڃا خالص حالت ۾ حاصل ڪري نه سگهيو ويو هو. هن انهن عنصرن تي اونهو غور ويچار ڪيو. هائڊروجن جو نمبر هڪ هو ته يورينيم جو نمبر 238 هو. ان ۾ ڪجهه تعداد گئسن جو هو. جيئن هائڊروجن، آڪسيجن ۽ نائٽروجن، ڪجهه مائع حالتن ۾ هئا، جيئن پارو ۽ برومين. باقي نهرا يا پريرا هئا ان ۾ ڪجهه بيحد سخت هئا، جيئن لوهه، پيلڊيم ۽ اريڊيم. ڪجهه بيحد ملائم جيئن سوڊيم ڪجهه بيحد هلڪا، جيئن ليٿيم ڌاتو پاڻيءَ تي تري سگهي ٿو ته اوسيميم ايترو ڳرو جو پاڻيءَ کان به ساڍا ٻاويهه دفعا وڌيڪ وزن رکي ٿو.

پارو ڌاتو هوندي به پاڻياڻي شڪل ۾ هو. ٽامو ڳاڙهاڻ مائل هو. سون زردو، لوهه سرمئي، فاسفورس اڇو ۽ برومين ڳاڙهو.

ڌاتن ۾ نڪل ۽ ڪروميم

ٻئي طرف شيهو ۽ سون سالن تائين کليو رکي ڇڏيو پر ڪڍهن به نه بدلبو. ان جي مقابلي ۾ لوهه کي هڪدم زنگ لڳي ويندو.

ڪجهه آڪسيجن سان

ڪجهه ايترا عمل انگيز آهن جو ٻين عنصرن مان جدا ڪرڻ مشڪل ۽ ڪجهه ايترا اڪيلائي پسند جو ڪنهن سان به ميلاپ نه ڪن.

عجيب غريب دنيا هئي انهن عنصرن جي بظاهر هڪ خاندان جا فرد پر هڪٻئي کان ڪيتري قدر مختلف مينڊلف سوچيندو ۽ بار بار سوچيندو هو ته ڇا انهن عنصرن ۾ ڪا هڪ جهڙائي نه آهي؟ ڇا انهن ۾ ڪا به شيءِ هڪ جهڙي نه آهي؟ ڇا عنصر ايترا آهن

پر مينڊلف ٿورو به نه گهٻرايو. هن بي نيازيءَ سان چيو ته تجربو ڪرڻ واري تارازي غلطي ڪري وئي آهي، منهنجي جدول بلڪل صحيح آهي، انتظار ڪريو، وقت خود فيصلو ڪندو.

۽ ائين ئي ٿيو سڄي دنيا جا سائنسدان، ڪيمياداان، مينڊلف ڪي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ تجربا ڪرڻ لڳا پر جڏهن نتيجا سامهون آيا ته هڪ دفعو ٻيهر روسي ڪيمياداان صحيح نڪتو.

پلاٽينيم ائٽمي وزن ۾ سون جي وزن کان گهٽ ثابت ٿيو. بيشڪ روسي ڪيمياداان جي جدول جي درستي لاجواب هئي. پر اڃا هن جو اصل انڪشاف باقي هو. ان ڪيميا جا شيدائي فطرت جي عنصرن تي پڪو يقين رکندا هئا جو انهن جي خيال ۾ هن ۾ ڪا خامي ممڪن نه آهي. جڏهن ته نون عنصرن جي دريافت سيني جي سامهون هئي. ان جي باوجود نظام جي خلاف سوچڻ وارن جو تعداد نه هئڻ جي برابر هو. ڪير به الڳ سان سوچڻ لاءِ تيار نه هو. پر مينڊلف انهن کان قطعي مختلف هو. هو شڪ ۽ وهم جي ڇانو ۾ حقيقتون معلوم ڪرڻ چاهيندو هو. هن جي اندر نظام سان بغاوت جي جرئت هئي.

مينڊلف محسوس ڪيو ته هن جي جدول ۾ اڃا تائين ڪافي خالي نمبر هئا. هو سوچيندو هو ته ڇا اهي نمبر هميشه خالي رهندا. آخر ٻيا عنصر به ته لڌا ويا هئا. ان ڳالهه جا ڪافي امڪان هئا ته مستقبل ۾ ٻيا عنصر به لڌا ويندا. پر وقت جو انتظار ڇو ڪيو وڃي. هن جدول جو جائزو ورتو. ٽئين نمبر گروپ ۾ ڪيلشيم ۽ ٽيٽانيم وچ ۾ جاءِ خالي هئي ۽ هيءَ جاءِ بورون جي بلڪل هيٺان هئي. ان ڪري مينڊلف ان کي بورون مثل جو نالو ڏنو. اهڙي طرح ان گروهه ۾ المونيم جي هيٺان جاءِ خالي هئي. مينڊلف هن عنصر جي اڳڪٿي ڪندي هن کي المونيم مثل جو نالو ڏنو.

چوٿين گروهه ۾ المونيم مثل ۽ آرسينڪ جي وچ ۾ جاءِ خالي هئي. ڇاڪاڻ جو هيءَ جاءِ سليڪان جي هيٺان هئي ان ڪري مينڊلف ان ک سليڪان مثل چيو. هن ٽن نامعلوم عنصرن جي اڳڪٿي ڪئي ۽ انهن جي ڳولا جو ڪم ٻين ڪيمياداانن لاءِ ڇڏي ڏنو.

مينڊلف کي پنهنجين اڳڪٿين تي ايترو يقين هو جو ورسي ڪيمسٽري سوسائٽي جي سامهون پنهنجي مقالي "عنصرن جو ائٽمي وزن ۽ انهن جون خاصيتون" ۾ انهن عنصرن جو ذڪر ڪيو. پر ان ۾ هن تسليم ڪيو ته هن کان اڳ ۾ به ڪيترائي سائنسدان جدول جي ان حيرت انگيز هم آهنگيءَ جو ذڪر ڪري چڪا آهن. پر ڪنهن به ايتري ڀرپور انداز سان ان جو ذڪر نه ڪيو آهي ۽ نه انهن کي پنهنجي دريافت تي ايترو پختو يقين هو. انهن جي مقابلي ۾ مينڊلف کي پنهنجين اڳڪٿين تي ايترو يقين هو جيترو ڪنهن پيغمبر کي مٿس لاٿل وحيءَ

تي. اهو ئي سبب هو جو هن جي اڳڪٿين ۾ سندس انداز تحقيقي ڪان وڌيڪ الهامي هو. هن دنيا کي نه ٻڌايو ته هن کي پنهنجين اڳڪٿين تي ايترو يقين ڇو آهي. پر هو بيحد دليريءَ سان انهن عنصرن جي باري ۾ ٻڌائيندو هو. جيڪي اڃا تائين نه لڌا ويا هئا ۽ ڪنهن انساني اک انهن کي نه ڏٺو هو.

مينڊلف نه فقط انهن عنصرن کي الومنيم مثل، سليمان مثل، ۽ بورون مثل جو نالو ڏنو پر انهن عنصرن جو ائٽمي وزن، خاصيتون ۽ مرڪب پڻ ٻڌايا.

جان نيولينڊ کي به اهڙي مخالفت سان منهن ڏيڻو پيو هو پر هن پنهنجي تحقيق جي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪانه ڪئي. ڪيس يقين هو ته هڪ ڏينهن ڪو پيو سائنسدان ضرور سندس ڳولي لڌل سچ کي ثابت ڪندو. ۽ اهو ڪم دميتري مينڊلف ڪيو. هن ان تحقيق کي اڳتي وڌائيندي نيولينڊ ڪان به وڌيڪ انڪشاف ڪيا.

1870ع جو سال هڪ تبديلي ڪٺي آيو. جست جي ڪاٺين ۾ ڪم ڪندي ڪاڪشي لوئيس باران نالي سائنسدان کي اجنبي عنصر هٿ لڳو. خوشقسمتيءَ سان هن کي الومنيم مثل جي اڳڪٿي ۽ ان جي خاصيتن جي خبر هئي. تنهن ڪري هن ان عنصر جو بار بار تجزيو ڪيو. هن پنهنجي هر شڪ کي ختم ڪيو ۽ نيٺ اعلان ڪيو ته هن الومنيم مثل ڳولي ورتو آهي. ڪيميا جي دنيا ۾ اهو ڌرتلو مچائيندڙ انڪشاف هو. هن ڪان پهرين ڪڏهن به ائين نه ٿيو هو جو هڪ ڪيمياداں هڪ عنصر جي ليجڻ جي اڳڪٿي ڪري ان جون ڪيميائي خاصيتون ٻڌائي ۽ تلاش ڪان پوءِ نه صرف اهو عنصر ملي وڃي پر ان جون خاصيتون به اهي ئي هجن، جيڪي اڳ ٻڌايو ويون هجن. هي عنصر گداز پذير هو. ان جو ڦٽڪڙيون ٺاهي سگهجن پيون. اهو سڀ ڪجهه مينڊلف اڳ ئي ٻڌائي چڪو هو. لوئيس باڊران ان عنصر کي پنهنجي وطن جي نالي تي گيليم جو نالو ڏنو. اڄڪلهه اهو عنصر ڪمپيوٽر چپ سازيءَ ۾ استعمال ٿئي پيو.

هن انڪشاف مينڊلف جي مخالفن کي ماٺ ڪرائي ڇڏيو. پر جلد ئي انهن کي هوش آيو ۽ انهن ان امڪان کي سراسري قانون سان تشبيهه ڏني، يعني هڪ هزار اڳڪٿين مان هڪ ٻن جو صحيح نڪرڻ اولهه يورپ جا سائنسدان ته بلڪل يقين ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. ان جو سبب اوير ۽ اولهه جي چڪتاڻ پڻ هيو. اولهه لاءِ اهو مڃڻ ڏکيو هو ته هڪ پوئتي پيل ملڪ جي به بنهه پوئتي پيل علائقي جو هڪ ڪيمياداں نامعلوم عنصر ۽ ان جي خاصيتن جي باري ۾ ٻڌائي. اهي سندس شديد مخالف هئا پر الومنيم جي ملڻ انهن جي مخالفت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.

اڃا هو الومنيم مثل جي صدمي ۾ هئا ته خبر آئي ته جرمنيءَ ۾ ونڪلر

حب الوطنيءَ جي جذبي کي ڏسي ڪيس ملڪ جي صنعتي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ تحقيقي ڪم ڪرڻ تي اڀاريو.

انهن ڏينهن ۾ خام پيٽروليم جي صنعت شروعاتي ڏينهن ۾ هئي. آمريڪا جي رياست پنسلوانيا ۾ 1859ع ۾ پهريون کوهہ کوٽيو ويو. جتان تجارتي پيماني تي تيل نڪرڻ لڳو. مينڊلف سمجهي ويو تہ اهو ئي مستقل جو ٻارڻ آهي. ان ڪري هن حڪومت کي مشورو ڏنو تہ تيل جي صنعت کي ترقي ڏني وڃي.

روس انهن ڏينهن ۾ آزربائيجان تي قبضو ڪيو هو. اتي صديون پراڻا تيل جا کوهہ هئا، جن مان خودبخود تيل نڪرندو هو. مينڊلف انهن چشمن جو سائنسي جائزو وٺي انهن جي ترقيءَ لاءِ حڪومت کي هڪ جامع رپورٽ پيش ڪئي حڪومت سندس رپورٽ جي روشنيءَ ۾ ئي باڪو کي دنيا جي سڀ کان وڏي آئل فيلڊ ۾ تبديل ڪيو.

ان کان پوءِ مينڊلف آمريڪا هليو ويو. اتي هن آئل فيلڊ جو دورو ڪيو ۽ واپس اچي ان جي بنياد تي پيٽروليم جي مختلف شين تي تجربا ڪيا. بعد ۾ جڏهن باڪو جي آئل فيلڊ مان گهٽي مقدار ۾ پيٽرول نڪرڻ لڳو تہ روسي حڪومت مينڊلف جي تجربن جي بنياد تي تيل صاف ڪرڻ جا ڪارخانا قائم ڪيا ۽ روس جي ترقيءَ جو بنياد پيو. چاڪاڻ تہ روس ڪنهن ٻئي ملڪ مان تيل درآمد نہ ٿي ڪري سگهيو. ان لاءِ هڪ تہ تمام گهٽي درآمدي ناڻي جي ضرورت پوي ها جيڪو روس وٽ ڪونہ هيو ۽ ٻيو تہ روس وٽ ڪوبہ اهڙو بندرگاهہ نہ هو، جيڪو سڄو سال تيل جي فراهميءَ جي ضمانت ڏئي سگهي، جنهن ڪري روس لاءِ باڪو آئل فيلڊ ڄڻڪ سون جي کاڻ ۽ جديد ترقيءَ جو بنياد بڻجي وئي. مينڊلف هر وقت روس جي صنعتي ترقيءَ لاءِ بيچين رهندو هو. هن کي معلوم هو تہ هڪ مضبوط معيشت ئي ملڪ کي سگهارو ۽ عوام کي خوشحال بڻائي سگهي ٿي. پيٽروليم کان پوءِ مينڊلف ملڪ ۾ ڪوئلي ۽ ٻين ذخيرن جي باري ۾ بہ رپورٽ تيار ڪري حڪومت کي ڏني.

هڪ طرف هو تجربن ۾ مصروف هو تہ ٻئي طرف سينٽ پيٽرز برگ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيميا جي شعبي جي صدارت ڪري رهيو هو. ٽئين طرف وري هو ملڪي ترقيءَ لاءِ پڻ پنهنجون خدمتون پيش ڪري رهيو هو. پر بدقسمتيءَ سان هيءُ نهايت خراب دور هو زار اليگزنڊر ٻيو ملڪ جي سياسي، سماجي مسئلن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن عدالت، پريس ۽ عوام کي پڻ ٿوري آزادي ڏني. پر عوام خاص ڪري هاري هن جي آزاديءَ مان مطمئن نہ هئا ۽ زار شاهيءَ مان مڪمل نجات جا خواهشمند هئا. شاگردن ۾ پڻ ٿوري وڌيڪ آزادي جو مطالبو ڪيو. جنهن کي حڪومت سختيءَ سان رد ڪري ڇڏيو. ان ڪري شاگردن ۾ گوڙ شروع ٿي ويو. مينڊلف جي عوام دوستي واري رڳ ڦڙڪي ۽ هو شاگردن کي حمايت لاءِ ميدان ۾ لهي آيو. هن دفعي هن ڏانهن حڪومت جو رويو تعليمي نظام جو رويو بہ هن لاءِ سخت رهيو هو ۽ ڪيس چيو ويو تہ تون پنهنجي تحقيقات سان ڪم رک ۽ سياسي

مسئلا حڪومت لاءِ ڇڏي ڏي.

زندگيءَ ۾ پهريون پيرو مينڊلف صبر ۽ دانشمنديءَ کي ڇڏي ڏنو ۽ يونيورسٽيءَ جي ملازمت تان استعفيٰ ڏئي عوام جو ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ هارين جي جلسن ۾ وڃڻ لڳو. هن جي بهادري ۽ ثابت قدميءَ جو اهو مثال هيو هو، جو جڏهن هارين تي پابنديون هينون ويون (جو ته 1888ع ۾ زار تي قاتلاڻو حملو ٿيو) تڏهن به هن عوام جو ساٿ نه ڇڏيو. هن جي ترقي پسنداڻن خيالن جي ڪري حڪمرانن جو هڪ وڏو طبقو چڙڻ لڳو.جڏهن سينٽ پيٽرز برگ جي اڪيڊمي هن کي ڪيمسٽري سوسائٽيءَ جو ميمبر ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته ماسڪو جي يونيورسٽيءَ هن کي هڪدم اعزازي ميمبرشپ ڏني، روس کانسواءِ ٻين ملڪن ۾ به هن جي ڏاڍي عزت ڪئي ويندي هئي.

انگلينڊ جي رائل سوسائٽيءَ هن کي ڪيميائي جدول جي جوڙجڪ تي ڊيوي ميڊل ڏنو بعد ۾ هن کي فيراڊي ميڊل سان گڏ چڱي خاصي رقم به پيش ڪئي وئي. هن اهو اعزاز ته ورتو پر پئسا وصول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو سندس چوڻ هو ته فيراڊي جهڙي شخصيت سان منسوب ميڊل ۽ اعزاز ڪافي آهي.

آمريڪا، جرمني ۽ انگلينڊ جي روسي ڪيمسٽري سوسائٽين کيس بيشمار اعزازن سان نوازيو. هن کي ڊاڪٽريٽ جون مختلف اعزازي ڊگريون ڏنيون ويون. روسي حڪومت ڪانئس ڪيتري به ڪاوڙيل چو نه هئي، پر مينڊلف جي علمي مرتبي جو پورو پورو خيال رکندي هئي.

جاپان ۽ روس جو پراڻو جهيڙو هلندڙ هو، جيڪو ويهين صديءَ جي شروعات ۾ جنگ جي صورت اختيار ڪري ويو. جاپان، روس تي حملو ڪيو ته حب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار سائنسدان بي تاب ٿي ويو. هن پنهنجون خدمتون حڪومت کي پيش ڪيون ۽ روس جي بحريه جو مشير مقرر ڪيو ويو. ان دوران هن پائرو ڪولڊين جهڙي مفيد شيءِ دريافت ڪئي، پر جنگ ۾ روس جي شڪست ۽ خليج ۾ روسي ٻيڙي جي تباهيءَ مينڊلف کي بيمار ڪري وڌو. هو جوانيءَ کان وٺي گردن جو مريض هو پر هڏ ڪاٺ جي مضبوطيءَ ۽ مضبوط ارادي سان هن 76 سالن جي عمر ماڻي.

فيبروري 1907ع جي هڪ سردار رات ۾ هن کي زڪام ٿي پيو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ کيس نمونيا ٿي پئي ۽ بيماريءَ جي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مينڊلف هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. هن کي هن جي ماءُ ۽ وڏي پٽ جي پرسان دفن ڪيو ويو. سائنس ۽ خاص ڪري علم ڪيميا، هن جي ٺاهيل ڪيميائي جدول سبب بي پناهه ترقي ڪئي، سندس محنت کي مان ڏيندي. 1955ع ۾ جنيوا ۾ سڄي دنيا جا ڪيميادان گڏ ٿيا ۽ هنن ان وقت لڌل هڪ عنصر (جنهن جو ائٽمي وزن 101 هو) کي مينڊيولم جو نالو ڏنو. اهو واحد عنصر آهي جنهن کي ڪنهن انسان جو نالو ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سائنس جي دنيا سندس نالي کي هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو.

## سنڌ جي ناليواري چترڪار

# ظفر ڪاظميءَ جي وڇوڙي تي تاثرات

**مرتب: سليم چنا**



ظفر ڪاظمي جو وڇوڙو سنڌي قوم ۽ سنڌ ڌرتي جي لاءِ هڪ نه وسرندڙ باب آهي، جنهن کي هميشه ياد رکيو ويندو. مرحوم سائين ظفر ڪاظمي سان گذريل 16 سالن ۾ تمام گهڻيون ملاقاتون رهيون. پاڻ نه فقط سنڌ پر دنيا جي مجيل چترڪارن مان هڪ هئا، وٽن بي انتها چاهه به هئي ته فن ۽ فڪر به. جيڪو هنن پنهنجي برش ۽ قلم جي ڪمال سان اسان سيني آڏو پيش ڪيو. مون سندس لاءِ هڪ اهم پروفائيل لکي ڇپرايو آهي. جنهن ۾ گهڻو ڪجهه مواد آهي. الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. آمين

**سليم چنا حيدرآباد**

سائين ظفر ڪاظمي صاحب بهترين منتظم ۽ اعليٰ تخليق ڪار جي حيثيت ۾ اسان سيني جي لاءِ اعليٰ نمونو هو.

**سجاد مرزا**

سائين ڪاظمي صاحب جن لاءِ ايترو چوڻ حقيقت کان خالي آهي نه ته پاڻ هڪ منفرد شخصيت جا مالڪ هئا. پنهنجي حياتي دوران هميشه سنڌ ڌرتي جي خوشحاليءَ لاءِ سوچيندا هئا.

**سعد الله مهر**

سنڌ ميوزم جا سڀ مجسما،
تنهنجي سار ڪهاڻي هاڻي!
آرٽ، ادب تي ڏورا ڪيئي،
ظاهر ذات پڇاڻي هاڻي!
وڇڙي ويو فنڪار عظيم،

سمجهي پوندو. ظفر ڪاظمي بنيادي طور تي هڪ آرٽسٽ هو. هڪ مصور. هن سنڌ جي ڪلچر کي رنگن ۽ ليڪن وسيلي ڪئنواس تي آندو. خاص طور تي لاڪيٽيءَ لطيف جي سورمين کي هن پينٽ ڪيو ۽ اهو هڪ يادگار ڪم آهي، ظفرڪاظمي شاعري بہ ڪئي، جيڪا تہ، ماهي "مهراڻ" ۾ ڇپي، هن اردوءَ ۾ بہ شاعري ڪئي آهي.

**امداد حسيني**

سائين ظفر، سنڌ جو اهو عاشق آرٽسٽ آهي (مان سندس لاءِ "هيو" جو صيغو استعمال نہ ڪندس، ڇو تہ هو آهي) جنهن پنهنجي برش ۽ سنگتراشيءَ جي فن سان سنڌ جي ازلي ۽ آدي جڳائي. سيڪيولر مزاج ۽ روح جي نہ رڳو اپٽار ڪئي بلڪ ڪليل ۽ ڇٽيءَ ريت پرچار ڪئي. اسان شاعرن ۽ ساهتڪارن قلم ذريعي، لطيفي فڪر جي پرچار بہ ڪئي آهي، پر هن فقير منش، پنهنجي آڱر جي جادوءَ سان، سنڌ جي تاريخ، لوڪ ڪٿا ۽ سنڌ جي صوفي فڪر جي زبردست ترجماني ڪئي. **زبير سومرو**

نهايت شفيق رحمدل انسان جنهن کي الله پاڪ پنهنجي ڪلا سان نوازي هن ڌرتي تي انسانذات کي خدمت لاءِ موڪليو. هميشہ سچ ڳالهائيندڙ بابا سائين ظفر ڪاظمي جهڙا انسان صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. **زيب نظاماڻي**

سائين ظفر ڪاظمي سنڌ ڌرتي جو مائيڪل اينجلو ۽ پڪاسو (Picaso) هو. هن جي فن جي ڪري سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جي بي پناهہ عڪاسي ٿي. پنهنجي منفرد، ملڪ ۽ همگير شخصيت جي ڪري هو سنڌ جو هڪ يگانو عاشق ۽ ترجمان هو. ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي باني ۾ سندس شمار ڪري سگهجي ٿو.

**گل محمد عمراڻي**

باءُ ظفر ڪاظمي پنهنجي فن ذريعي سنڌ جي اتهاس ۾ زنده رهندو. هن جون ناهيل تصويرون اڄ بہ سنڌ يونيورسٽي جي ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي ديوارن تي سندس يادگيرين کي ڇٽو رکن ٿيون. ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ ميوزم ۾ محفوظ ڪيل سندس تصويرن ۽ ڊايورامار ۾ هو موجود آهي هو هڪ سچو ۽ کرو انسان هو. جيڪي سنڌ ۾ اڻ لڀ هئا هو انبوهہ ۾ سچ چوندڙ شخص پنهنجي سموري سچائيءَ سان اسان جي سوچن ۾ ۽ تصور ۾ زندهہ آهي. **ڊاڪٽر سحر امداد حسيني**

سائين ظفر ڪاظمي سنڌ جي ضمير ۽ خمير جو انساني روپ هيو. افسوس اهو آهي جو هن نهايت غير معمولي عظيم آرٽسٽ جو قدر ڪنهن بہ ڪونہ ڪيو. نہ اسان جي ادارن، نہ اسان جي ثقافت کاتي نہ اسانجي ماڻهن. ايتري قدر جو زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ تڙپندو بہ "سنڌ سنڌ" ڪندو رهيو پر اسان جي اڪثر ماڻهن ساڻس اسپتال ۾ وڃي عيادت بہ ڪانہ ڪئي سائين ظفر ڪاظميءَ جهڙا جينس آرٽسٽ ۽ عظيم انسان مومن جو اثاثو ۽ سرمايو ٿيندا آهن پر اسان ڪيس اهو گهربل مان ڏئي نہ سگهياسين ۽ اڄ سندس جنازي نماز مهل سڄي سنڌ بہ جمع ادارن ۽ اديبن جا قافلا گڏيا آهن ڪاش اهو مان ۽ مڃتا ڪيس جيئري ڏنو وڃي ها...!

تہ شايد هو ڪجھ ڏينهن وڌيڪ جيءَ سگهي ها . . . . **ساجد سومرو**

ظفر ڪاظمي سنڌ جو هڪ وڏو نالو آهي. هن سنڌ جي ثقافت جي ڏس ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي. سو لاثاني آهي. هڪ نامور مصور هئڻ سان گڏ هن سنڌ ميوزيم ۾ جهڙي ريت سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪيو سو سندس هڪ وڏو ڪارنامو آهي.

**شوڪت حسين شورو**

سائين ظفر ڪاظمي سنڌ ساڻيھ جو سچار آرٽسٽ هو. جنهن کي پنهنجي فن سان عشق هو. سنڌ ۽ سنڌ جو هي فن هڪ بنھ سچي ۽ عاشق فنڪار کان محروم ٿي ويئي. ڪاش سائين ظفر جو خال پورو ٿي سگهي. **ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

سائين ظفر ڪاظميءَ ۾ موهن جي دڙي جي دراوڙ جو روح هو. هو ارڏو، بااصول ۽ پير تي ڏؤنڪو هڻي سچ چوڻ وارو انسان هو. هن جي موت سان سنڌ جي ثقافت، انٿروپالاجي ۾ وڏو خال ٿيو آهي. **ادريس جتوئي**

پنهنجي ڌرتيءَ جي هن عظيم آرٽسٽ جي جيون تي نظر وجهون ٿا هن پنهنجو وقت وڃائڻ بدران انهن گهڙين کي رنگن جو اهو روپ ڏنو، جيڪي هميشہ رهندا آهن.

**اعجاز منگي**

هڪ بهادر، بيباڪ، شخص ۽ مصور جي موڪلاڻيءَ تي افسوس ڪجي ٿو. اهڙا ماڻهو تمام گهٽ هوندا آهن. موت اهڙا ماڻهو بہ اسان کان ڇنيو وڃي.

**عبدالقادر جوڻيجو**

سنڌ اڄ هڪ عظيم ۽ بي باڪ فنڪار کان محروم ٿي ويئي سندس نانءُ سدا امر رهندو. **نواز علي پٽو**

ظفر ڪاظمي، سنڌ ۾ عظيم چترڪارن جي کيپ جو آخري وڏو چترڪار هو. هن جي فن جي مهانتا اها آهي جو هن لطيف جي رسالي کي پينٽ ڪيو. ان جون سورميون، ماڳ، مڪان، رنڌ، پنڌ ۽ انهن جي پوري باريڪ بيني سان رنگن ۾ جياريو. **نصير مرزا**

ظفر ڪاظمي جي وفات کان مصوري جو هڪ دور ختم ٿي ويو. اهڙو دور، جيڪو مصوري جي عظمت جو دور هو. ظفر ڪاظمي لطيف سائين جي سورمين جي عڪسي صورت جو پهريون موجود هو. **طارق عالم ابڙو**

سائين ظفر ڪاظمي سنڌ جو عظيم تخليق ڪار هيو، هن پنهنجي مصورن جي فن ذريعي سنڌ جي هزارين سالن جي قديمي ثقافت ۽ تهذيب کي اجاگر ڪيو. هن سنڌ ميوزيم حيدرآباد کي اوج ڏنو. لاڙ ميوزيم، ٿرپارڪر ميوزيم، سيوهڻ ميوزيم، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ۽ ميوزيم ۾ بہ سندس مثالي تخليقي پورهيو آهي.

**مقصود حسين خاصخيلي**

انا الحق چوندڙ انسان هر دور ۾ رهيا آهن، هر دورکي پنهنجا منصور آهن. اسان کان هن دور جو منصور مصور وڇڙي ويو، ڏک جي نہ پڇاڻي آ! **ناز سهتو**

شاهہ جو شيدائي، ظفر ڪاظمي، سنڌ جي ساڃاهہ ۽ سڃاڻپ هيو، سنڌ جي جيئري جاڳندي انسائيڪلو پيڊيا هو. آرٽ جي دنيا ۾ سندس پيار جو پورهيو پنهنجي الڳ اسٽائيل ۽ صنف سان پڌرو ۽ منفرد هيو. نہ رڳو سنڌ ميوزيم پر پاڪستان جي قومي ڏينهن تي جلوس جي صورت ۾ نڪتل فلوٽس ٽرڪن تي ملڪ جي ثقافت بہ سندس ئي ڪاوشن جو نتيجو هئا ۽ ميڊيا جي ٽرو بين القوامي سطح تي ڏسڻ ۾ آيا.
**اياز عالم ابڙو**

سائين ظفر ڪاظمي سنڌ جي مختلف ميوزيمن ۽ ڪلچرل ماڳن تي شاهوڪار ۽ خود ڪفيل سنڌ جو جيئرو جاڳندو تهذيبي ورثو چترڪاريءَ جي روپ ۾ ڇڏي هزارين سنڌين ڪي هزارها ورهيہ ڪان شاهوڪار سنڌ جو نقشو ڏيکاريو . موهن جي دڙي يا آمري جي دڙي جي قديم تاريخ جيڏو قديم خمير رکندڙ سائين ظفر ڪاظمي سدا حيات آهي.
**نظير لغاري**

سائين ظفر علي ڪاظمي صاحب سنڌ جي مٽيءَ جو ڳوهيل انسان هو جهڙيءَ ريت هن سنڌ جي ڪلچر کي پنهنجي فن ذريعي جلا بخشي، اها سنڌ لاءِ صدين جو وکر آهي.
**هريشچندر سامي**

سائين ظفر علي ڪاظمي صاحب سنڌو ماتريءَ جو عظيم آرٽسٽ هو، هن سنڌ جي عظيم تهذيب ثقافت ۽ ڪلچر کي پنهنجي هٿن سان اجاگر ڪيو، سائين پنج ميوزيم پنهنجي هٿن سان ٺاهيا.
**عرس ڪانڌڙو**

جڏهن هن سنڌ جي ڳوٺن تي اڪيون ڦيرايون تہ هن سنڌ ميوزيم ۾ هڪ ڳوٺ اڏي پنهنجي فن کي سنڌ واسين کي ڏيکاريو.
**واحد ڪانڌڙو**

مان سندس نناڍڙي پٽ جي حيثيت ۾ هوندو هيس، چاڪاڻ تہ مون کي سندس ئي صحيح سان ڪلارڪيءَ جو آرڊر مليو. هر وقت ساڻس گڏ گذاريم جيڪي ڪجهہ مان هن وقت آهيان، سائين جن جي دعائن جو اثر آهي.
**غلام نزاڪت علي فاضلاڻي**

الهاس نگر (انديا) مان نند ڇڳاڻيءَ فون ڪري ظفر ڪاظمي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ ٻڌايو تہ هنن KTNتي خبر ٻڌي، جنهن سان هند جي سنڌي ادبي حلقي ۾ ڏک جي لهر ڊوڙي وئي، نند جويري، ڪرشن راهي ۽ موتي پرڪاش بہ سنڌ جي اديبن سان ڏک ۾ شريڪ آهن.
**تاج جويو**

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان فون ۽ SMSذريعي ناميارن اديبن، شاعرن ۽ عالمن توڙي مصورن KTNتي خبر ٻڌي پنهنجي ڏک ۽ غم جو اظهار ڪندي، سرڪش سنڌي، ادل سومرو، تاجل بيوس ڊاڪٽر منصور ملڪ، اعجاز قريشي، نصير سومرو، امداد سولنگي، وسيم سومرو، آغا رفيق، انور نگار هڪڙو، رفيہ گيلاني، حميرانور، رجب ٻگهو، هارون چنو، گوهر سنڌي، استاد راهي، شريف شاد سومرو، اصغر سڄاڳ، ۽ ٻين چيو تہ سائين ظفر کي سنڌ صدين تائين ياد رکندي. هو اسان جو بي مثال سرمايو آهي ۽ سندس فن تاريخ ساز اثاثو آهي.
**ساجد سومرو**

حيدرآباد جي نئين ٽهي جي مصورن لاءِ ظفر ڪاظمي هڪ رول ماڊل شخصيت هئي ۽ جيڪڏهن مان اهو چوان تہ وڌائي نہ ٿيندو تہ ظفر ڪاظمي جي شخصيت جي ڪري سنڌ ۾ ڪيترن ئي مصورن جنم ورتو ۽ آرٽ جي دنيا ۾ شامل ٿيا. مان سنڌ جي مصورن ۽ خاص ڪري سنڌ يونيورسٽي جي فائن آرٽس جي استادن ۽ شاگردن جي طرفان ظفر ڪاظمي لاءِ دعاگو آهيان تہ الله سائين ظفرڪاظمي کي پنهنجي جوار رحمت ۾ رکي. آمين

**محمد علي پٽي**

لحد ۾ مون کي لنڻ کان پوءِ شفا آئي تہ ڇا؟
موت جو سامان بنجي، جي دوا آئي تہ ڇا؟
زندگيءَ ۾ "قرب" هن کان ڪين ڪي مليو ذرو!
قبر منهنجي تي پڙهڻ جي فاتحا آئي تہ ڇا؟

ڪاش! اسان پنهنجي قومي هيروز جو سنڌن حياتيءَ ۾ ئي قدر ڪرڻ سکون.

**زاهد ملڪ**

سائين ظفر ڪاظمي صاحب سان شاگرد جي حيثيت ۾ جڏهن بہ آيم. عزت ڏنائين. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٿيندڙ سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهہ جو ڏينهن هجي يا جشن لطيف جو ڏينهن سدائين اسٽيج لاءِ سائين کي عرض ڪيم. ۽ اهڙو اسٽيج نهرائي ڏنائين جو ماڻهو اچرج ۾ پئجي ٿي ويا. اها هڪ ذات هئي جيڪا سائين کي زندهہ رکندي. سائين جو پيار هميشہ ياد رهندو.

**ڊاڪٽر انور لغاري حيدرآباد**

پلان پون نہ وسرن، اوڳڻا چڙهن نہ چٽ
اڻ لوپي ۽ نينهن گهڻو، اهڙا سڄڻ ڪٽ
جان جان وڃان جت، تان تان هو پرين جي.

**امير علي ٽيبو**

ظفر ڪاظمي پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل آرٽسٽ هو. هن جو Contribation اسان سڀني کان گهڻو آهي. اجا بہ وڌيڪ هي بي باڪ ۽ بهادر انسان هو ڪنهن بہ ڪم ۽ ماڻهو لاءِ پنهنجي انداز واري راءِ ۾ منافق نہ رهيو.

**هاليپوٽو**

ڪراچي مان مرحوم گل محمد ڪتري جي صاحبزادي افضال ڪتري فون ڪري سائين ظفر ڪاظمي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو. سندس والده بيمار هئڻ سبب هو حيدرآباد نہ اچي سگهيو ان لاءِ فون تي تعزيت ڪيائين.

**اياز عالم ابڙو**

محترم ظفر ڪاظمي صاحب سنڌ جو اثاثو هو. هن پنهنجي سموري حياتي فن کي ڏئي ڇڏي، هن جو خدمتون وسارڻ جهڙيون نہ آهن. هن جو خدمتون امر رهنديون.

**عبدالحفيظ قريشي**

سائين ظفر ڪاظمي سنڌ جي بنيادي ۽ اعليٰ قسم جي چترڪارن مان هڪ هو. سائين سمورن چترڪارن مان منفرد حيثيت جو مالڪ هو. هن جي واٽر ڪلر تي

چتيون تيار ڪرڻ جي جستجو ڪي لڳي وڃن؟ **انيس مومن**

ظفر ڪاظمي صاحب سنڌ جو انمول هيرو هيو، جنهن جي وڃڻ سان هڪ خال پيدا ٿيو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ پورو ٿي ڪون سگهندو ڪاظمي صاحب هڪ آرٽسٽ سان گڏ هڪ بهترين منتظم، هڪ بهترين انسان هو، جيڪو هر انسان سان محبت سان پيش ايندو هو. جڏهن بہ ساڻس ملاقات ٿيندي هئي تہ هميشہ مستقبل جي لاءِ ڪانہ ڪا نصيحت ضرور ڪندو هو ۽ هميشہ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجن ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ چوندو رهندو هو. مون ذاتي طور سائينءَ مان گهڻو ڪجهہ پرايو. الله سائين ڪاظمي صاحب کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ڏي ۽ پوئٽرن کي هن جي وڇڙي وڃڻ جي غم کي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين! **منظور احمد**

جناب ظفر ڪاظمي صاحب جن جي وفات تي ڏاڍو ڏک ٿيو جو سنڌ هڪ عظيم آرٽسٽ کان محروم ٿي ويئي. مگر سندس يادون ۽ مسڪرائيندڙ چهرو هميشہ ياد رهندو. ڪاظمي صاحب کي عجائب گهر سان وڏو چاهہ ۽ پيار هوندو هو پاڻ کي ان لاءِ وقف ڪيو هئائين ۽ ان جو نتيجو اهو آهي تہ آخر ۾ جنهن اداري سان پيار هوس اتي ئي دفن ٿيو. **خير محمد مغل**

بابا استاد نياز حسين جا تمام پيارا دوست هئا. ۽ اسان سان هميشہ شفقت جو ورتاءُ رکندا هئا. ۽ اسان لاءِ بابا جي جاءِ تي هئا. اسان کي ڏسي هميشہ خوش ٿيندا هئا ۽ نوان ۽ لاجواب مشوره ڏيندا هئا. **مظهر حسين/ذوالفقار**

ظفر ڪاظمي، نرالو شخص، خوبصورت چترڪار ۽ بهترين شاعر هيو. هن جو لاڏاڻو، علم، ادب، ڏاهپ ۽ ڪلا جو وڏو نقصان آهي. مرڻ ڪان پوءِ ان جا مجاور تہ گڏ ٿين ٿا پر جيئري سار نٿي لڌو وڃي. ڪاش! ڪو اهڙو فورم هجي، جيڪو اديبن، شاعرن، فنڪارن، چترڪارن جو نہ صرف علاج ڪرائي، پر انهن جي سار بہ لهي.

**ڊاڪٽر ذوالفقار سيال**

ظفر ڪاظمي، اسان جي سنگت جو هيرو هو، عبرت ۾ ست سال، هر روز ظفر جو عبرت ۾ ڪارٽون لاءِ اچڻ ۽ اهو ذاتي دوستي بلڪ محبت ۾ تبديل ٿي ويو. هونءَ تہ سندن والد منهنجي والد جو استاد هو ۽ وڏن جو پاڻ ۾ مائٽاڻو رستو هو پر ظفر سان ذاتي تعلق ٿي ويو. ڪجهہ عرصو ساڻس لمبي ڪچهري هاڻ صرف يادگيري بنجي وئي آهي ۽ منهنجي ڪئمرا ۾ سندس جا ڪڍيل فوٽو پڻ ـ الله تعاليٰ ڪيس مٿس رحمت ڪري ۽ سنڌ جي هن قابل فخر آرٽسٽ جو ڪو نعم البدل پيدا ٿئي.

**پير مظهر الحق**

سائين ظفر ڪاظمي صاحب سان تعلق علائقائي آمري جي تعلق ۽ ولد سيد مير محمد شاهہ جي حوالي سان هئي. سنڌ ميوزم ۽ ڪلچرل هيريٽج لاءِ سنڌ ڪاوشون سندن ڪارناما آهي. آمريءَ جي دڙي جي کوٽائي ۽ سنڌ جي سيلس کي نئڪر ۾ ناهي دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ ۽ سنڌ جي ڇپر کي جديد انداز ۾ ناهڻ پڻ سندس ڪوشش

جو نتيجو هئي. الله کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي سندس اولاد کي اها همت ڏئي ته پنهنجي والد کي پاڻ به ياد رکن ۽ دنيا کي ياد ڏياريندا رهن. **سيد جلال محمود**

ماڻهو هليو ويو ڳالهيون رهجي ويون. ظفر ڪاظمي وڏو فنڪار هو سندس، پارا سندس عظمت جا يادگار آهن. **غلام رباني آگرو**

هڪ سچي سنڌ پرست ۽ آفاقي ڪلاڪار جو وڇوڙو ٿيو آهي. سنڌ جي ثقافت جي هن محسن کي سنڌ هميشه ياد رکندي. **اڪبر لغاري**

سائين ظفر ڪاظمي جو قضيو، سنڌ جي عظيم فنڪار، سچي ۽ کري انسان جو وڇوڙو آهي، سنڌ ۾ انسانن جي ڏڪار ۽ بي قدري واري موسم ۾ هي وڇوڙو وڏو قومي نقصان آهي. الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سنڌ کي عظيم انسانن کي جنم ڏيڻ واري سگهه ورائي ڏئي. **مولا بخش چانڊيو**

سنڌ جي کهڙي سدا هنر تصوير آهي جنهن کي سائين ظفر ڪاظمي صاحب جا هٿ نه لڳا آهن ۽ کهڙو قومي ۽ روشن خيال رسالو يا ڪتاب آهي جنهن جو ٽائٽل سائين ڪاظمي صاحب نه ناهيو آهي. سائين ظفر ڪاظمي صاحب جي کوٽ سنڌ صدين تائين محسوس ڪندي. **جام ساقي**

مرحوم ڪاظمي صاحب جيڪڏهن بي قوم ۾ هجي ها ته سندس تمام وڏو نالو هجي ها پر افسوس پاڻ سنڌي هئا سنڌي قوم جي طور تي هن عظيم مصور تي جيترو ناز ڪري گهٽ آهي. **سردار جام تماچي**

ظفر ڪاظمي، سنڌ جي عظيم شخصيتن مان هو. هو جنهن دور ۾ جاڳو ۽ پوءِ هن پنهنجي فن (آرٽ ۽ ڊايوراما) جي سلسلي ۾ ڪم ڪيو، اهو سڄو دور علم ادب ۽ آرٽ جو دور رهيو آهي، جنهن ۾ هڪ طرف شاعريءَ ۾ شيخ اياز هو ته تحقيق ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ علمي ڪمن ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي هو. ان حوالي سان آرٽ جي ڪم ۾ ع.ق شيخ به هو پر ڪاظمي صاحب جي ڪم ۾ سنڌ جاڳندي نظر اچي ٿي. پر نه صرف جاڳيل پر آئينده جي لاءِ به زنده رکڻ جي سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. **بيدل مسرور**

ظفر ڪاظمي منهنجو ڪيڏو وڏو سڄڻ هو. اها فقط مون کي خبر آهي، جڏهن اهو سڄو سنڌ ميوزم ڊيڪور ڪري چڪو هو ۽ اوچتو اسين پاڻ ۾ ملياسين خبر هئس ته مان بيروزگار آهيان. (هڪ ٻئي ڪان پري رهڻ جي باوجود به اسين ڇڻ گهر جا ياتي هئاسين) چيومانس ته ڪجهه به نه. مونکي صلاح ڏنائين ته تنهنجي هٿ ۾ عجيب ردم آهي، پينٽنگز وغيره ڪر. مون چيومانس ته آئون "موهن جي دڙي" جون سيلز ٺاهي رهيو آهيان. ۽ پوءِ هو خاص هلي مون وٽ ڪوٺڙيءَ آيو. سيلز ڏنائين حيرت جو اظهار ڪندي چيائين ته يار تون سنڌ ميوزم لاءِ "موهن جي دڙي" جون

سموريون سيلز، مهرون ناهي ڏي، 2000 روپيا هر سيل تان ميوزم توکي Payment ڪندو.

روز مان هڪ سيل ڪمپليٽ ڪري ونندو هوس. مون اجان ني سيلز ۽ موهن جي دڙي جي ماڊل نينگريءَ جي اجان فقط منڊي ناهي هئي ته منهنجي پيءُ مونکي سختيءَ سان منع ڪري ڇڏيو ته اهو ڪافرن وارو ڪم منهنجي گهر ۾ نه ڪر. بابو سخت ماڻهو هو. مون ظفر کي حقيقت ٻڌائي ڇڏي، سچ ظفر کي ڏاڍو ڏک ٿيو. چيائين ته يار اها ته ڏاڍي ڏکي ڳالهه ٿي وئي. پيءُ کي رنجائڻ به سنو نه آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب ته انهن ڏينهن کان اڄ تائين آئون لڳاتار بيروزگار رهندو آيو آهيان وري ڪنهن به مونکان نه پڇيو ته علي چا پيو ڪرين؟ چار ڏوڪڙ ڪمائين به پيو يا نه. ماڻهوءَ جي گذري وڃڻ کان پوءِ ماڻهو جون چڱايون ياد ايندیون آهن. اڄ سيد ظفر جي تڏي تي شيخ اياز ياد اچي رهيو آهي. ان به چاهيو ٿي ته آئون يونيورسٽيءَ ۾ رهي ادبي ڪم ڪريان.

**فتاح هاليپوٽو**

ظفر ڪاظمي سنڌ هٽن ۾ ڪٽي هلندو هو سنڌوءَ جي هر شيءِ کي پنهنجي هٽن ۾ محفوظ ڪندو ويندو هو. اڄ جا سنڌي رسالا ميوزيم، ڀٽ شاهه ثقافتي ميوزيم، لاڙ توڙي ٿر، سيوهڻ سڀ سندس هٿن جي جادو جو ڪرشمو آهن. ظفر ڪاظمي جيڏو وڏو آرٽسٽ هو اوڏو وڏو ماڻهو به. اوڏي اسان وٽ بي قدري آهي. گل محمد کتريءَ جيان سنڌ جا ماڻهو جلد ظفر ڪاظميءَ کي به وساري ڇڏيندا. بس ائين علم ادب ۽ فن جو ڳاڏو هلندو رهندو.

**علي بابا**

ظفر ڪاظمي صاحب سنڌ جو تمام مهان چترڪار ۽ مصور ۽ اديب ۽ تاريخدان هو، ۽ سنڌ ميوزيم جو باني پڻ هو، اهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن.

**عبدالصمد پنهور**

ظفر ڪاظمي صاحب نهايتي سنو ماڻهو هو هيءَ جيڪو پرڻ جو ناهي سائين کيس جنت ۾ جاءِ ڏي پوين کي صبر جي توفيق فرمائي.

**ويهر مل جروار موري**

مون لاءِ پيءُ جيان مهربان سائين محترم ظفر ڪاظمي جن سان انتهائي دل جي گهراين سان دعائون ڏيندڙ هئا ۽ پاڻ هميشه مون کي پنهنجن ٻچن جيان پيار ڪندا هئا. دعا آهي ته ڪائنات جو مالڪ کين جنت الفردوس عطا ڪري. آمين

**محمد قاسم ماڪا**

# انور پيرزادي جي چونڊ شاعري

هيءَ ڪنهنجي ياد جي پيڙا آهي
من مان رت جو ٽيپو ٻڇجي
چواڪا ڪري
ٽمي پئي آهي
هي ڪنهن جي اک جو ڳوڙهو آهي
من جي آڳر تي
ڪا ڪڪري ساڻ ڪري
سنهڙي بوند جيان اڄ
وسي پيو آهي
هي ڪنهن جي پپ جو ڪڙڪو آهي
بند ٿيل دروازو کولي
ڏسي اڃان ٿو
ڪوئي ناهي.
هي ڪنهن جي ساهه جو پاڇو آهي
هليو وڃڻ ڪان پوءِ به
ڪمرو سرهو آهي.
هيءَ ڪنهن جي اک جي سرخي آهي
جنهن کي ڏسندي
ڳاڙهي رنگ سان
عشق لڳي ويو آهي.
هي ڪنهن جي پيار جو سڏ آهي
سور به هانو تي
تڏڙا ڪيڻ لڳا آهن
زنجيرون سينگار لڳن ٿيون
موت به وسري ويو آهي
جيئڻ سان نينهن لڳي ويو آهي.

**آن رومانٽڪ**

مجبوريءَ جي "سڪل ٽڪر" کي
پيار جي هڪڙي پاٽيءَ ڊڪ سان
آلو ڪري
اڌ چٻاڙي
ڪوڙي منهن سان
خشڪ نڙي مان
لاهڻ جي جاڪوڙ
ئي آهي زندگي!
تنهنجي منهنجي
۽ هر ڪنهن جي
زندگي!
جنهن کي،
تون ۽ مان
۽ ٻيا پي ڪيئي ماڻهو
چڪڙي وانگي
ڳهلي ڳهلي
ڏکي رهيا آهيون
سورن جي سڪي ٽڪر
کي نرم ڪري
مهانگائي جي بکئي پيٽ کي
پيار جو پاڻي،
خالي پاڻي
کهڙي آتت ڏيندو
پاڻي نيٺ ته پاڻي آهي
وسڪي ناهي
پيٽرول ناهي.
پاڻي نيٺ ته پاڻي آهي
مهانگو ناهي

پيٽرول مهانگو آهي
۽ تنهنجي منهنجي
بکئي پيٽ ۾
آهن رڳو ولهوٽ
۽ هوڏانهن چيٽ ڦٽو آهي
ڪرڙ به ڳاڙها ٿي ويا آهن
هير گهلي آهي
جنهن ۾ آهي
ناز بوءِ جي
مٺڙ مٺڙ خوشبوءِ
پر پوءِ به الائي ڇو
ڏاڍي بک لڳي آهي
۽ بصر مهانگو ٿي ويو آ.
جنهن کي پلو ۾ ويڙهي سيڙهي
مڪ هٽي
ڇتي ڇبي
ڪنهن سڪي ٽڪر سان ئي سهي
کائي ويڃجي
تنهنجي منهنجي
۽ هر ڪنهن جي
زندگي
اڄ بصر جيان
ماڻهوءَ کان به
مهانگي ٿي وئي آهي
۽ تون ٿي چوين
مان اُن رومانٽڪ
ٿي ويو آهيان!!؟؟

ماڻهو!

ماڻهو ڇا آهي؟
جيسين جيئرو آهي
ساهه جي
اڄ وڃ آهي.

موت، اصل ۾
ڪاشئي ناهي
مادي جي هڪ
بدليل صورت آهي
يادون جيئرون
رهنديون آهن
مرنديون ناهن
امر ٿي وينديون آهن
ڇو ته شعور به
مادو آهي
جنم جنم ۾
صورت بدلائيندو
جيئرو رهندو
ايندو آهي.

آزادي

منهنجي هٿ ۾ پڳل قلم
منهنجا گيت هٿين خالي!
سچ لٽي ڪو وقت ٿي ويو آ!
منهنجا ساٿي سپ سمهي پيا
مون کي ننڊ اچي ته سمهان
ڌرتي ڪهڙا ويڻ سهان
جاڳان ٿو پيو ۽ تارن جي
ڏنڏلي ڏنڏلي پاڇن ۾
ڪنهن جا پيرا ڪين ڏسان ٿو!
لاٽ اجهاٽي واٽ آ اوندهه
هيٺ مٿي اوسان ڏسان ٿو
ٿي وئي آس نراس سين جي
آزاديءَ جي ديوي اڄ

قاتل آ. ست ڪوٽن ۾
منهنجي هٿ ۾ پڪل قلم!
منهنجا گيت هتين خالي!
دل تي چٽي اڄ
اوچي ڪوٽ جي ديوارن سان
سر ٽڪرايان
متو ڦاڙيان
من ڪو پت جو چٽر لهي!
۽ آئيندي جو ڪوئي ماڻهو
هيئن چوي
اوچي ڪوٽ جي ديوارن جو چٽر لتل
آهي
پنهنجو ماضي پوتر آهي، روشن آهي!

**بلوچ گوريلو...**

اڄي پني کي
اکيون ڦاڙي
گهـوريان وينو.
نظر نہ ايندڙ
لڪيل اکر.
۽ ابتا سبتا
اندر چيري
نڪري ايندڙ
حرف ۽ جملا.
اکيون اکين ۾
ڏيئي منهنجي
مُنڊي قلم
۽ گونگي من کي
گاريون ڏيئي
الرون ڪن ٿا.
اکيون چنيي
۽ ويجهو ويهي
وري ڏسان ٿو.
ريٽي رت جون
ڳاڙهيون ڦهنگون
اڄي پني جي
اجري من مان
طعنا ڏيئي
جهلون ڪن ٿيون
تن جي پويان
چيريل پچريل
مشين گنن سان
گهايل ڪوئي
آزادي جي سينڌ وڃائي
ڳائي وينو....
مون ڏي ڏسندي
گوليءَ جي بوليءَ ۾
چٽي ٿو:
گيدي شاعر!
سچ چوڻ
سڪڻ جي چاهين
مونڊي ڏس.

# عمر خيام جو رباعيون

(سادي سنڌيءَ ۾)

سنڌيڪار: حليم بروهي

عمر خيام يارهين صديءَ جي ايران جو عظيم شاعر آهي، جنهن جون رباعيون سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. يورپ ۽ آمريڪا ۾ سنڌس شاعري ايڊورڊ فزجيرالڊ جي وڪٽورين ترجمي کان پوءِ مشهور ٿي. انگريزي زبان ۾ سنڌس ترجمي کي تمام وڏي مقبوليت ملي. انگريزي ۾ خيام جي رباعين جو هي ترجمو فارسي ٻولي جي ماهر پيٽر ايوري (Peter Avery) ۽ شاعر جان هيٿ - اسٽبس (John Heath - stubbs) خيام جي اصلي فارسي مسودي ۽ فزجيرالڊ جي انگريزي ترجمي کي آڏو رکي ڪيو آهي.

(1)

صورت منهنجي سهڻي آهي،
۽ رنگ بہ منهنجو سهڻو آهي،
ڳل منهنجا ڪنول جي گل جهڙا،
بيهڪ منهنجي ڏکڻي وڻ جيان،
اهو ناهي ظاهر مون تي
تہ آخر ڇو
فنڪار گهڙيندڙ مون کي فقط،
مٽيءَ ۾ مٽي ئي ٿيڻ لاءِ گهڙيو.

(2)

هن نهايت سوچ سمجهہ ۽ خيال سان
مون کي ناهڻ شروع ڪيو،
جياپو ڏيئي هن مون لاءِ فقط
هڪ وڏيڪ مونجهارو پيدا ڪري
ڇڏيو.
اسان هليا تا وڃون
پنهنجي مرضيءَ کان سواءِ
۽ بنا ڄاڻڻ جي
تہ اسان جو اچڻ،
اسان جو وجود،
ڇو هيو.

(3)

ڪائنات جي چرخن
کي ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو
منهنجي اچڻ سان،
۽ نہ وري منهنجي هليو وڃڻ سان
انهن جي عظمت ۾ واڌارو ٿيو،
نہ تہ ٻڌو منهنجي ڪنن
ڪنهن کان بہ
تہ مان ڇو آيس
۽ ڇو هليو ويس.

(4)

اي دل
تون اهو راز نہ سمجهي سگهندينءَ،
اهو راز تون ڪيئن ڄاڻي سگهندينءَ
جنهن تائين عقلمند ماڻهو بہ
نہ پهچي سگهيا،
شراب پي
۽ خوش رهہ،
تون ڇا ڄاڻين
توکي ڇا ملڻو آهي
هن ڪان پوءِ.

(6)

سمنڊن جي ڪنارن تي
مان ڪيستائين
سرون وڇائيندو رهندس؟
بيزار ٿي ويو آهيان مان.
هنن بت پرستن ۽ مندن مان،
ڪنهن چيو هو، خيام،
تہ ڪٿي ڪو جهنم بہ هوندو؟
ڪير ويو آهي جهنم،
۽ ڪير ويو آهي جنت؟

(5)

جي دل ڄاڻي ها
زندگيءَ جي معنيٰ،
تہ موت ۾ ڄاڻي ها
گهڙينڊڙ جا راز.
اڄ جڏهن توهان قابض آهيو
پنهنجو پاڻ تي،
توهان ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻو،
سڀاڻي جڏهن توهان
جڏي چڪا هوندا
پنهنجو پاڻ کي،
تڏهن توهان
ڇا ڄاڻي سگهندا؟

(7)

نہ توهان نہ مان
ڄاڻون ٿا
ازل جا راز،
نہ توهان نہ مان
پروڙي سگهون ٿا
اها پرولي ڪڏهن،
توهان ۽ مان
ڳالهيون ٿا ڪريون
پردي جي هن پاسي فقط،
پردو ڪريو
تہ هتي
نہ توهان هوندا نہ مان.

(8)

وجود جو سمنڊ
اٿلي آيو آهي.
انهيءَ مونجهاري واري
بي نام وستيءَ ڪان،
جنهن حقيقت جي هيري ۾
ڪڏهن به ڪنهن
جهاتي نہ پاتي آهي،
هر ڪنهن پنهنجي
پسند جو لهجو ڳالهايو،
ڪوبہ سمجهي نہ سگهيو
معاملن جي اصليت.

(9)

ڪائنات جي ڏجوڙيءَ ۾
جيڪي ڪجهہ آهي موجود،
عقلمند ماڻهن ۾
شڪ ۽ شبها اياريو ڇڏي،
عقل جي واڳ تي
پنهنجو هٿ ڍرو نہ ڪيو،
ڪائناتن تي جيڪي حاوي آهن
اهي پاڻ بہ
گردش جي ڦيرن ۾ آهن.

(10)

اسان جي اچڻ ۽ وڃڻ جا ڦيرا
نہ سمجهہ ۾ اچڻ واري ابتدا ڪان شروع
ٿيا
۽ نہ ختم ٿيڻ واري پڄاڻي تي پورا
ٿيا، ١
اهو معاملو سنئون نہ ڪري سگهيو
ڪوئي
تہ اسان اچون ڪٿان ٿا
۽ ڪيڏانهن هليا ٿا وڃون.

(11)

جڏهن تہ سهٽائپ سان سجائي تو
ڪائنات سنڀالڻ وارو،
ڪهڙي سبب هو
ان کي پراڻي ۽ ننڍي ٿيڻ ڏانهن وٺيو
وڃي؟
چڱو نهي ويو هو جي
تہ ان کي خراب ڇو ڪيو ويو؟
۽ جيڪڏهن خراب نهي ويو هو،
تہ ڏوهہ ڪنهن جو هو؟

گوپي هگوراڻي

# مکڙي

هن بند ۾ اي باندي
آهين اجايو ماندي
تو لئہ ڪڏهن آزادي
سائو لباس لاهي
ٻاهر آءُ ڪوٺ ڏاهي
پنهنجو پسائي مکڙو
راڻي ايڏو ڇو نخرو
آئي آهي رت بسنتي
هر چيز ۾ آهي مستي
هر جاءِ آهي هٻڪار
۽ آهي پرڻہ جي پچار
لوئي هيءَ لال اوڍي
پنکڙيون هوا ۾ لوڏي
سڳنڌ سونهن وڏاءِ
جيئون سنڌ وڏاءِ.

پراڪسيلا

يوناني شاعره

# ادونس

پنهنجي پوريان جيڪي ڇڏي وڃان ٿي،
تنهن ۾ منهنجو "سڄ" پاڻ بہ آهي.
ان ڪان سواءِ ڪيترا ٽمڪندڙ "تارا" آهن،
۽ امڙ "چنڊ" جو سهڻو چهرو آهي.
۽ سڀ سوادي منڊائتا ميوا،
صوف، ناسپاتيون ۽ ونگا،
سڀ هت ڇڏيو وڃان ٿي.

ڏيان ڪر منهنجي پياري
هرهڪ پٽر هيٺان
هت هڪ وڇون ويٺل آهي.

دريءَ مان مون ڏانهن نهاريندڙ
اي پياري سهڻي نينگر
ڪنوار جي سندر روپ ۾
تنهنجو منهن لڳي ٿو ڪيڏو پوترا!

شيخ اياز

## بيت

سدا اپريا سنڌ ۾، آنديءَ جيان انسانَ،
وڙهندي مڙس مهانَ، مٽيءَ منجهه سمائيا.

سدا آيا سنڌ ۾، نوان نادر شاهه،
ڪانهي ڪا تاريخ ۾، ويڙهه سوا ٻي واهه،
متان سوچيو ساهه، متان موٽو ماڳ ڪان.

سدا اپريا سنڌ ۾، ڪوپا ڪنجل لوڏ،
هوڙهايون ۽ هوڏ، ڏسي پنهنجي ڏيهه سان.

ڪاري ڪڪ ڪميت تي، آڏي انڌوڪار،
جهڙ ڦڙ جهور جهڪور ۾، چيهه ڪيو چمڪار،
اڙي سان اڏرڻ لڳو، گهايل گهوڙي سوار،
اوندهه آهه اپار، ڪيئن چٽجي هو ڪير هو!

هو جي وسندي مينهن، وڙهيا پٽي ويڙهه ۾،
مٿان بادل اپ ۾، هيٺان ڪيهر شينهن،
شال ڏسان مان ڏينهن، ٻيهر اهڙا ڏيهه ۾!

☆

انڌن ڪي آهين، چمڙن واريون عادتون،
اڇي پر ساهين، آخر اوندهه اوٽ ۾.
انڌا چون ايئن، ماڳُ اسان ٿي آ ڏٺو،
اکين وارا ڪيئن، ڪندا تن جي راڄ ۾!
اڄ نہ منهنجون مارُوين، گوڄر ۾ گايون،
آيون ڙي آيون، آزاديءَ جي پيچري!
مون مان منهنجي ”مون“ وڃي، تومان تنهنجي ”تون“،
ورڇي ويڻ نہ ٿي وڃن، ڳالهيون اسان جون،
تون بہ تہ آهين مون، ڏک تہ ساڳيا ڏيهه جا!
ڏکيا تنهنجي ڏيهه جا، ماڻهو مڙيئي،
راهي ساڳيءَ راهه جا، سرتا سيئي،
متان ٿئيئي، تن سان ويچو وات تي!
تنهنجي منهنجي ساهه ڪي، ڳنڍ ڏني جا ڏکَ،
پيارا سارا سُک، مَٽ نہ ان ميلاپ جي.
هيءَ جا ڏاهپ ڏُکَ جي، مَٽ نہ اُن جي ڪوءِ،
آهي ساري لوءِ، جڙ ڪنهن ڳنڍي ڳنڍ ۾!

## غلام آدرش

### غزل

لڳي شام تنهنجي بدن تي.
نہ هڻ ائين سرخي ڇپن تي.
ستارا لڪي ڏس ڏسن ٿا،
نہ هٽجانءِ ميندي هٿن تي.
ڪٽي تون نہ گل بيهہ دڳ ۾،
نہ واپس ڪو ورندو وطن تي.
نہ چر ائين گل پوپٽ،
وري ايندا موٽي چمن تي.

## راحم صديقي

### غزل

ڪنڌن سان نہ رک ياري، نقصان پرائيندين.
هو شوخ صنم آهي، دل کي تون ستائيندين.
چانڊاڻ مثل ڇهري، بيتاب ڪيو دل کي،
سک چين ويو وسري، چريو تہ سڏائيندين.
اي ياد ڇڏي وڃ تون، طاقت نہ رهي مون ۾،
دک درد سهڻ واري، ڇا ڳالهہ ٻڌائيندين.
ڪي ڪين ڪڇڻ آيو، چپ چاپ رهان ٿو پيو،
فڪرات جي دنيا ۾، "راحم" تہ گذاريندين.

## ابوبڪر "آزاد" چنو

### غزل

سور پيان ٿو پاڻيءَ وانگي.
جيون درد ڪهاڻيءَ وانگي.
دل تان لاهي ڪين اڇل تون،
مونکي چيز پراڻيءَ وانگي.
ماٺهو منهنجا درد ٻڌن ٿا،
اڇيو ڪنهن آڪاڻيءَ وانگي.
نيڻ الاري مونکي آ، تو
قابو ڪيو ڦانڌاڻيءَ وانگي.
جسم پرينءَ جو مونکي لڳي ٿو،
ريشم جيٰ پٽراڻيءَ وانگي.
اڄ "آزاد" پيو ڦيريون پائي،
من تو لڻ مانڌاڻيءَ وانگي.

## اظهر ٻانيڻ

### غزل

خاموشي آ سفر، ڪونہ سڏڙا ڪري.
ضبط ڪر او نگرا ڪونہ سڏڙا ڪري.
مان مٽيءَ ماءُ جي هنج ۾ ٿو سمهان،
سار جو پل مگر، ڪونہ سڏڙا ڪري.
زندگي ٿي ڇٽي خشڪ پٽن جيان،
آ هوا همسفر، ڪونہ سڏڙا ڪري.
منهنجي نالي نہ ٿي سرمئي شام ڪا،
او دنيا بيقدرا ڪونہ سڏڙا ڪري.
ٿي اڪين مان وسي سار جي سانوڻي،
مان، ندي ۽ ڪپر، ڪونہ سڏڙا ڪري.
هڪ غزل جو ڪوي ڪوڄ پيو ٿو ڪري،
روئندا سوَ پٿر، ڪونہ سڏڙا ڪري.
هت ڪو "اظهر" نہ آ، گهر جي تالي چيو،
او بسنتي نظرا ڪونہ سڏڙا ڪري.

## واحد "سوز" ملاح

### غزل

وري وقت آڻي اچي اتي بيهاريو،
جتان غير سمجهي پنهنجن ڌڪاريو.
چمي چاهه مان ٿي رُڪيو جن اکين تي،
انهن ئي وڇوڙي سندو زهر پياريو.
پلي ڏور پرديس ۾ ئي رهون پر،
وطن ۽ صنم ڪونه مون آ وساريو.
اسان جن ڪان پاسو ڪيو غير سمجهي،
غمن جي ڪنن مان اچي تن اڪاريو.
مٺا منهن موچارا اندر قلب ڪارا،
اسان تنهن به ابليس سان گڏ گذاريو.
نشا نينهن جا ويا چڙهي يار تنهن دم،
نماڻي نظر سان پرينءَ جي نهاريو.
ويو هي به سيارو هئن مان ته گذري،
نه آيا جنين لئه اڱڻ مون بهاريو.
اهي، پنڌ سي پئي اڄ پڇائي،
جتان ڪالهه اوٺي ويا اٺ قطاريو.
انهن ڪان به آخر وياسين ته وسري،
جنين ڏينهن راتيون رهي گڏ گذاريو.
وفا "سوز" تنهنجي جفا ۾ نه ڄٽبي،
اصل عشق اهڙو سبق آ سيکاريو.

## اختر علي ڪيريو

### وائي

دنيا سڄي پلائي،
نيڻن ۾ نينهن نائي،
پوڇا ڪئي پرين مون!
دل جي ڳنڍڻ جون ڳالهيون،
واهڻ ۽ وستي ڳائي،
پوڇا ڪئي پرين مون!
ڪهڙي به زندگاني،
پوءِ پي حسين آهي،
پوڇا ڪئي پرين مون!
منهنجي نه دشمني ڪا،
دوستن سان دوستي آهي،
پوڇا ڪئي پرين مون!
دردن جو ديس آهيان،
دردن ۾ دل دکائي،
پوڇا ڪئي پرين مون!
سوچي ٿو روز "اختر"،
"ڪيرئي" ڪي آس آهي،
پوڇا ڪئي پرين مون!

عالمي ادب



MADAM BOVARI



# مادام بوواري

## گستاؤ فلوبيئر / گلزار علي ولياڻي

*عورت جڏهن پنهنجي آبروءَ جهڙي شيءِ قربان ڪري ٿي سندرو ٻڌي بيهي ٿي ته سمورا خوف ڪانئس پري پڇي وڃن ٿا. ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪوئن ۽ وڇوئن کان ڊڄڻ واري مخلوق رات جي اونداهي ۾ وڏن وڏن خطرن کي به خاطر ۾ نه ٿي آڻي.*

**هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي جنهن پنهنجي حسن کان خنجر جو ڪم ورتو**



*گستاؤ فلوبيئر فرانس جو هڪ ناليوارو اديب هو، جنهن جو لاڳاپو 19هين صدي عيسويءَ سان هو. سندس لکيل ناول ”مادام بوواري“ کي عالمي شهرت حاصل ٿي. جڏهن اهو پهريون ڀيرو شايع ٿيو ته هر طرف هل هنگامو برپا ٿي ويو. پراڻن خيالن جي ماڻهن ان کي فحش قرار ڏئي مٿس پابندي لڳرائي ڇڏي، پر پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي هي دنيا جي سمورين وڏين ٻولين ۾ شايع ٿي ويو. هيءَ هڪ اهڙي سماج جي ڪهاڻي آهي جتي پراڻا اخلاقي قدر پوين پساهن ۾ هئا... عورت کي نئين نئين آزادي ملي رهي هئي... اها عورت ڪپڙن ۾ نه پئي ماپي پر ڪيس اها خبر نه هئي ته اها ئي آزادي سندس پر ڪاٽي رهي آهي... اها ئي آزادي سندس لاءِ هڪ دلفريب چار ٻڻجي ويئي هئي. مادام بوواري هن ناول جو مرڪزي ڪردار آهي، ناول نگار هن جي وسيلي انساني نفسيات جون ڪي اهڙيون ڪنڊون بي نقاب ڪري ٿو جيڪي پڙهندڙن کي اچرج جي هڪ عجيب دنيا ۾ وٺي وڃن ٿيون. ان جي آخري سٽ تائين حيرت جو هڪ سفر جاري رهي ٿو ۽ پڙهندڙ ناول نگار جي بي پناهه انساني ڏاهپ، فني هوشيارپ ۽ ڪهاڻيءَ جي انوکي بيان کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي.*

---

**مضبوط** بت جو ڊگهي قد وارو ڇوڪر، هيڊ ماسٽر سان گڏ پرائمري اسڪول جي ٻئين درجي ۾ داخل ٿيو ته، احمقن وانگيان هيڏي هوڏي ڏسي پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. ڪلاس جي شرارتي ڇوڪرن جي ته ڄڻ عيد ٿي ويئي. ڇوڪر جي ڄمار 14-15 ورهين جي ويجهو هئي. شڪل شبيهه مان هو ڪو ڳوٺاڻو ۽ بيوقوف ٿي لڳو. سندس عجيب ٽوپي ۽ بي ڊنگن جوتن کي ڏسي ڪيترائي ڇوڪرا پنهنجي کل تي قابو نه پئي رکي سگهيا. هن عمر جي ٻارن کي ته وڏي ڪلاس ۾ هئڻ گهربو هو پر ٻئي ڪلاس جي موسيو ”روزر“ اندازو لڳائي ورتو ته ڇوڪر جي والدين ڪنجوسيءَ جي حد تائين ڪفايت شعاري ڪندي ڇوڪر کي تعليم ڏيارڻ کان پاسو ڪيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڇوڪر مناسب وقت تي تعليم حاصل ڪري ڪين سگهيو آهي.

”موسيو روزر! هيءَ نئون ڇوڪر پنهنجو پاڻ کي جيڪڏهن ترقيءَ جي قابل ثابت ڪري ويو ته مٿئين ڪلاس ۾ هليو ويندو.“ هيڊ ماسٽر فيصلو ٻڌائيندي چيو، ”نه ته انهيءَ ئي ڪلاس ۾ رهندو... الائي هنن ڳوٺاڻن کي تعليم جي اهميت جو احساس ڪڏهن ٿيندو؟“

”هن جي ڄمار ته ڏسو... ڇا ڪيس ٻئين ڪلاس ۾ هئڻ گهرجي؟“ اهو چئي هيڊ ماسٽر هليو ويو ۽ موسيو روزر ڇتاءِ ڪري نئين شاگرد کي ڏٺو ۽ حڪم ڏيڻ واري لهجي ۾ چيائين ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ ڇوڪر گهٻرائجي اڳتي وڌي آيو ۽ سندس بدصورت ٽوپي زمين تي اچي ڦهڪو

ڪيو. ڪمري ۾ ڪل جي لهر ڇانئجي ويئي... ڇوڪر هيڪندي ڪجهه چيو، پر ماسٽر صاحب ڪجهه نه سمجهي سگهيو.

”اڙي نالائق زور سان ڳالهاءِ!“ ماسٽر صاحب حڪم ڏنو ”ڇا ڳالهائڻ تي به ڪجهه خرچ ٿئي ٿو؟“ ڇوڪر ايترو ته گهبرائجي ويو جو هن وات ڦاڙي بلند آواز ۾ چيو ته ”شارل بوواري!“ ڄڻ ته هو پري بيٺل ڪنهن ماڻهوءَ کي سڏي رهيو هجي. ڪلاس ۾ هل هنگامو مچي ويو. سڀ ڇوڪرا نئين شاگرد جو نقل ڪرڻ لڳا. ماسٽر صاحب جي ڪاوڙ چوٽ چڙهي ويئي ۽ هن گرجندي چيو ”سمورو ڪلاس پنج سئو شعر لکي ڏيکاريندو!“ ڪلاس کي سزا ٻڌائڻ کان پوءِ هن شارل ڏي ڌيان ڏنو.

”۽ تون احمقن وانگيان ڇو بيٺو آهين؟ وڃ پري ڪنڊ ۾ ويهي ويهه ڀيرا لکي ڏيکار ته آئون احمق آهيان!“

اهو ٻڌي شارل ڪلاس ۾ هڪ طرف ويهي رهيو ۽ وڏي ڌيان سان حڪم پٽاندڙ اهو هڪ ئي جملو گهڙي گهڙي لکڻ لڳو. اهو شارل جو اسڪول ۾ پهريون ڏينهن هو. سندس پيءُ ”لوهي بوواري“ پينشن وٺندڙ ڊاڪٽر هو. 1812ع واري فوجي ڀرتيءَ ۾ هن پيشي وراڻي بد دیانتي جو ڏوهه ڪيو هو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس فوج جي نوڪريءَ مان لوڏي ڪڍيو ويو هو. نوجوانيءَ ۾ هو هڪ اڙٻنگ نوجوان هو. هڪ گنجي وڪرو ڪندڙ جي ڌيءَ سندس مرداڻي وجاهت تي موهت ٿي ويئي ۽ سٺ هزار فرانڪن جي ڏاج سان گڏ سندس وني بڻجي ويئي. انهيءَ دولت جي آڌار تي ڊاڪٽر بوواريءَ شاديءَ جا ڪي سال عيش ۽ عشرت ۾ گذاريا ۽ سموري دولت اڏائي ڇڏيائين، زال ته ويچاري موڳي ثابت ٿي ۽ هن ڪڏهن به مڙس جي شڪايت نه ڪئي. موسيو بوواري پنهنجي زال کي وٺي ڳوٺ ۾ هليو آيو. سندس خيال هو ته هو ٻني ٻاري سان گڏ ڪڪڙيون پالي منجهائن گهڻي دولت ڪمائيندو پر هتي به هو اناڙي ئي ثابت ٿيو. گهوڙن وسيلي هر هلائڻ جي بجاءِ مٽن نوجوانن وانگر سواري ڪندو هو. شراب کي دڪن ۾ پرڻ جي بجاءِ پنهنجي پيٽ ۾ وجهڻ لڳو ۽ سموريون ڪڪڙيون پاڻ ئي چٽ ڪري ويو... پالتو سوئرن جي چربي کي به ذاتي استعمال ۾ آڻڻ لڳو ۽ ان سان پنهنجا جوتا چمڪائڻ لڳو.

وقت تمام تنگيءَ سان گذرڻ لڳو. موسيو بوواري سخت مشڪل ۾ اچي ويو هو. هر وقت پنهنجي قسمت کي ڏوهه ڏيڻ لڳو ۽ پنهنجي ناڪامين جي لاءِ حالتن کي ذميدار قرار ڏيڻ لڳو. مسز بوواري وقت سان گڏوگڏ مڙس جي حماقتن جي عادي ٿي ويئي هئي. هڪ زماني ۾ هوءَ تمام ملنسار ۽ محبت ڪندڙ عورت هئي. پر هاڻ هوءَ چڙ چڙي ٿي ويئي هئي، جيئن مدهوش ڪرڻ وارو شراب کلي هوا ۾ وڌيڪ دير تائين پيل رهجي وڃي ته سرڪي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. اهو ئي حال هن

خاتون جو ٿيو. انهن سيني ڳالهين جي باوجود هوءَ پنهنجي مڙس سان نباهه ڪندي رهي، جيتوڻيڪ کيس خبر هئي ته سندس مڙس ڳوٺ جي سيني آواره عورتن جي پويان رلندو وتندو هو.

اها عورت نه ڄاڻان ڪهڙي مٽيءَ جي ٺهيل هئي، ڏينهن رات گهر جي ڪم ڪارين ۾ رڌل رهندي هئي... سموريون ذميداريون پاڻ سنڀاليندي هئي پر شڪايت جو ڪو هڪ اکر به زبان تي نه آڻيندي هئي. جڏهن کين شارل پيدا ٿيو ته رواج موجب کيس دائيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو ويو ۽ جڏهن هو وڏو ٿي پنهنجي والدين وٽ آيو ته سندس عادتون نواب زادن وانگيان بگاڙيون وڃڻ لڳيون. مسز بوواري هر وقت هن جا لاڏ ڪٽندي رهندي هئي. کيس پيٽ ڀري مٺايون ڪارائيندي هئي پر پيءُ وٽ پنهنجي پٽ لاءِ وقت ڪين هو. هونئن به ٻار جي تربيت جي باري ۾ هن جا خيال پنهنجي زال کان مختلف هئا. سمورن خيالن جو تت هيءُ هو ته هو پنهنجي پٽ کي حيوانن وانگيان پيرين اگهاڙي گهمندي ڦرندي ڏسڻ گهرندو هو جيئن هو جفاڪشيءَ سان دنيا جي سرد، گرم موسمن جو مقابلو ڪري سگهي پر ماءُ هر وقت شارل کي پاڻ سان ڳنڍ ڪٽي گهمندي... ڪهاڻيون ٻڌائي سندس دل ورائيندي هئي... هن پاڻ ئي پٽ کي لکڻ پڙهڻ سيکاريو... اوستائين جو موسيقيءَ جي تعليم به پاڻ ڏيڻ لڳي. سندس ور انهن سيني ڳالهين کي اجايو سمجهندو هو... ان جو نتيجو هيءُ نڪتو ته شارل شعور جي اک کوليندي ڳوٺ جي گهٽين ۾ آواره گردي ڪرڻ شروع ڪري ڏني.

شارل جڏهن 12 ورهين جي ڄمار جو ٿيو ته ڀهريون پيرو سنجيدگيءَ سان هن جي تعليم ڏانهن ڌيان ڏنو ويو ۽ کيس ڳوٺ جي پادريءَ جي حوالي ڪيو ويو. اها تعليم تمام عجيب ۽ غريب نوعيت جي هئي. ان جو ڪوبه وقت مقرر ڪين هو. پادري صاحب کي ڪفن دفن ۽ ڪريا ڪرم مان جڏهن به فرصت ملندي هئي يا ڪنهن مريض کي دفنائي واپس ايندو هو ته شاگردن کي ٻيٺي ٻيٺي ليڪچر ڏيڻ شروع ڪري ڏيندو هو. ڳڏيل طور تي پادري صاحب پنهنجي هن شاگرد جي تعليم مان گهڻو خوش ۽ مطمئن هو ۽ سندس حافظي جي تيزيءَ جي ساراهه ڪندو هو.

مادام بوواري انهيءَ تعليم مان گهڻو خوش نه هئي. وقت گذرندو رهيو ۽ آخرڪار شارل کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ "روآن" (ROEUN) اماڻيو ويو (ان جو فرانسيسي ٻوليءَ ۾ اچار "غوآن" آهي ۽ اهو شهر پئرس کان اٽڪل 125 ڪلو ميٽر اتر-اولهه طرف قائم آهي- مترجم).

شارل وچولي درجي جو شاگرد هو. هو پنهنجي ڏاهپ جي ڪوٺ جو محنت سان پورائو ڪندو هو. والدين جو هو سچيءَ دل سان احترام ڪندو هو ۽ ماءُ جي لفظن کي هو "آخرين اکر" ڪري

ليکيندو هو. ٽن ورهين کان پوءِ والدين کي خيال آيو تہ شارل لاءِ طب جي تعليم مناسب رهندي... اهڙيءَ طرح سندس تعليم جو سلسلو ڪٽجي ويو. ڇو جو والدين کي پڪ هئي تہ سندن لائق پٽ پنهنجي ڪوشش سان ڊاڪٽريءَ جي سند حاصل ڪري وٺندو. شارل پنهنجي ذهن سان سوچڻ يا فيصلي ڪرڻ جي قابل ئي نہ هو... هو اکيون ٻوٽي طبي تعليم حاصل ڪرڻ لڳو. شروع شروع ۾ سندس سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ پئي آيو. پر هو گهاڻي جي ڏڳي وانگيان پنهنجي ڪم ۾ مگن رهندو هو... سمورا ليڪچر بنا سمجهڻ جي ياد ڪندو هو... اسپتال ۾ بہ پنهنجا فرض جفاڪشيءَ سان ادا ڪندو رهندو هو. سندس سمورا استاد هن جي فرمانبرداريءَ مان خوش هئا، پر هو پاڻ پنهنجي اندر ۾ ويران ٿيندو رهيو. سندس دل تي هڪ عجيب جهڙي اداسي ڇانيل رهندي هئي... هوريان هوريان هو ليڪچرن مان غير حاضر رهڻ لڳو. پهرين غير حاضريءَ ۾ هو آزاديءَ جي نشي ۾ چور ٿي ويو. حياتيءَ مان ڇورايل کي لذتون ڪيس پاڻ ڏي راغب ڪرڻ لڳيون... ننڍيون وڏيون آوارگيون، ننڍڙن شراب خانن جو شور ۽ هڪ اڌ پيرو ڪيس عشق لڙائڻ بہ اچي ويو هو.

شعر ۽ شاعريءَ ۾ بہ ڪيس لطف اچڻ لڳو. ڏاهپ جي منجهس اڳ ئي ڪمي هئي. انهيءَ بغاوت جو نتيجو تمام ناخوشگوار نڪتو ۽ هو فائنل جي امتحان ۾ تمام خراب نموني ۾ فيل ٿي ويو. ڳوٺ ۾ سندس ڪاميابيءَ واري ڏس ۾ خوشيءَ جي جشن جون تياريون ٿي رهيون هيون. آخر هن پنهنجي ماءُ کي اعتماد ۾ وٺي نئين سري سان امتحان جي تياري ڪئي ۽ ڏينهن رات "ونڊ" لاهي امتحان ۾ چڱي خاصي ڪاميابي حاصل ڪري ورتائين، هاڻ هو باقاعدي ڊاڪٽر بڻجي چڪو هو.

خوشقسمتيءَ سان ويجهڙائيءَ واري ڳوٺ "توست" جو پوڙهو ڊاڪٽر لاڏاڻو ڪري ويو تہ مادام بوواري بجلي جي رفتار سان حرڪت ۾ اچي ويئي ۽ شارل انهيءَ ڳوٺ ۾ پنهنجا قدم ڄمائي ورتا. خوشگوار زندگيءَ جو جيڪو تصور مادام بوواريءَ جي ذهن ۾ هو ان ۾ هڪ عدد "زال" جو هئڻ لازمي هو. ڳوٺ جي 45 ورهين جي ڄمار جي بيوه "مادام ووبوڪ" هونئن تہ بدصورتيءَ جو هلندڙ ڦرندڙ اشتهار هئي پر هن جي هڪ خوبي لاجواب ۽ بي مثال هئي. مرحوم ور جي جائداد مان ڪيس گهٽ ۾ گهٽ 12 سوءُ فرانڪ ساليانو جي آمدني ٿي رهي هئي... انهيءَ آمدنيءَ "مادام ووبوڪ" جي هر بدصورتيءَ کي لڪائي ورتو ۽ مادام بوواريءَ پنهنجي پٽ جي شادي انهيءَ ڪمزور عورت سان ڪري ڇڏي. هاڻ ڄڻ والدين اولاد جا هڙئي حق ادا ڪري ڇڏيا. شارل کي پالي نپائي وڏو ڪيو، تعليم ڏياريائين ۽ هڪ عدد زال بہ ميسر ڪري ڏنائون.

مادام ووبوڪ نہ رڳو بدصورت هئي پر حد ڪان وڌيڪ ناز برادرين جي اميد بہ رکندي هئي... ڪيس هر وقت جسم جي ڪنهن نہ ڪنهن پاسي ۾ شديد سور جو احساس ٿيندو رهندو هو... ڪڏهن جگر خراب تہ ڪڏهن پاسي ۾ سور... ڪڏهن مٿو ٿي ڦاٽو تہ ڪڏهن ساهہ واري سرشتي ۾ خلل پيدا ٿي ويو... شارل جڏهن شام جو گهر واپس موٽندو هو تہ ڪيس ڪلاڪن تائين زال جو دکدائڪ داستان ٻڌڻو پوندو هو ۽ هو جيڪڏهن ٿورڙي بہ لاپرواهي ڏيکاريندو هو تہ مادام جي اکڙين جون بوندون بس ئي ڪين ڪنديون هيون ۽ تنبوري جي تان هميشہ ان ڳالهہ تي اچي ٽٽندي هئي تہ "توکي منهنجي ٿورڙي بہ پرواهہ ناهي... آئون توکان دوا جي هڪ خوراڪ ۽ ٿورڙي پيار جي گهرجائو آهيان ۽ اهو منهنجو حق آهي!"

شارل پنهنجي پهرين بغاوت جي سزا ڀوڳي چڪو هو. تنهنڪري هڪ ٻي بغاوت جي همت منجهس ڪانہ هئي... هو هڏين جي ڊانچي سان ڇڻ تباهہ ڪري رهيو هو. سج اڀرڻ مهل هو پنهنجو دواخانو کوليندو هو... سارو ڏهاڙو ڳوٺاڻن مريضن کي اڪلائيندو رهندو هو ۽ رات جو پنهنجي بدصورت نازڪ انداز، زال جون تيز ۽ ترار ڳالهيون پيو ٻڌندو هو... حياتيءَ جي سانتيڪي ڍنڍ ۾ هڪ پيري اوچتو هڪ ڳرو پٿر اچي ڪريو.

رات جو يارهين وڳي هڪ گهوڙي سوار، ڊاڪٽر شارل جو در کڙڪايو ۽ ڊاڪٽر سان ملاقات ٿيندي ئي هڪ مهر لڳل خط ڪيس پيش ڪيائين جنهن ۾ 18 ميل پري "برتو" نالي ڳوٺ ۾ پهچڻ جي التجا ڪئي ويئي هئي... ڳوٺ جي زميندار جي ٽنگ ٽٽي پيئي هئي ۽ هڪ پل جي دير بہ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي پئي. مادام ووبوڪ پهرين تہ سموري معاملي تي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو پر جڏهن هن ٿڌي دل سان ان تي غور ڪيو تہ معاملي جي اهميت ڀانپي وئي... زميندار ڪان هڪ چڱي خاصي رقم وصول ٿيڻ جي اميد هئي... پر مصيبت هيءَ هئي تہ "برتو" پهچڻ لاءِ گهاٽي جهنگ مان گذرڻو پوندو هو... آخرڪار فيصلو ٿيو تہ ڊاڪٽر صبح جو چئين وڳي گهر مان روانو ٿي ويندو ۽ سج لٿي ڪان ٿورڙو اڳ مريض وٽ پهچي ويندو.

واعدي موجب جڏهن ڊاڪٽر زميندار جي فارم تي پهتو تہ هڪ وسيع ۽ ويڪري واڙي ۾ مال آهورن ۾ گاهہ ڪاٽيندي نظر آيو. ڪڪڙين سان گڏ ڊزڻ ڪن مور بہ هيڏي هوڏي ڦري رهيا هئا. مريض برابر چڱو خاصو خوشحال پئي ڏٺو.

سورنهن سترهن ورهين جي هڪ نينگريءَ ڊاڪٽر جو استقبال ڪيو. هوءَ ايتري تہ سهڻي ۽ صحتمند هئي جو ڊاڪٽر ڪوشش جي باوجود ڪيس ڏسڻ ڪان سواءِ رهي ڪين سگهيو. هوءَ وڏي احترام سان ڊاڪٽر کي مريض جي

ڪمري تائين وٺي ويئي.

مريض ننڍي قد جو ٿلهو متارو پنجاھ ورهين جو صحت مند زميندار هو. ڊاڪٽر کي ڏسي هو ڪنجهڻ لڳو، ڇڻ سور جي شدت جو مقابلو ڪري نہ پئي سگهيو. هو پلنگ تي ليٽيل هو ۽ ان جي ويجهو ٺي شراب جو هڪ وڏو شيشو رکيل هو، جنهن مان هو گهڙي گهڙي شراب ڪڍي پي رهيو هو، جيئن همت جي ڊهندڙ پت کي شراب جو سهارو ڏيئي سگهي. شارل هڪدم پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو. اسپتال ۾ هن ٽنل ٽنگ کي ڪٿين پيرا جڙندي ڏٺو هو... مريض جو نالو "موسيو رواؤ" هو ۽ سونهن ۽ تازگيءَ جي مورت هن جي اڪيلي ڌيءَ "مارموزيل ايما" هئي. شارل کي ائين محسوس ٿيو تہ ايما کي خدا ڪنهن فرصت جي گهڙين ۾ پاڻ پنهنجي هنرمند هٿ سان بڻايو هجي... هن جي جسم جو هڪ هڪ عضوو گهڙي گهڙي ڏسڻ ۽ ساراهڻ جي لائق هو پر هن جون اکيون جيترين سهڻيون هيون، ان کان بہ وڌيڪ هوءَ شوخ ۽ شرير هئي... ڊاڪٽر، ايما جي مدد سان مريض جي مناسب ملم پٽي ڪئي، جيڪا کا گهڻي ڏکي ثابت نہ ٿي ڇو جو فريڪچر سادو هو. ڊاڪٽر جڏهن فارغ ٿيو تہ موسيو راواؤ ڌيءَ کي حڪم ڏنو تہ ڊاڪٽر جي چڱيءَ طرح سان خاطر تواضع ڪئي وڃي. ملم پٽيءَ کان پوءِ مريض کي جڏهن ڪجهہ آرام محسوس ٿيو تہ هو گهڙي گهڙي ڊاڪٽر جو ٿورو مڃڻ لڳو. ايما پنهنجي مهمان کي وٺي هيٺي ڪمري ۾ هلي آئي ۽ پيءُ جي حڪم مطابق سندس خاطر تواضع ڪرڻ لڳي. پوءِ ڳالهين جو سلسلو شروع ٿيو تہ ايما وڏي بي تڪلفيءَ سان اعتراض ڪيو تہ ڳوٺاڻي فضا تمام غير دلچسپ ۽ بيزار ڪندڙ محسوس ٿئي ٿي ۽ اهو بہ تہ هوءَ ڳوٺ جي زندگيءَ مان سخت بيزار آهي. ايما کي جڏهن معلوم ٿيو تہ ڊاڪٽر صاحب "غوآن" جهڙي رونق ڀريئي شهر ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي تہ هوءَ سپنن جي دنيا ۾ گم ٿي ويئي.

شارل موڪلائڻ لڳو تہ کيس محسوس ٿيو تہ هن کي گهڙي گهڙي هن گهر ۾ اچڻو پوندو... هونئن بہ هن جو فرض هو تہ مريض جي صحتياب ٿيڻ تائين هو علاج ۾ سستيءَ جو مظاهرو نہ ڪري، ايما جي الوداعي جملن ۽ هلت تہ شارل کي ڄڻ مٽس موهت ڪري وڌو... هن وڏي پنهنجائپ سان پڇيو "هاڻ اوهين وري ڪڏهن ايندا؟"

"ٽن ڏهاڙن کان پوءِ...!" شارل وراڻيو. پر جڏهن هو گهر پهتو تہ اهي ٽي ڏهاڙا گذارڻ هر لمحو مشڪل ٿي پيا... هوريان هوريان هفتي ۾ ٽي پيرا هو "برتو" اچڻ لڳو. مادام ووبوڪ خوش هئي تہ مريض جي صحتياب ٿيندي ئي هڪ تمام وڏي رقم هٿ لڳي ويندي، تنهنڪري هوءَ پنهنجي ور جي محنت مان گهڻي خوش هئي. موسيو رواؤ، نوجوان ڊاڪٽر جي اخلاق

مان گهڻو خوش هو ۽ هوءَ ايما پنهنجي مهمان جي دلي خاطر تواضع ڪندي رهندي هئي... شارل کي ته پاڻ خبر نه هئي ته برتو مان رخصت ٿيندي ئي هو بي چين جو ٿي وڃي ٿو؟

ڇائيتاليهن ڏهاڙن ڪان پوءِ موسيو رواڙ بنا ڪنهن سهاري جي پنهنجي ٽنگ تي ڪڙو ٿي ويو ته سموري ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر شارل جي ڌوم مچي ويئي. رواڙ ته ڪيس "غوآن" جو سڀ کان وڏو ڊاڪٽر چوڻ لڳو. مريض جي صحتياب ٿي وڃڻ کان پوءِ به جڏهن شارل جو برتو ۾ اچڻ وڃڻ لڳو رهيو ته مادام ووبوڪ جو شڪ جاڳي اٿيو. تحقيق کان پوءِ جڏهن ڪيس پتو پيو ته پوڙهي مريض جي هڪ جوان ڌيءَ به آهي ته هوءَ هٿ ڌوئي سندس پويان پئجي ويئي... حد ته اها ٿي جڏهن پنهنجي سس کي به هن پاڻ سان ملائي ورتو. "يڪ نه شد دو شد" وانگيان ٻنهي عورتن گڏجي شارل جو جيئڻ حرام ڪري وڌو... ان دوران هڪ ٻيو ناخوشگوار واقعو ٿي گذريو... بهار جي موسم جو آغاز ٿيو ته مادام ووبوڪ جي وڪيل "توست" ۾ اچي پاندو ڦاڙي وڌو ته ووبوڪ جي جائيداد واري ڪهاڻي هڪ ڪوڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي. اهو ٻڌندي ئي شارل جا والدين پنهنجي ننهن جي سخت خلاف ٿي بيٺا ۽ ڪيس ڌوڪيباز، فريبي، جعلساز ۽ نه ڄاڻان ڪهڙين ڪهڙن خطابن سان نوازڻ لڳا. ووبوڪ انهيءَ طوفان جو مقابلو ڪري نه سگهي... شايد هوءَ اهڙي ئي ڪنهن بهاني جو انتظار ڪري رهي هئي... هميشه جي روڳي ته هوءَ اڳ ۾ ئي هئي... هڪ ڏهاڙي وينِي وينِي ڪيس رت جي الٽي آئي ۽ پوءِ هوءَ لاڏاڻو ڪري ويئي. ڪفن دفن کان پوءِ جڏهن شارل پنهنجي گهر پهتو ته هن کان به وڌيڪ پريشان هو. شايد هو روز روز جي ڪل ڪل جو عادي ٿي چڪو هو ۽ هاڻ خاموش گهر ۽ پٽيون ڪيس کائڻ پيون ايندڀون هيون. شارل جي رنڙ ٿي وڃڻ جي خبر جڏهن "برتو" پهتي ته رواڙ تعزيت لاءِ پنهنجي پسنديده ڊاڪٽر وٽ آيو. پاڻ سان گڏ سندس فيءَ جي رقم ۽ هڪ اصيل ڪڪڙ سوکڙيءَ طور به ڪيس ڏنائين.

"منهنجا عزيز! آئون چڱيءَ پر ڄاڻان ٿو ته زال جي فوت ٿيڻ جو غم ڪيئن ٿيندو آهي!" موسيو رواڙ، شارل کي آٿت ڏيندي چيو "جو جو آئون به انهيءَ عذاب مان گذري چڪو آهيان... بهرحال زندگيءَ ۾ اهڙا حادثا ته پيش ايندا ئي رهن ٿا... غم غلط ڪرڻ لاءِ تو ڪن ڏهاڙن لاءِ برتو جو نٿو اچي وڃين؟ ايما توکي رات ڏينهن ياد ڪندي رهي ٿي... ان کان سواءِ جهنگ ۾ سهي جي شڪار جو ته هڪ پنهنجو ئي لطف هوندو آهي!"

شارل، رواڙ جي پيشڪش قبولي ورتي ۽ جڏهن هو برتو پهتو ته حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪيس آزاد فضا ۾ ساهه کڻڻ جو تجربو تمام سٺو لڳو. ڳوٺ جو هر فرد سندس دل جوئي ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري رهيو هو ۽ ايما

انهن ۾ اڳيري هئي... رواڻ جو ته حڪم هو ته ڊاڪٽر صاحب جي خدمت ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪئي وڃي. برتو ۾ فقط پهرئين ڏهاڙي مرحوم زال جو خيال آيس پر انهيءَ کان پوءِ هو پراڻو قصو بڻجي ويئي... ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه هيءَ ته پنهنجي وقت جو هو پاڻ مالڪ ۽ مختار هو... چاهيندو هو ته پير ڦهلائي ليٽيو رهندو هو... وڻندو هئس ته گهمڻ ڦرڻ نڪري ويندو هو. زال جي لاڏاڻي سندس ڪاروبار تي به سٺو اثر وڌو... ماڻهن جون همدرديون ته ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه پيون وٺن... زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو شارل آئيني جي آڏو بيهي پنهنجن مڇن کي ور ڏنو... تصور ۾ ايما جو سهڻو جسم هو... هن هڪدم برتو وڃڻ جو ارادو ڪيو... ڪا روڪ ٽوڪ به ڪانه هئي... تنهن ڪري هو گهوڙي تي سوار ٿي برتو وڃي پهتو.

هڙيئي ماڻهو ٻنين ٻارن ۾ ڪم ڪار لاءِ روانا ٿي چڪا هئا ۽ ايما گهر ۾ اڪيلي هئي. هن مهمان کي دستور موجب شراب نوشيءَ جي دعوت ڏني. شارل تڪلف ڪندي انڪار ڪيو ته ايما مرڪندي چيو ”اڄ مان به توهان سان گڏ ٿورڙو شراب پيئڻ چاهيان ٿي.“ پوءِ ٻيئي ڄڻا نارنگيءَ جي شراب سان دل وندرائڻ لڳا. اهڙيءَ طرح ٻيئي ڄڻا آزاديءَ سان گفتگو ۾ مصروف ٿي ويا. ايما پنهنجي ننڍپڻ جو ذڪر ڇيڙي وڌو. هو ائين ڳالهائي رهي هئي ڄڻ پاڻ سان گفتگو ڪري رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو شارل کي ٽيڏين نظرن سان ڏسڻ لڳندي هئي ته شارل جي دل گهڙيءَ پل لاءِ ڌڪ ڌڪ ڪرڻ ئي ڇڏي ڏيندي هئي... انهيءَ ڏهاڙي جڏهن شارل واپس موٽيو ته ايما سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو.

”ڇا سونهن جو اهو شاهڪار ايما مون کي قبول ڪري وٺندي؟“ اهو سوچي هو هڪ ٻن گهڙين لاءِ اداس ٿي ويو.

موسيو رواڻ پنهنجي پڙهيل ڳڙهيل ڌيءَ کي ٻنين جي ڪمن ڪارن ۾ مصروف رکڻ جي سخت خلاف هو. هو شارل کي دل وٽان پسند به ڪرڻ لڳو هو تنهن ڪري هن ٻنهي جي شاديءَ بابت غور ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. سڀ کان وڏي ڳالهه هيءَ هئي ته ڊاڪٽر جهڙو سعادتمند شخص ڏيج جو به مطالبو ڪري نه سگهندو... سيني ڳالهين تي غور ڪرڻ کان پوءِ موسيو رواڻ شارل کي نائيءَ جي طور تي قبولڻ جو فيصلو ڪري ورتو. جڏهن شارل هٻڪندي درخواست پيش ڪئي ته موسيو رواڻ مرڪندي ڪيس پنهنجي فرزنديءَ ۾ قبول ڪري ورتو. ايما کي پنهنجي شاديءَ جي ڄاڻ ملي ته آزاد خيال هئڻ جي باوجود شرم ۽ حيا وڳهي هوءَ ڳاڙهي ٿي ويئي... اهو ڳوناڻي پرورش جو ئي نتيجو هو... ٻنهي طرفن شاديءَ جون تياريون ٿيڻ لڳيون. ايما گهڻي شوق سان پنهنجو ڏيج تيار ڪيو. شاديءَ جي ڏهاڙي گهر

۾ گهڻي رونق رهي ۽ هل هنگامو ٿيو. نڪاح جي رسم گر جا گهر ۾ ادا ڪئي ويئي ۽ ان ڪان پوءِ هر اها رسم ادا ڪئي ويئي جنهن جو رواج هو.

شارل ڪي زندگيءَ ۾ مايوسين ۽ ناڪامين ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ مليو هو. زندگيءَ جو هر واقعو سندس مرضيءَ جي خلاف ٿيو هو. ننڍپڻ ڪان وٺي جوانيءَ تائين ۽ پوءِ عملي زندگيءَ ۾ قدم رکڻ ڪان پوءِ بہ سندس حياتي ڇڻ ٻيا گهاري رهيا هئا. ايما سان شاديءَ ڪان پوءِ ڪيس ائين محسوس ٿيو تہ ڇڻ قدرت هن جي سمورين محرومين جو بدلو ڏيئي رهي آهي. ڪيس هر گهڙي اهو ئي خيال رهندو هو تہ هو ايما سان پيار ڪرڻ جو حق ادا ڪري نہ سگهندو. وڏي مادام بوواريءَ جي قول پٽاندڙ سموري ڪائنات ايما جي ٻيٽي ڪوٽ جي گهير تائين محدود ٿي رهجي وئي آهي ْحد تہ اها آهي تہ ايما جي استعمال هيٺ ايندڙ ننڍين ننڍين شين سان بہ شارل ڪي عشق ٿي ويو هو. هوڏانهن ايما شروع شروع ۾ تہ شاديءَ جي خوشين ۾ مدهوش ٿي ويئي پر عشق ۽ محبت جو حقيقي مطلب مٿس ظاهر ٿي نہ سگهيو يعني جيڪو ڪجھ هن ڪتابن ۾ پڙهيو هو اهو ڪيس حاصل ٿي نہ سگهيو. ڪجھ ڏهاڙن ڪان پوءِ هن پنهنجي نئين گهر ڪي پنهنجي مرضيءَ مطابق سينگارڻ شروع ڪري ڇڏيو. شارل جي لاءِ هن جي هر ادا قبوليت جو درجو رکندي هئي. شارل جي مزاج ۾

## آڪاڻي پيءُ ۽ سندس ٻن ڌيئرن جي

هڪڙي ماڻهو ڪي ٻہ ڌيئر هيون، انهن مان هڪڙي ڌيءَ باغائيءَ ڪي، ۽ ٻي ڪنڀر ڪي پرڻائي ڏنائين. گهڻن ڏينهن ڪان پوءِ، اهو ماڻهو پنهنجين ڌيئن جي ملڻ لاءِ ويو. پهرين باغائي وٽ ويو، ۽ پنهنجي ڌيءَ ڪان چڱيلائيءَ پڇيائين. ان ڌيءَ چيس تہ "آءُ هتي بلڪل سکي آهيان، جيڪي گهران ٿي، سولهان ٿي، پر هڪڙيءَ دعا جي گهرج آهي، جو اسان جي باغ جي وڻن لاءِ، اهڙو ڪو زوردار مينهن وسي، جو اهي سڀ ساوا ۽ ثمر وارا ٿي پون، جيئن اسين وڌيڪ آسودا گذاريون!"

اهو ماڻهو پوءِ ڪنڀر جي ملڻ لاءِ ويو، ۽ اتي پنهنجيءَ ڌيءَ ڪان خير خيريت پڇيائين. ڌيڻس وراڻيو تہ "بابا سائين، ٻيو تہ مڙئي خير آهي، پر اوهين مائٽ آهيو، سو اهڙي ڪا دعا ڪريوم جو سدائين ڏينهن تتل هجي، ۽ اهڙي سنئي اس ٻيٺي هجي، جنهن ۾ اسان جا ٿانو جهٽ سڪندا وڃن، ۽ اسين خوب ڪمائي ڪريون!"

پيءُ چيو: "واه واه! هڪڙي ڌيءَ سدائين اس ٿي گهري، تہ ٻي وري ٻارهوئي مينهن پئي طلبي- هاڻ آءُ ڪنهن لاءِ ڪهڙي دعا گهرايان؟"

ظرافت نالي جي ڪابہ شيءِ نہ هئي. شعر ۽ شاعريءَ جو سندس حياتيءَ ۾ ڪوبہ عمل دخل نہ هو. ان جي ابتڙ ايما خوابن جي دنيا ۾ رهڻ واري هڪ نازڪ مزاج عورت هئي، هوءَ ڍنڍن، آبشارن، پکين جي اڏامن ۽ تنوارن ۾

واري ڪنڌ ۾ ويهندا هئا تہ ايما ڪيس روماني شعر ٻڌائيندي هئي... شارل بي خوديءَ ۾ سندس سونهن پريو مهاندو ڏسندو رهندو هو... ۽ پوءِ پوڇارين واري انداز ۾ هن جي هٿن کي چمڻ لڳندو هو... ايما پنهنجي ور کي مرضي موجب هلائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي هئي پر پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب ٿي ڪانہ سگهندي هئي.

اصل ۾ ٻنهي جي مزاج ۾ اوله ۽ اوڀر جيترو اختلاف هو. هن شارل جي محبت ۾ گرفتار ٿيڻ جي لاءِ پنهنجي وسان ڪي ڪين گهٽايو پر ناڪام ٿي. اوچتو سندن زندگيءَ ۾ هڪ غير معمولي واقعو ٿي گذريو. علائقي جي نواب "مارڪوئيس وان دروبليءَ" کين پنهنجي محل ۾ اچڻ جي دعوت ڏني جيڪا وڏي عزت ۽ شان جي ڳالهہ هئي. ٻنهي زال مڙسن پنهنجي پنهنجي سببن ڪري نظر ۾ رکندي دعوت ۾ وڃڻ لاءِ تياريون شروع ڪري ڏنيون.

نواب جي حويلي اٽالين اڏاوتي طرز جو شاهڪار هئي ۽ هتي هر اها شيءِ موجود هئي جنهن جي تمنا ايما ڪري پئي سگهي. عورتن جا چلڪيدار لباس، شان ۽ شوڪت کي ظاهر ڪري رهيا هئا، پوڙهين گهوڙين عيش ۽ عشرت جي سامان جي سهاري پنهنجي ڳريل جوانيءَ کي واپس آڻڻ جا سئو سئو جتن ڪري رکيا هئا. ايما جڏهن محفل ۾ شريڪ ٿي تہ چڻ سپني جي سونهن جا ڏيئا اجهامي ويا... شارل جڏهن ناچ ۾ شرڪت جو ارادو ڪيو تہ ايما ڪيس منع ڪندي چيو "ڇريو تہ ڪونہ ٿيو آهين!... ائين ڪنهن ڊاڪٽر کي نچندي زيب نٿو ڏيئي!" شارل پنهنجي سهٽي زال جي هر لفظ کي آخري لفظ سمجهندو هو. هوڏانهن هر ناچ ڪندڙ جي خواهش هئي تہ ايما سندس ئي ٻانهن ۾ اچي وڃي. هتي هڪ کان هڪ وڏو رئيس موجود هو. اهڙا بہ هئا جن کي اصيل گهوڙن جي سواري ۽ بدچال عورتن جي صحبت ۾ وقت گذارڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ايندو هو. جنهن وائي ڪائونٽ جهڪي ايما کي ناچ لاءِ درخواست ڪئي هئي اهو سموري محفل ۾ منفرد پئي ڏٺو. ايما مرڪن جون ٻجليون ڪيرائيندي نوجوان رئيس جي دعوت کي قبوليت جو شرف بخشيو... رئيس ماهراڻي انداز ۾ رقص ڪرڻ لڳو. موسيقيءَ جون جوشيليون ڌنون، عاليشان شراب، سٽپيون غذائون، هر شيءِ ايما جي مرضيءَ موجب هئي... نواب ڪيس گهڙي گهڙي رقص جي دعوت ڏيندو رهيو ۽ هر گهڙي ايما نئين انداز ۾ لطف اندوز ٿيندي رهي. شارل لاڳيتو پنج ڪلاڪ پتن واري راند ڪيڏندي بيزار ٿي چڪو هو پر ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ هو... محفل ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن هو موٽيا تہ ايما کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن رنگين سپني مان بيدار ٿي هجي... سندن نوڪرياڻي "ناناشي" سندن استقبال ڪيو پر ايما کي تہ ناراض ٿيڻ جو بهانو گهربو هو. نواب واري رنگين

محفل کان پوءِ کیس پنهنجو گهر ويران ويران محسوس ٿيڻ لڳو... پهرين تہ هن نوڪرياڻي جي خير خبر ورتي ۽ پوءِ شارل تي ناراض ٿيڻ لڳي... شارل معمول موجب موڳائپ سان مرڪندو رهيو....

رات جو محفل مان موٽڻ مهل کيس رستي ۾ هڪ سهڻو سگارڪيسي مليو هو. جنهن کي ايما وڏي احتياط سان الماڙيءَ ۾ لڪائي رکي ڇڏيو هو. اها محفل جڏهن برپا ٿي هئي تہ اهو اربع جو ڏينهن هو. هوءَ هر اربع تي انهيءَ سگار ڪيس جو ديدار ڪري انهيءَ رنگين محفل جي ياد تازي ڪري وٺندي هئي. سندس ذهني ڪيفيت جي حالت اها هئي جو هوءَ پيٽرس جو نقشو ڪڍي ويهي رهندي هئي ۽ انهي مختلف هنڌن ۽ ماڳن تي آڱر ڦيرائي ائين محسوس ڪندي هئي ڄڻ هوءَ اتي جي سير مان لطف اندوز ٿي رهي هجي... هوءَ عورتن جي ٻن فيشن ايبل رسالن ”لاڳوا بي اي“ ۽ ”سلف دي سالون“ جي مستقل خريدار بہ بڻجي ويئي... ”بالزاڪ“ ۽ ”ڙ ور ڙ سان“ جي جنسي ناولن ۾ تسڪين ڳولهيندي ۽ ناول پڙهندي سندس ذهن ۾ پنهنجي رقص واري پارٽي ۽ وائي ڪائونٽ جو تصور ئي هوندو هو... انهيءَ ذهني آواره پڻي جا ٻئس سوين سبب هئا... پراڻي نوڪرياڻيءَ کي هن نيڪالي ڏيئي ڇڏي هئي ۽ هن جي جاءِ تي هڪ يتيم ڇوڪريءَ کي رکي ڇڏيو هئائين جنهن کي هوءَ هر لحاظ کان مڪمل فيشن ايبل ”ماڻهن“ جي روپ ۾ ڏسڻ پئي گهرندي هئي. ان دوران شارل کي ڳوٺ ۾ گهمڻو ڦرڻو پيو... زخمين جو علاج، بدبودار ڦٽن ۽ زخمن سان چيڙڇاڙ، مرڻ وارن جي عزيزن کي دم دلاسا... اهي هڙيئي ڳالهيون سندس فرضن ۾ شامل هيون. ان جي ابتڙ ايما هر بهاني سان پنهنجو پاڻ کي هار سينگار ۾ مشغول رکندي نظر ايندي هئي... شارل هر لحاظ کان تندرست ۽ توانو هو... وقت سان گڏوگڏ هن جي شهرت ۽ نيڪناميءَ ۾ واڌارو ٿي رهيو هو ڇو جو هو وڏي خلوص سان خدا جي خلق جي خدمت ڪري رهيو هو پر زال مڙس جي وچ ۾ هڪ اهڙو پوڙ پيدا ٿي چڪو هو جنهن جو ڪو بہ نالو نہ هو.

ايما، جيڪا هاڻ ”مادام بوواري“ جي نالي سان مشهور ٿي رهي هئي، هر پل هر گهڙي بي چينيءَ سان ڪنهن ”اڻ ٿيڻيءَ“ جو انتظار ڪري رهي هئي، کيس هڪ سانتيڪي ڍنڍ جهڙي حياتي بلڪل پسند نہ هئي... ڪو هل هنگامو... ڪو زلزلي جهڙو واقعو... بس هن کي ڪنهن اهڙي ئي غير معمولي ڳالهہ جو انتظار هو. پر الاءِ ڪهڙي ڳالهہ هئي جو حياتي سانتيڪي انداز ۾ هڪ ميداني نديءَ وانگيان وهندي پيئي ويئي... عجيب ڳالهہ وري اها هئي جو هوءَ پنهنجي آسپاس ڏي ڏسڻ جي عادي ئي نہ هئي... سندس پاڙي ۾ رهندڙ عورتون عام انداز ۾ زندگي گهاري رهيون هيون... هو گهريلو مامرن مان لطف اندوز

ٿيندي… چڱا منا فيصلا ڪنديون هيون پر ايما هر ڳالهه ۾ ڪوڻ ڪو عيب ڳولي وٺندي هئي… ڪنهن وقت ته هوءَ اهڙي حرڪت ڪري ڇڏيندي هئي جو سندس ور جون اکيون ڦوٽارجي وينديون هيون. اصل ۾ ڪيس شديد قسم جي عيش پرستين جي تمنا هوندي هئي. جيتوڻيڪ هوءَ انهن جي وجود کان اڻڄاڻ نه هئي، پر ڪيس پڪ هئي ته هنگامي وارين زندگين ۾ اهي عيش پرستيون موجود آهن. رات ڏينهن بي چين رهڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪيس دل جي تيز ڌڪ ڌڪ جي شڪايت رهڻ لڳي ۽ رنگ پيلو پٽجي ويس. شارل سندس اها حالت ڏسي پريشان ٿي ويو… هن ڪافور جي ٽڪين سان سندس علاج شروع ڪيو ته ايما جو مزاج ويتر وڌيڪ خراب ٿي ويو… ڪڏهن ڪڏهن هوءَ بيزار ٿي گهر جا ٿانو ڀڃڻ لڳندي هئي… رڙيون ڪرڻ لڳندي هئي ۽ پوءِ بيهوش ٿي ويندي هئي.

شارل ڪافي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ اهو نتيجو ڪڍيو ته ايما کي مقامي ماحول مان ڪڍي ڪنهن اوپري سرزمين ڏي نيو وڃي، اهو فيصلو شارل جي لاءِ تمام ڏکيو هو ڇو جو ان جاءِ تي سندس ڪاروبار تمام سٺو هلي رهيو هو… ماڻهو سندس احترام ڪندا هئا ۽ ڊاڪٽر جي لڏي وڃڻ جا سخت مخالف هئا پر شارل کي پنهنجي محبوب ونيءَ جي صحت سڀ کان وڌيڪ عزيز هئي، شاٽل جي علائقي ۾ بوويل نالي هڪ چڱي خاصي مارڪشيٽ هئي جتي جو ڊاڪٽر لڏي ويو هو. شارل اوڏانهن خط لکي حالتن جو جائزو ورتو ته جواب تمام اميد ڀريو آيو. اهڙيءَ طرح اهي پنهنجي مرضيءَ سان شاٽل جي علائقي ڏانهن منتقل ٿي ويا… مارچ جي مهيني ۾ جڏهن اهي توست مان روانا ٿيا ته مادام بوواري ايما اميد سان هئي. رونق اصل ۾ انسان جي اندر جي ڪيفيت جو نالو آهي جنهن سببان انساني سوچ جو انداز بدلجي وڃي ٿو. اندر ويرانيون وسايل هجن ته ٻاهر جو ماحول سٺو نه ٿو لڳي سگهي… اها سڌي سنئين ڳالهه مادام بوواريءَ جي سمجهه ۾ ئي نه پيئي آئي.

بوويل جي ماڻريءَ وارن، بوواري خاندان جي وڏي آجيان ڪئي… اهو ڪو ايترو وڏو شهر نه هو… 1835ع تائين ته اوڏانهن وڃڻ لاءِ ڪا چڱي سڙڪ به نه هئي… فقط هڪ وچين درجي جي بازار هئي. اهم عمارتن مان موسيو اومي، هڪ دوا فروش جو دڪان هو. جيڪو پنهنجو پاڻ کي ڪيمياداں چورائڻ ئي پسند ڪندو هو ۽ جتي هو عرق وغيره تيار ڪندو هو. انهيءَ هنڌ کي هو ماڊرن ليبارٽري سڏيندو هو. گرجا جي ويجهو ئي قبرستان هو، جنهن کي جنگ واري زماني ۾ وسيع ڪري ڇڏيو ويو هو. آباديءَ جي اهم ترين عمارت هڪ مسافر خانو هو. جيڪو هڪ بيوه عورت موزيل لغران جي ملڪيت هو. اهو ماڻهن لاءِ هڪ تفريح گاهه هو…

علائقي جو پادري عام پادرين کان ڪو مختلف نہ هو جيڪو هر وقت دنيا جو اخلاق سڌارڻ ۾ لڳو پيو هوندو هو. دوا فروش اومي هڪ وات ڦاٽوڙي قسم جو انسان هو جيڪو پادريءَ جي قول پٽاندر انتهائي بي دين يا دهريو هو... مسافر خاني جو مستقل گراهڪ موسيو لي اون ڪلارڪ هو جيڪو هميشہ اڪيلائپ جي شڪايت ڪندو رهندو هو ۽ گهڻو ٽئو وقت مسافر خاني ۾ گذارڻ پسند ڪندو هو. هتي بليئرڊ ڪان سواءِ پتي راند بہ ٿيندي هئي... جڏهن بوواري خاندان جي گهوڙي گاڏي علائقي ۾ پهتي تہ مسافر خاني ۾ وستيءَ جون ڪيترين ئي شخصيتون موجود هيون. دوا فروش اومي خاص طور تي ڊاڪٽر سان لاڳاپا سنا پئي رکڻ گهريا ڇو جو هو غير قانوني علاج ۽ دوا جو ڪاروبار بہ ڪندو هو... ڪلارڪ "لي اون" مادام بوواريءَ کي قربان ٿي وڃڻ وارين نظرن سان ڏٺو... ماڙيءَ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ آباد هئا جيڪي دوا کان وڌيڪ دعا جا قائل هئا... تعويذن، ٽوڻن، ڦيڻن، مرادن ۽ پادرين تي انڌي عقيدت رکندڙ هئا... گڏيل طور تي ماڙيءَ جي آبهوا تمام سٺي هئي... 90 ورهين جي ڄمار جا فرد بہ موجود هئا... دوا فروش اومي تمام تفصيل سان مادام بوواريءَ جي هر سوال جو تفصيلي جواب ڏنو جيڪو ايما جي لاءِ ڪو وڌيڪ آٿت ڏيندڙ نہ هو.

"آسپاس ڪا سير گاهہ تہ ضرور هوندي؟" ايما پڇيو:

"جو نہ؟ ويجهو ئي هڪ جهنگ ۾ "لاپاتيور" (ساوڪ) آهي." ڪلارڪ "لي اون" وراڻيو "آئون اتي اڪثر سج لٿي مهل سج لهڻ جو منظر ڏسڻ لاءِ ويندو آهيان!"

"اها تہ چڱي ڳالهہ آهي!" ايما، ڪلارڪ کي جواب ڏنو" سمنڊ جي ڪناري تي ويهي سج لهڻ جو منظر ڏسڻ ڪان وڌيڪ بہ چڱي ڳالهہ جو تہ تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي... ڇا توهان کي ميوزڪ بہ پسند آهي؟"

"جرمن ميوزڪ تہ منهنجي ڪمزوري آهي مادام!" هن وراڻيو.

"اوهان ڪڏهن آپيرا ڏٺو آهي؟"

ايما دلچسپي وٺندي پڇيو.

"اجا تائين تہ ان جو اتفاق ناهي ٿيو!" ڪلارڪ جواب ڏنو "پر ايندڙ سال تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ آئون پيرس وڃي رهيو آهيان... اتي وڃي اها خواهش بہ پوري ڪري وٺندس." اهو ڪلارڪ دوا فروش جي گهر ۾ مٿئين ماڙ تي ترسيل هو. اومي گفتگوءَ جو رخ بدلائيندي چيو "ڊاڪٽر صاحب! خوش قسمتيءَ سان اوهان جي شان مطابق هڪ گهر تازو ئي خالي ٿيو آهي جنهن ۾ باغ پڻ آهي. ڇا مادام کي باغبانيءَ جو بہ شوق آهي؟"

"افسوس جو ايما کي باغبانيءَ سان ڪابہ دلچسپي ڪانهي!" شارل وراڻيو "جيتوڻيڪ سندس صحت جي لاءِ باغباني وڏي فائدي واري شيءِ آهي... البت ڪتابن جو ڪيس گهڻو شوق

لي اون پنهنجي جذبات تي قابو پائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر ايما کي ڏسندي ئي سندس دل بي قابو ٿي ويندي هئي ۽ اڪثر بهانن سان هو ڊاڪٽر جي گهر اچڻ وڃڻ لڳو... اها هڪ وڏي عجيب ڳالهه هئي... ايما نه فقط شادي شده بلڪ هڪ ٻارڙيءَ جي ماءُ پڻ هئي... هن جي قربت جا خواب ڏسڻ سراسر بيوقوفي هئي... هوڏانهن ايما پنهنجي عورتاڻي فهم سان لي اون جي ڪيفيت ڇاڻي لطف اندوز ٿيڻ لڳي. اهو سندس سونهن کي پهريون من پسند خراج تحسين هو... پر ڪلارڪ ڪوشش جي باوجود ايما سان عشق جي اظهار جي جرئت ڪري نه سگهيو. جيتوڻيڪ ايما ڪيترا ڀيرا اهڙيون حالتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون جو هو سولائيءَ سان ائين ڪري سگهيو پئي. مثال طور تي جڏهن هين مهمانن سان گڏ لي اون سندس گهر ايندو هو ته مهمانن کي رخصت ڪرڻ کان پوءِ هوءَ پنهنجي عاشق کي روڪي ڇڏيندي هئي. ڪڏهن سرعام ڪيس عشقيه شعر پڙهڻ جي فرمائش ڪندي هئي ۽ جڏهن ڪو ذومعني شعر ايندو هو ته لي اون پنهنجي آواز ۾ بي پناهه بلاغت پيدا ڪري وٺندو هو... بس هو ايتري ئي جرئت جو مالڪ ثابت ٿيو... ٻنهي جي وچ ۾ اهو هڪ اچرج جوڳو سنبنڌ هو جيڪو محبت سان ڀريل ڪتابن جي ڏي وٺ کان اڳتي وڌي نه سگهيو. شارل ۾ شڪ يا بدگمانيءَ جو ته مادو ئي نه هو. تنهن ڪري اهو فتنو بيدار ٿي نه سگهيو... ايما منجهس دلچسپي ضرور وٺندي هئي پر سندس پيار ۾ گرفتار ٿيڻ بابت هن ڪڏهن به غور ئي نه ڪيو. سندس خيال ۾ پيار کي ته وڏي گجگوڙ ۽ چمڪ سان چڻ ڦاٽي پوڻ گهربو هو جيئن آسمان مان نازل ٿيندڙ طوفان سڪون ڀري زندگيءَ کي ڏونڌاڙي ڇڏيندو آهي ۽ ارادي جي قوت کي خشڪ پنن وانگيان اڏائي ڪٽي ويندو آهي.

ايما اڪيلي هوندي هئي ته لي اون ۽ شارل جي ڀيٽ ڪرڻ لڳندي هئي ۽ پوءِ پاڻمرادو لي اون کي پنهنجي ور کان ڪئين درجا بهتر ثابت ڪندي هئي... وستيءَ جو هڪ ٻيو اهم ڪردار وياج خور ڪپڙا فروش "ليوريو" هو جيڪو پنهنجي شڪار جي چوگرد ائين چار اٽيندو هو جيئن ڪوريئڙو ڪنهن بي وس مک جي چوگرد چار اٽي وٺندو آهي. سندس ٿلهو ۽ ڪنئرو چهرو تمام بڇڙو لڳندو هو. اچن بي ترتيب وارن ۽ ننڍين ننڍين اکين باقي رهي سهي ڪثر پوري ڪري ڇڏي هئي. انهن "صفتن" جي باوجود هو اهڙو ته چالاڪ هو جو شيطان به سندس مقابلو نٿي ڪري سگهيو... انهيءَ ڏهاڙي هو عورتن جي پسند جو گهڻو ئي سامان کڻي مادام بوواريءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پر ايما خريداريءَ ۾ دلچسپيءَ جو ڪو به اظهار نه ڪيو.

"مادام! آئون ته فقط اوهان جي خدمت ڪرڻ ٿو چاهيان!" ليوريو چيو. "ڏوڪڙن جي مون کي ڪا به پرواهه

ڪانهي... بلڪ جيڪڏهن اوهان کي ڪڏهن بہ ڪنهن رقم جي گهرج پوي تہ هن ناچيز کان گهري وٺجو... آئون دل ۾ جان سان اوهان جي حڪم تي عمل ڪندس!“

”وڏي مهرباني!“ ايما مرڪندي وراڻيو ”مون کي سچ پچ ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت ناهي!“ ”هوريان هوريان اسين هڪ ٻئي کي سمجهي وينداسين!“ ڪپڙي فروش پنهنجي صندوق بند ڪئي ۽ مڙئي اجائي گفتگو ڪرڻ لڳو.

شام جو لي اون آيو تہ هن بہ پنهنجون خدمتون پيش ڪندي چيو آئون ”غوآن“ وڃي رهيو آهيان... جيڪڏهن ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت هجي تہ اوهان لاءِ وٺيو ايندس!“ اهو ٻڌي ايما جي دل ۾ نہ ڄاڻان ڇا آيو جو هن پنهنجي مڙس جي تعريف شروع ڪري ڏني. ”شارل تہ سچ پچ هڪ نيڪ روح آهي. هر شيءِ منهنجي قدمن ۾ آڻيو رکيو ڇڏي!“ اهو ٻڌندي ئي لي اون جي دل جا اڌما سست پئجي ويا ۽ هن بہ ايما جي ها ۾ ها ملائڻ شروع ڪئي.

انهن ڏهاڙن ۾ ايما جي طبيعت ۾ سچ پچ خوشگوار تبديلي اچي وئي. هن پنهنجي ڌيءَ برت کي دائيءَ کان واپس وٺي ڇڏيو ۽ دل سان ور جي خدمت ڪرڻ لڳي. اصل ۾ اهو هن جو هڪ ”خاموش“ احتجاج هو. لي اون کي تہ خبر بہ نہ پيئي تہ جڏهن هو ڊاڪٽر جي گهر مان رخصت ٿيندو هو تہ ايما ڪيس ليئو پائي گهر جي دريءَ مان ويندي ڏسندي رهندي هئي ۽ پوءِ خفگيءَ ۾ مرڪندي هئي. شارل کي تہ هن جي انهيءَ جائز يا ناجائز رومانوي ڏک جو احساس بہ نہ هو ۽ اها ئي ڳالهہ ايما کي ڪاوڙائڻ جو سبب بڻبي هئي. هڪ ڀيري تہ ايما پختو ارادو ڪري ڇڏيو تہ هوءَ لي اون کي اغوا ڪري ڪنهن ڏورانهين علائقي ۾ هلي ويندي. مايوسيءَ جا سبب تہ اڳ ئي گهٽ نہ هئا جو لي اون جي بزدليءَ انهن ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو. سندس ذهن ۾ عجيب عجيب قسمن جا شهوت پرستاڻا خيال ايندا رهندا هئا... ڪن وقتن تي تہ هوءَ سچيءَ دل سان خواهش ڪندي هئي تہ شارل ڪيس ماري ماري اڌ مئو ڪري وجهي جيئن پوءِ پلاند ۾ هوءَ ڪنهن بري فعل کي انجام ڏئي سگهي.

ايما جي ٻي ڄيني جڏهن روڳ ٻڌڻ شروع ڪيو تہ پادري صاحب کان دعا ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پادري صاحب پنهنجي تجربي جي بنياد تي چيو ”اهو تہ ڪنوارين جو روڳ آهي!“

”پر مون کي اهو روڳ شاديءَ کان پوءِ لڳو آهي!“ اها ڳالهہ ايما پنهنجي دل ئي دل ۾ ڪئي. بهرحال پادريءَ جي دعا ڪوبہ ڀوڻو نہ ٻاريو ۽ آخر ۾ پادري صاحب انهيءَ کي هاضمي جي خرابي قرار ڏنو.

برت جڏهن پير پير ۾ پائي هلڻ لڳي تہ هوءَ عام ٻارن وانگيان ماءُ سان چنبڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي پر ايما

تہ نہ ڄاڻان ڪهڙي قسم جي ماءُ هئي جو پنهنجي ٻارڙي ٻارڙي بہ ڪيس زهر لڳندي هئي. ٻارڙي جڏهن بہ ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪندي هئي تہ ماءُ ڪيس دڙڪن ۽ داٻن سان پري ڪري ڇڏيندي هئي. حد تہ وري اها جو پنهنجي ڪک مان ڄڻيو ورتل ٻرت مرڳو بدصورت لڳڻ لڳي هيس.

اوچتو هڪ ڏهاڙي لي اون پئرس وڃڻ جو اعلان ڪيو. سڀ تمام ٺيڪ ٺاڪ هو. هن پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ پٺي گهري پر اصل سبب جو اظهار هو ڪري نہ سگهيو. اصل ۾ هو ٻڌتر واري ڪيفيت ۾ وڪوڙجي مايوس ٿي چڪو هو. جڏهن آخري ڀيرو هو رخصت ٿيڻ لاءِ آيو تہ ڳالهہ سندس چپن تي ايندي رهجي ويئي ۽ مايوس ٿي هو روانو ٿي ويو. ايما جي ڪاوڙ چوٽ چڙهي ويئي جنهن جي اظهار ۾ هوءَ عجيب عجيب حرڪتون ڪرڻ لڳي. هڪ ڀيري هن اوچتو شارل کي چيو "آئون برانڊيءَ جو هڪ ڀرپور گلاس هڪ ئي ساهہ ۾ پي سگهان ٿي!"

"اها تہ ناممڪن ڳالهہ آهي!" شارل پنهنجي مزاج پٽاندڙ چيو، پر ايما جڏهن تڙ تڪڙ ۾ ان جو عملي مظاهرو پيش ڪيو تہ وڏي مادام بوواري (سندس سس) اچرج ۾ اچي ويئي. ان ڏهاڙي هن پٽس کان اڪيلي ۾ پڇيو "پٽ! تون ڄاڻين ٿو تہ تنهنجي زال کي ڪهڙي بيماري آهي؟"

"مما! اها ئي تہ مصيبت آهي!" شارل شڪست جو اعتراف ڪندي وراڻيو "هوءَ هڪ هنڌ ٽڪي پنهنجو علاج بہ تہ نٿي ڪرائي!"

"پٽ! تون هن جي بيماريءَ جو علاج نٿو ڪري سگهين" هن مرڪندي چيو "جيڪڏهن منهنجو وس هلي تہ هڪ هفتي ۾ ئي تنهنجي زال صحتياب ٿي پوي!"

"مما! اهڙي وري ڪهڙي بيماري آهي جيڪا منهنجي سمجهہ ۾ نہ پيئي اچي؟"

"جيڪڏهن تنهنجي زال کي خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ محنت مزوري ڪرڻي پوي تہ اهو سمورو چڪر ٻن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندو!" مادام جواب ڏنو. "انسان کي جڏهن آرام طلبيءَ جي عادت پئجي وڃي ۽ بنا ڪنهن تڪليف جي هر شيءِ ملڻ لڳي تہ هر ڳرہ فساد جو سبب بڻجي وڃي ٿو... تنهنجي زال سمورو ڏينهن بيڪار ويٺل هجي ٿي ۽ بيڪار انسان جو مٿو تہ شيطان جو دڪان هوندو آهي... ڇا اها سڌي ڳالهہ بہ تو کي سمجهہ ۾ نہ پيئي اچي؟"

"پر ممي! هوءَ تہ سارو ڏينهن مصروف رهي ٿي!" شارل اچرج ۾ چيو.

"پر ڪهڙي ڪم ۾؟" مادام سنجيدگيءَ سان پڇيو "ڇا بيڪار ڪتابن پڙهڻ ۾ جيڪي مذهب جي برخلاف خدا کان پري وڃن ٿا؟ ياد رک! جيڪو شخص خدا کي نٿو مڃي ان تي شيطان قابض ٿي پوي ٿو ۽ جنهن تي شيطان جو قبضو هجي تہ ان جو انجام هميشہ خراب ٿئي ٿو!" شارل جي ماءُ

سادن لفظن ۾ زندگيءَ جو سمورو فلسفو بيان ڪري ڇڏيو ۽ سندس هر ڳالهہ لفظ بہ لفظ سچ ثابت ٿي.

ايما جي اها عادت هئي تہ هوءَ دريءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺي رهندي هئي ۽ هر اچڻ وڃڻ واري کي ڏسندي رهندي هئي. هڪ ڏهاڙي ڪيس هڪ ناهوڪو جوان رئيساڻي پوشاڪ ۾ پنهنجي گهر ڏي ايندي نظر آيو. سندس پويان هڪ هاري ڪنڌ نمائي هليو پئي ۽ ان سان گڏ دوا فروش جو نوڪر "زوستين" نالي بہ هو. اهو نوجوان "لاروشت" جو جاگيردار هو ۽ پنهنجي هاريءَ جي سير ڇوڙائڻ آيو هو. نوجوان ۽ ڪنواري نواب جو نالو "روڊلف" هو ۽ ماڻهو چوندا هئا تہ سندس آمدني 15 هزار فرانڪ ساليانو هئي. هو تمام تيز ۽ وحشياڻي مزاج جو مالڪ هو جنهن کي عورتن کي ڦاسائڻ ۾ هڪ خاص مهارت حاصل هئي. ڪي پاڪباز عورتون بہ هن جي چار مان بچي نڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪيون هيون ۽ هتي تہ ايما جڻ پڪل ميوي وانگيان هنج ۾ ڪرڻ لاءِ بي قرار هئي.

هاري مضبوط قدبت جو هڪ صحتمند شخص هو پر سير ڇوڙائڻ مهل پنهنجو رت ڏسي گهبرائجي ويو. ڊاڪٽر رڙ ڪندي ايما کي پنهنجي مدد لاءِ سڏ ڪيو. ايتري ۾ هاري بي هوش ٿي چڪو هو. ايما سرڪي ۾ ڪپهہ پچائي هاريءَ جي لونڙيءَ تي رکي ۽ تمام احتياط سان ڦوڪون ڏيڻ لڳي. ٿورڙي دير کان پوءِ هاري هوش ۾ اچي ويو پر انهيءَ ڏيک جاگيردار روڊلف جا هوش گم ڪري ڇڏيا ۽ هو هڪ ٽڪ بيهي سونهن ۽ جوانيءَ جي هن ڳنڍڪي کي ڏسڻ لڳو پر انهيءَ تجربيڪار شڪاريءَ پاڻ تي قابو پائي ورتو ۽ ائين ظاهر ڪرڻ لڳو تہ ڄڻ ڪوبہ غير معمولي واقعو ٿيو ئي ناهي. موسم جي مناسبت سان ايما کي هلڪو ڦلڪو لباس پهريل هو جيڪا هڪ عام ڳالهہ هئي پر اها ئي عام ڳالهہ روڊلف لاءِ خاص بڻجي ويئي.

شارل پنهنجي مريض کان فارغ ٿي ويو تہ روڊلف بي نيازيءَ واري اداڪاري ڪندي في ادا ڪري روانو ٿي ويو پر رستي ۾ هو ايما کي ڦاسائڻ جي منصوبا بندي ڪرڻ لڳو. هو سوچڻ لڳو تہ "اهڙي بيوقوف ڊاڪٽر کي ايتري سهڻي زال حاصل ڪيئن ٿي ويئي؟ زال ايتري نفيس ۽ نازڪ پر هيءُ ڊاڪٽر تہ بلڪل هن جي ابتڙ آهي. هن جا تہ ننهن بہ اڻ گهڙيل ۽ گندا هئا. زال اهڙي مڙس سان محبت جو اظهار ڪيئن ڪندي هوندي؟ ان جو مطلب آهي تہ هوءَ اجايل ۽ محبت جي بڪايل آهي... گهڻي محنت جي ضرورت ڪانہ پوندي!"

عشق بازيءَ ۾ پيش اچڻ وارين ڏکيائين بابت بہ نواب چڱيءَ طرح غور ڪري ورتو. هڪ عدد ٻارڙي، ٻارڙيسري، مڙس... ملاقات ڪٿي ۽ ڪيئن ٿيڻ کپي؟ انهن سيني ڏکيائين کي هن ساهميءَ جي هڪ پڙ ۾ رکيو ۽ ٻئي پڙ ۾ انهيءَ قاتل حسينہ جون

اکيون، جيڪي خنجر وانگيان سندس دل ۾ لهي ويون هيون. غزالي اکڙين وارو پڙ جهڪي ويو ته هن ٻڙ ٻڙ ڪئي "آئون انهيءَ عورت کي حاصل ڪري ئي رهندس پوءِ پلي مون کي ڪجهه به ڪرڻو پوي!" سموري منصوبابنديءَ کان پوءِ هن پنهنجو پاڻ کي شاباسي ڏني.

گهڻيءَ گهڻيءَ ۾ زراعت واري نمائش جو چرچو هو ۽ سموري آبادي ان جي ئي تيارين ۾ رڌل هئي، بهترين پوشاڪون تيار ٿي رهيون هيون... گهرن جي آرائش تي خاص ڌيان ڏنو پئي ويو. اصل سبب هو ته هن نمائش ۾ وقت جي حاڪم جي اچڻ جي اميد هئي. رٽائرڊ ڪئپٽن "بينيءَ" آجيان لاءِ "گارڊ آف آنر" ڏيڻ وارن سپاهين جي هڪ دستي جو به بندوبست ڪري رکيو هو ۽ انهيءَ نمائش سان روڊلف جون اهي اميدون لاڳاپيل هيون جنهن جي منصوبا بندي هن ڪري رکي هئي. ٽيڻ واري گفتگوءَ جو هڪ هڪ لفظ سندس غور ۽ فڪر جو نتيجو هو. نمائش کي ڏسڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو آيل هئا. ميلي جهڙو سمان هو. هڪ هنڌ دوا فروش ۽ مسافر خاني جي مالڪڻ بيهي حالتن تي تبصرو ڪري رهيا هئا." ليوريو ڪپڙي واري هڪ شريف خاندان جو گهر ضبط ڪرائي ڇڏيو هو ۽ "مادام لغران" انهيءَ خلاف نفرت جو اظهار ڪري رهي هئي. اوچتو هن چرڪجي هڪ طرف ڏٺو، دوا فروش "لومي" به سندس نظرن جو پيڇو ڪيو. مادام بوواري ۽ روڊلف هڪ هنڌ بيهي گفتگوءَ ۾ رڌل هئا. مسافر خاني جي مالڪڻ مرڪي دوا فروش کي ڏٺو ۽ چيائين "هل ته ٿورڙو مادام کي سلام ڪري ٿا اچون!" پر عجيب ڳالهه اها ٿي ته روڊلف، دوا فروش کي ڏسندي ئي ايما سان گڏ نظرن کان گم ٿي ويو. الائي هن ايما تي ڪهڙو جادو ڪيو هو جو هوءَ به اڪيلائپ واري ڪنڊ جي ڳولا ڪندي نظر پئي آئي. ٻئي ٽائون هال جي ٻي ماڙ جي دريءَ مان نمائش ڏسي رهيا هئا. اجا تائين روڊلف جي احتياط جي اها حالت هئي جو هن احترام سان ايما جي آڏو جهڪي تعظيم پيش پئي ڪئي، حد ته وري اها ٿي جو هن سندس هٿ جي پٺيءَ تي چمي ڏيڻ کان به پاسو ڪري ورتو هو پر سندس گفتگو ايتري ته جادو پري، لطف ڏيندڙ ۽ پاڪيزه هئي جو ايما اکيون بند ڪري ساڻس ٽائون هال جي بلڊنگ ۾ اچي ويئي هئي.

"ڪاش! آئون اوهان سان گڏ بيهي ٻاهر جو ڏيک ڏسي سگهان ها!" روڊلف هڪ عجيب خواهش جو اظهار ڪيو.

"ته پوءِ ان ۾ ڪهڙي رنڊڪ آهي؟" ايما اچرج مان پڇيو.

"آئون ان معاملي ۾ رسوائيءَ جي حد تائين بدنام آهيان!" روڊلف وراڻيو "۽ بد کان بدنام بڇڙو جي چوٽيءَ موجب جيڪڏهن ڪنهن مون کي اڪيلو توهان سان گڏ ڏسي ورتو ته نه ڄاڻان هو ڇا سمجهندو؟ مادام! هيءَ دنيا ته ڏاري تلوار کان گهٽ ناهي ۽ آئون

ڪي ايما دل ئي دل ۾ ساراھڻ لڳي.

نمائش ۾ وقت جو حاڪم تہ نہ اچي سگھيو ھو پر ھن جو ھڪ نمائندو ضرور آيو ھو ۽ ھاڻ اھو تقرير ڪري رھيو ھو پر ٻئي پريمي جا پڪي ان ڪان بي خبر پنھنجي گفتگوءَ ۾ رڌل ھئا. روڊلف ڳالھين جو رخ شڪار طرف موڙي ڇڏيو ۽ پنھنجي شڪاري ڪارنامن جو ذڪر ڪرڻ لڳو جيڪي گھٽو تٽو غلط نہ ھئا. وحشت سان پريل اھي داستان ايما کي گھڻا پسند آيا... ھوءَ ڪنھن اھڙي ئي مرد جي گھرجائو ھئي.

"اوھين ھرويرو پنھنجو پاڻ تي بھتان ھٽي رھيا آھيو!" ايما مرڪندي چيو "منھنجي تہ سمجھ ۾ نہ پيو اچي تہ ڪنھن کي اوھان خلاف ڪھڙي شڪايت ٿي سگھي ٿي؟"

"اصل ۾ مون کي منافقت کان سخت نفرت آھي!" روڊلف وراڻيو. "جيڪي ڪجھ منھنجي دل ۾ ھوندو آھي اھو ئي زبان تي اچي ويندو آھي ۽ دنيا ان کي پسند نٿي ڪري... جيڪڏھن ڪو منھنجي گل تي ڇري رکي اوھان جي سونھن جي تعريف ڪرڻ کان مون کي روڪڻ گھري تہ بہ آئون مڙندس ڪونہ... بس اھا ئي خرابيءَ جي جڙ آھي!"

"ڇا مان سچ پچ اھڙي سھڻي آھيان؟" ايما سنجيدگيءَ سان چيو.

"اوھان کي مون ۾ ڪھڙي خاص ڳالھ نظر آئي؟"

"دليلن سان اھڙين ڳالھين جي سونھن مجروح ٿي ويندي آھي،" روڊلف وراڻيو. "پوءِ بہ آئون بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو... توھان جون اکيون ڏسي انسان کلندي پنھنجي ڇاتيءَ تي گھاءُ کائي سگھي ٿو... اوھان جي جسم جي خاطر ڦاھيءَ تي لٽڪي سگھجي ٿو... اوھان جي سونھن جي انفراديت اھا آھي تہ منجھس چانڊوڪيءَ جھڙو سڪون ۽ صحرا جي اس جھڙي بي چيني بہ آھي... مون جھڙي اڪيلائپ جي ماريل لاءِ اھا سونھن ويران رڻ ۾ ھڪ نخلستان کان گھٽ ناھي...!"

"ڇا اوھين سچ پچ اڪيلائپ جي عذاب مان گذري رھيا آھيو؟"

"ڪي روح انھيءَ عذاب مان گذرڻ لاءِ ھوندا آھن!"

"پر اوھين آزاد ۽ خودمختيار آھيو... جيئن وڻي تيئن ڪري سگھو ٿا!"

"آزاديءَ جي بہ ھڪ حد ھوندي آھي!" روڊلف چيو "جھڙوڪ جيڪڏھن مان پنھنجي دل گھري ھستيءَ کي ٻانھن ۾ ڀرڻ کان معذور آھيان تہ انھيءَ آزاديءَ جو ڪھڙو فائدو؟"

"اڳھاڙن جذبن ۽ اخلاقن ۾ اھا ڪشمڪش تہ ڏاڍي پراڻي آھي!" ايما سندس مطلب سمجھي محتاط انداز اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"پر جڏھن ماڻھو قيد ٿي پوي تہ منھنجي خيال ۾ اخلاقيات جو قانون لاڳو نہ ھئڻ گھرجي،" روڊلف چيو.

"اوھان جو مطلب آھي تہ جيئن

پاڳلن تي قانون لاڳو نٿو هجي!"

"بلڪل... بلڪل! اوهين ته منهنجي اميد کان به وڌيڪ ذهين آهيو!" روڊلف چيو "عام طور تي سهڻن مهاندن وارا عقل کان خالي هوندا آهن پر اوهين ته..." اهو چئي روڊلف وڏي احترام سان ايما جو هٿ پڪڙيو.. ۽ ايما انهيءَ کي ڇڏائڻ جي ڪا به ڪوشش ڪانه ڪئي... اها روڊلف جي هڪ تمام وڏي ڪاميابي هئي... هو پنهنجي راند جو هر هڪ پتو وڏي مهارت سان کيڏي رهيو هو... ايما جي هٿن جي ڪنبڻ مان هن هر ڳالهه جو اندازو لڳائي ورتو... هوڏانهن ايما سندس شخصيت کان مڪمل طور تي متاثر ٿي چڪي هئي...!

"منهنجي خيال ۾ اسان کي نماءَ جي رونق به ڏسي وڃڻ گهرجي. روڊلف وڏي احترام سان ڪيس ٻاهر آڻيندي چيو. ايما جي دل ۾ آنڌ مانڌ مچي چڪي هئي ۽ هوءَ اندران ڪنهن خشڪ پن وانگيان ڪنبي رهي هئي. ملاقاتن جي تصور ڪيس مدهوش ڪري ڇڏيو هو.

روڊلف مناسب جرئت ڪري ورتي هئي ۽ تير ٺيڪ وڃي نشاني تي لڳو هو. ٻيئي هڪ ٻئي کان جدا ٿيا ته ڪاميابيءَ جي نشي ۾ سرشار هئا. شام جو هڪ عظيم الشان دعوت هئي جنهن ۾ پوري عوام شرڪت ڪئي. مادام لغران، دوا فروش لومي، ڊاڪٽر شارل ۽ ايما هڪ هنڌ ڪنا ويٺل هئا. روڊلف ڇاٽي ٻجهي مناسب مفاصلو برقرار رکيو ۽ پري کان ڏسي هن سر جهڪائڻ ئي مناسب سمجهيو جيڪا ڳالهه شارل کي به آئڙي.

انهيءَ ملاقات کي ڇهه هفتا گذري ويا پر روڊلنگ پنهنجي جذبن تي قابو رکيو ۽ ڊاڪٽر جي گهر کان پري ئي رهيو. اهو وقت هن شڪار، سير ۽ تفريح ۾ گذاريو. آخر هڪ ڏهاڙي هو مڪمل تياريءَ سان ڊاڪٽر وٽ پهچي ويو. وٽس هڪ معقول عذر به هو... هن کي ايما جو رنگ ڏسي پيلو پئجي ويو. ان وقت هوءَ ڪمري ۾ اڪيلي هئي ۽ جذبات جي شدت سبب سندس وات مان ڪا به ڳالهه اڪلي نه سگهي.

"آئون تمام گهڻو مصروف بلڪ بيمار هئس ان لاءِ ايترا ڏهاڙا غير حاضر رهيس!" روڊلف سندس نالو وٺڻ کان سواءِ عذر پيش ڪيو.

"ڇا اوهين تمام گهڻا بيمار هئا؟" ايما پريشان ٿيندي پڇيو.

"آئون ڪوشش جي باوجود اوهان جي آڏو ڪوڙ نٿو ڳالهائي سگهان... اصل ڳالهه هيءَ آهي ته آئون اچڻ کان ڇاٽي ٻجهي پاسو ڪندو رهيس!"

"اهو وري ڇو؟" ايما حيرت واري انداز ۾ پڇيو.

"اوهين ان جو مطلب چڱيءَ ريت ڄاڻو ٿيون!" اهو چئي روڊلف لهرين نظرن سان ايما کي ڏٺو جو شرم وچان سندس نظرون جهڪي ويون.

"آئون به ڪيترو نه بدنصيب آهيان!" روڊلف ڏکاري لهجي ۾ چيو.

"اوهان جو نالو به زبان مان ادا ڪرڻ

ٿو.“

”بلڪل! بلڪل! گهوڙي سواري ته انساني صحت لاءِ اڪسير هوندي آهي!“ ڊاڪٽر پنهنجي ماهراڻي راءِ جو اظهار ڪيو.

”اهو ته تمام عمدو خيال آهي... مٿس ضرور عمل ٿيڻ گهرجي!“

”پر ان تي عمل ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“ ايما مداخلت ڪئي. ”مون وٽ گهوڙو ته آهي ئي ڪونه!“

”اهو ڪو مسئلو ناهي!“ روڊلف پنهنجو منصوبو ڪامياب ٿيندي ڏٺو ته هڪدم چيائين. ”مون وٽ ٻه وڏا اصيل گهوڙا آهن... اوهان جو حڪم هجي ته اڄ ئي موڪلي ڏيان!“

”اسين اوهان جي اها پيشڪش قبول نٿا ڪري سگهون!“ ايما معذرت واري لهجي ۾ چيو. ڊاڪٽر اچرج ۾ پنهنجي زال ڏي ڏٺو. روڊلف مرڪي خاموش ٿي ويو پر دل ئي دل ۾ هو هن جي شاطراڻي چال کي داد ڏيڻ لڳو. جڏهن روڊلف روانو ٿي ويو ۽ زال مڙس اڪيلا رهجي ويا ته شارل احتجاج ڪندي چيو ”ايما ڊارلنگ! اها وري ڪهڙي حماقت هئي؟ هو شريف ماڻهو تنهنجي صحت جي لاءِ گهوڙو پيش ڪري رهيو هو پر تو هن جي خلوص ڀرئي پيشڪش کي خراب طريقي سان رد ڪري ڇڏيو! ڇا سوچيندو هوندو؟“

ايما منهن سجائيندي عذر پيش ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ”ماڻهو ڇا چوندا؟ ڳالهه ٿورڙي نامناسب لڳي ٿي.“

”مون کي ماڻهن جي ڪابه پرواهه ڪانهي!“ ڊاڪٽر زال کي نرم پوندي ڏٺو ته پيار سان چيائين ”منهنجي لاءِ تنهنجي صحت ئي سڀ ڪجهه آهي!“

”شارل! تون ته اجايو ٿو ناراض ٿين!“ ايما هٿيار ڦٽا ڪندي چيو. ”آئون گهوڙي سواري ڪيئن ٿي ڪري سگهان؟ مون وٽ سواريءَ وارو ڪوٽ ڪٿي آهي؟“

”ڪوٽ سڀاڻي ٻه سگهجي ٿو!“ ڊاڪٽر فيصلو ڪندي چيو.

”ٺيڪ آهي... جيڪڏهن تون ضد تي آهين ته آئون پنهنجو عذر واپس ٿي وٺان!“ ايما زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هار مڃيندي چيو.

ڪجهه ڏهاڙن ۾ ايما جو ڪوٽ تيار ٿي ويو ته شارل روڊلف کي خط وسيلي اطلاع ڏنو ته ڪيس نيڪ دل روڊلف جي خلوص ڀري پيشڪش منظور آهي ۽ هو گهوڙي جو بي چينيءَ سان انتظار ڪري رهيو آهي. خط ملندي ئي روڊلف پاڻ ٻه سواريءَ جي قيمتي لباس ۾ هو. دوا فروش ”اومي“ دٻيل زبان ۾ چيو ”گهوڙا جيتوڻيڪ اصيل لڳن ٿا پر جانور تي ڪهڙو اعتبار؟ اوهين مهرباني ڪري محتاط رهجو!“

”جناب! آئون ته اوهان جي نظر جو قائل ٿي ويس!“ روڊلف، دوا فروش کي شاباسي ڏيندي چيو ”اهي گهوڙا ته سوار جي اشاري تي عمل ڪرڻ وارا جانور آهن... اوهين آزمائي سگهو ٿا!“

اهڙي طرح پاڙيسرين جي دعائن سان ايما گهوڙي تي سوار ٿي. ٿورڙي مفاصلي تي روڊلف جو گهوڙو به تيار بيٺو هو. ٻيئي گهوڙا وچولي چال هلندا سيني جي نظرن کان گم ٿي ويا. کلي هوا، صحتمند گهوڙي جي سواري ۽ من پسند مرد جو ساٿ، ايما کي تمام گهڻو مزو اچڻ لڳو. هن پنهنجو وجود ائين ڍرو ڇڏي ڏنو جيئن ڊسمبر جي اس ۾ انسان پير ڦهلائي آرام سان ويهي رهندو آهي. سرسبز ۽ شاداب جهنگ جو آغاز ٿيو ته ايما جي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي وئي. روڊلف مرڪي سندس حوصلي افزائي ڪئي... جابلو چڙهائي شروع ٿي جنهن کان پوءِ ٿورڙي ئي دير ۾ سندن آڏو کليو ميدان اچي ويو... هتي جو گاهه ريشم کان به وڌيڪ نرم هو ۽ گلن جا رنگ به گهڻا شوخ هئا. انهيءَ ڏيک کي ڏسي هو ٻت ٻڻجي ويئي. روڊلف گهوڙي تان لهي ان کي کليو ڇڏي ڏنو. پوءِ ايما کي سهارو ڏيئي هيٺ لاٿائين. اهو سهارو اهڙي ته بي تڪليفيءَ سان ڏنو ويو هو جو ايما جي ڪنن جون پاپڙيون ڳاڙهيون ٿي ويون. ٻيئي بي فڪريءَ سان هڪٻئي جي ويجهو ويهي رهيا ته روڊلف مرڪندي چيو "ڇا اسان ٻنهي جي تقدير هڪ ناهي ٿي ويئي؟" ان سان گڏوگڏ هن بيباڪيءَ سان ايما جي چيلهه تي هٿ رکي ڇڏيو. ايما ڪنبندي پوئتي هٽي ويئي، "موسيو! پليز! اوهين چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا ته اهو ناممڪن آهي... اوهين پنهنجي جذبن تي قابو رکو!" اهو چئي هوءَ اٿڻ لڳي ته روڊلف مضبوطيءَ سان ڪيس پڪوڙي وڌو ۽ چيائين "محترم! ڇا ناممڪن آهي؟ پنهنجي من پسند مرد سان گڏ اڪيلائپ ۾ اچڻ يا پنهنجو پاڻ کي فطرت جي خوشگوار ترين عمل کان محروم رکڻ... مون اڳ ئي چيو آهي ته مون کي منافقت کان سخت نفرت آهي... هن وقت به اوهين سچيءَ دل سان گهرو ٿا ته منهنجي ٻانهن ۾ اچي وڃو پر اوهين منافقت کان ڪم وٺي رهيا آهيو!" ان سان گڏ ئي روڊلف جي پڪڙ وڌيڪ مضبوط ٿي ويئي. ايما برسات ۾ پنل ڳيريءَ وانگيان ڪنبڻ لڳي ۽ هن ڪنبندڙ لهجي ۾ چيو "مون کي اوهان کان خوف ٿي رهيو آهي... پليز مون کي ڇڏي ڏيو ۽ واپس هلو... مون کي تڪليف پيئي ٿئي!"

روڊلف جو بدليل لهجو سچ پچ ڪيس ڊپ ۾ وڪوڙي رهيو هو. روڊلف مرڪندي نئين سري سان شرافت جو نقاب اوڍيندي ۽ ڪيس آزاد ڪندي چيو "ٺيڪ آهي... جيئن اوهان جي مرضي!"

"آئون سچ پچ پاڳل آهيان جو اوهان جون ڳالهيون ٻڌي رهي آهيان!" اهو چئي ايما اٿي ٻيهي رهي پر گهوڙن ڏي وڃڻ بجاءِ سرجهڪائي اتي ئي ٻيني رهي. روڊلف دل ۾ سوچيو "فقط هڪ لهس جي ڪسر رهجي ويئي آهي!" اهو سوچي سندس لهجو بدلجي ويو ۽ هو اڳ وانگيان باادب ٿي ويو ۽ اتي ايما جي ويجهو ويهي رهيو.

پنهنجي محبوبہ جو در وڃي ڪڙڪائيندي هئي. شروع شروع ۾ جڏهن هوءَ ڪاوڙيل ڏڳن ڪي ڏسندي هئي تہ ڪانئن ڊڃي تيز ڊوڙڻ لڳندي هئي ۽ انهيءَ ئي شڪل ۾ جڏهن هو پنهنجي عاشق جي گهر پهچندي هئي تہ روڊلف حيران رهجي ويندو هو. اهڙي حوس پرست عورت جو پالو ساڻس ڪڏهن بہ نہ پيو هو. هر ملاقات ڪان پوءِ جڏهن هوءَ رخصت ٿيندي هئي تہ مختلف بهانن سان وقت ڪي پيئي ٽاريندي هئي يا اڪثر روئڻ لڳندي هئي، اهڙين طوفاني ملاقاتن روڊلف ڪي ڊپ ۾ وجهي ڇڏيو هو. هوريان هوريان هو بيزار ٿيڻ لڳو. آخر هڪ ڏهاڙي هن صاف صاف اکرن ۾ ڪيس چئي ڏنو "تنهنجو روزانو اچڻ خطري ڪان خالي ناهي... راز کلي پيو تہ بدنام ٿي ويندا سين!"

ايما ڪي فقط هڪ ئي فڪر هو تہ ڪٿي زندگيءَ جو اهو خوشگوار معمول بدلجي نہ وڃي. ان ۾ هڪ معمولي تبديليءَ جي بہ هوءَ روادار نہ هئي. بدناميءَ جو خوف سندس دل مان بنهہ ختم نہ ٿيو هو. جڏهن هوءَ وستي ۾ داخل ٿيندي هئي تہ هر دري ۽ هر دروازي ڪي وڏي غور سان ڏسندي هئي. معمولي ڪان معمولي ڪڙڪي تي بہ هوءَ ڇرڪي پوندي هئي ۽ خوف وچان سندس رنگ پيلو پئجي ويندو هو... هڪ ڏهاڙي هوءَ صبح جو سويل واپس اچي رهي هئي تہ اوچتو ڪنهن بندوق جي نالي پاڻ ڏي تاڻيل ڏسي هوءَ بي هوش ٿيندي ٿيندي ذري گهٽ بچي وئي. اهو "ڪئپٽن بيني" هو جيڪو غير قانوني طور تي تترن جو شڪار ڪري رهيو هو. ايما ڪي ڏسي هن سڪ جو ساهہ کنيو... هوڏانهن ايما ڪي سندس وات ۾ جيڪو ڪجهہ آيو اهو چئي ڏنائين "اصل ۾ منهنجي ٻارڙي پنهنجي آيا وٽ رهي ٿي... آئون هن ڪي ڏسيو پيئي اچان!" اهو چوڻ ڪان پوءِ ڪيس غلطيءَ جو احساس ٿي ويو ڇو جو واديءَ جو ٻچو ٻچو ڄاڻندو هو تہ سندس ڌيءَ ونس ئي رهي ٿي پر ڪئپٽن پاڻ ايترو تہ پريشان هو جو انهيءَ ڪوڙ تي ڌيان ڏيڻ بنا ئي هليو ويو. پوءِ بہ ايما ڪي انهيءَ خوف اچي ورايو تہ جيڪڏهن ڪئپٽن ان جو ذڪر ڪٿي ڪري وڌو تہ ڇا ٿيندو؟ انهيءَ واقعي ڪان پوءِ ايما ڪي قدر محتاط ٿي وئي... ۽ پوءِ اهي ملاقاتون آڌيءَ رات جي ويجهو گهر سان ڳنڍيل هڪ ويران باغ ۾ ٿيڻ لڳيون. روڊلف هڪ وڏو چوغو پائي اچي ويندو هو ۽ پوءِ ڪو پٿر وغيره ڪٿي دروازي تي هڻندو هو. ايما غفلت جي ننڊ ۾ ستل پنهنجي ور جي پاسي مان اٿي ٻاهر اچي ويندي هئي ۽ روڊلف ڪيس چوغي ۾ لڪائي باغ جي ٻي ڪنڊ ۾ وٺي ويندو هو.

برسات جي ڏهاڙن ۾ اهي ڪنهن وٿاڻ ۾ پناهہ وٺندا هئا پر جيڪڏهن ڪو پن بہ ڪڙڪندو هو تہ هو ڇرڪي اٿندا هئا. روڊلف جي لاءِ اهو سودو مهانگو نہ هو. ايما جي جوش ۽ جذبي سان سندس خود پسندي ۽ شهوت

ٻنهي جي تسڪين ٿي رهي هئي... پر انهيءَ راند جي لاڳيتي ڪيڏڻ جي به هڪ حد هوندي آهي... هاڻ اهي باقاعدي زال ۽ مڙس واري حياتي گهارڻ پئي لڳا جنهن ۾ سندس جوش ۽ جذبي ۾ اڳ واري شدت نه رهي هئي.

ايما جو پيءُ رواڄ پنهنجي علاج جي شڪريي طور هر دفعي هڪ اصيل ڪڪڙ موڪليندو رهندو هو ۽ ان سان گڏ نيڪ تمنائن سان ڀرپور خط به هوندو هو. هن ڀيري خط وصول ٿيو ته ان کي پڙهي ايما کي پنهنجي ڪنوار پڻ وارو زمانو ياد اچي ويو. ڪيس پنهنجي گناهه کان پاڪ زندگي ياد آئي ته ٿورڙي دير لاءِ ڪيس اداسي وڪوڙي ويئي. ان ڏهاڙي هن اميد جي برخلاف پنهنجي ڌيءَ برت کي ڏاڍو پيار ڪيو. هڪ ڊگهي عرصي کان پوءِ هن شارل کي هڪ زال جي نگاهن سان ڏٺو ۽ سوچيائين "آخر هيءُ شخص مون کي ايترو ناپسند ڇو آهي؟" ۽ جڏهن ڪوبه معقول سبب ڳولي نه سگهي ته سندس اداسيءَ وڌي ويئي. انهيءَ رات هوءَ پنهنجي عاشق جي به گرمجوشيءَ سان آجيان ڪري نه سگهي... جنهن جي جواب ۾ روڊلف به ٽن ڏهاڙن تائين غائب رهيو. ڄڻ هن عملي طور تي ثابت ڪري ڇڏيو ته هاڻ ڪيس پراڻي محبوبا جي ڪا خاص پرواهه ناهي. ان دوران ڊاڪٽر شارل هڪ صحتمند شخص جي مڙي ويل پير کي سڌو ڪرڻ لاءِ آپريشن ڪيو جيڪو تمام خراب

نموني ۾ ناڪام رهجي ويو ۽ پير جو زخم جڏهن ناسور بڻجي ويو ته مريض جي ٽنگ وڍي ڇڏڻي پيئي. مادام بوواري جي نظرن ۾ ور جو باقي رهيل کهيل ڀرم به خاڪ ۾ ملي ويو. هن شرمسار ور کي وڌيڪ شرمندو ڪندي بي رحميءَ سان چيو "شارل! تون زندگي ۾ ڪوبه ڪم طريقي يا سليقي سان ڪرڻ جي قابل ئي نه آهين!"

"پر ڊارلنگ! منهنجي علاج مان ته بي شمار مريض صحتياب به ته ٿي چڪا آهن!" شارل دکدائڪ لهجي ۾ چيو "مون کي پنهنجي انهيءَ غلطيءَ تي دلي افسوس ٿي رهيو آهي!" اهو چئي هن پنهنجي زال جي ڪلهي تي هٿ رکيو ته هوءَ سٽ ڏيئي پري هٽي ويئي ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين، "مون کان پري رهه... اهي آڱر مون کي پسند ناهن!"

شارل انهيءَ هلت تي حيران ۽ ششدر رهجي ويو ۽ ايما پيرن کي زور سان زمين تي هڻندي پنهنجي ڪمري ۾ بند ٿي ويئي.

انهيءَ رات هن پنهنجي عاشق جي هڪ نئين جوش سان آجيان ڪئي ۽ صاف لفظن ۾ چيائين ته "مون کان هاڻ هن حياتيءَ وارو عذاب برداشت نٿو ٿئي... بهتر آهي ته اسين هتان کان ڪٿي پري هليا وڃون ۽ هڪ نئين حياتيءَ جي شروعات ڪريون!"

روڊلف پهرين ته ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو پر جڏهن ايما سنجيدگيءَ سان ٻيهر ان جو ذڪر ڪيو ته روڊلف چيو

"تون تہ سچ پچ چري ٿي پيئي آهين!"
روڊلف جي سمجھ ۾ اها ڳالھ پيئي آئي تہ سندي محبت ۾ آخر ايترا مونجهارا ڇو ٿا پيدا ٿين؟ ايما جيترو پنهنجي ور کان بيزار ٿيندي پيئي ويئي اوترو ئي روڊلف جي پيار جو ڀوت مٿس سوار ٿيندو پئي ويو.

هڪ ڏهاڙي پراڻو وياج خور "ليوريو" نئون چار ڪٽي ڊاڪٽر صاحب جي در تي حاضر ٿيو ۽ ايما جي آڏو هن طرحين طرحين جي شين جا ڍير لڳائي ڇڏيا. ايما کي معمول پٽاندڙ ان ڏهاڙي بہ ڪا شيءِ پسند نہ آئي تہ وياج خور پٺرس ۾ ملندڙ قيمتي شين جو ذڪر ڪجھ اهڙي انداز ۾ ڪيو جو ايما پنهنجي عاشق کي سوکڙي ڏيڻ لاءِ هڪ چهبڪ جي فرمائش ڪري وڌي. ڪن ڏهاڙن کان پوءِ ليوريو هڪ سهڻو چهبڪ آڻي ميز تي رکيو ۽ قيمت جو ذڪر بہ نہ ڪيائين. ايما اهو چهبڪ روڊلف کي ڏيئي ڇڏيو. ٽن ڏهاڙن کان پوءِ وياج خور ليوريو 2 سئو ستر فرانڪن جو بل ڪٽي اچي سهڙيو تہ ايما جا هوش اڏامي ويا.

"هڪ چهبڪ جي قيمت ٻہ سئو فرانڪ؟" هن اچرج مان پڇيو.

"جيڪڏهن اوهان کي سودو قبول ناهي تہ چهبڪ واپس ڪري ڇڏيو!" ليوريو مرڪندي چيو. "ڇڱو ڀلا آئون پاڻ ئي موسيو شارل کان اهو چهبڪ واپس وٺي ٿو ڇڏيان!"

"نہ... نہ... تون چهبڪ کي ڀلجي وڃ!" ايما ٻي ڇينيءَ سان چيو.

ليوريو دل ئي دل ۾ گدگد ٿيندي چيو "محترمہ! منهنجي چار مان ڪير بہ بچي نہ ٿو سگهي."

اها رات ايما وڏي پريشانيءَ ۾ گذاري. ايتري وڏي رقم تہ وٽس هئي ڪانہ... پر ٻئي ڏهاڙي هڪ عجيب اتفاق ٿيو جو شارل جي وڪيل سون جون 14 اشرفيون شارل کي موڪليون. ڊاڪٽر کي انهيءَ رقم جي تمام گهڻي گهرج هئي. ايما اها رقم چوري ڪري ورتي ۽ ليوريو جو قرض لاهي ڇڏيائين. پنهنجي ئي گهر ۾ اها سندس پهرين چوري هئي.

ان کان پوءِ جڏهن هيڪ پري ٿي ويئي تہ هوءَ روڊلف تي سوکڙين جي بارش ڪرڻ لڳي. پهرين تہ هوءَ پنهنجي آبرو لٽائي رهي هئي ۽ هاڻ گهر جا اثاثا بہ لٽائڻ لڳي. انهيءَ زماني ۾ وڏي مادام بوواري پنهنجي پٽ وٽ ٽڪڻ لاءِ آئي تہ ايما کي پنهنجي آزادي ڪسجندي نظر اچڻ لڳي. هوءَ تجربيڪار سس جي اکين ۾ ڌوڙ نٿي وجهي سگهي. نتيجو اهو ٿيو جو نئين ڏهاڙي ئي سس ۽ ننهن ۾ جنگ جو ميدان گرم ٿي ويو ۽ ويچارو شارل جهڪيءَ جي ٻن پڙن ۾ پيسجڻ لڳو. جوٿين ڏهاڙي وڏي مشڪل سان ايما پنهنجي عاشق سان ملاقات ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي ۽ پنهنجي پراڻي مطالبي کي هن ڪجھ اهڙي سنجيدگيءَ سان پيش ڪيو جو روڊلف جي لاءِ ڀڄڻ جي ڪابہ واٽ ئي نہ رهي، تنهنڪري هن موضوع تي گفتگوءَ جي

شروعات ڪندي پهريون سوال ڪيو "تنهنجي ڏيءَ برت جو ڇا ٿيندو؟" ايما ٿورڙي دير غور ڪرڻ ڪان پوءِ فيصلي واري نوع ۾ چيو "هن ڪي اسين پاڻ سان گڏ وٺي هلنداسين!"

"تمام سٺو!" روڊلف دل ئي دل ۾ چيو "ڪهڙو نه سهڻو موڙ آهي... محبوبا سان گڏ هاڻ مون ڪي اولاد به ملي رهيو آهي!"

روڊلف بظاهر هتيار ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ ٻيئي ڄڻا فرار ٿيڻ جي منصوبا بندي ڪرڻ لڳا. غور ۽ فڪر ڪان پوءِ سامان جي لسٽ تيار ٿي ويئي ۽ ڏينهن ۽ تاريخ جو به فيصلو ٿي ويو. ايما جي مٿي تان ڄڻ مٿين بار لهي ويو. هوءَ خوش ۽ خرم رهڻ لڳي. سس جو احترام، ور سان زالن جهڙو سلوڪ ۽ ٻارڙيءَ سان محبت... ايما جي ته ڄڻ ڪايا ئي پلٽجي ويئي... ان سان گڏ هن موسيو ليوريو کي پنهنجي ضرورت جون شيون ميسر ڪري ڏيڻ جو آرڊر به ڏيئي ڇڏيو. "هڪ عدد قيمتي برقعو، هڪ ٽرنڪ ۽ وچين سائز جو سفري بئگ... وغيره."

"مادام! ڇا اوهين ڪنهن سفر وڃي رهيا آهيو؟" وياج خور حيران ٿي پڇيو.

"نه... نه...! خير ۾ تون پنهنجي ڪم سان ڪم رک!" ايما وراڻيو.

"تمام سٺو مادام!" ليوريو مرڪي خاموش ٿي ويو.

"۽ ها! سمورو سامان پاڻ وٽ ئي رکي ڇڏجانءِ... آئون پاڻ اچي وصول ڪنديس!"

ايما ڪيس آخري هدايت ڪئي.

واديءَ مان هميشه لاءِ فرار ٿي وڃڻ ۾ هاڻ فقط هڪ ڏهاڙو باقي وڃي بچيو هو. روڊلف پنهنجي ڪمري ۾ ويهي لاڳيتو غور ڪري رهيو هو. اوچتو بيزاريءَ مان هن چيو "نه... هرگز نه... هزار ڀيرا بلڪ ڪروڙ ڀيرا نه... مون کان اها حماقت اصل نه ٿيندي!" اهو چئي هو پنهنجي الماڙيءَ آڏو اچي ويهي رهيو ۽ خطن سان ڀريل هڪ دٻو ڪڍي هن ميز تي رکي ڇڏيو... منجهس ايما کان سواءِ سندس پراڻين محبوبائن جا خط هئا جن کي هو هميشه "محبوبائون" ڪري ڇوندو هو. هن مرڪي دٻي ڏي ڏٺو ۽ چيائين "بيوقوفي جي انهيءَ ڳنڍڪي کي باهه جي حوالي ڪري ڇڏڻ گهرجي!" پوءِ هو وڏي اطمينان سان ويهي ايما جي نالي خط لکڻ لڳو.

"جان کان به پياري ايما! آئون تنهنجي حياتي برباد نه ٿو ڪرڻ چاهيان، همت کان ڪم وٺ ۽ مون کي معاف ڪر... جڏهن توکي هيءَ خط ملندو ته آئون تمام پري وڃي چڪو هوندس. جيڪڏهن تون عام آلتو ڦالتو عورتن مان هجين ها ته آئون شايد اهو تجربو به ڪري وٺان ها پر تون ته پوڄا لائق عورت آهين... تنهن ڪري آئون توکي اونداهي غار ۾ نٿو ڌڪي سگهان... خدا حافظ!"

فقط تنهنجو دوست.

خط جي پڇاڙيءَ ۾ هن ڄاڻي ٻجهي پنهنجو نالو نه لکيو. پوءِ هن

جي هر شيءِ وساري ڇڏي... ماڻهو زال مڙس جي محبت جا مثال ڏيڻ لڳا ۽ آخر جڏهن ايما وهاڻن جي سهاري اٿي ويهڻ جي قابل ٿي ۽ شارل کيس ڪجهه کائيندي ڏٺو تہ جذبن جي شدت وگهي هو روئڻ لڳو. پوءِ هوءَ پنهنجي مڙس جي سهاري سان هلڻ چلڻ لڳي پر هاڻ سندس بيماري هڪ منجهيل صورت اختيار ڪري ويئي. جسم جي مختلف عضون ۾ اوچتو سور شروع ٿي ويندو هئس... ڪڏهن دل ۾... ڪڏهن جگر ۾... گهر ۾ پئسن جي تنگي بہ ٿي ويئي... وري رهيل کهيل کسر ان وقت پوري ٿي ويئي جڏهن وياج خور ليوريو ايما جو ڏنل آرڊر ڪٽي اچي سهڙيو. شارل کي تہ انهيءَ سودي جي خبر نہ هئي پر زال جي تڪليف کي نظر ۾ رکندي ڇهن مهينن جو اقرار نامو لکي وياج خور مان جان ڇڏيائين. اقرار نامو اصل رقم کان وڌيڪ رقم جو هو. اهڙيءَ طرح وياج بہ بوواري خاندان جو گهر ڏسي ورتو. اقرار نامو لکندي مهل شارل ڪجهه رقم قرض طور بہ وٺي ڇڏي. ليوريو کي خبر هئي تہ سندس رقم ٻڏي وڃڻ جي بجاءِ ٽلهي ۽ تواني ٿي کيس واپس ملندي.

هڪ ڏهاڙي مادام بوواريءَ جي زندگي خطري ۾ پئجي ويئي، اوستائين جو پادريءَ کي بہ آخري دعا لاءِ گهرايو ويو. پوءِ اوچتو ئي اوچتو معجزاتي طور تي هوءَ صحتياب ٿيڻ لڳي ۽ رودلف جي محبت، ايما جي دل جي ڪنهن گمنام ڪنڊ ۾ هلي ويئي. دوستن يارن تجويز ڏني تہ مادام کي سئر ۽ تفريح لاءِ "روآن" يا "پئرس" جو سئر ڪرايو وڃي. ٿئٽر ۾ "لاڪارويءَ" جا گيت مادام جي لاءِ فائديمند ثابت ٿيندا ڇو جو موسيقي تہ روح جي غذا آهي. ايما کي اهو خيال پسند آيو. شارل، وياج خور کان وڌيڪ رقم حاصل ڪئي ۽ زال کي وٺي "روآن" طرف هليو ويو. ٿئٽر ۾ هڪ وڏي جذباتي ڪهاڻي پيش ڪئي ويئي. ايما دنيا جهان کي وساري جذباتي جي وهڪ ۾ وهي هلي، پهرئين ئي سين ماڻهن جون دليون گرماءِ ڇڏيون... هيروئن کي ڏسي کيس پنهنجو ڪنوارپڻو ياد اچي ويو... جڏهن هوءَ شادي ۽ ان ڪانپوءِ جي ڪارنامن کان پاڪ هئي.... کيس زندگيءَ مان چورايل خوشيون بہ بي ڪيف لڳڻ لڳيون. ڊرامي جو جذباتي سين ڏسي متس بيهوشيءَ جي ڪيفيت ڇائجڻ ويئي ۽ ٿيئسٽر جي هال ۾ گهٽ جو احساس ٿيڻ لڳو. تماشائين جي ساهه کڻڻ جي بوءِ جڏهن برداشت کان ٻاهر ٿي ويئي تہ هن شارل کي کلي هوا ۾ هلڻ لاءِ چيو. شارل، زال جي اها حالت ڏسي گهبرائجي اٿيو ۽ پاڻي کڻڻ لاءِ ڊوڙندو ويو. واپسيءَ تي شارل جوش ڀرئي انداز ۾ ايماکي ٻڌايو. "مني! ٿورڙو اندازو لڳاءِ... منهنجي ملاقات هينئر هيئنر لي اون سان ٿي آهي ۽ هو توکي سلام ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي." ايما ڇرڪي پنهنجي مڙس کي ڏٺو. سندس تصور جي اک ۾ مستيءَ ۽ خوش

ڪان محروم لي اون ڪلارڪ جي تصوير اپري آئي ۽ هوءَ پاڻ سنيالي ويهي رهي. بيماريءَ سبان سندس چهرو پيلو پئجي ويو هو ۽ سندس مهاندن تي موتئي جي بند ڪليءَ جو گمان ٿي رهيو هو. هن جي سونهن هينئر به بي مثال هئي. لي لون آيو ته مادام بوواريءَ تنقيدي نظرن سان پنهنجي خاموش عاشق جو جائزو وريتو. لي اون اڳ جهڙو ڍنل انسان نه رهيو هو بلڪ شهر جي رهائش منجهس بي پناهه خود اعتمادي پيدا ڪري ڇڏي هئي. پهرين ته هن عام شائستگي سان مادام سان هٿ ملايو ۽ خير عافيت دريافت ڪيائين پر پوءِ ٿورڙي دير بعد ٿاڻ جي ڳنڍِ ڍري ڪندي چيائين، "اهو ڊرامو بس ائين ئي فضول آهي. ان ڪان بهتر آهي ته ڪٿي ٻاهر هلي ويهجيءَ."

"مون کي به گرمي ۽ گهٽ پيئي محسوس ٿئي!" مدام بوواريءَ چيو. ڪين سس ڦس ڪندو ڏسي ويجهو ويٺل تماشائين شور مچائڻ شروع ڪري ڏنو. "ڊرامي جو مزو خراب نه ڪريو ڳالهين جو شوق اٿو ته ٻاهر هليا وڃو! وغيره."

اهڙيءَ طرح ٽيئي ڇٽا ڊرامو ڇڏي هال مان ٻاهر نڪري ويا لي اون وڏي اعتماد سان سندن اڳيان هلڻ لڳو. هاڻ هو ڪو ڳوناٺو ته لڳو ئي نه پئي... هو وڪالت جي عملي تعليم حاصل ڪري رهيو هو. هن سيني جي خيريت واري واري سان دريافت ڪئي. ڊاڪٽر ڪيس گهر تي اچڻ جي دعوت ڏني جيڪا لي اون تڪلف پرئي انداز ۾ قبولي ورتي.

لي اون، روآن اچي چڱو خاصو چالاڪ ٿي ويو هو. سندس نفاست پسندي ۽ هلڪي هلڪي بزدليءَ جي ميلاپ سندس شخصيت ۾ انفراديت پيدا ڪري ڇڏي هئي. هو ايما جو پراڻو عاشق هو. انهيءَ ملاقات ستل محبت کي نئين سري کان جاڳائي ڇڏيو هو. موسيو ۽ مادام بوواري هڪ سستي هوٽل ۾ ترسيل هيا. ڳالهين ڳالهين ۾ هن پتو معلوم ڪري ورتو ۽ ٻي ڏهاڙي ٿي ايما جي ڪمري ۾ اچي سهڙيو. ايما کيس ڏسي هڪ سوڳوار انداز ۾ مرڪڻ لڳي. ڊاڪٽر پنهنجي استاد سان گڏجڻ لاءِ وڃي چڪو هو. روآن جي اسپتال ۾ هن هڪ ڊگهو عرصو گهاريو هو... اهڙي طرح پراڻن عاشقن کي اڪيلائپ ۾ ويهي ڪچهري ڪرڻ جو موقعو ميسر اچي ويو.

"مادام! آئون ان وقت اوهانجي محبت ۾ گرفتار ٿيس جڏهن مون کي محبت جي ڏکن ڏاڪڻ جواحساس به نه هو!" لي اون چيو.

"پر تو مون سان پنهنجي محبت جو اظهار ڇو نه ڪيو؟" ايما ڏڪايل لهجي ۾ پڇيو. "اوهانجي سونهن منهنجي چپن تي مهر هڻي ڇڏي هئي!" لي اون وراڻيو. "اوهان جي آڏو منهنجي زبان ئي خاموش ٿي ويندي هئي... مون ڪئين ڀيرا ڪوشش ڪئي پر محبت جو اظهار ڪري نه سگهيس ۽ اهڙيءَ طرح نامرادين جي حوالي ٿي ويس... ڳوٺ ڇڏڻ جو اصل سبب به اوهان جي محبت ئي هئي!"

وڃي پهتو... ان هلڪي اميد تي ته شايد ايما پهرين اچي وڃي. گرجا گهر جو چوڪيدار صبح سويل ڪنهن زائر کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بخشش جي اميد ۾ کيس تاريخي يادگار ڏيکارڻ جو ضد ڪرڻ لڳو. کيس ڪهڙي خبر هئي ته هو تاريخي يادگار نه پر ديويءَ جي درشن لاءِ مقدس گرجا ۾ حاضر ٿيو آهي. جڏهن هڪ پل گذارڻ مشڪل ٿي پيو ته لي اون "دعا واري هال" ۾ وڃي ويٺو. وسيع ۽ ويڪري هال ۾ هڪ اڪيلو انسان ڏاڍو عجيب لڳي رهيو هو. خدا خدا ڪري ايما آئي ته ڏڪندي گناهه جي اعتراف واري خاص ڪمري ۾ گهڙي ويئي ۽ مقدس شبيهه جي آڏو گوڏن ڀر ويهي هڪ ڊگهي دعا گهرڻ لڳي. لي اون جي صبر جو پيمانو اٿلي پيو. کيس پنهنجي بزدليءَ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. ايما دعا مان فارغ ٿي ٻاهر نڪتي ته هن اهو ڊگهو خط لي اون ڏي وڌائيندي چيو "هان وٺ! انهيءَ کي پڙهي وٺ... سموري ڳالهه تنهنجي سمجهه ۾ اچي ويندي!"

"اهڙيون ڳالهيون پڙهڻ لاءِ هيءَ هنڌ مناسب ڪونهي!" لي اون چيو. ويجهو ئي هڪ نينگر بيٺل هو. لي اون کيس سخت لهجي ۾ چيو "هڪدم وڃي هڪ بگي وٺي اچ!"

"پر اسين وڃي ڪاڏي رهيا آهيون!" ايما هڪ ڪمزور احتجاج ڪيو.

"توکي جلدئي خبر پئجي ويندي!" لي اون مادام جي ٻانهن پڪڙيندي چيو.

"لي اون! منهنجي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڇا ڪريان... ڇا نه ڪريان... هونئن اها ڳالهه مناسب ناهي!"

"مادام! وڏن شهرن ۾ ائين ئي ٿيندو آهي!"

گاڏي آئي ته هن ايما کي زبردستي منجهس ويهاريندي چيو ۽ ڪوچوان سان مخاطب ٿيو. "بس سڌو سڌو هلندو رهه ۽ پويان مڙي نه ڏسجانءِ نه ته پٽر ٻڌجي ويندين!"

ڪو چوان کي شايد اهڙن مسافرن سان واسطو نه پيو هو. پوءِ به هو منزل جو اندازو ڪرڻ بنا هلندو رهيو. بگيءَ جا پردا هيٺ ڪريل هئا ۽ اها مختلف سڙڪن تان هلندي ڀسڪردائيءَ واري علائقي ۾ هلڻ لڳي. لي اون ۽ ايما هڪ ٻئي ۾ گم ٿيل پويان ئي ويٺا رهيا. سج لٿي کان ٿورڙو اڳ مادام مسافر خاني وٽ پهچي چڪي هئي پر ٽپال جي گاڏي روانو ٿي چڪي هئي. هوءَ جيڪڏهن چاهي ها ته رات مسافر خاني ۾ گذاري ٿي پر دل ۾ هوءَ هڪ بزدلائي اطاعت شعاري محسوس ڪري رهي هئي. هن چپن ۾ چيو. "شارل کي منهنجو انتظار هوندو." اهو سوچي هن ڀاڙي جي گاڏي ڪئي ۽ گهر طرف رواني ٿي ويئي. اتي پهچندي ئي دوا فروش لومي ڏکايل لهجي ۾ هڪ بري خبر ٻڌائي... "مادام! اوهان جي سهري جو لاڏاڻو ٿي ويو آهي. موسيو شارل کي هن وقت اوهان جي سخت

ضرورت آهي!“
دنياداري ۽ اخلاق جي تقاضا هئي تہ هوءَ روئڻي صورت ناهي ها پر جهڙو ڏهاڙو هوءَ پنهنجي پراڻي عاشق سان گذاري آئي هئي، ان جي پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي تہ سهري جي لاڏاڻي تي اها رسمي ڪاروائي فضول ٿي لڳي. شارل ڏک ڀرئي انداز ۾ پنهنجي محبوب زال جو استقبال ڪيو. هو ايترو تہ غمگين هو جو سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا... ايما غم جي اداڪاري ڪندي ور کي تسلي ڏني، رات جو دنيا جي رسم نڀائڻ لاءِ هن ڪاڏي کان انڪار ڪيو پر جڏهن شارل اصرار ڪيو تہ هوءَ پيٽ ڀري کائڻ لڳي.

ٻئي ڏهاڙي وڏي مادام بوواري پٽ وٽ اچي ويئي ۽ ماءُ ۽ پٽ گڏجي روئڻ لڳا. ايما ڪنهن بهاني ٻاهر هلي ويئي ۽ اڪيلائپ واري ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجي نئين عشق تي غور ڪرڻ لڳي.

لي اون سان گذاريل ڏهاڙي جو هڪ هڪ پل ۽ ان جي مڪمل تصوير خيالن ۾ ابري تہ ايما جي بدن ۾ سرور جون لهرون اٿڻ لڳيون پر ور ۽ سس جي موجودگي ڪيس زهر لڳڻ لڳي.

ٻئي ڏهاڙي وياج خور ڪيڙي وارو بہ اچي سهڙيو. شارل قرض وارو قصو پنهنجي ماءُ کان ڳجهو رکڻ پئي گهريو. ايما جي سامان وارو مامرو بہ هن لڪائي رکيو هو. وياج خور ليوريو وڏي چالبازيءَ سان ايما جي نالي تي نئون معاهدو تيار ڪيو ۽ صحيحون ڪرائڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي ويو. زال مڙس هڪٻئي کان رازداري اختيار ڪرڻ لڳن تہ حالتون اڪثر خراب ٿي وينديون آهن. اها ڳاڏي ان وقت تائين سٺي هلندي آهي جيستائين ٻئي هڪ ٻئي سان تعاون ڪندا آهن. سهري جي جائداد جو مسئلو ايما اهڙي تہ خوش اسلوبيءَ سان پنهنجي هٿن ۾ ورتو جو سڀيئي حيران رهجي ويا. مطلب تہ شارل، ايما کي مختار نامو ڏيئي ڇڏيو جنهن جي وسيلي شارل جي سمورن مالي مامرن جو انتظام، قرض ڏيڻ وٺڻ، قسر نامن تي صحيحون ڪرڻ ۽ پئسن جي ڏي وٺ ڪرڻ جا سمورا اختيار ايما کي حاصل ٿي ويا... پنهنجي نئين عاشق لي اون کان حاصل ڪيل ڄاڻ جو واهپو ايما تمام خوبيءَ سان ڪيو. هاڻ سوال اهو پيدا ٿيو تہ ڪنهن چڱي وڪيل کي اعتماد ۾ وٺڻ گهرجي. اهو مسئلو بہ شارل حل ڪري ڇڏيو. هن چيو ”جو نہ لي اون سان مشورو ڪيو وڃي!“

”ها! اها ڳالهہ مناسب آهي!“ ايما ور جي ها ۾ ها ملائيندي چيو ”آئون سياڻي ئي ساڻس صلاح ڪرڻ لاءِ هلي وينديس.“

”پر ڊارلنگ! تنهنجي صحت گهڙيءَ گهڙيءَ سفر جي اجازت نٿي ڏيئي!“ شارل احتجاج ڪيو. ”هاڻ صحت کي ڏسجي يا حالتن کي!“ ايما مرڪندي چيو ”تون سارو ڏينهن مريضن ۾ مٿو کپائيندو رهين ٿو ۽ وري مٿان سفر جون صعوبتون برداشت ڪرڻ تہ

وڏي نا انصافيءَ واري ڳالهه ٿيندي!"
اهي ڳالهيون ايما ايتري ته پيار پرئي لهجي ۾ ڪيون جو شارل بي اختيار سندس پيشانيءَ کي چمندي چيو، "منهنجي جان! تون ڪيتري نه عظيم آهين؟" اهڙيءَ طرح شارل پاڻ پنهنجي سهڻي زال کي "روآن" روانو ڪيو. ٻئي پنهنجن پنهنجن خيالن ۾ گم هئا. شارل ايتري سٺي زال جي رفاقت تي خدا جو شڪر ادا ڪري رهيو هو ۽ ايما اچڻ واري ملاقات جي رنگينين ۾ گم ٿي چڪي هئي، هن پيري ٻيئي پريم جا پنڇي يا حوس پرست، بندرگاهه واري هوٽل ۾ ترسيل رهيا. سڄو ڏهاڙو اهي ڪمري ۾ بند عيش ڪندا رهيا. شام جو مسواڙي ٻيڙيءَ ۾ ويهي ڪنهن "ٽاپوءَ" ۾ وڃي ويهندا هئا ۽ ڪنهن شراب خاني جو سهارو وٺندا هئا. سندن هر ڏهاڙو عيد ته هر رات عيد جي رات هئي.

ان دوران ايما کي خبر پئي ته سندس پهريون عاشق روڊلف به روآن ۾ ئي آهي. ايما اهو ٻڌي اندر ئي اندر ڪنبڻ لڳي، "جيڪڏهن اوچتو ساڻس ٽڪر ٿي پوي ته ڇا ٿيندو؟" اهو سوال نانگ ٻڻجي ڏنگڻ لڳو.

لي اون جي محبت جو بخار اجان نئون نئون هو. تنهنڪري هڪ ڏهاڙي هو ايما سان ملڻ لاءِ پاڻ ئي سندس گهر اچي پهتو. ڊاڪٽر سان ته سندس چڱي واقفيت هئي، تنهنڪري اها ملاقات ڪا نامناسب ڳالهه به نه هئي ۽ هاڻ ته هو بوواري خاندان جي جائيداد جي

## آڪاٽي ڪڙميءَ ۽ درياءَ جي

هڪڙي ڪڙميءَ ڏنو ته هڪڙي ٻيڙي، ماڻهن سان پريل، درياهه جي لهرين ۾ هيٺ مٿي ٿيندي وڃي، تڏهن چيائين ته "اي دريا، تون ته ڪو وڏو بي رحم آهين! جيڪي ماڻهو تو ۾ چڙهن ٿا، تون انهن کي ٻوڙيو ڇڏين!" درياهه جوش ۾ اچي وراڻي ڏنس ته "اويالو نه ڏينم! هن ڪلور لاءِ آءٌ قصوروار ڪونه آهيان، پر هوا آهي، جيڪا مون کي به سک سانت سان رهڻ نٿي ڏئي. جڏهن طوفان نه هجي، ته ان وير تون مون تي چڙهي ڏس ته آءٌ توکي ڌرتيءَ کان به وڌيڪ آرام ڏيندس، ۽ توکي ڪوبه خوف خطرو ڪونه هوندو."

مامرن جي سارسنڀال به ڪري رهيو هو. شارل پنهنجي مهمان جي خوشدليءَ سان آجيان ڪئي ۽ ايما جي عيش جا ڏهاڙا هڪ ڀيرو ٻيهر موٽي آيا. هو ٻئي انهيءَ هنڌ تي لڪي لڪي ملندا رهيا جتي ايما ۽ روڊلف ملندا هئا.

هڪ شام جو ايما پيانو وڄائي رهي هئي ته شارل کي محسوس ٿيو ته هوءَ کي غلطيون ڪري رهي آهي. ايما به پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف ڪندي چيو "ائين ٿو لڳي ڄڻ منهنجين آڱرين کي زنگ لڳي ويو آهي!"

"سهڻين آڱرين کي الزام نه ڏي، ايما!" شارل چيو، "نه ڄاڻان تو ڪڏهن کان پريڪٽس ڇڏي ڏني آهي!" فيصلو ٿيو ته ايما هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو مادام ليزار وٽ موسيقي سکڻ

ضرور ويندي. "شارل ڊيئرا جيڪڏهن اها تنهنجي خواهش آهي ته آئون ائين ضرور ڪنديس!" ايما چيو. "پر ان لاءِ مون کي سچو ڏينهن گهر مان غائب رهڻو پوندو!"

"منهنجي خيال ۾ اسين اها جدائي برداشت ڪري سگهون ٿا!" شارل مرڪندي چيو. اهڙيءَ طرح هفتيوار ملاقاتن وارو مسئلو بہ حل ٿي ويو. گهر مان هوءَ مادام ليزار کان موسيقي سکڻ لاءِ نڪرندي هئي پر ڊڪندي هوءَ روآن وڃي پهچندي هئي. هوءَ احتياط ڪرڻ جا هڙئي آداب سکي چڪي هئي. ۽ زباني بهانن گهڙڻ ۾ تہ سندس ڪو جواب ئي نہ هو. هر ملاقات ۾ ٻيئي سڄي هفتي جي جدائيءَ جو ڏک هڪ ٻئي سان اوريندا هئا ۽ پوءِ عيش ۾ گم ٿي ويندا هئا. انهيءَ ملاقات کان پوءِ هو "بيوٽي پارلر" ۾ ويندي هئي ۽ پنهنجي حالت درست ڪرڻ کان پوءِ واپس موٽي ايندي هئي.

هڪ ڏهاڙي سرمستيءَ واري عالم ۾ هن ليِ اون جي آڏو پنهنجي پهرئين عاشق جو ذڪر ڪري وڌو پر جڏهن صورتحال بگڙڻ لڳي تہ ڪيس پنهنجي غلطيءَ جو احسان ٿيو. عشق ۾ رقابت گهٽي پراڻي ڳالهہ آهي. ليِ اون ڪانئس لهجي ۾ پڇيو. "ايما ڊارلنگ اهو خوشنصيب ڪير هو؟"

"هڪ ساموندي جهاز جو ڪئپٽن هو جيڪو هاڻ نہ ڄاڻان ڪٿي گم آهي!" موقعي جي نزاڪت جي لحاظ کان اهو جواب تمام مناسب هو. تنهنڪري ليِ اون مطمئن ٿي ويو. راز کلي وڃڻ جي خوف کان هوءَ پنهنجي ور تي لطف ۽ عنايتن جي بارش ڪرڻ لڳي. هن جي لاءِ وڏي ڏيان سان آئس ڪريم ٺاهيندي هئي، هن جي ننڍين ننڍين ضرورتن جو خاص خيال رکندي هئي. شارل جيڪڏهن اڳ زال سان محبت ڪندو هو تہ هاڻ هن جي عبادت ڪرڻ لڳو هو. هڪ ڏهاڙي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ مادام ليزار جو ذڪر نڪتو تہ شارل اوچتو چيو. "ڊارلنگ! تنهنجي موسيقيءَ جي ٽيچر سان منهنجي ملاقات ٿي هئي. عجيب ڳالهہ آهي تہ هوءَ تنهنجي نالي کان بہ ناواقف آهي!"

"اهو وري ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟"

ايما ڌڙڪندڙ دل سان وراڻيو ۽ اٿي فيءَ جون رسيدون ڏيکارڻ لڳي جيڪي هن وڏي محنت سان تيار ڪري رکيون هيون. شارل مطمئن ٿي ويو تہ ڳالهہ ختم ٿي ويئي پر ايما کي انديشو ٿي پيو. اتفاق سان هڪ ڏهاڙي وياج خور ليوريو پنهي عاشقن کي هڪ هنڌ ڪٺو ڏسي ورتو ايما انهيءَ دولت جي پوڄاريءَ کي ڏسي ڪنبڻ لڳي. سندس خيال هو تہ وياج خور ضرور سندس پاندو ڦاڙي وجهندو ۽ ڪن ڏهاڙن کان پوءِ ليوريو سچ پچ سندس گهر اچي سهڙيو ۽ وڏي سنجيدگيءَ سان چيائين "مادام! اڄ مون کي پئسن جي سخت گهرج آهي... اميد آهي اوهين مهرباني فرمائينديون!"

"پر مون وٽ تہ ڪجهہ بہ ڪينهي!"

ايما وراڻيو

”ٺيڪ آهي تہ پوءِ مون کي پنهنجي جائداد جو اقرار نامو لکي ڏيو!“ ليوريو ڏند ڪيندي چيو. ”۽ مناسب آهي تہ پنهنجي قرض جو بار بہ لاهي ڇڏيو!“

ايما کي تہ ياد بہ نہ هو تہ ڪڏهن هن ڪيترا پئسا قرض ورتو هو پر وياج خور جون چوپڙيون گواهہ هيون، جن ۾ قرضن جي رقم وڌائي چڙهائي لکي ويئي هئي ۽ هر دستاويز تي ايما جون صحيحون هيون. هوءَ پنهنجي عياشيءَ لاءِ وقت بوقت پئسا وٺندي رهي هئي... لي اون کي اهڙي محبوبا ڳولهڻ سان بہ نہ ملي سگهي ها جيڪا بنهي جو خرچ بہ پنهنجي کيسي مان ادا ڪري ۽ پنهنجي آبرو بہ لٽائيندي وتي.

غرض تہ وياج خور سڄي جائيداد بہ قبائي ورتي ۽ قرض جيئن جو تيئن موجود رهيو. ايما پنهنجي ور جي مختيار ڪل هئي تنهنڪري هن جي بدران دستاويزن تي صحيح ڪرڻ لاءِ خودمختيار هئي. وڏي مادام بوواري، ننهن جا ڪرتوت ڏسي اندرئي اندر جهجهڻ لڳندي هئي پر جڏهن شارل خود پنهنجي محبوب زال جي خلاف شڪايت ٻڌڻ جو روادار نہ هو تہ هوءَ ويچاري ڇا ٿي ڪري سگهي؟ هوءَ اڪثر پنهنجي ننهن کي چوندي هئي ”تنهنجو انجام تمام گهڻو خراب ٿيندو!“ ۽ هاڻ بري انجام جو وقت ويجهو اچي رهيو هو.

هڪ ڏهاڙي ايما موسيقي سکڻ لاءِ گهر مان نڪتي تہ آڌيءَ رات تائين بہ واپس نہ موٽي. شارل ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ زال جي ڳولا ۾ مادام ليار سان تہ سندس ملاقات ٿي ڪانہ سگهي پر اتي موجود هر شخص ايما نالي عورت جي وجود کان ئي صاف انڪار ڪري ڇڏيو. شارل انهيءَ پريشانيءَ ۾ واپس موٽي آيو. ٻئي ڏهاڙي جڏهن ايما گهر موٽي تہ شارل وڏي آواز ۾ ڪائنس پڇيو ”ڪلهہ ڪٿي هئينءَ؟“

”ڊارلنگ منهنجي طبعيت خراب ٿي پيئي هئي!“ ايما مرڪندي وراڻيو.

”ڪيئن؟ ڪٿي؟ ڇو؟“ شارل هر ڳالهہ پلجي فڪرمنديءَ ۾ چيو.

ايما جي ٻہ ٽي دفعا مرڪڻ تي صورتحال درست ٿي ويئي. هوڏانهن صورتحال ايتري تہ خراب ٿي چڪي هئي جو ايما کي لي اون جو خرچ بہ برداشت ڪرڻو پيو پيئي ۽ وياج خور جو قرض بہ وڌندو پئي ويو.

لي اون جي حوش پرستي اعتدال جي حدن ۾ آئي تہ کيس ايما جي تجربيڪاري تمام بري لڳڻ لڳي. کيس اهو ئي محسوس ٿيو تہ ڄڻ سندس محبوبا هڪ طوائف کان بہ وڌيڪ تجربيڪار آهي... ان کان پوءِ هو سوچڻ بند ڪري ڏيندو هو. ان جي ابتڙ ايما جي جوش خروش ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو پئي ويو. وياج خور جون تقاضائون وڌي رهيون هيون جيڪي مصيبتن جي جبل کان گهٽ نہ هيون. شارل جي چاڻ ۾ آڻڻ کان سواءِ هوءَ سموري جائيداد وڪڻي چڪي هئي، هوءَ چاهندي هئي تہ آخر هڪ

ڏهاڙي اهو ڳچھ ڪلي بہ پوندو. هاڻ ڇڻ هوءَ جنسي وهڪ ۾ فرار حاصل پيئي ڪندي هئي، جيئن ڪم ظرف انسان پنهنجي پريشانين جو علاج شراب نوشيءَ ۾ ڳوليندا آهن.

آخر اهو وقت بہ اچي ويو جو جنهن بيباڪيءَ لي اون تي ڪنهن زماني ۾ جادو ڪيو هو، محبوبا جون اهي ئي ادائون ڪيس بريون لڳڻ شروع ٿي ويون ۽ سندس گر مجوشيءَ گهٽجڻ لڳي... اها ٽذائي هوريان هوريان بغاوت جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي. هوڏانهن ايما جي مطالبن ۾ واڌارو ٿيندو پئي ويو. فلاڻي هنڌ نہ وڃ... فلاڻي سان نہ مل... هيءَ نہ ڪر، هو نہ ڪر وغيره.

اهو هڪ عام ڏهاڙو هو جڏهن هڪ آواره مزاج بي ڍنگو ماڻهو ايما سان ملڻ آيو ۽ هن ماٺ منيءَ ۾ هڪ تمام وڏي رقم جو معاهدو پيش ڪندي رقم جو مطالبو ڪيو. انهيءَ معاهدي تي ايما جون صحيحون هيون ۽ رقم جي ادائيگيءَ جو وقت گذري چڪو هو. اهو ماڻهو موسيو ليوريو جو ايجنٽ هو...

”پر مون وٽ تہ هن وقت رقم ڪونهي!“ ايما پريشانيءَ ۾ چيو.

”تہ پوءِ آئون موسيو ليوريو کي ڪهڙو جواب ڏيان؟“ انهيءَ شخص پڇيو.

”موسيو کي چئجو تہ ٿورڙن ڏهاڙن جي مهلت ڏيو!“ ايما وراڻيو ”آئون رقم جو بندوبست ڪري ڇڏينديس!“ اهو شخص جواب ٻڌي واپس هليو ويو پر ٻئي ڏهاڙي علائقي جي ميجسٽريٽ طرفان ڪيس سمن موصول ٿيو جنهن تي تمام ڊپائتي لکت هئي. سمن ڏسي ايما جو سمورو نشو الوپ ٿي ويو ۽ هوءَ ڏڪندي وياج خور وٽ پهتي. سمن جائداد جي ضبطيءَ جو هو. اها توهين، بي عزتي ۽ ذلالت تہ ايما جي برداشت کان ٻاهر هئي. ماڻهو ڇا چوندا؟ شارل ۽ سندس ماءُ ڇا چوندي؟ اهو ئي سوچي سوچي ايما جو مٿو ڦرڻ لڳو ۽ سندس سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ هوءَ ڇا ڪري ۽ ڪنهنکي مدد لاءِ پڪاري؟ ليوريو ظاهر ۾ احترام سان هن جي آجيان ڪئي ۽ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ لڳو جيئن هر وياج خور جي عادت هوندي آهي. شروع شروع ۾ نرم رويو اختيار ڪرڻ پر پوءِ هڪدم پٺيءَ پر ڪيرائي ڇڏڻ....

”محترم! آئون تہ اوهان جو خادم آهيان... غلام... تابعيدار... فرمايو ڪهڙي خدمت ڪريان؟“ گفتگوءَ سان گڏوگڏ هو پنهنجو ڪم بہ ڪندو پئي ويو. ائين ڪونہ هو تہ هڙيئي ڪم ڇڏي اچڻ واري ڏانهن سمورو ڌيان ڏيئي ڇڏجي. آخر ايما سمن ڪڍي ڪيس ڏيکاريو ۽ ڪنبندي چيائين ”هيءَ سڀ ڇا آهي؟“

”تہ پوءِ پلا آئون ڇا ٿو ڪري سگهان؟“ ليوريو خشڪ جواب ڏنو ”حساب تہ بي باق هئڻ گهرجي نہ!“

”پر مون وٽ تہ ڪجھ بہ ڪونهي... هاڻ ڇا ٿيندو؟“

”ضبطي يا جيل!“ ليوريو سرد لهجي ۾ چيو، ”حاڪم بابت تہ دنيا

جي خنجر ۽ طبيعب جي نير ۾ ڪوبہ فرق نہ رهي تہ خرابيءَ جي آخري حد شروع ٿي وڃي ٿي ۽ ان ڪان پوءِ "عذاب" جي شروعات ٿئي ٿي.

ايما جنس جي باھ ڪي هوا ڏيڻ وارن سستن ۽ فحش ڪتابن ۾ پناھ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. بدڪاريءَ ڪيس جنهن درجي تي پهچايو هو اهي ڪتاب انهيءَ درد ۾ وڌيڪ واڌارو ڪندا هئا پر جڏهن بک برداشت ڪان وڌي هئي تہ سندس دل بند ٿيڻ لڳندي هئي ۽ پوءِ هوءَ چرين جهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳندي هئي. اهڙن موقعن تي هوءَ واءُ ۽ طوفان وانگيان وقت بي وقت لي اون وٽ وڃي پهچندي هئي ۽ عجيب ڳالھ هيءَ آهي تہ عيش پرستاڻيون گهڙيون گذارڻ ڪان پوءِ بہ سندس اڃ اوتري ئي رهندي هئي. فطرت جي اصولن سان بغاوت جي سزا اها ئي هوندي آهي. خدا اعتدال جو رستو اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪنهن خاص مقصد هيٺ ڪئي آهي... ڇو جو هو انسان جي خالق هئڻ جي ناتي هن جي ڪارڪردگيءَ ڪي بهتر طور تي ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي مت جا موڙهيل انهن قانونن جي خلاف ورزي ڪن ٿا انهن ڪي پنهنجي تباهيءَ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. اهو ئي حشر سونهن ۽ جوانيءَ جي مجسمي ايما يعني مادام بوواري جو ٿي رهيو هو. هوءَ اڃان بہ ڪنهن امير ڪبير شهزادي جي منتظر هئي جيڪو اوچتو اچي مٿس عاشق ٿي پوندو ۽ پنهنجي بگيءَ ۾ سوار ڪري تمام پري وٺي ويندو.

پوءِ پيهر هڪ نئين مصيبت اچي ڪڙڪي. لي اون جي ماءُ ڪي سندس ڪنهن همدرد هڪ تفصيلي خط لکي آگاھ ڪيو تہ سندس پٽ هڪ شادي شده عورت سان عيش ڪري رهيو آهي. لي اون جي ماءُ هڪ ڏنگي قسم جي عورت هئي. هن هڪدم پنهنجي پٽ جو لغام ڇڪي ورتو ۽ پوءِ هن پنهنجي ماءُ جي آڏو قسم ڪاڌو تہ هو هن بي آبرو عورت سان سڀ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيندو. ان ڪان سواءِ هاڻ هو ڪلارڪ مان هيڊ ڪلارڪ بڻجڻ وارو هو، تنهنڪري ڪم طرف ڌيان ڏيڻ جو وقت اچي ويو هو. هن نيچ جذبن جي حوصلہ افزائي ۽ فحش ڪتابن جي مطالعي ڪان توبھ ڪري ورتي. ننڍو وڏو هر ماڻهو اوچن محلاتن جا خواب ضرور ڏسندو آهي جيئن هر وڪيل جي اندر بہ شاعريءَ جو هڪ اڌ ڪنڊر ضرور هوندو آهي.

روآن ۾ هڪ اهڙو بہ ڪلب هو جتي نقاب پائي ماڻهو عياشي ڪندا هئا جيئن هڪ ٻئي جي سڃاڻپ راز ۾ رهي ايما اتي بہ وڃڻ شروع ڪري ڏنو. هوءَ گناھ جي طالب تہ اڳ ئي هئي پر ان جي اظهار ڪان ڪيس گهٽو ڊپ لڳندو هو. ان جو سبب شايد ان جو پسمنظر هو. هڪ ڏهاڙي جڏهن هوءَ گهر موٽي تہ فوري بيدخليءَ جو نوٽيس سندس منتظر هو جنهن ۾ صاف لکيل هو تہ جيڪڏهن اٺ هزار فرانڪ 24 ڪلاڪن جي اندر اندر ادا نہ ڪيا ويا تہ گهر جو

"خيريت تہ آهي... ڪيئن آئي آهين؟" سندن ملاقاتون اڳ هوٽلن ۾ ٿي ٿينديون هيون... گهر تي هوءَ پهريون ڀيرو آئي هئي.

"اڄ مون کي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي،" ايما وڏي پرم پروسي سان چيو. "ڇا تون مون کي اندر اچڻ لاءِ نہ چوندين؟"

"اصل ۾ گهر جو مالڪ عورتن جي اچ وڃ کي چڱو نٿو سمجهي،" لي اون چيو. "خير. اندر هلي اچ!"

هي اهوئي لي اون هو جيڪو ايما جي لاءِ آسمان جا تارا ٽوڙي آڻڻ جا قسم کائيندو هو.

"لي اون! مون کي اٺ هزار فرانڪن جي سخت ضرورت آهي ۽ اهي بہ اڄ ئي!" ايما سنجيدگيءَ سان چيو.

"ڇا چيئہ؟ اٺ هزار فرانڪ! تون چري تہ نہ ٿي پيئي آهين؟"

"اڃا تہ نہ، پر شايد جلدئي ٿي پونديس!" ان کان پوءِ ايما سمورو داستان پنهنجي عاشق کي ٻڌايو. اهو داستان ٻڌي لي اون ٻاهر نڪري ويو پر ٿورڙي ئي دير کان پوءِ ڦڪو ڀوٽ ڪري واپس آيو.

"پياري ايما! ٽن دوستن کان ڪوشش ڪيم پر ايتري رقم ڪنهن وٽ بہ ڪونهي" لي اون فڪرمنديءَ سان چيو. "خير هينئر تون وڃ! آئون رات جو پنهنجي هڪ امير دوست وٽ ويندس... اميد آهي، اهو ڪم ٿي ويندو!" اهو ٻڌي ايما جو چهرو خوشيءَ وچان ٽهڪي اٿيو... جڏهن هوءَ وڃڻ لڳي تہ لي اون سنجيدگيءَ سان چيو "جيڪڏهن آئون شام تائين نہ اچان تہ سمجهي وٺجانءِ تہ ڪم ٿيو... هونئن مون کي اميد آهي تہ رقم ملي ويندي... چڱو معاف ڪجانءِ... هاڻ مان وڃان ٿو!" ايما کي ڀڪ هئي تہ لي اون ڪائنس جان ڇڏائي رهيو هو پر هوءَ ڪوڙن سهارن جي آسرن وٺڻ جي عادي ٿي چڪي هئي.

شام گذري... رات آئي پر لي اون جو ڪوبہ نالو نشان نظر نہ آيو. پر اميد جو هڪ ڪرڻو اڃان باقي هو. هوءَ ڪجهہ سوچي حاڪم وٽ وڃي پهتي. حاڪم وڏي بي تڪلفيءَ سان سندس آدرڀاءُ ڪيو. هو ڪنٺري ڇهري، گنجي مٿي ۽ ڦوڪيل پيٽ وارو انسان هو پر ايما تمام ادب ۽ احترام سان پنهنجو داستان بيان ڪيو جنهن کي حاڪم اڻ لاڳاپيل انداز ۾ ٻڌندو رهيو ڇو جو هو تہ پاڻ وياج خور جو ساٿي هو... سموري ڪهاڻي ڪيس ياد هئي... هو ڄاڻندو هو تہ سڀ معاهدا معمولي ڏوڪڙن جا هئا پر وياج مٿان وياج ۽ جعلسازيءَ سان وڏي رقم جا بڻجي چڪا هئا. ايما کي ڏسي حاڪم جي وات ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ هن ايما کي پنهنجي ويجهو صوفي تي ويهڻ لاءِ چيو... ۽ پوءِ ساڻس فحش ڳالهيون ڪرڻ لڳو... پر جڏهن بيهودين طريقن تي لهي آيو تہ اوچتو ايما کي پنهنجو پاڻ کان بيجان اچڻ لڳي... جيتوڻيڪ هوءَ بي آبرو عورت هئي پر نہ ڄاڻان ڇو هوءَ اوچتو ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويئي

۽ چيائين ”آئون مصيبت ۾ گرفتار ضرور آهيان پر پنهنجو پاڻ کي ايترو سستو وڪڻ جي قائل ڪين آهيان بلڪ هاڻ تہ سيني مردن کي جوتيءَ جي نوڪ تي رکان ٿي... سمورا مرد هڪجهڙا مڪار، وحشي، ذليل بگهڙن جهڙا هجن ٿا... آئون تو جهڙي منحوس صورت واري انسان تي ٿڪان ٿي!“ ايترو چئي هوءَ بيحد ڪاوڙ ۾ حاڪم جي گهر مان نڪري ويئي.

جڏهن ايما گهر پهتي تہ ڪيس زندگيءَ جي هر شيءِ کان نفرت ٿي چڪي هئي. پنهنجي عيش پرستيءَ تي بہ ڪيس ڪاوڙ اچي رهي هئي. شارل پنهنجي ڪمري ۾ ويهي روئي رهيو هو ڇو جو سامان ضبط ڪرڻ وارن سرڪاري ڪامورن پارڙيءَ جا رانديڪا ۽ سنڌس طب جا ڪتاب بہ نہ ڇڏيا هئا. ايما اوپرين نظرن سان ماحول جو جائزو ورتو. در ۽ پٽيون، موسم، ساوڪ ۽ گل جي شادابي، وڻن جي شاخن جو چرڻ، مطلب تہ هر شيءِ جي نوعيت بدلجي چڪي هئي... ۽ حياتيءَ جو اهو نئون مفهوم تمام ڏياٿتو لڳي رهيو هو... لاشعوري طور تي سنڌس قدم هڪ پراڻي منزل طرف کڄڻ لڳا... اها ئي منزل... جتي هن حوس پرستيءَ جا انداز سکيا هئا... ۽ هوءَ رستي جي هر رنڊڪ کي پار ڪري پنهنجي عاشقن جي ٻانهن ۾ ويندي هئي... منزل اها ئي هئي... رستي ۾ بہ ڪا خاص تبديلي نہ آئي هئي. پر پوءِ بہ هر شيءِ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق اچي چڪو هو.

روڊلف اوچتو ئي اوچتو ڪيس پنهنجي آڏو ڏسي ششدر رهجي ويو. ڪو وقت هو جو ايما جي آمد بهار جي آمد هوندي هئي... هوا وڌيڪ خوشبودار بڻجي ويندي هئي ۽ گلن جو رنگ وڌيڪ شوخ ٿي ويندو هو پر اڄ انهيءَ سونهن جي شاهڪار کي ڏسي روڊلف کي وڏو صدمو رسيو هو.

”ايما تون!؟“ هو ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ چئي سگهيو.

”ها! آئون! منهنجا عاشق زار...“ ايما هڪ اداس مرڪ سان روڊلف کي سموري رام ڪهاڻي جيئن جو تيئن ٻڌائي ڇڏي ۽ تمام پيار پريل لهجي ۾ چيائين، ”پيارا روڊلف! مون پنهنجي هر شيءِ تنهنجي اک جي اشاري سان قربان ڪري ڇڏي هئي... جيڪڏهن هاڻ توکي مون سان محبت ناهي رهي تہ پراڻن لاڳاپن جي خيال کان ئي مون کي تباهيءَ کان بچائي وٺ... آئون سموري ڄمار تنهنجي غلام بڻجي رهڻ لاءِ بہ تيار آهيان!“

”پر مون وٽ رقم ڪٿي آهي؟“ روڊلف خشڪ لهجي ۾ چيو، ”۽ جيستائين تنهنجي قربانين جو لاڳاپو آهي تہ تو مون تي ڪو بہ احسان ناهي ڪيو. تو سڀ ڪجهہ پنهنجي عيش عشرت لاءِ ڪيو... اسين ٻيئي هڪٻئي جي ضرورت هئاسين جنهن کي پورو ڪندا رهياسين!“ ايما کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار ئي نہ پئي آيو... ڪيس انهيءَ لهجي... انهيءَ

انداز جي ڪائنس اميد هرگز ڪانہ هئي... روڊلف ئي ڪيس گندگيءَ سان پريل ڪوهہ ۾ ڌڪي ڇڏيو هو... هن سينگاريل ڪمري تي نظر وجهندي چيو ”تہ ڇڻ تو وٽ پائي بہ ڪانهي...؟ جن جا ڪيسا خالي هوندا آهن انهن جا اهڙا ناٽ هوندا آهن... روڊلف! تون تہ انسانيت تي داغ آهين... تو کي ذليل ترين انسان چوڻ بہ ذلت ۾ انسان... پنهي جي توهين آهي... آئون تو وٽ بڪارڻ بڻجي آيس پر تو ڪوبہ قدر نہ ڪيو... لعنت آهي توتي... تنهنجي اوقات تي، بلڪ سموري ذليل دنيا تي... آئون اڃا بہ هڪ بااختيار ۽ خود مختيار هستي آهيان... تو وانگيان گندگيءَ جو ڪيڙو ناهيان...!“ اهو چوندي هوءَ ڪنبندڙ قدمن سان ٻاهر نڪري ويئي... ڪيس آسپاس جو ڪوبہ هوش نہ هو پر اندر جو ڪو جذبو هو جيڪو سندس رهنمائي ڪري رهيو هو... آخر هوءَ دوا فروش اومي جي گهر پهتي ۽ سڌو سندس ڪمري ۾ داخل ٿي ويئي جنهن کي اومي پنهنجي ليباريٽري سڏيندو هو... اومي جو نوڪر... مادام ٻوواريءَ کي ان حالت ۾ ڏسي حيران رهجي ويو پر سندس اهو درجو نہ هو جو معزز مادام جي ڪم ۾ مداخلت ڪري سگهي ايما اڳتي وڌي الماري کولي... سامهون شيشي جون برٽيون ۽ بوتلون سينگاريون پيون هيون... هڪ تي وڏن اکرن ۾ ”سنکيو“ لکيل هو. نوڪر رڙيون ڪندو رهجي ويو. مادام ٻوواريءَ بوتل جو ڍڪڻ کوليو ۽ ”سنکيي“ جو چڱو خاصو مقدار ڪائي ڇڏيائين ۽ پوءِ سکون سان پنهنجي گهر ڏي رواني ٿي ويئي.

ايما وڏي مشڪل سان گهر پهتي... پر چائنٽ بہ پار ڪري نہ سگهي ۽ چڪرائجي ڪري پيئي... زهر پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيو هو... پر هوءَ وڏي جرئت ۽ حوصلي سان تڪليف برداشت ڪندي رهي... سندس خيال هو تہ موت ماءُ جي هنج وانگيان وڏو مهربان هوندو... ڪيس نند اچي ويندي ۽ پوءِ بس سندس انت اچي ويندو... شارل گهر آيو تہ هوءَ مرڪندي مرڪندي موت سان جنگ ڪري رهي هئي... هوءَ آخر تائين پنهنجي ور کي پڪ ڏياريندي رهي تہ ”ڪجهہ ناهي ٿيو!“ جيتوڻيڪ ٿيڻ واري هر شيءِ ٿي چڪي هئي... هو رڙ ڪري پنهنجي محبوب زال سان چنبڙي پيو. ڪيس پنهنجي ونيءَ سان ايتري گهري محبت ڪڏهن بہ محسوس نہ ٿي هئي جيتري انهن دائمي جدائي جي گهڙين کي ڏسي ٿي رهي هئي....

”ايما! مون کي فقط ايترو ٻڌاءِ تہ توکي ان حال تي پهچائڻ جو ذميدار ڪير آهي؟“ شارل آلين اکين سان پڇيو.

”آئون پاڻ!“ ايما وراڻيو. ”سچو ڏوهہ منهنجو آهين... آئون ڪنهن کي بہ ڏوهہ نٿي ڏيڻ چاهيان!“ پوءِ هوءَ ڏاڍي پيار سان پنهنجي ور جي وارن تي هٿ ڦيرائڻ لڳي. ”شارل! تون واقعي

هڪ عظيم انسان آهين! هاڻ سوالن جوابن جو وقت ختم ٿي چڪو آهي...!“ پوءِ هوءَ تڪليف جي شدت سان پنهنجو مٿو هيڏي هوڏي ڪرڻ لڳي پوين پساهن مهل هن چيو ”پارڙيءَ کي منهنجي ويجهو آڻ...!“

پارڙيءَ کي ويجهو آندو ويو ته ايما کي پنهنجي گناهن سان ڀريل زندگي ياد اچي ويئي. اوچتو پارڙيءَ بلند آواز ۾ چيو ”ماما! تنهنجي شڪل ڪيتري نه ڊيڄاريندڙ ٿي رهي آهي! مون کي ڊپ لڳي رهيو آهي!“ پارڙي جا اهي لفظ زهر ڀريا تير هئا جيڪي ايما جي ڇاتيءَ ۾ گهاءُ ڪندا ويا. ۽ هن پنهنجو چهرو ٻئي طرف ڦيرائي ڇڏيو... روآن مان ڊاڪٽر کي گهرايو ويو. لومي پنهنجا نسخا آزمايا ۽ پادري صاحب دعائون... پر سڀ ڪجهه بي فائدي ثابت ٿيو... نه دعا اثر ڪيو نه دوا ئي ڪو ڀوٿو ڀاريو... رات جي پوئين پهر مادام بوواريءَ آخري هڏڪي ورتي ۽ ٻي گهڙي هوءَ هر شيءِ کان بي نياز ٿي چڪي هئي...!

شارل جي غم جو اندازو لڳائڻ گهڻو مشڪل هو پر ڪفن دفن جون رسمون به ادا ڪرڻيون هيون... شارل هدايت ڪئي، ”منهنجي پياري زال کي شاديءَ جي جوڙي ۾ دفنايو وڃي!“ تنهنڪري ائين ئي ڪيو ويو... بوواري خاندان مڪمل طور تي تباهه ٿي ويو... ماڻهو شارل وٽ ايندا هئا ۽ ڪونه ڪو دستاويز ڏيکاري رقم وصول ڪري ويندا هئا. ڇو جو مٿس ايما جي صحيح ڀيل هوندي هئي.

هڪ ڏهاڙي شارل کي پنهنجي مرحوم زال جي سامان مان هڪ سهڻو سگار ڪيس مليو جنهن ۾ ڪي خط هئا... هي اهي ئي خط هئا جيڪي روڊلف پنهنجي محبوبا ايما کي لکيا هئا... هاڻ شارل کي پنهنجي محبوب زال جي بيوفائيءَ جي پڪ ٿي ويئي... سندس زبان تي چڻ تالو لڳي ويو ۽ هن پنهنجو پاڻ کي گهر ۾ ئي قيد ڪري ڇڏيو... تارل سموري دنيا سان پنهنجا هر قسم جا لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا....

هڪ ڏهاڙي سج ايرڻ کان اڳ سندس پارڙي برت پنهنجي پيءُ کي ويران باغيچي ۾ ويٺل ڏٺو... پارڙي وڃي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو ته مضبوط سهارو ڏيڻ وارو پيءُ هڪ طرف اٿل ڪائي ڪري پيو... بعد ۾ يتيم پارڙيءَ جي پرورش جي ذميداري سندس ڏاڏيءَ کڻي ڇڏي پر قدرت کي ڪجهه ٻيو منظور هو ۽ هوءَ به انهيءَ ئي سال لاڏاڻو ڪري ويئي... اهڙي طرح پارڙي رشتي جي هڪ ماسيءَ وٽ پلجڻ لڳي... مفلس ماسي پارڙي کي روزانو هڪ ڪپهه جي ڪارخاني ۾ موڪليندي هئي ته جيئن ٻن وقتن جي ماني ميسر ٿي سگهي... مال ۽ دولت... سونهن ۽ جواني قدرت جون خاص نعمتون آهن... انهن جي واهپي ۾ اعتدال پسندي، ڪائنات جي قانون تي صحيح عمل جو هڪ بهترين طريقو آهي.

# پنبڙ پهڻ جي 5 ڪروڙ سال پراڻي تاريخ

دادو شهر کان 50 ڪلوميٽر پري گاجي شاهه ويجهو کير ٿر جبلن جي هڪ جهرڻي بنجو لڳ پنبڙ پهڻ ٿي ويل گلن، بوٽن، مڇين وغيره جي هڪ اهڙي تاريخي ورثي جي دريافت ٿي آهي، جنهن لاءِ دعويٰ ڪئي پئي وڃي ته اڍائي چورس ڪلوميٽر ايراضي تي ڦهليل اها پنبڙ پهڻ نشانن جي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي ايراضي آهي، جنهن کي ساموندي باغن سان ڀيٽ ڏني پئي وڃي. ماهرن جي راءِ آهي ته بنجو جبل جي لاهين تي پنبڙ پهڻن جو قيمتي خزانو موجود آهي. ارضياتي علم سان دلچسپي رکندڙ آبپاشي انجنيئر شفقت وڏو هڪ پريس ڪانفرنس ۾ هن دريافت کي 5 ڪروڙ سال قديم قدرتي ارضياتي ميوزم قرار ڏنو آهي.



پنبڙ پهڻ ٿي ويل گلاب

(7)
nu tt'm nu m*uay janttay hu*ay uzul kay ras,
nu tt'm nu m*uay purrh sukttay hu*ay
yay pubale kubhe;
tt'm uor mu*ay batt kurttay hu*ay
purthay kay is thuruf sirf;
purtha gira tto yuh*a
nu tt'm hogay nu m*ay.

(8)
v'jooth ka sum'nthur aya huay u's
u'lijhun bhure bayanam bustte say,
jis hukekutt kay heray unthur
jh*aka nu kubhe koe;
kuha hur ayk nay upnay psunth ka luhija,
koe nu buttla suka m'aml*o kay khiioott.

(9)
kainatt ke thijorre m*ay muojooth
huay jo k'tchh,
ukulmunth log*o m*ay shuk vo
sh'bhatt u'bharttay h*uay;
ukul ke dor pur upne griftt ko dhel mutt tho,
kainatt*o pur jo have h*auy
vo kh'th
gurthish*o kay phayray m*ay hu*ay.

(10)
humaray anay uor janay kay phayray
sumujh m*ay anay valay
agghaz say h'uay nu khuttum honay
valay ikkttittam say:
yay m'amla sethda nu kur paya koe-
hum attay kuh*a say hu*ay uor kuh*a chulay
jattay hu*ay.

(11)
khoobsoorte say sujatta huay jub ki
kainatt sumbhalnay vala,
kis vuju phir vo isay chhotay uor p'rancypun
tturuf lay jatta huays.
Utchha buna thha ugur too
u'say bigarra kiy*oo guyas.
Ugur b'ra bun guay,
tto kisoor kis ka thhas.